
جن سين لنئُون لاڳِي
(خاڪا)
اقرار پيرزادو
AMBER
PUBLICATIONS

# جن سين لنئون لاڳي

## (مٿيءَ هاٽن ماڻهن جا خاڪا)

اقرار پيرزادو

امبر پبليڪيشنز ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ويراڳي واڳِي، ڏين ڏهاڙي ڏِيل کي
راول رتين مولهين، سامي سُهاڳِي
جن سين لنئون لاڳِي، سي جوڳِي پسان تہ جئان.
(شاهہ- سُر رامڪلي)

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (305) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **”جن سين لنئون لاڳي“** ٻلهڙيجيءَ سان تعلق رکندڙ ليکڪ ۽ صحافي **اقرار پيرزادي** پاران ٻلهڙيجيءَ جي ڪردارن تي لکيل خاڪن تي مشتمل آهي، جن کي هن ”مٽيءَ هاڻن ماڻهن جا خاڪا“ سڏيو آهي.

ٻلهڙيجي جيڪا مُهين جي دڙي ويجهو درياءَ ڪپ تي لٽل ماسڪو جي نالي سان مشهور آهي. ان ئي ٻلهڙيجيءَ جي ڪردارن کي پڙهندي مونکي پنهنجي ڳوٺ جا ڪيئي ماڻهو ياد آيا جن تي بہ ايئن ئي لکي سگهجي ٿو، پر اها اقرار جي خوبي آهي جو پنهنجي قلم ذريعي پڙهندڙ کي مَندي ڇڏيو اٿائين. هن مولائيءَ طبيعت ماڻهوءَ سان منهنجي ملاقات ناهي پر ملڻ جي آس اجان بہ وڌي وئي اٿم. سنڌس ڪجھ خاڪن واريون شخصيتون مون بہ ڏٺيون آهن پر اقرار انهن جا نوان رخ بہ سامهون آندا آهن. ڪٿي ڪٿي تہ اهڙا احساس لکيا اٿائين جو اکين مان پاڻي اچي وڃي ۽ ڪٿي ماڻهو کِلي کِلي ٽڪجي ٿو پوي. ڪجھ شخصيتون اجان بہ رهجي ويون اٿس، متان هي سلسلو اڳتي بہ هلي ۽ هن ڪتاب جو ٻيو حصو بہ ڇپجي. يقينن هي ڪتاب اسان جهڙن هٿ نوڪين لکارين لاءِ هڪ سبق آهي تہ هيئن لکو ٻين جو وقت نہ وڃايو .

هي ڪتاب **امبر پبليڪيشن، ڪراچي** پاران 2015ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست علي حسن چانڊيي جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، مهربانيون اقرار پيرزادي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنَاءُ


**پيار جو پهريون پروفائيل** 09
مهاڳ

**متيءَ هاٿا ماڻهو: جن سين لنئون لاڳي** 14
مصنف پاران

**پلهڙيجي** 17
صوفين، صحافين،سياسي ڪارڪنن، شاعرن ۽ سنگيت پريمين جو ڳوٺ

**فقير يارمحمد پيرزادو** 24
حسن پرستي تي مئخواري، ساڌي صوم صلوات نين

**ورِيل فقير پيرزادو** 28
جيت جٽين ۽ وٽن سان پيار ڪندڙ سخي پاڳيو

**پرپور فقير ساريو** 30
زماني جو ستايل چوٽير فقير

**اياز هاشم ۽ اٺ فقير ممٽاڻي** 32
سادڙا، سباجها ڪلاڪار ۽ هنرمند پائر

**نانڪ فقير ماڇي** 34
"ينگ بخور ينگ بخور"

**گلزار فقير** 35
ورهاڱي ويل وڇڙي وسريل شخص

**غلام محمد عرف غلامو پالو** 37
چوٽان چوٽ چرياڻ

**رياضت فقير ابڙو** 39
"حق هادي...!"

**سيد يوسف علي شاهه بخاري** 41
سدا سُوئيتو ڪاپڙي

**پير باغن** 43
سيلاني، غيرسيد پير

**مزنو ۽ طالب فقير ماڇي** 46
صوفي ۽ جلالي ڪلاڪار پائر

**استاد علڻ انصاري** 48
پلهڙيجيءَ جو پروفيشنل فنڪار

**گل فقير مگٽهار** 52
سورٺ کان ونءُ ويندڙ منگتو

**ميهر فقير انصاري** 54

سُر سکيو ئي هيڪڙو...

**سيتل باگڙي** 57
سنو ري سئيان بات هماري...

**ليمون فقير جت** 59
سنڌ جو مشهور مولودي ۽ مداحي

**آخوند غني پٽي** 62
ڪا جا وڳي تند ...

**ناني نازي** 64
مڙسن کان ٻه قدم اڳتي قومپرست پناٽي

**مائي پري ماڇياڻي** 67
چرچن ۾ مردن کي مات ڏيندڙ مائي

**مينهون ماڇي** 69
ڏڏ وڏو ڏڏ، پاڻ ڪونائي مڱڻو...

**چيز پٽ** 72
ڪجي هِن جي ڪهڙي بات!

**نانگو آريجو** 75
اسان جي تر جو وتايو

**خليفو محمد بخش پگهيو** 77
جماعت سجدي ۾، امام غائب

**رانجهن عرف سرپور ساريو** 78
پيرين اگهاڙو وڏيرو!

**گلاب ديوَ مٽاڻي** 80
دشمن جي در تي ٻڌڻ جهڙو

**حافظ ميهر سامٽيو** 81
اکين کان وڏو اندر جو سچو

**سرور صاحب** 83
اسان جو مرزا غالب

**مامو علڻ** 85
چئن پيڙهين جو عاشق

**شهاب الدين ۽ امير بخش** 88
ڇهي ۽ ٻهي

**ڪاڪو الاهي بخش پيرزادو** 90
مجاز جو ماريل

**سوڍو اوڏ** 92
زماني کي پٽيون پڙهائيندڙ

**استاد عيدل خان سومرو** 93
استاد، شاعر، ڊراما نويس، اداڪار ۽ رانديگر

**قمر لاڙڪ** 95
يارن جو يار

**وڏيرو وِمنُ** 98
جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٺن ويس

**جانيئڙو سنڌي** 101
سنڌ پرست بزرگ نوجوان

**لطف پيرزادو** 104
پينگهي ۾ سورن سان پيچ پائيندڙ

**گلاب پيرزادو** 111
سوڀي جي سنگت ۾ رچي ريٽو ٿيل ڪميونسٽ اڳواڻ

**محب پيرزادو** 113

**ڪامريڊ ٺارو ماڇي** 116
ٿي تند وڙهي تلوارن سان

**مامو رمضان** 118
ڏور ڏُکندا ڀڃ، مِهريءَ منهن ڏيکاريو...

**دريائي چورن جي دنيا** 121

**اڪن پيرزادو** 123
جي هاڻُو هُونئي مِٺ...

**محمد خان پيرزادو** 130
شڪاري، هاڻُوءِ ماهر پيرادو

**عبدالڪريم عدلو ممڻاڻي** 133
ڌاڙيلن ۽ پوليس جو دشمن

**ابراهيم عرف ابو ممڻاڻي** 135
ڪڇي جي سڄڻ ڍورن جو ڏٽي

**استاد ربنوا ز چنو** 137
ملهه پهلوان، قصاگوءِ اوطاقي مڙس

**نواب خان ابڙو** 140
پاڻئون ڏاڍن کي للڪاريندڙ پهلوان

**استاد محمد عيسيٰ ڀهڻ** 142
خوبرو، ياروبس ۽ هردلعزيز ملهه پهلوان

**پهلوان سرور چنو** 144
پڙ تي پرزا ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار

# انتساب

پنهنجي ڏاڏيءَ لطيف خاتون،
جنهن جي ٻڌايل قصن ڪهاڻين وطن پرستي ۽ غريب پروريءَ جا سبق ڏيڻ سان گڏ تاريخ ۾ دلچسپي پيدا ڪئي
۽
پنهنجي پڦي خانزادي عرف ”امان مشن واريءَ“ جي نالي،
جنهن پيءُ ماءُ کان به سرس پيار ڏنو ۽ منهنجو هر انگل پورو ڪيو.

ساٿي نہ پسان سي، جي هُئم هِنئين ٺوڙيون...
(شاهہ)

# پيار جو پھريون پروفائيل

## مهاڳ

منهنجي ٽيبل تي اقرار پيرزادي جي غيرمعمولي ڪتاب ”جن سين لنئون لاڳي“ جو ڪمپوزڊ مسودو رکيو آهي.

سامهون ٻه ڪرسيون پيون آهن.

هڪڙي ڪرسيءَ تي مان ۽ ٻيءَ تي منهنجو دوست غني رند ويٺو آهي.

مان شروع وارا ڪجھ پنا پڙهي چڪو آهيان.

ٽيبل تي مسودي جي مٿان رکيل منهنجو چشمو مون جيان اداس آهي.

منهنجو دوست مسودو کڻي کولي ٿو ۽ ڪجھ صفحا اٿلائي پٿلائي هڪ پروفائيل پڙهڻ ٿو لڳي.

”ٿورو زور سان پڙھ ته مان به ٻڌان!“ مان چوانس ٿو.

هو وچوواڙي ٻاآواز بلند خاڪو خاڪو پڙهڻ ٿو لڳي ۽ مونکي ايئن ٿو لڳي ڄڻ منهنجي آڏو الف ليلوي داستان کلي ويو آهي!

ڄڻ هڪ هڪ ٿي سوين هزارين پُراسرار ڪردار وقت جي اونداهيءَ مان نڪري لفظن جي روشنيءَ ۾ نروار ٿيندا پيا وڃن.

منهنجو دوست خاڪا پڙهندو ويو. مان ٻڌندو رهيس. احساسن جي ڪيمسٽري تبديل ٿيندي وئي. من جي موسم مٽجي وئي. ٽيبل تي رکيل چانھ ٺري وئي. اسان جون چار اکيون ڪنهن مهل مرڪن جي آڪاس ۾ ترنديون ته ڪنهن مهل لڙڪن جي پاتال ۾ ٻڏنديون رهيون. اقرار جي تخليقي لکڻيءَ ۾ ڇا ته لطف آهي! ٻوليءَ جي حسناڪي، لفظن ۽ جملن جو جڙاءُ، وڻندڙ اندازِ بيان، ڪردارن جي چرپر، اظهار جي معصوميت ۽ ٻي ٻاڪي ... زندگيءَ جا خواب ۽ خوشيون، ڏک، موت، جدائي، محبت، حادثا، مزاح جي بي پناھ حس ڇا ڇئجي؟ ڪنهن مهل کلي کلي پيٽ ۾ وٽ پئجي ٿا وڃن ته ڪنهن مهل ٻارن وانگر روئي ٿا ويهون. ڪردار نگاريءَ جي اهڙي اعليٰ صلاحيت دنيا جي ادب ۾ فقط چند اعليٰ اديبن ۾ ڏٺي وئي آهي.

پنهنجي دوست واتان اقرار جا اکرن سان اُڻيل پروفائيل ٻڌندي مان پرپور فقير سارئي، نانڪ فقير ماڇي، غلامو ٻالي، سيد يوسف شاھ، سيتل باگڙي، مائي پري ماڇياڻيءَ سان متعارف ٿيندو جنهن مهل چيز ٻُٽ جو خاڪو ٻڌان ٿو ته منهنجي خوشيءَ پري حيرت انتها ڪي پهچي وڃي ٿي ۽ مان بي ساخته دانهن ٿو ڪيان: ”او ماءِ گاڊ!.. ڇا ته پروفائيل آهي ... ڇا ته يگانو شخص آهي هي چيز ٻُٽ ... اڙي يار اقرار! تون ته ڪو جِن آهين ... جادوگر آهين ميان !!“

شام پوڻ کان ڪجھ پل اڳ منهنجي دوست جيڪو پروفائيل پڙهي پنا ٿپيا، اهو هو ميهين فقير ماڇيءَ جو خاڪو. (۽ دوستو، هِن ڪردار بابت اوهان کي ڪجھ ٻڌائڻ منهنجي وس ۾ نه آهي، جو هن وقت به منهنجون اکيون

ڳوڙهن ۾ تر آهن ۽ هٿ جذبات جي شدت ۾ ڏڪي رهيا اٿم)

هِنن ڪردارن جي روح ۾ جهاتي پائڻ سان نواب شاهه جي شام تي ٻلهڙيجيءَ جا، لاڙڪاڻي جا ۽ موهن جي دڙي جا رنگ ڇانئجي ويا آهن!

آسپاس اقرار جي ڪردارن جي خوشبو ڦهلجي وئي آهي.

هِنن ڪردارن جي معرفت مان محض ٻلهڙيجي ۽ ان جي آسپاس جي تاريخ ئي نٿو ڏسان پر جڻ ساري سنڌ جو حُسن ڏِسي تو وٺان. حُسن جيڪو موهن جي دڙي جي مٽيءَ جو خاصو آهي.

حُسن، جيڪو هزارين سالن کان هيءَ ڌرتي پنهنجي سيني ۾ سانديندي ۽ تاريخ جي چورن لٽيرن کان لڪائيندي آئي آهي. (حُسن جيڪو هاڻي بلڪ گهڻي وقت کان آهستي آهستي معدوم ٿيندو پيو وڃي)

حُسن، جنهن جي جهلڪ پاڻ واري ٿهيءَ ته رڳو ڪتابن ۾ ئي ڏٺي آهي. حقيقت ۾ ته رڳو ٻاروتڻ ۾ انهيءَ سونهن جا آخري منظر يا منظرن جا ڇيڙا ڏسي سگهيا هئاسين. اهو حُسن جنهن جو ذڪر پير برادران جي ڪلاسڪ ڪتابن ”اهي ڏوتي اهي ڏينهن“ ۽ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ پڙهيو هوسين ۽ هاڻي هن ڪتاب ۾ پڙهي رهيا آهيون ۽ هيءُ ڪتاب ”جن سين لنئون لاڳي“ ان سونهن جو سچو ۽ پڪو ثبوت ثابت ٿيڻ وارو آهي.

ڪجهه ڪتاب اهڙا هوندا آهن جن تي طويل مهاڳ لکيا/ لکرايا ويندا آهن. پوءِ پڙهندڙ خير سان پڙهندا به اهو ”پُرمغز“ مهاڳ آهن. ڪتاب جو اصلي مواد پڙهڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ڪندا آهن. شايد اهو ان ڪري جو اهي ڪتاب هوندا ئي مهاڳ جا محتاج آهن. جيئن ڪو معذور بيساکين جو محتاج هوندو آهي!

پر ڪي ڪتاب مهاڳن ٻهاڳن جا محتاج نه هوندا آهن. اهي پنهنجو مهاڳ پاڻ هوندا آهن، پنهنجو تعارف پاڻ هوندا آهن ... ۽ اقرار پيرزادي جو هي ڪتاب انهن ٿورڙن ڪتابن مان هڪ آهي، جيڪي مهاڳن جا محتاج نه هوندا آهن! سچ کي ڀلا سورهن سينگار ڪرڻ جي ڪهڙي پرواهه؟ سچ خود سونهن آهي.

مان هن کي هڪ غير معمولي (Extra Ordinary) ڪتاب سمجهان ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل خاڪن/پروفائيلن جا عنوان ئي افسانن جهڙا اُجرا اُجرا، منفرد ۽ پُراسرار آهن! (توڙي جو هي ڪردار خيالي/ افسانوي نه بلڪ حقيقي آهن. موجود آهن/ موجود هئا)

افسانا جيڪي پنهنجي پاڻ ۾ هڪ مڪمل ڪائنات آهن.

اقرار اگر هنن افسانن جهڙن منفرد ڪردارن کي ڪٺي ناول جي پيرائي/انداز ۾ لکي ها ته مان دعويٰ سان چوان ٿو ته اهو ناول سنڌي ادب جو هڪڙو شاهڪار ناول ثابت ٿئي ها. (توڙي جو خاڪن جي ڪتاب طور به هيءُ ڪتاب پنهنجو مٽ پاڻ آهي)

هي خاڪا عام زندگيءَ جي اُها خاص تصوير آهن جنهن کي ڏسندي اکيون نه ڍاپنديون آهن. اُهو ان ڪري جو هر ننڍڙو عمل پنهنجي جوهر ۾ دراصل وڏو عمل هوندو آهي.بشرطيڪ اُهو عمل positive هجي. هِنن ڪردارن مان ڪجهه ڪردار پنهنجي عمل ۾ بظاهر ناڪاري هوندي به دراصل هاڪاري آهن. سندن ناڪاريت ۾ معصوم سادگي آهي ۽ هاڪاريت ۾ ڪابه شخصي چالاڪي ۽ ذاتي مفاد نه آهي. سڀ ڪردار ڏاڍا اهم ۽ اڻ وسرندڙ آهن.

هن ڪتاب جي هڪ نه پر هڪ کان وڌيڪ خوبيون هي به آهن ته :

- هنن خاڪن جو ليکڪ ڪو ناليوارو اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار نه آهي پر هو خود به هنن پروفائيلن جي ڪردارن جهڙو عام/مٽيءَ هاڻو ماڻهو آهي، جنهن زندگيءَ کي پنهنجي پيرسان گذرندي ئي نه، پاڻ مٿان گذرندي ۽ پنهنجي اندر مان آرپار ٿيندي ڏٺو، محسوس ڪيو ۽ ڀوڳيو آهي. ان ڪارڻ ئي سندس لکٽي زندگيءَ جي ڏاڍو قريب آهي ۽ اجائي ادبي ناهه نوهه، لفاظي ۽ So called دانشوراڻي لٻاڙ کان آجي آهي. ذاتي پسند، ناپسند، بغض، نفرت ۽ ڏيکاءَ جي مرض کان به پاڪ آهي.

- ٻيو تہ هن جيڪي بہ پروفائيل لکيا آهن، اهي تقريبن سڀ جا سڀ انهن شخصيتن جا آهن جيڪي ڪي گهٽيون مشهور، ڇاتل سڃاتل، High profile يا جڳ مشهور Personalities نہ پر عام ۽ گهٽ سڃاتل آهن. اهي پهنجي وجود ۾ هڪ ڪائنات آهن پر ڪي خاص رعايت يافتہ يا مشهورِ زمانہ شخصيتون نہ آهن! ۽ اها هنن خاڪن جي خاص خوبي بڻجي وئي آهي.
- اهي ڪردار توڙي جو پنهنجي ٻاهرين سڃاڻپ (Objective

Identification) ۾ اڻ سڃاتل ۽ اڻ ڏٺل آهن پر پنهنجي داخلي سڃاڻپ (Subjective Identification) ۾ اسان جا بلڪل پنهنجا، ڇاتل سڃاتل، ڏٺل وائٺل ۽ ويجهڙا ويجهڙا آهن، هونءَ بہ وڏن ماڻهن تي تہ هر ڪوئي لکي ٿو پر مٿيءَ هاڻن ماڻهن تي ڪو ڪو ئي لکندو آهي. ۽ هي سڀ مٽيءَ هاڻا ماڻهو در اصل پنهنجي سچائي، سادگي، جذبي ۽ نجپڻي (Originality) جي ڪري سيني پڙهندڙن لاءِ هڪ وسيع پسمنظر ۾ هڪڙا اهم رول ماڊل ۽ اهڙا Mile Stone آهن جن وٽان سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ملي ٿو. هونءَ بہ علم وارن ماڻهن ڪان ڪردار وارن ماڻهن جي اهميت وڌيڪ هوندي آهي. ڪردار بنا علم جي ڀلا ڪهڙي اوقات آهي؟

مان اقرار جي هن ڪتاب کي ”زندگيءَ جو ڪتاب“ سمجهان ٿو، زندگي جنهن جا انيڪ رنگ آهن.

مختلف موقعن تي ٻڌڻ ۾ ايندو رهيو آهي تہ ٻلهڙيجيءَ کي پنهنجي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي سڃاڻي / روشن خياليءَ جي ڪري سنڌ جو Little Moscow سڏيو ويندو آهي ۽ اقرار جو هيءُ ڪتاب ان ڳالهہ جو دليل آهي.

سچ تہ آئون اقرار جو هيءُ ڪتاب پڙهي ايئن حيران رهجي ويو آهيان جيئن ڪافي وقت اڳ گارشيا مارڪيز جو ناول ”وبا کي دنون مين محبت“ پڙهي حيران ٿي ويو هئس ۽ جيئن هاڻي ويجهڙ ۾ پياري دوست منور سولنگيءَ پاران گفٽ ڪيل جپاني اديب، هاروڪو مورا ڪامي جو بلاڪ بسٽر ناول Kafka on the Shore پڙهي حيران رهجي ويو آهيان. ڇاڪاڻ ٻنهي افسانوي ڪتابن ۽ اقرار جي هن غير افسانوي ڪتاب ۾ هڪ عجيب تخليقي هڪجهڙائي آهي، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو پر اظهاري نٿو سگهجي.

منهنجي حيرت پنهنجي جاءِ تي پر مان هيءُ ڪتاب پڙهي پريشان ڏاڍو ٿي پيو آهيان. اهو ان ڪري تہ هي جو پياري علي حسن مونکي هن ڪتاب تي مهاڳ لکڻ جو حڪم ڪيو آهي، مان ان جي تعميل ڪيئن ڪيان. جو هڪ تہ مان نہ ڄاڻان مهاڳ لکڻ، نہ ڪو امهاڳ ۽ مٿان وري سون تي سهاڳو هي تہ اقرار جو هيءُ ڪتاب اهڙو آهي جهڙو ويروتار درياهہ! جهڙو سانوڻ جو ٻنا ٻوڙ مينهن! جهڙي جابلو نئن! آخر آئون ان کي پنهنجي لفظن جي ننڍڙي ٻُڪ ۾ ڪٿان تہ ڪيئن ڪٿان؟ اکرن جي ڀاڪر منجهہ ڀريان تہ ڪيئن ڀريان! جو مان پاڻ هن ڪتاب جي لهرن ۾ لڙهي لڙهي ويو آهيان.

ڪامريڊ نازي ماڇي، گلزار فقير، ناني نازي پناڻي، جانيئڙي سنڌي، قمر لاڙڪ، گلاب پيرزادي، سوڍي اوڏ، اڪن پيرزادي، وڏيري اِمن، نانگي آريجي جي دنيا ڪان ويندي درياهي چورن جي دنيا تائين، اقرار هڪ ڀرپور دنيا سان ڳنڍي ڇڏيو آهي مون سميت پنهنجي سيني پڙهندڙن کي.

هيءَ درياهي چورن جي دنيا بہ ڇا تہ دنيا آهي. هل پنهل! چورن ۽ چوريءَ جي هڪ بنهہ الڳ ۽ منفرد دنيا ... ڏار ٻولي، ڏار اشارا ڪنايا، ڏار ٽرمنالاڃي، چورين جا قسم ... لهرن سان لڙائي، درياهہ بادشاهہ سان جهيڙو، ڀاڳين سان ويڙهہ، ڏٻٽيون، ڪُن، چڪٽيون، گهُور، باهين جا مچ، سياري جون ڳڱاٽيندڙ راتيون، قصا، ڪهاڻيون ... ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ.

هيءَ درياهي چورن جي دنيا جهڙي نيشنل جيوگرافڪ چينل جي شاهڪار ڊاڪيومينٽري!

ڪهڙا ڪهڙا نہ منفرد ڪردار ڪٺي آيو آهي اقرار زندگي جي جهوليءَ مان! ۽ هر ڪردار پنهنجي پاڻ ۾ هڪ مڪمل دنيا، مڪمل ڪهاڻي. لکڻ جو نرالو وٽندڙ ۽ زنده انداز. هو، جنهن ڪردار تي قلم ڪٽي ٿو، ان جي

شخصيت جا سمورا رخ (Dimentions) پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿو وڃي. هي خاڪا محض خاڪا نہ آهن پر ڇڻ هر شخص جي هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي. ڪيئي ڪتائون آهن هي خاڪا. ڪتائون جيڪي اقرار جي هنرمند آڱرين احساس جي آڏاڻي تي ويهي زندگيءَ جي سمفنيءَ جيان ڪمپوز ڪيون آهن.

ڪردارن ڪي سندن مڪمل ڊيڪ ويڪ، رنگ ڍنگ، اٿڻي ويهڻي ۽ روين سميت پورٽراءِ ڪرڻ جو اقرار وٽ فطري ڏانءُ ۽ تخليقي انداز آهي. مثال طور:

”ويڪري پيشاني، ڳاڙهيون لال اکيون، مٿو ويڪل، پريل ٻُت، چاپئين ڏاڙهي، وڏا شهپر، مٿي تي پٽڪو يا سنڌي ٽوپي، هٿ ۾ تسبيح. اهو هو منهنجو پيءُ اڪبر علي عرف اڪن پيرزادو، جيڪو سرڪاري رڪارڊ ۾ چور، ڌاڙيل ۽ هاڻوءَ طور مشهور هو ۽ سندس گرفتاريءَ تي سرڪار سڳوري 35 لک رپيا انعام بہ رکيو هو پر تر ۾ سندس ٻي سڃاڻپ مهمان نواز، اوطاقي مڙس، پاڳيئي ۽ ديندار شخص واري هئي.“

(پروفائيل ”اڪن پيرزادو“ جو شروعاتي ٽڪرو)

”مهين جي دڙي جي سِر سِر ڪعبي جي سِر وانگر مقدس آهي ۽ مهين جي مٽي خاڪِ شفا جيتري اهم ۽ اتم آهي.“

(پروفائيل ”لطف پيرزادو“، لطف جا پنهنجا لفظ)

”امام بخش امو عرف نانگو آريجو وقت جو وتايو فقير هو. سنڌ ۾ اڪثر جهيڙا جهٽا گار تان ٿيندا آهن پر ماڻهو نانگي جي گار نہ ٻڌن تہ ڪين مزو ئي نہ اچي. اڪثر ڪاري قميص ۽ گوڏ ٻڌندو هو. قدآور ۽ خوبصورت انسان هو. راڳ رنگ ۽ ميلن ملاڪڙن جو شوقين هو. سندس دوستن جو دائرو بہ وسيع هو، جنهن ۾ هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو شامل هئا پر انهن ۾ ڪو بہ اهڙو ماڻهو نہ هوندو، جنهن نانگي آريجي جي گار نہ کاڌي هجي.“

(پروفائيل ”نانگو آريجو“ )

”مينهون ماڇي جذبات ۾ ڳائيندو هو. سندس انداز ڊول فقير وارو هو. اصل يار جون هڪلون پيون پونديون هيون. ڇڻ راڳ سان جهيڙو ڪندو هجي. گهڻو ڪري انگوڇي جي گوڏ ۽ اجرڪ جو پٽڪو ٻڌندو هو. راڳ ڳائيندي جذبات ۾ اچي اتي ڪڙو ٿيندو هو، ان وقت اسان جو مامو مرحوم غلام شبير پيرزادو ڪيس رڙ ڪندي چوندو هو: ”چاچا اگهاڙو ٿو ٿِين،“ تڏهن همراهہ يڪتارو ڇڏي ٻئي هٿ گوڏ ۾ وجهي ويهي رهندو هو ۽ محفل ۾ هوڪرا پئجي ويندا هئا.“ (پروفائيل ”مينهو ماڇي“)

اقرار جو اسان سيني پڙهندڙن تي احسان آهي جو هو مٽيءَ ۾ لڪل لعل ڪڍي تخليق جي ٿالهہ ۾ وجهي، ڪنهن وينجهار جيان اسان وٽ ڪٽي آيو آهي. ڪهڙا ڪهڙا نہ ڪردار آهن ۽ ڪِرتون آهن، عمل آهن، ڳالهيون آهن، حوالا آهن جيڪي اقرار جي قلم ڇهيا آهن: ٻنيون ٻارا، ڍور ڍڳا، مال متاع، پاڳيا پاڻ، چور، ڪاٽڪو، ڌاڙيل، پيراڊا، ناچو، ڳائڻا، راڳي ويراڳي، منگتا مڱڻهار، اديب، شاعر، فنڪار، اداڪار، موسيقار، صحافي، قصاگو، پير فقير، سيد، گادي نشين، مرشد، مريد، درويش، مجذوب، عالم، پيش امام، ملان، مولوي، مولودي، مدحي، شڪاري، خفتي، ملهہ، گهوڙيسوار، سگبان، ڏنار، طالب، مطلوب، عاشق، معشوق، موالي، چرسي، پينگوڙي، شرابي، نرائي، مئخانا، مڌ، متوارا، اوطاقون، اوتارا، مهمان، سخي مرد، محفلون، راڳ ويراڳ، سيلاني، رولاڪ، آواره گرد، گارياندا، چرچائي، چريا ڪريا، مست الست، لاهوتي، زوار، حاجي، صوفي، جلالي، حلالي، حرامي، اگها سگها، جنوني، ماڇي، مهاڻا، قومپرست، ڪميونسٽ ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ. جيڪو فقط هيءُ ڪتاب پڙهڻ

سان پروڙي سگهجي ٿو.

منهنجي قلم ڪي اها طاقت ناهي جو مان هن ڪتاب جو سمورو حسن تہ ڇا، ان حسن جون ڪجهہ جهلڪيون بہ اوهان تائين پهچائي سگهان. سچي ڳالهہ هيءَ آهي ۽ (اعتراف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي) تہ اقرار جي هِنن انساني جذبي جهڙين زنده، گرم، توانين ۽ ڀرپور لڪٽين تي لکندي مون کي پنهنجا لفظ مئل ٿا محسوس ٿين. هڪڙي اعليٰ ڪتاب ڪي تہ مهاڳ جي پٽاڙ ۾ پوڻ بجاءِ پهرين نهار ۾ ئي پنهنجي اصلي مواد سان پڙهندڙن جي هٿن ۾ هجڻ گهرجي. ان ڪري هاڻي آئون پنهنجي پين روڪي واپس ٽيبل تي رکان ٿو. مسودي وٽ رکيل پنهنجو چشمو ڪڍي پايان ٿو ۽ اقرار پيرزادي ڪي پنهنجو پيار ڀريو Tribute پيش ڪرڻ لاءِ هيٺ جهڪي پنهنجا هٿ سندس قدمن تي رکان ٿو.

**منور سراج**

نوابشاهہ، گرم ٻپهري

12 جولاءِ 2015

# مٽيءَ هاڻا ماڻهو: جن سين لنئون لاڳي

## مصنف پاران

هڪ خواب هو، هڪ خواهش آهي تہ سنڌ جي ماڳن مڪانن، تاريخي آثارن، ڍنڍن ڍورن، درياهي وهڪرن، پوڪي راهيءَ جي طور طريقن، وڻن ٻوٽن، گلن گاهن، جانارن، پکين پکڻن، مختلف علائقن جي ماڻهن، زبان جي لهجن، ريتن رسمن، ساٿ سنئوڻن، قصن ڪهاڻين ۽ ميلن ملاکڙن کي دستاويزي صورت ۾ محفوظ ڪجي. اها سنڌ جي تاريخ کي سهيڙڻ جي بنيادي ڪوشش هوندي ۽ ان سان سنڌ جي حسناڪيءَ جي هاڪ پرکنڊين پڌري ٿي پوندي. ظاهر آ، ان ڪم جي شروعات  اسان کي پنهنجي پنهنجي علائقي مان ڪرڻي پوندي. ڏهہ پندرهن سال پهرين اها ڳالهہ ڪِئي، سنڌ جي بيباڪ صحافي انور پيرزادي ۽ مون ٻلهڙيجي هسٽاريڪل سوسائٽي ٺاهڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر هڪ نہ هلي. سنگت ان سلسلي ۾ ساٿ ڏيڻ کان پڙ ڪڍي ٻيهي رهي. اسان بس ڳوٺ جي شاعرن، صحافين، هنرمندن، دڪاندارن، استادن، راڳين، شڪارين، سازيندن، ڪوهاڻن ۽ رانديگرن جي فهرست ئي ٺاهي سگهياسين. 2007ع ۾ انور صاحب جي لاڏاڻي بعد ان پنڌ تي هيڪلو هلڻ منهنجي وس کان مٿي هو، البت خواب اڃا جيئرو هو. خواهش اڃا زنده آهي. ايئن سمجهو تہ هن ڪتاب جي اشاعت، ٻلهڙيجي هسٽاريڪل سوسائٽيءَ کي جيئارڻ جي نماڻي ڪوشش آهي.

هنن خاڪن لکڻ جو ٻيو بنيادي محرڪ هيءُ آهي تہ آئون ڪَچي ۾ ئي ڄائو نپنو آهيان، جتي ماڻهن جي تفريح ميلا ملاکڙا، جانورن جو شڪار، ڳائڻ وڄائڻ ۽ مولودن جون محفلون هونديون هيون. رات جو اوطاقن ۾ مچ تي ڪچهريون ٿينديون هيون، جن ۾ قصا، ڪهاڻيون ۽ نظير بيان ڪيا ويندا هئا. سگهڙن جا ٻول ٻُرندا هئا. ڳجهارتون ۽ پروليون ڏنيون وينديون هيون. اهي قصاگو ڪي پڙهيل لکيل ماڻهو نہ پر جهنگ جا جهانگيئڙا هئا، جيڪي سڄو ڏينهن هر ڪاهيندا، ونجهہ هلائيندا، واڻ وٽيندا هئا ۽ مڇ پچِندا هئا. ويڙهين مان پاپڙ ۽ پلڙا ميڙي، پيرون چونڊي ڏينهن ڪٽيندا هئا پر اهڙا تہ سچيت ۽ سڄاڻ جو اڀ ۾ ڏسِي، جانورن، پکين ۽ جيت جڻين جي چرپر مان اندازو لڳائي مينهن، گرمي سردي ۽ ڏڪار سڪار جون اڳڪٿيون ڪندا هئا، جيڪي صحيح ثابت ٿينديون هيون.

آئون جڏهن ٻلهڙيجيءَ ۾ پڙهڻ آيس تہ اتي بہ اهڙن ئي ڪردارن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. بس اضافي ڪا شيءِ هئي تہ اها راڳ رهاڻ هئي، سازي آوازي هئي، شاهہ ۽ صوفياڻي فڪر جي سڄاڻ هئي. هتي فقير فقراء جي صحبت ۾ ئي مون شاهہ، سچل ۽ حمل جا ڪيترائي بيت بنا سمجهڻ جي ياد ڪري ڇڏيا هئا. ڇٽيءَ طرح ياد اٿم: ڇهين درجي ۾ پڙهندو هئس. تڏهن چاچي جانيئڙي پير علي محمد راشديءَ جو ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ هٿن ۾ ڏيندي ٽيسٽ طور هڪ پئرا پڙهڻ لاءِ چيو. هڪ صفحو پڙهڻ ڪانپوءِ اهو ڪتاب ان وقت مالڪ کي موٽائڻ بجاءِ پڙهي پورو ڪري پوءِ واپس ڪيم. لاجواب نثر واري ان ڪتاب ئي مون ۾ پڙهڻ جو چاهہ پيدا ڪيو. ٻي ڳالهہ تہ ان ڪتاب ۾ مونکي وڏن ماڻهن جي قصن کان وڌيڪ عام ماڻهن جي ڳالهين متاثر ڪيو. بعد ۾ مون سنڌ جي لال قلندر لڪاري عبدالقادر جوڻيجي جي جڳ مشهور ٽي وي سيريل ”ڇوٽي سي دنيا“ ڏٺي تہ منهنجو ڌيان پنهنجي ڳوٺ ۽ تر ۾ موجود اهڙن ئي ڪردارن ڏي ڇڪجي ويو ۽ انهن تي لکڻ جي خواهش پيدا ٿي.

هن ڪتاب ۾ شامل سمورا خاڪا سنڌ جي ڇيڪي مٽيءَ مان ڳوهيل اهڙن ئي ڪردارن بابت آهن. اسان جي

اوهان جي آسپاس گهمندڙ ڦرندڙ انهن عام لوڪن جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڪتل آهن. اهي ڪي فرشتا يا آسماني مخلوق ناهن جو عيبن کان بنھ آجا هجن. منجهن ماڻهن واريون خاميون خوبيون آهن ۽ مونکي سندن چڱاين لڳاين سان هڪ جيترو پيار آهي. ساڻن لنئون لڳل آهي، پريت آهي، جيءَ جڙي آهي. هي مٽيءَ جا ماڻهو پنهنجي اڌوري جيون ۾ ڪيئن تا سندرتا جا رنگ ڀرين! ڪيئن تا ڪاتين هيءَ جبل جيڏي اٽانگي ۽ اوکي زندگي! ڪيئن تا لنديون لتاڙين! ڪيئن تا درياھ جي دهشت جا مقابلا ڪن! اتي ۽ اجهي جي فڪر باوجود ڪيئن تا مايوس چهرن تي مرڪون وکيرين ۽ ياريون لائي توڙ نڀائين!! اهڙا ڪردار ئي سنڌ جي سونهن آهن.

1984ع ۾ جڏهن ستون درجو پڙهي رهيو هئس تہ بابي کي ستن خونن ۾ ملوث ڄاڻايو ويو. اهو دور سمورن گهر ڀاتين سان گڏ مون لاءِ "ڇيپون ڇيري سنڌيون" جهڙو دور هو. پوليس کان تہ ڊڄندو ئي هئس پر هڪ جيڏن جا سوال بہ هينئون ڦٽي وجهندا هئا. مڊل اسڪول مهين دڙي مان جيئن تيئن ڪري اٺين جماعت جو امتحان ڏنم پر هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ جي هيڊ ماستر سائين عبدالقادر ابڙي صاحب منهنجو نالو ڪڍي ڇڏيو. مٿن مائٽن ڏانهن ويندو هئس تہ اهي بہ پريشان ٿي ويندا هئا ۽ منهنجي اچڻ تي اهڙا انتظام ڪندا هئا ڄڻ آئون دنيا جو خطرناڪ ڏوهاري هجان. هاڻي ڪيڏانهن وڃان؟ مون لاءِ سڀ در ڄڻ پورجي چڪا هئا. پوءِ ٻين درن کي ٻَن ڏئي سن ۾ سيد جي ڪڙھ تي ڪُپي وينس. اتي سچي سنڌ جي ڏاهن کي ڏسڻ جو موقعو مليو. اهو 1986ع جو دور هو. نندي ڪنڊ جي عظيم اڳواڻ خان عبدالغفار خان جا پير ڇهڻ جي سعادت بہ سن ۾ نصيب ٿي.

1989ع ۾ ڳوٺ واپس وريس. نائين ۽ ڏهين جو پرائيويٽ امتحان ڏنم. ان وقت س ا س سنڌ جو سيڪريٽري جنرل سائين غلام حسين رنگريز هو. ٻلهڙيجي شاخ غيرسرگرم ٿي وئي هئي. ان کي ٻيهر سرگرم ڪرڻ لاءِ رنگريز صاحب جي هدايتن تي ضلعي رابطا سيڪريٽري منٺار سولنگي اسان جي ڳوٺ آيو، جنهن ڪانپوءِ اسان سنگت جون گڏجاڻيون ٻيهر شروع ڪيون، جنهن ۾ پنهنجي سينئرن فيض پيرزادي، ڊاڪٽر عبدالرحمان پيرزادي، جانيئڙي سنڌي سان گڏ غوث، مسرور، پرويز، انور جونيئر، حسن پيرزادي، مجيب پريم سولنگي ۽ زيد سان گڏ مون بہ شريڪ ٿيڻ ۽ لکڻ شروع ڪيو. چئن ورهين ڪانپوءِ ان دوران ڪيل پنهنجي شاعريءَ جو جائزو ورتم تہ ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي. پوءِ شاعريءَ واري ڊائري ڦاڙي ڀٽائي سرڪار جو رسالو پڙهڻ شروع ڪيم. 1994ع ۾ انور پيرزادي ۽ قربان صاحب مونکي صحافتي لڏي ۾ شامل ٿيڻ جي مت ڏني ۽ روزاني برسات اخبار ۾ ڪم سان لڳايو. پهريون مضمون بہ انور صاحب زبردستي لکرايو. ڏهاڪو کن سال ڪراچيءَ ۾ رهڻ واري عرصي دوران مون ڪمايو تہ ڪِي بہ ڪين پر ڪجھ اهڙا دوست ضرور ٺاهيا جن لاءِ شاھ سائينءَ چيو آهي:

صحبت سپيرين جي، اي تان وڏي هاج
قضا ڪر نماج، وقت وريائڻ ويجهڙو.

معصوم سنڌيلي، شان ڏهر، علي حسن چانڊيي، يوسف جوکئي، نور مصطفيٰ، مظهر شيخ، الطاف پيرزادي ۽ ارشاد کوکر جهڙن دوستن جتي منهنجون آروچايون برداشت ڪيون، اتي مون کي گهڻو ڪجھ سيکاريو. سندن صحبت ۾ مون اڙدو شاعرن مير، غالب، مومن، داغ، درد، فيض ۽ بهادر شاھ ظفر سان گڏ ڪلاسيڪي هندي شاعر ڪبير، سرائيڪي سرجڻهار خواجہ غلام فريد ۽ پنجابي شاعر وارث شاھ جو مطالعو ڪيو.

اڄ بہ منهنجي هن پيار پورهئي جي وئڙت نہ وجڻ جا ڪارٽي منهنجا جگري يار علي حسن ۽ مسرور پيرزادو آهن. ٻنهي ڄڻن مون کي لکڻ لاءِ سدائين پئي اتساهيو آهي. هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جو سڄو بار مسرور پنهنجي ذمي ڪنيو. جڏهن تہ مسودي تي نظرثاني، ڪمپوزنگ ۽ بار بار پروف ڏسڻ واري ذميواري منهنجي يار عليءَ نڀائي. سندن ساٿ نہ هجي ها تہ منهنجو ڪِتو وتو ٿي وڃي ها. وڏا وڙ خوبصورت ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار سائين منور سراج جا، جنهن مون جهڙي ڏڏ جو مواد غور سان پڙهيو ۽ ان کي مهاڳ لکڻ لائق سمجهيو. آئون سمجهان ٿو:

سندس لکيل مهاڳ جو اکر اکر نالائق تي نوازش آهي جيڪا ڏاتار ئي ڪري سگهن ٿا. ساڳئي وقت پنهنجي ننڍڙي دوست عجيب ٻِڻ جو ٿورو نہ مڃڻ بہ زيادتي ٿيندي، جنهن منهنجي هٿان گم ٿيل مسودو هٿ ڪري منهنجي جان ۾ جان وڌي.

هن ڪتاب ۾ شامل سمورن سپاجهن سڄڻن ڪي مون پنهنجي اکين سان ڏٺو پر جيئن تہ ان وقت ٻار هئس، تنهن ڪري وريل فقير، پرپور فقير، نانڪ فقير، طالب، مزني فقير، اٺ فقير، اياز، هاشم، حافظ ميهر سامٽئي ۽ خليفي محمد بخش سان روح رچندو رچ نہ ٿي سگهيو پر سندن ذڪر ۽ گفتا هر ماڻهوءَ جي زبان تي هئا. باقي ٻين ڪردارن سامهون آئون ننڍو تي وڏو ٿيس. ساڻن روح رچنديون ۽ رهاڻيون ڪيم، جيڪي اڄ بہ هينئڙي ۾ هري رهيون آهن. ٻن ٽن ڪي ڇڏي باقي سمورا ڪردار منهنجي تر جا آهن. آخوند عبدالغني پٽي، حافظ ميهر سامٽيو ۽ سيتل باگڙي منهنجي جُوءِ جا نہ هوندي بہ ٻلهڙيجيءَ سان سندن گهرو لاڳاپو رهيو، جنهن ڪري ڪين ڪتاب ۾ شامل ڪيو اٿم.

ڪوشش ڪئي اٿم تہ مٽيءَ هاڻن ماڻهن جي سدا حيات يادن جا نقش توهان ڪي بہ پسائي سگهان. انهيءَ ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان، اهو اوهان ئي ٻڌائي سگهو ٿا.

آخر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري، پنهنجي ڀائرن انصار علي، اسرار علي، اظهار علي، ڀيڻن شبانہ حفيظ، ڪبريٰ، سائل پيرزادي، رحمت پيرزادي، علي مردان پيرزادي، ڊاڪٽر گدا حسين بخاري، غلام مصطفيٰ جوٽيجي منڌراڻي، ممتاز پيرزادي، مصطفيٰ زهراڻي، مظهر شيخ، اسد خان نظاماڻي، علي بخش نظاماڻي، وحيد ابڙي، شهزاد منگلي، فدا ڪوڪر، قاضي آفتاب، اظهر چني، ظهور بوزدار ۽ لياقت ڪيرئي جون بہ مهربانيون جن ڪتاب ڪي بهتر کان بهتر ڪري آڻڻ لاءِ صلاحون ڏنيون ۽ هر طرح مدد ڪئي.

زندگي ۽ ساڳي سنگت جو ساٿ سلامت رهيو تہ هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو جلد اوهان جي هٿن ۾ هوندو.

**اقرار پيرزادو**

09 جولاءِ 2015

ڪراچي

# ٻلهڙيجي

## صوفين، صحافين،سياسي ڪارڪنن، شاعرن ۽ سنگيت پريمين جو ڳوٺ

چوڏاري مٽيءَ جا بند. اتر طرف ڳوٺ جي دنگ ڪان موهن جي دڙي جي حد شروع. اوڀر طرف هڪ ميل جي مفاصلي تي سنڌو درياهه. ڳوٺ جو اوڀاريون بند چڙهبو ته ڪچي جي آباد ۽ سرسبز جُوءِ، ماڻهوءَ جون اکيون ڪيريون ڪري ڇڏينديون. اولهه طرف لوپ بند تي چڙهبو ته لانياري ديهه شروع ٿي ويندي ۽ پريان بگي، ٻنڊي، ٻٽ ۽ سارين جا ڳوٺ نظر ايندا. ڏکڻ طرف ڪاراٽي، گاجيديري، فتح پور ۽ ويهڙ ڏانهن ويندڙ شاهي رستو نظر ايندو. اِهو آهي صوفين فقيرن، شاعرن، اديبن، صحافين ۽ سنگيت پريمين جو ڳوٺ ٻلهڙيجي.

سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ 1880ع ۾ انگريزن جيڪا سروي مڪمل ڪئي، ان ۾ به هن حسناڪ ڳوٺ جي نشاندهي ٿيل آهي. ڏيڍ صديءَ جي تاريخ رکندڙ هن ڳوٺ جي سيني ۾ ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون دفن آهن. 1880ع ڌاري هتي فقط ٽن ذاتين ڏيپرن، ٻلهڙن ۽ سارين جا ڪجهه گهر ۽ سروي نمبر هئا، باقي سڄو علائقو گهاٽو جهنگ هو. نقشي مان پتو پوي ٿو ته تنهن وقت سنڌو خيرپور رياست ۽ لاڙڪاڻي جي دنگ تان وهندو هو، جيڪو ٻلهڙيجيءَ کان 10 ميل پري هو. موهن جو دڙو اجا زمين ۾ مدفون هو. عام ماڻهو ان کي ڳوري جاءِ سمجهي انهيءَ پاسي لڙندا ئي ڪونه هئا.

ڳوٺ ٻاهران ٻلهڙي ذات جي هڪ همراهه جي ٻڪرين جي واڙ هئي، جتان ڏکڻ گاجيديري ۽ فتح پور ڏانهن چارو نڪرندو هو ۽ اوڀر ڏانهن ڪنيرن جي پتڻ تائين دڳ ويندو هو. ان ڪري ڳوٺ کي ”ٻلهڙي جي واڙ“ سڏيو ويندو هو، جنهن مان اڳتي هلي ”واڙ“ وارو لفظ حذف ٿي ويو ۽ هيءُ ڳوٺ ٻلهڙيجي سڏجڻ ۾ آيو.

ٻلهڙيجيءَ ۾ هن وقت ٻه درزن کن ذاتيون رهن ٿيون، جهڙوڪ: ساريا، ڪنير، ماڇي، ملاح، ابڙا، ممڻاٽي، چنا، ڪلهوڙا، جيسر، ڇهواڻ، ٻگهيا، انصاري، ٿهيم، شيخ، ٻهڻ، پيرزادا، سومرا، مگريا، باگڙي، جيلاني ۽ لکياري سيد. اڳي اهي سيئي 20 ڪلوميٽرن جي مختلف ڳوٺن ۾ ويڙهيل هئا، جن ۾ ڳوٺ سخي شاهه جمال، وڏيرو غلام حيدر، ڊنڊ پير، پليڏنو ابڙو وغيره وڏا ڳوٺ هئا. تڏهن سنڌوءَ تي ڪو به بئراج يا ڊيم ٺهيل نه هو. سموريون وسنديون ۽ شهر سنڌوءَ جي رحم ڪرم تي هئا. سنڌوءَ جون مست الست ڇوليون، ڪڏهن وسندڙ شهر ويران ڪري ڇڏينديون هيون ته ڪڏهن واهڻن کي وسائينديون به رهنديون هيون. ڇاڙايل ڳوٺن واسي سنڌوءَ جو مقابلو ڪري عاجز ٿي پيا هئا. 1910ع ۾ بنگالي آرڪيالاجسٽ نيني گوپال مجمدار جا پير پوڻ سان هن ڳوٺ جا ڀاڳ کليا، جنهن جي رپورٽ تي موهن جو دڙو دريافت ٿيو ۽ سال 1923ع ۾ سر جان مارشل جي اڳواڻيءَ ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي وئي. انهيءَ وقت سکر بئراج به ٺهي رهيو هو، جنهن جون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ درياهه جي ٻنهي طرفن کان بچاءُ بند ڏئي ڪچي ۽ پڪي کي ڌار ڪيو پي ويو. ان ڪان ٿورڙو پهريان 1920ع ۾ ڳوٺ شاهه جمال جا هندو اچي ٻلهڙيجيءَ سان لڳ ڳوٺ ٺاهي ويٺا. توڙي جو هنن ڳوٺ جو نالو نوان شيخ رکيو پر اهو عام زبان تي نه اچي سگهيو ۽ ڳوٺ جو پراڻو نالو ٻلهڙيجي ئي برقرار رهيو. ساڳي ئي سال سنڌو پنهنجي جاءِ ڇڏي اچي ٻلهڙيجيءَ کان وهڻ لڳو. ڪنيرن جو ڳوٺ صفحه هستيءَ تان ميسارجي ويو ۽ ٻلهڙيجي پتڻ کي سرڪاري طور ”ڪنيرن جو پتڻ“ نالو ڏنو ويو.

1935ع تائين ٻلهڙيجي ڳوٺ جي بچاءُ بند تي اريگيشن بنگلو تيار ٿي چڪو هو. بند تي نمن ۽ ٻبرن جا وڻ به پوکيا ويا، جن هن وسنديءَ کي ويتر حسناڪ بڻائي ڇڏيو. رهي سهي ڪسر 1936ع واري مها ٻوڏ پوري ڪري ڇڏي، جنهن ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا ڳوٺ پنهنجو وجود وڃائي ويٺا ۽ اتان جي رهواسين موهن جي دڙي جي پرپاسي ۾ اچي پناهه ورتي. شاهه جمال، غلام حيدر وڏيرو ۽ ابڙا ڳوٺ واسي ٻلهڙيجيءَ سان لڳ حاجي لعل بخش شيخ ۽ پليڏنو ابڙو جي نالي سان ڳوٺ ٻڌي ويٺا، پر انهن کان اڳ هن ڳوٺ جا اصل رهواسي ڏيپر ۽ ٻلهڙا سارين سان تڪرار سبب هي ڳوٺ ڇڏي ميهڙ ۽ ڪاڇي ڏانهن لڏي ويا هئا. توڙي جو سرڪاري رڪارڊ ۾ هي چار ڏار ڳوٺ آهن پر انهن جا اولين اڏيندڙ اهڙا ته قابل هئا، جو ماڻهو هڪ ڳوٺ جي ڇيڙي تان ٻيهي ڏسندو ته ڪيس چوٿين ڳوٺ جو آخري ڇيڙو ڇتو نظر ايندو هو، گهٽيون اهڙي ته سڌ نهيل هيون.

1935ع ۾ پيرزادا پنهنجي مرشد سخي شاهه جمال جي مڙهه واري صندوق ساڻ ڪٺائي موجوده ٻلهڙيجي پهتا. جڏهن ته باقي قبرستان سنڌوءَ جي پائيندڙ جو شڪار ٿي ويو. ڳوٺ شاهه جمال ۾ درگاهه تي ستن گنبذن سان روضو نهيل هو پر ٻلهڙيجيءَ ۾ سندن آخري آرامگاهه اڌ صدي تائين ڪچي ڪوٺيءَ جي صورت ۾ رهي. نيٺ 2002ع ۾ ان تي خوبصورت روضو تعمير ڪرايو ويو، جيڪو ٻلهڙيجيءَ جي اترئين ڇيڙي تي آهي. روضي تي اڏاوت وارو ڪم به وٽندڙ ته شيشي جي اڪر وارو ٽيل ڪم به شاندار آهي. سخي شاهه جمال جا پنهنجي تر سميت سڄي سنڌ ۾ مريد آهن ۽ هر سال 10 رجب تي سندن ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي، جتي راڳ جون يادگار محفلون ٿينديون آهن، جن ۾ گويا، قوال، توڙي لوڪ صوفي فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهندا آهن. ڳوٺ جي ڏکڻ اوير ڪنڌ تي ڪچي ۾ ملوڪ شاهه جي درگاهه آهي، جنهن جي مٿان بند تي اريگيشن بنگلو ۽ ڪنيرن جي آوي آهي. سيد ملوڪ شاهه جا فقير صوفي ولايت شاهه هنباهه (انباهه) واري جا طالب هئا. صوفي سال ۾ هڪ ڀيرو هتي ضرور ايندا آهن. اڳي اهي مهين جي دڙي کان ساز ملائي ڳائڻ شروع ڪندا هئا ۽ ٻلهڙيجيءَ جا فقراءُ اڌ پنڌ تي سندن آڌر ڀاءُ ڪندا هئا. ائين به ڪلو ميٽر پنڌ ڳائيندا ۽ نچندا سيد ملوڪ شاهه جي درگاهه تي پهچندا هئا. سيد ملوڪ شاهه تي 1960ع کان اڳ به ميلو لڳندو هو، جيڪو بند ٽي ويو پر پوءِ ڳوٺ جي ملهه پهلوان ۽ شوقين نواب خان ابڙي 1980ع ۾ ٻيهر ميلو لڳرايو ۽ اتي ٿيندڙ ملهه جا مقابلا يٽ شاهه جي ملاڪڙي جيان يادگار ٿيندا آهن. ملوڪ شاهه جي درگاهه هڪ وڏي دڙي تي نهيل آهي. جڏهن به ٻوڏ ايندي آهي ته درگاهه کان سواءِ باقي سڄو علائقو پاڻي هيٺ اچي ويندو آهي. ماڻهن جو خيال آهي ته سيد ملوڪ شاهه، درياهه بادشاهه جو شش آهي، جنهن ڪري درياهه ساڻس ڪا به ڪئونس نٿو ڪري ۽ جيئن پاڻي چڙهي ٿو تيئن هن جي درگاهه به وڃي ٿي مٿي ٿيندي. اهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي پر 2010ع واري مها ٻوڏ مزار وارو دروازو ٻوڙي ڇڏيو ۽ ڪجهه نقصان به رسايو هو.

ملوڪ شاهه جي درگاهه هر دور ۾ خوبصورت اسپاٽ رهي آهي، جتي ٽالهين، ٻيرن ۽ ٻبرن جا وڏا وڻ آهن. سامهون سنڌو پنهنجي جوڀن سان پرپور وهندو نظر ايندو آهي. ڪجهه ڏهاڪا اڳ تائين ملاحن جو ٻيڙين وارو ڳوٺ به هوندو هو، ٻيڙين جا سڙهه پري کان پيا نظر ايندا هئا ۽ شام جو جڏهن مال وٿاڻن ڏانهن ورندو هو ته مينهن، ڳئن جون رنڀون ۽ ڊِڪون، ڦرن جا آواز ۽ انهن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڇڙن، سانيرن، ٽلين ۽ ڊنيرن جا سريلا ساز ماحول کي مست بڻائي ڇڏِيندا هئا. منهنجي ڳوٺ جي خوبصورت شاعرن مير محمد پيرزادي ۽ انور به گهڻو وقت ملو ڪ شاهه جي درگاهه تي گذاريو ۽ ان ئي ماحول ۾ شاعري سرجي.

ڳوٺ جي ڏکڻ اولهائين ڪنڌ تي صالح سوائي جي درگاهه ۽ وڏو قبرستان آهي. ڪجهه ورهيه اڳ تائين هتي سرنهه ۽ توت جا وڏا وڻ هئا ۽ ماڻهن جي ذهنن ۾ اها ڳالهه ويٺل هئي ته اهي صالح سوائي جا فقير جِن آهن ۽ قبرستان تي مڪمل طور غيبات جو قبضو آهي. ان ڪري اتان وڻ وڍڻ ته ڇا پر رات جو گذرڻ به مشڪل آهي! هاڻ اتان به گهڻا وڻ وڍجي ويا آهن.

1923ع کان وٺي 1936ع تائين هن ڳوٺ جي چڱي خاصي ترقي ٿي. سونارڪي دڪان ڪان وٺي، ڪلن جي رنگ ڪرڻ تائين ڪيترائي دڪان کلي چڪا هئا. ڳوٺ ۾ آڏاٽو به هو ته تيل پيڙهڻ وارو گهاڻو به هو، پڪوڙن جو دڪان به هو ته ڪرياني واري دڪاندار وٽ پڳڙن کان وٺي ڪاڏي پيتي جو هر قسم جو سامان، لٽو ڪپڙو ۽ تماڪ به ملي ويندو هو. ڳوٺ ۾ سبزيءَ جو دڪان به هو. هي ڳوٺ اڃا جوڀن ڪي ئي نه رسيو هو جو ان کي غيرفطري ورهاڱي ڪاپاري ڌڪ هڻي ڪڍيو. ڳوٺ کي ڻاهيندڙ راڻا ٻئي پار روانا ٿي ويا. هندو پنهنجا محل ماڙيون، ٽڪاڻا ۽ ٽول ڇڏي هليا ويا. سندن وڃوڙي ڪيترن ئي همراهن جا جيءُ جهوري وڌا ۽ هي وسندڙ ڳوٺ هڪ دفعو وري ويران ٿي ويو.

اسان جي ڳوٺ ۾ هندو-مسلم تضاد ڪڏهن به نه ٿيو. جهڙي نموني مسلمان دين کان دور هئا، اهڙي ئي حالت هندن جي به هئي. ڳوٺ ۾ هڪ ٽڪاڻو هو پر اتي به ماڻهن جي حاضري پوري ساري هئي. عيدن ڏيارين جو ڪو به سَنڌو نه هو. عيد براد تي هڪٻئي کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏبيون وٺبيون هيون. مسلمانن جا ٻارڙا هر روز هندن وٽان سيسا ۽ پاپڙ وٺڻ ويندا هئا. هندو به مسلمانن وانگر مالوند هئا. سندن مال صبح جو چرڻ لاءِ جهنگ روانو ٿيندو هو ۽ شام جو واپس وٿاڻ پهچي ويندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن سندن مال جهنگ مان موٽيو ته گوبند جي ڳئون جي ڪل لٽل هئي. هن واقعي هندن ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏيو ۽ هنن ديس ڇڏڻ جي سنبت ڪئي. انهن مان هڪ گهر ڏوڪريءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. اهي درگاهه لواري شريف جا مريد هئا. انهيءَ جماعت ۾ آسودي مل جي هاٽي به اهم حيثيت آهي. اسان جي ڳوٺ جا هندو ڳوٺ ڇڏڻ کان اڳ گروي ٿيل زمينن جا ڪاغذ اصل مالڪن کي ڏئي ويا. ان ڪري ڏٽيءَ جي مهرباني سان ڪو به شرنارٿي اسان جي ڳوٺ نه آيو. البت اسان جي ڳوٺ جي هندن جون ديهه لانياري واريون ٻنيون ڪوڙن ڪليمن تي اهڙن ماڻهن کي مليون، جن کي اتي هڪ ويسو به نه هو.

هندن جي لڏپلاڻ کان پوءِ ٻلهڙيجيءَ ۾ شيروءَ جي ڳوٺ جا ماڇي اچي رهيا جيڪي سڀ جا سڀ پوڳائي ۽ زنده دل انسان هئا. سندن چرچا سڄي ڳوٺ جي ڪچهرين جو موضوع هوندا هئا. چاچا پائٽين سان، ماما پاٽيجن سان اهڙيون مذاقون ڪندا هئا جو ماڻهن جا پيٽ ۾ هٽ هوندا هئا. ايندڙ ويندڙ کي ته اڳيان ڪندا هئا پر گهٽي کان گهٽا پوڳ قائم ماڇيءَ سان ڪندا هئا. همراهه کي گهٽيءَ ۾ الف اگهاڙو ڪري ڇڏيندا هئا ۽ هو نالا وٺي ڪين گاريون ڏيندو هو. همراهه شادين جي ڪاڄن ۽ پرڻن تي ته مستيون ڪندا رهندا هئا پر قضئي تي به هنن جي چرچن جا ڊوڙيا هوندا هئا. هنن جي پوڳن ۽ مسخرين تي لکبو ته ڪيترا ڪاغذ ڪارا ٿي ويندا. نموني طور هڪ اهڙو واقعو بيان ڪيان ٿو: هڪ ويري مولا بخش عرف مولائي ماڇي ۽ سهراب ماني ٻڌي ٻنيءَ تي ويا ته اتي محبوب عرف خانصاحب ڪڪو ماڇي همراهن جو ٽولو وٺي ساڻن ڪچهريءَ لاءِ پهتو. هن اڪ بچائي سندن ماني چوڙي ڪپڙي ۾ مال جو تازو ڇيڻو وجهي ڇڏيو. همراهن سان هفتو ڪن اهڙي واردات برابر ٿيندي رهي، نيٺ خبر پين ته ساڻن اها تعدي ڪڪو ماڇي ڪري رهيو آهي. هڪ ڏينهن هنن ڪيس گهٽيءَ ۾ ڏسي انساني ڪرفتي ۾ ڪانيءَ ۾ وجهي پاڻ ۾ بحث شروع ڪيو: "عطر آ"، "نه عنبير آ." همراهن جي جهيڙي تي خانصاحب امين مقرر ٿي جيئن ئي ناسون ڦوٽاريون ته هنن ڪاني ۾ ڪنيل ڪرفتي سندس نڪ ۾ وجهي پاڻ سان ٿيل تعديءَ جو بدلو ورتو.

اسان جي ڳوٺ ۾ ورهاڱي کان اڳ ڇهواڻ اچي ويٺا، جيڪي راجپوت نسل جا مسلمان آهن. توڙي جو مذهب مٽائي ڪين صديون گذري ويون آهن پر اڃا تائين سندن پراڻيون رسمون پڻ برقرار آهن. هي انتهائي محنتي ۽ جفاڪش ماڻهو آهن. واڍيءَ جي ڪم جا ماهر آهن. ان کان سواءِ خرڪاري به ڪندا رهيا. اهي گهرن ۾ سنڌيءَ سان گڏ پنهنجي ٻولي به ڳالهائين ٿا. هاڻ گهڻا تڻا پنهنجي نوڪرين ۽ واپار وڙي ۾ آهن. البت اڃا به ڪجھ آهن، جيڪي پراڻي ڪرت جاري رکيو اچن.

اسان جي سامهون ڪنيرن جي پتڻ ڪان ملاحن جو ٻيڙين وارو ڳوٺ هوندو هو، جنهن ۾ هر ٻيڙيءَ تي ٻہ سانه پکي ٻڌل هوندا هئا. ٻيڙين وارا گهر پنهنجي پنهنجي حيثيت آهر سينگاريل هوندا هئا. جيڪي پاٽي وارا پکي ڦاسائيندا هئا، انهن کي ماري سڏيو ويندو هو. جيڪي ماڻهن کي درياهہ پار ڪرائيندا هئا، تن کي پاتڻي سڏيو ويندو هو، باقي سڀ مڇيءَ مارا هئا. اهي ڇهن مان ڪارا ۽ ڪڪِڙيون بہ ناهيندا هئا. شاديءَ جو ڪاڄ ڪندا هئا تہ هفتن جا هفتا شادمانا هلندا هئن. ڳائڻ ۽ نچڻ ڪڏڻ جا شوقين! شادين ۾ زالين مردين گڏ ڳائيندا ۽ نچندا هئا. نندي وڏي بيماريءَ کي تہ ليکيندا ئي ڪونہ هئا پر جڏهن ڪو همراهہ هلڻ چلڻ کان لاچار ٿي ويندو هئن تہ کيس وڏي چادر ۾ وجهي، ان جي ڏولي ناهي، چار مڙس ڪلهو ڏيندا هئس، پويان مايون مرد روئيندا اوسارا ڪندا ڊاڪٽر وٽ پهچندا هئا. تيستائين گهڻي ڀاڱي مريض موڪلائي چڪو هوندو هو. 1985ع ۾ ڏاڙيل راڄ هنن جو ٻيڙين وارو ڳوٺ ختم ڪري ڇڏيو. ملاحن مان پاتڻي اسان جي ڳوٺ ۾ رهيا، باقي ٻلهڙيجيءَ جي اتر ۾ امام بخش ملاح جي نالي سان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي ويٺا آهن.

اسان جي ڳوٺ جي مگرين فقيرن جي سادگيءَ تي ڪيترائي لطيفا، نظير ۽ بيان ٿهيل آهن. اهي درٻيلي (ڊيري) جي مخدومن جا خاص مريد هئا. مگريا فقير انتهائي شريف ۽ لوڪ ادب سان چاهہ رکندڙ آهن. اسان وڏن کان وٽي ميان دوست محمد ۽ ميان عاقل (پهريون) جا قصا ٻڌندا آيا آهيون. چون ٿا تہ ميان دوست محمد ڊيري جي پيرن جي زيارت لاءِ گهوڙي سنجي تيار ٿيو. هن پيرن جي تحفي لاءِ پنديون، ٻير ۽ پلي بہ کنئي. ڪنيرن واري پتڻ تي خيال آيس تہ متان پلجي وڃان؛ تنهن ڪري هن پنهنجي ٻانهن ۾ نوڙي ٻڌي ڇڏي. ٻيڙيءَ تي هڪ چرچائي همراهہ سندس ٻانهن مان نوڙي ڇوڙي پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏي. ميان دوست کي ان همراهہ جي ٻانهن ۾ نوڙي ٻڌل ڏسي پاڻ تي شڪ ٿيو. سو، پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائين:

”توهان ميان دوست آهيو؟“

”ها.“

”هيءَ گهوڙي بہ توهانجي آهي؟“

”ها“

”توهان ٻير، پلي ۽ پنديون کڻي درٻيلي ٿا وڃو؟“

”ها!“

همراهہ هر سوال جو ها ۾ جواب ٻڌي سموري سامان مان هٿ ڪڍي، پنڌ گهر موٽيو.

ٻيو واقعو ٻڌائين ٿا تہ ميان عاقل (وڏو) ميرن کي ڊل ڏيڻ لاءِ بہ ٻورا مال ۽ زر جا ڀري روانو ٿيو. رستي ۾ ساٿس رفيقن دوکو ڪري سندس مال ڪڍي، ٻورن ۾ مٽي ۽ پراڻا پادر وجهي ڇڏيا. جڏهن ميرن جي وزيرن سامهون مٽي ۽ پادر ظاهر ٿيا، تڏهن ڪيس سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي پر ميرن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ چوڻ لڳو:

”سرڪار! اسان جي علائقي ۾ سوا لک پير آهن، جن جي دعائن سان اسين تڳون ٿا. مان سائين جن ڏانهن انهن ماڳن تان مٽي ۽ پيرن جون پراڻيون ڇاڪڙيون آنديون آهن، جيئن سائين جن بہ اها مٽي چمي سعادت ماڻين.“ ان تي ميرن جي وزيرن ان مٽيءَ کي چمڻ شروع ڪيو.

ٻنهي واقعن جي سچائيءَ جي خدا کي خبر پر مگرين فقيرن ۾ اڄ بہ ٻئي رنگ موجود آهن. مگرين جو ميان فيض محمد فيضل سگهڙ هو. سندس پٽ ميان پيرل ۽ ميان غلام سٺا سگهڙ آهن. سندن استاد محمد ملوڪ عباسي هو. ميان غلام جي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب بہ ڇپيل آهي. جڏهن تہ ٻيا هاڻي ڳوٺ ڇڏي لاڙڪاڻي منتقل ٿي ويا آهن ۽ سندن ننڍا وڏا سڀئي نوڪرين ۾ آهن.

ڀلهڙيجي ڳوٺ ۾ تعليم تہ جي سيني ڳوٺن کان اڳ ۾ آئي. ان وقت ڳوٺ ۾ خليفي محمود مسلم پرائمري اسڪول قائم ڪيو، جنهن ۾ استادن کي پگھار بدران ساليانی گرانٽ ملندي هئي: في ڇوڪرو 5 رپيا ۽ في ڇوڪري 7 رپيا. ساليانی گرانٽ ملڻ جي ڪري استادن ڪوشش ڪري نياڻين کي تعليم ڏياري، جنهن ڪري ڳوٺ جي ڇوڪرين کي نوڪريون بہ مليون. 1936ع کان 1947ع تائين جي اسڪول رجسٽر واري رڪارڊ مطابق مسلم اسڪول ۾ 21 هندو شاگرد داخل آهن.

ڀلهڙيجي واسي گانڌيءَ واري ڪانگريس ۽ قائد اعظم جي مسلم ليگ کان وٽيرڪا هئا. بس تہ جي وڏيرن کي ڇوندن وقت ووٽ ڏئي ايندا هئا. البت تصوف جي مختلف سلسلن جي اثر هيٺ هتي علم، ادب ، شاعري ۽ راڳ جو رجحان ضرور هو. شاعريءَ جي شمع ناجيہ جماعت ۽ قادري صوفين جلائي. درگاهہ لواري شريف سان لاڳاپيل مريد هر مهيني جي ڇوٿين تاريخ ملهائيندا آهن. ڇوٿين پاڪ تي پنهنجي مرشد جي شان ۾ قصائص پڙهندا آهن. پيرزادن جو هڪ وڏو ويڙهو ناجيہ جماعت سان لاڳاپيل آهي، جن جي پنهنجي جماعت ۾ اهم حيثيت آهي. شروع ۾ انهن مرشد جي شان ۾ شاعري ڪئي، ان سان گڏ صوفي شاهہ نصير نوشهري واري ۽ صوفي ولايت شاهہ هنباهہ واري جا معتقد هئڻ ڪري هن ڳوٺ ۾ مڙيوئي شاعريءَ وارو شغل ٿيندو رهندو هو.

هن ڳوٺ جو راڳ سان رشتو بہ اڻ ٽُٽ آهي. ڪيترائي گويا، صوفي فنڪار، ڀڳت، قوال، پٽ ۽ پان هتي محفلون مچائيندا رهيا آهن. هن ڳوٺ جو ميان جان محمد پيرزادو، استاد علي بخش عرف علڻ انصاري، غلام رسول پيرزادو، ميهر فقير انصاري، مزنو ماڇي ۽ جان محمد ماڇي پروفيشنل فنڪار رهيا آهن. اڄ بہ ڀلهڙيجي ڳوٺ ۾ سخي شاهہ جمال جي هر سومر رات ملهائي وڃي ٿي. ملوڪ شاهہ جي هر جمعي ڏينهن محفل مچي. ان کان سواءِ هر يارهين رات صالح سوائي ۽ هر چوڏهينءَ رات پرپور فقير جو وار ٿئي، جنهن ۾ مقامي فنڪار ڳائيندا رهندا آهن. اڄ بہ ڳوٺ جو ڪو همراهہ وهاڻ ڪندو آهي تہ پهريان ڪانئس اهو پڇيو ويندو آهي تہ راڳ ڪهڙو ٿو ٻڌائين؟ سنڌي ادبي سنگت ڀلهڙيجيءَ پاران 1978ع ۾ هتي پٺائي سرڪار جي ورسي ملهائي وئي، جنهن ۾ سڄي سنڌ جا وڏا ترقي پسند اديب ۽ شاعر شريڪ ٿيا هئا ۽ هن پروگرام ۾ خانصاحب منظور علي خان جو راڳ بہ ڪرايو ويو هو.

ڀلهڙيجي مذهبي حوالي سان سيڪيولر ڳوٺ آهي، جنهن ۾ دين ڌرم جي نالي تي ڪڏهن بہ دنگو فساد نہ ٿيو آهي. ڳوٺ ۾ پنج ست مسجدون، پنج ست درگاهون ۽ مئخانا بہ آهن. مسجدن ۾ ربيع الاول ۽ رمضان شريف ۾ ڪجهہ رونق ڏسڻ ۾ ايندي آهي، باقي تہ پنج ڇهہ جماعتي مس هوندا آهن. صوفين جي تعليم جي ڪري ٻاگڙين ۽ ٻين جاتين کي بہ نفرت جي نگاهہ سان نہ ڏٺو ويندو آهي. هن ڳوٺ ۾ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ پڙهيل نوجوانن کي ترقي پسندن جي ٽولي سان ڳنڍڻ ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ جو ڪم آهي، جنهن جي صحبت انور کي سياسي شعور ڏنو ۽ لاٽ مان لاٽ ٻرندي رهي.

هتي سياسي حوالي سان ڪميونسٽ پارٽي ۽ جيئي سنڌ جو وجود پوءِ پيو، پهريان سنڌي ادبي سنگت ڀلهڙيجي شاخ قائم ٿي. اهو 1975ع وارو دور هو، توڙي جو روزگار سانگي هن ڳوٺ جا شاعر ميرمحمد پيرزادو سڪرنڊ ۽ انور ۽ ستار ڪراچي منتقل ٿي چڪا هئا، ان جي باوجود ڀلهڙيجي شاخ سنگت جي سرگرم ترين شاخ رهي، جنهن ۾ لطف، عبدالرحمان، زلف پيرزادو، شاهہ محمد پيرزادو، گل حسن پيرزادو، هادي، فيض الله، شفقت، عجيب، علي مردان، نثار، محب ۽ منور سميت ڪيترائي نوجوان شامل هئا، جن مان ڪجهہ لکڻ جو سلسلو برقرار رکي نہ سگھيا آهن. 1989ع ۾ جڏهن سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل غلام حسين رنگريز ٿيو تہ ڀلهڙيجي شاخ ٻيهر سرگرم ٿي، جنهن ۾ غوث، پرويز، انور جونيئر، حسن، جانيئڙو سنڌي، زيد، مجيب ماڇي ۽ مسرور پيرزادو اڳرا رهيا. ان وقت سنگت هٿ سان لکيل ماهوار رسالو ”سرهاڻ“ جي نالي سان جاري ڪندي هئي.

ڪجھ سال ادبي سرگرميون جاري رهيون پر 1994ع ۾ مسرور، زيد، پرويز، غوث، انور جونيئر بہ روزگار خاطر ڪراچيءَ جا وڻ وسايا تہ سنگت هڪ دفعو ٻيهر غيرسرگرم ٿي الحاق رد ڪرائي ويئي.

سنڌي ادبي سنگت جي دوستن 1980ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجيءَ جو بنياد وڌو، جنهن ۾ سيني سياسي ڌرين جا ماڻهو شامل هئا. سنگت جي وڏي مدد شهرن ۾ نوڪري ڪندڙ ڳوٺ جي ماڻهن ڪئي، جن ۾ ميان بيگ محمد پيرزادو، قربان پيرزادو، ڊاڪٽر محمد حسن، انور ۽ ٻيا شامل هئا. ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تي ڳوٺ جي نوجوانن، وڏيرن سان اليڪشن ۾ نہ رڳو مقابلو ڪيو پر کين شڪست بہ ڏني. ڳوٺ سڌار سنگت جي ڪوشش سان ڳوٺ ۾ بجلي منظور ٿي، روڊ ٺهيو. پنهنجي مدد پاڻ تحت ڊاڪٽر زبيده ميموريل ڊسپينسري قائم ڪئي وئي. اڳي ڳوٺ جون گهٽيون هيٺ هيون، برسات پوڻ سان مهينن جا مهينا گهٽين ۾ پاڻي بيٺل هوندو هو. ڳوٺ سڌار سنگت جي سڏ تي ننڍا وڏا گڏ ٿي پنجهو وجهي گهٽين کي گپ ٿيڻ کان بچائي ويا. ڳوٺ سڌار سنگت ڏهاڪو ورهيہ سرگرم رهي. هاڻ ڳوٺ ۾ انڊس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن جي نالي سان سماجي تنظيم موجود آهي، جنهن جو صدر گلاب پيرزادو آهي. هن تنظيم جي مدد بہ ڳوٺ کان ٻاهر رهندڙ ڳوٺاڻا ڪن ٿا، جن مان رياض پيرزادي جي ڪردار کي فراموش نٿو ڪري سگهجي.

هن ڳوٺ جو پهريون سياسي قيدي تہ انور پيرزادو هو، جنهن ايئرفورس ۾ پائليٽ جي ٽريننگ دوران بنگالين جي حمايت ۾ پنهنجي هڪ دوست ڏانهن خط لکيو هو، جنهن تي سندس ڪورٽ مارشل ٿيو. سياسي سجاڳي وڌڻ ڪانپوءِ گلاب پيرزادو، علي مردان پيرزادو، لطف پيرزادو، زلف پيرزادو، سرور پيرزادو، حاڪم پيرزادو، حسن ابڙو ضيائي مارشل لا ۾ سياسي قيدين جي حيثيت ۾ جيلن ۾ رهيا. لطف ڳوٺ جو پهريون سياسي قيدي هو جنهن مارشل لا ۾ 15 ڦٽڪا کاڌا. اهڙي حوالي سان هيءُ ڳوٺ قومپرست ترقي پسند سياست جو مرڪز رهيو آهي. ڪميونسٽ پارٽي ۽ جيئي سنڌ جي مرڪزي سطح جا اڳواڻ هن ڳوٺ سان تعلق رکن ٿا. انور (ماضيءَ ۾) شاھ محمد، گلاب، مجيب، زلف، عبدالرحمان، لطف، رياض، پير بخش ڪميونسٽ پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيا. جڏهن تہ ميرمحمد، فيض، شفقت، عجيب، جانيئڙو سنڌي، حفيظ پيرزادو، انور جونيئر، قومپرست سياست سان لاڳاپيل رهيا آهن. سنڌ هاري ڪاميٽي پاران 1983ع ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي ملهائي وئي هئي، جنهن ۾ سڄي پاڪستان جا ڪميونسٽ ۽ قومپرست شريڪ ٿيا هئا. هتي جيئي سنڌ جا بہ وڏا جلسا ٿيندا رهيا آهن. هن ڳوٺ جي هڪ نوجوان سرويچ پيرزادي کي جسمم سان وابستگيءَ سبب اغوا ڪري ٽي مهينا ٽارچر ڪرڻ بعد گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو، جنهن جي مزار سخي شاھ جمال جي روضي جي ڏکڻ ۾ آهي.

ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ تاريخ جون اهم شخصيتون پيدا ٿيون آهن، جن پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ ڀرپور نالو ڪمايو آهي، انهن جو ذڪر نہ ڪرڻ بہ ناانصافي ٿيندي. اهڙن انسانن ۾ وڏيرو علي بخش ساريو بہ هڪ هو، جيڪو وڏو زميندار ۽ مال ملڪيت وارو هو. همراھ جي انصاف پسندي ۽ غريب پروريءَ جون ڳالهيون ڳائجنديون رهنديون آهن. هن کي هڪ پٽ هو، جيڪو درويش ۽ ابوجھ هو، جنهن ڪري ڪوبہ مائٽ ڪيس سڱ ڏيڻ لاءِ راضي نہ هو. هن پنهنجي پٽ کي پرڻائڻ لاءِ مٽا ڪٽا ڏنا پر ڪٿان بہ سر وارو جواب نہ مليس. نيٺ مائٽن ڪيس ٻلهڙيجيءَ مان لڏڻ جي شرط تي سڱ ڏنو. همراھ پنهنجي پيڙهي بچائڻ خاطر ٻلهڙيجيءَ کي الوداع ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ان ۽ ٻيل گاڏين تي هن پنهنجو سامان ٻنديءَ منتقل ڪيو، هڪ ٻيل گاڏي ۾ گينين سان ڀريل 35 لوٽا هئس، جن مان 5 اتي پهچندي ئي غائب ٿي ويا. ان تي همراھ ڪاوڙجي واپس ٻهلڙيجي ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي سندس مائٽ پريشان ٿي ويا. پوءِ ڪيس اهي پنج گينين جا لوٽا واپس ڪري ٽڏو ڪيو ويو. هن جي مرڻ پڇاڻا سندس ملڪيت جا وارث ساهرا بڻيا، جن کان سندس پوٽي مور خان سارئي وڏا حيلا هلائي ڪجھ ملڪيت واپس ورتي.

هن ڳوٺ جو لعل بخش شيخ بہ جيد حڪيم هو، جنهن جي رومانس ۽ مرض شناسيءَ جا قصا مشهور آهن. چون ٿا تہ مريض کي ڏسندي ئي سمجهي ويندو هو تہ ڪيس ڪهڙي تڪليف آهي. هڪ پيري کو شخص وٽس هڪ مريض کي کٽي آيو، جنهن کي ڏسندي ئي چيائين تہ ”هي همراهہ بلڪل ٺيڪ آهي، باقي تون رات 12 وڳي کان اڳ مري ويندين.....!“ ۽ واقعي ائين ئي ٿيو! ٻيو واقعو ٻڌائين ٿا تہ هن هڪ همراهہ کي تيز اٺ تي چڙهيل ڏسي کيس رڙ ڪئي تہ ”اٺ مٿان لهي وڃ!“ همراهہ سندس ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏريو، بہ ٽي ٻارا پنڌ جا مس ڪيائين جو اٺ وجي ڦهڪو ڪيو تہ وري اٿيو ئي نہ. لعل بخش شيخ پيادل حج بہ ڪيو هو. چون ٿا تہ هن حڪمت جي سکيا نہ ورتي هئي، اهو سڀ لواري شريف واري مرشد جي نگاهہ جو ڪرم هو، جنهن هن کي ويڄ ۽ تن طبيبن ٻٽائي ڇڏيو هو.

اسان جي ڳوٺ جو خليفو محمد صديق تاريخدان هو. هي درگاهہ لواري شريف جو خليفو هو. سندس ذاتي لائبريريءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب موجود آهن، جن مان ڪجهہ شايع بہ ٿيا آهن. تر ۾ رهندڙ سمورين برادرين جا وٽس شجرا موجود آهن. افسوس جو هن جي پوئيرن اهو علمي خزانو ڇڻ تہ دفن ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي تاريخدانن ڪائن انهن ڪتابن جي گهر ڪئي آهي پر هي همراهہ ڪنهن کي اهو خزانو ڏيکارڻ لاءِ بہ تيار ناهن.

اهڙي طرح هن ڳوٺ جون ڪيتريون ئي اهڙيون شخصيتون آهن، جن تي مان ڌار ڌار مضمون ۾ خاڪا لکي چڪو آهيان. اڄ بہ ڀهلڙيجي ڳوٺ ۾ ٻن درزنن کان وڌيڪ صحافي آهن ۽ درزن کن اهڙا شاعر آهن جن جي شاعريءَ جا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن مان ڪيترن جا تہ هڪ کان وڌيڪ ڪتاب آيل آهن. اسان جيئن ڳوٺ کي ڏٺو آهي، اسان کان اڳين پيڙهي ان کان مختلف ڏٺو ۽ ان کان بہ اڳين پيڙهي اجا بہ مختلف ڏٺو. اسان کوهہ لٽجندي ڏٺا پر اسان کان اڳين پيڙهي کوهہ کڄندي ڏٺا، کوهن ۾ نار وهندي ڏٺا. بچاءُ بند تي پٿر جو اسپر اچڻ سان ڳوٺ جي حسن ۾ واڌارو تہ ٿيو آهي پر هاڻ سنڌوءَ جي پيٽ ۾ ٻيڙين جا سڙهہ نظر نٿا اچن. اڳي سنڌوءَ جو پاڻي بند هيٺان مهينن جا مهينا ڪامن ۾ ٻيٺو هوندو هو. آسپاس وڏا وڏا ٻيلا هئا پر هاڻ پاڻي جيئن چڙهي ٿو، تيئن لهي وڃي ٿو. ٻيلن جو نانءُ نشان نہ رهيو آهي، جو سنڌوءَ جي تيزيءَ کي ماٺو ڪري سگهي.

منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو ڪي فرشتا نہ آهن، انسانن وانگر منجهن خاميون خوبيون آهن. پاڻ ۾ جهيڙا جهتا بہ ٿيندا رهندا آهن پر اسان جي ڳوٺ ۾ خوني تڪرار ڪڏهن بہ نہ رهيا آهن. هنن رُنو ئي رهجي وڃڻ کان پرچڻ لاءِ سدائين پهل ڪئي آهي. اڄ بہ منهنجو ڳوٺ اهڙو ئي حسناڪ آهي. هتي کو ماڻهو هڪ ڏينهن مهمان ٿي ايندو هو تہ قرب ۾ ڪڙجي ڇهہ ڇهہ مهينا رهي پوندو هو. اڄ منهنجو ڳوٺ سيڪيولر روايتن کان وٺي هر پاسي کان حسناڪ ۽ ڪشش وارو آهي.

# فقير يارمحمد پيرزادو

## حسن پرستي تي مئخواري، ساڏي صوم صلوات نين

خواجہ غلام فريد جي ڪافيءَ جو مٿيون بند پڙهندي مون کي فقير يارمحمد پيرزادو ياد اچي ويندو آهي، جيڪو دين ڌرم جي ظاهري ويڇن کان دور هو؛ جنهن وٽ مذهب، ذات پات ۽ رنگ نسل جو ڪوبہ سَندو نہ هو؛ جنهن وٽ ماڻهوءَ لاءِ محبت جا مَٽ ڀريل هئا ۽ جنهن وٽ مئہ ڪشي ممنوع نہ هئي. فقيريارمحمد جو مئخانو مذهبي رواداريءَ جي نشاني ۽ سر سنگيت جو وڏو ادارو هو. هن جي مئخاني جي تعليم ئي هئي، جنهن منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ کي سنڌ پرستي، مذهبي رواداري، ترقي پسندي ۽ سامياوادي سوچ جي سجاڳپ ڏني. فقير يارمحمد پنهنجي روءِ توڙي ڪردار ۾ سراسر فقير هو. ڀورو بدن، سهڻي مُک تي ٿهندڙ وڏا شهپر، ٻيٽ-ڇهي جهڙي سنهڙي چيلهہ، اکين ۾ لالن جي لالائي، نندي وڏي سان نياز ۽ نوڙت ...سراپا فقير.

مون ستن اٺن ورهين جي ڄمار ۾ فقيريارمحمد کي سندس مئخاني ۾ ڏٺو، جيڪو ٻلهڙيجي ڳوٺ جي اترئين دنگ تي اڄ بہ موجود آهي ۽ ان جي آڳر تي سندس ٻُني موجود آهي. فقير يارمحمد جهونجڪڙي جو جاڳڻ سان سخي شاهہ جمال جي درگاهہ آڏو ڪوهيءَ مان ڏول ڀري مئخاني جون مٽيون سايون ڪندو هو ۽ پوءِ سوا پهر جي سير لاءِ نڪرندو هو، جنهن مان فقراءَ سنگت جي ننگر پاڻي ۽ نشي پتي جو بندوبست ڪيو ويندو هو.

شام ٿيندي ئي ساز و آوازي شروع ٿي ويندي هئي. راڳ دوران فقير جي نيڻن مان نار سانوڻ مينهن جيان وسندا رهندا هئا ۽ محفل ۾ مڪمل خاموشي هوندي هئي. اصل چُون چان ئي نہ. ڪلام ختم ٿيڻ کانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن فقير سائين ان جي تشريح ڪندو هو ۽ ٻيا ماڻهو ماٺ ڪري ٻڌندا هئا. هن وٽ دين ڌرم جو سَندو هرگز بہ نہ هو. هن فقير جي مئخاني تي هر مذهب جا ماڻهو هڪ جيتري عزت وٺندا هئا. سيد، ٻالا ۽ باگڙي هڪ ٿانوَ ۾ مون هن جي مئخاني ۾ کائيندي ڏٺا. هن لاءِ انسان وڏي شيءِ هو، ان ڪري هي عهدي رتبي ۽ حسب نسب ڏسڻ کانسواءِ هر ماڻهوءَ کي مان ڏيندو هو. ڪيهہ ڀڪلين ۽ گپ ۾ ڄنگهن تائين ڀريل ماڻهن کي وڏا ڀاڪر يارمحمد فقير ئي وجهندو هو. چوندو هو: هنن ماڻهن جا ڪپڙا برابر ميرا آهن پر دليون اڇيون اجريون اٿن. هنن جي سيوا سان ئي راجا ريجهي سگهي ٿو.

ٻلهڙيجيءَ جو هيءُ ڀهڳڻو شخص 1931ع ڌاري فيدر ڀرسان ڳوٺ ڀنڊا شيخ ۾ ئي پيدا ٿيو. پنجن ڇهن ورهين کانپوءِ اهو ڳوٺ سنڌوءَ جي پائيندڙ جو شڪار ٿي پنهنجو وجود وڃائي ويٺو، جنهن کان پوءِ سندس والد شفيع محمد عرف ملا جمن 1936ع ۾ اچي موجوده ٻلهڙيجيءَ ۾ ويٺو. يارمحمد 1945ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ مسلم اسڪول ۾ معلم مقرر ٿيو. چون ٿا تہ جوانيءَ ۾ سندس رنگ ئي اور هئا. جهڙو سهڻي صورت جو مالڪ هو، اهڙا ئي ويس وڳا ڪندو هو. هن جي وڏيري ڪوڙي خان آريجي سان دوستي هئي، جيڪو شڪار جو شوقين، ماهر نشان باز، سماجي سائنس جو ڄاڻو، راڳ جو شائق، غريب پرور ۽ انصاف پسند انسان هو، جنهن جا فيصلا هينئر بہ ماڻهن کي ياد آهن ۽ اڄ بہ ڪنهن سان بي واجبي ٿيندي آهي تہ اهو چوندو آهي ”بس ويو وڏيرو ڪوڙو مري، نہ تہ اهڙي ناانصافي نہ ٿئي ها!“ اُنهيءَ وڏيري ڪوڙي جي صحبت ۾ هن گهڻو ڪجهہ سکي ورتو هو. پوءِ هيءُ پرائمري ماستري ڇڏي اريگيشن کاتي ۾ داروغو ٿيو. نئين نوڪري ڪيس وڏيڪ تجربو ڏنو، ڇاڪاڻ جو هن جا تر جي سمورن ڪاتيدارن سان تعلقات قائم ٿيا ۽ هي انهن جي چڱائين توڙي ڪمزورين کان واقف هو.

تہ جي حسين ناري ميوان باگڙياڻي، جنهن جي حسن جي هاڪ ڪيئي دانا ديوانا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڪيترائي ماڻهو سندس مکڙو پسڻ لاءِ مجبور هوندا هئا؛ اها ميوان، فقير لاءِ ماندي هوندي هئي ۽ سدائين سندس پينارن جو پيڇو ڪندي رهندي هئي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ ميوان جي محبت ۾ فقير ويراڳ ورتو هو ۽ قيمتي ويس وڳا لاهي فقيري گودڙي ڪنئي هئي پر مون کي فقير يارمحمد پاڻ ٻڌايو هو تہ ميوان نہ پر ڳوٺ جي هڪ ڳيرو قادن ابڙي سان اکيون اٽڪڻ بعد هي پنهنجو هوش وڃائي ويٺو هو ۽ پوءِ ان مجازي محبت کيس حقيقت جي حق سان آشنائي ڪرائي.

برهہ جي لوري لڳڻ ڪان پوءِ فقير يارمحمد شوق شڪار ڇڏي درگاهہ ملوڪ شاهہ جو خادم بڻيو. اهو 1960ع وارو وقت هو. هن بہ چار سال درگاهہ ملوڪ شاهہ جون مٽيون پريون ۽ رياضت ڪئي. پوءِ پيرزادا برادري کيس درگاهہ شاهہ جمال تي آستانو اڏڻ لاءِ آماده ڪيو. پيرزادن جي چڱن مڙسن کيس مئخاني جي خرچ ڏيڻ جي بہ آڇ ڪئي، جنهن کي هن رد ڪندي چيو تہ ”فقير لئہ بکيا جائز آهي، آئون سير ڪري مئخانو هلائيندس.“ فقير يار محمد جيئن ئي سخي شاهہ جمال جي درگاهہ تي آستانو اڏيو تہ ٻلهڙيجيءَ ۾ رنگ رچي ويا. فقير جي آستاني تي هر وقت راڳ ورونهن جاري رهندي هئي پر شام جي وقت تہ ميلي جو منظر هوندو هو، جتي ڪٿان ڪٿان جا ڳويا، خانصاحب، صوفي ويراڳي، قوال ۽ نٽ پهچي ويندا هئا ۽ رات وهامي ڏينهن تي ويندو هو. اهي فنڪار ايندا تہ گهڙي سوا لاءِ هئا پر فقير جي محبت کين پيرن ۾ ونگ وجهي ڇڏيندي هئي ۽ اهي مهينن جا مهينا ترسي پوندا هئا. فقير جي محبت استاد بنده علي خان، استاد گلزار علي خان دائي، استاد گلزار علي خان سانگهڙائي، استاد موندر خان، ٻڙي غلام علي خان جي پائٽن غلام عباس ۽ منو خان، استاد عرس عرف موج علي، استاد خورشيد علي خان، رسول بخش پٺ ۽ ٻين فنڪارن کي وري وري ٻلهڙيجيءَ وٺي ايندي هئي. جيڪڏهن ٻاهر جو فنڪار نہ هوندو هو تہ پنهنجي ڳوٺ جا فقير استاد علڻ، ميهر فقير، مزنو ماڇي، غلام رسول پيرزادو، جانو ماڇي ۽ ٻيا راڳ ورونهن جاري رکندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سندس مئخاني مان ٺهڪ ٻُرندي ٻڌبا هئا تہ سمجهي وجبو هو تہ مينهون فقير ماڇي محفل ڪري رهيو آهي پر جڏهن پار ۽ اوسارا ڪن پوندا هئا تہ ماڻهو سمجهي ويندا هئا تہ اڄ ڪاريهر فقير مئخاني ۾ لٿل آهي، جيڪو ڳائڻ سان گڏ رئندو بہ رهندو هو. پوءِ تہ مئخاني ۾ ويٺل سمورن مجاز ماريلن ۾ پنڻ پئجي ويندو هو.

فقير يارمحمد پيرزادي کي ڀٽائيءَ جا تمام گهڻا بيت ياد هوندا هئا. مجازي مرحلي ۾ هن ترجمي واري قرآن شريف ۽ شاهہ جي رسالي جو مطالعو ڪيو. شاهہ جا بيت پڙهندي سندس ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪنديون هيون. بيتن جي تشريح بہ ڪندو هو. جيئن اڪثر محقق ڀٽائيءَ جي هر بيت جي روحاني رنگ ۾ تشريح ڪندا آهن، تيئن فقير يارمحمد وري هر بيت ۾ مجازي محبوب جي حسن جو بيان ڪندو هو. اسان ان وقت ٻار هئاسون، سندس گهڻيون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون هيون. ادب جو مقام هو، خاموش رهڻو پوندو هو، باقي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي هئي تہ سامياوادي نظام رکو فقير جي مئخاني ۾ موجود آهي، جتي ”وند ڪاءُ، سک پاءِ“ وارو اصول ڪارفرما هو، جتي ذريءَ مان ذري ٿيندي هئي ۽ هنن ”توري قُوت قرارين“ لاءِ ڪٽي بہ گهٽي هئي. فقير يارمحمد جي هٿ ۾ اها برڪت هئي، جو جيڪا بہ شيءِ ورهائيندو هو، اها سيني ويٺلن ۾ پوري پوندي هئي ۽ ڪوبہ ماڻهو رهجي نہ ويندو هو. فقير جي لغت ۾ بچت جو لفظ ئي نہ هو، جيڪا بہ شيءِ آئي، اها ان وقت اتي ئي تِل قُل ٿي ويندي ۽ سياڻ لاءِ بچائي نہ رکبي هئي. فقير کي جيڪو بہ وند ٿيندو هو، اهو اتي ئي وندي ورهائي ڇڏيندو هو. فقير فصلن جي لابارن يا ٻارين جي مند ۾ درگاهہ سخي شاهہ جمال جي مريدن ڏانهن احمد پور، لالو ڪانڌڙي، گجوءَ، ريڙي، ٻهاري، پير ڳوٺ، گهاڙ واهہ ۽ يوسف شاهہ جيلاني ڏانهن فقراء وٺي ويندو هو، جتي کين گنج ٿي ويندو هو، جيڪو اتي ئي وزم پاٽيءَ ۾ خرچ ڪري جيئن ڳوٺان نڪتو هوندو هو، تيئن ئي واپس ورندو هو.

فقير يارمحمد پيرزادو ڪفر جي فتوائن ۽ تعذيرن جي خوف ڪي ليکي ۾ نہ آڻيندي علي الاعلان چوندو هو تہ ”سجدو فقط صورت کي جائز آهي، باقي ديوارن آڏو متو ٽيڪڻ اجايو آهي!“ فقير اهڙي ڳالهہ تبليغي جماعتين جي سامهون چئي کين پچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. ساڳي وقت فقير يارمحمد نشي کي بہ جائز قرار ڏيندو هو. چوندو هو: ”جواني پاڻ نشو آهي، انهيءَ نشي جي ٽوڙ لاءِ هي نشو ضروري آهي.“

فقير يارمحمد ڪنهن جو بہ دست بيعت نہ هو، البت پاڻ کي اويسي طريقي مطابق سيد ملوڪ شاهہ جو طالب سڏائيندو هو ۽ اها ڳالهہ ور ور ڪري بيان ڪندو هو تہ ”مون کي ملوڪ شاهہ خواب ۾ پيالو پياريو ۽ منهنجي پيالي مان بچيل چُڪي پرپور فقير سارئي بہ پيتي!“ البت هن طالب ٿيڻ لاءِ ڪيترين ئي درگاهون پيٽيون پر ڪوبہ طريقت جو صاحب کيس مطمئن نہ ڪري سگهيو. فقير قلندر جي جلالي فقيرن کان وٺي صوفين جون ڪيترين ئي درگاهون ڏٺيون ۽ پنهي سان ميلا ملاڪڙا ڪندو رهيو. جلالي فقير ۽ صوفي هڪ جاءِ تي گڏ ويهي نہ سگهندا آهن پر فقير جي آستاني تي ٻئي ڌريون گڏ هونديون هيون. فقير قلندر لال شهباز جي زيارت لاءِ سيوهڻ ويندو رهندو هو، اتي سندس بينڪ حقاني ڪافي هئي. ويراڳي فقير بہ ساڻس گڏ هوندا هئا، جن کي گيڙو ويس اوڍيل هوندا هئا ۽ اهي جلالي فقيرن آڏو بلهي شاهہ جي ڪافي”ڪِي ڪر جاوان ڪعبي نون، دل تانگهي تخت هزاري نون،“ اڪثرجهونگاريندا رهندا هئا.

فقير يارمحمد جي مئخاني ۾ هڪ ڀيري صوفي جانڻ چن بہ اچي پهتو. ڳالهين دوران فقير يارمحمد کانئس پڇيو، تہ ”حسين ۽ يزيد ٻئي توهان جي سامهون اچن تہ اوهان ڪنهن کي سجدو ڪندا؟“ جانڻ چن جواب ۾ چيو ”ٻنهي کي،“ جنهن تي فقير چيس، ”جيڪو حق ۽ باطل جو فرق نہ ڪري، تنهن تي اسان جو تبرو آهي،“ ۽ جانڻ چن بہ جهولي جهليندي چيو، ”مون کي اوهان جي لعنت قبول آهي!“

فقير يارمحمد، ڀٽائيءَ جا بيت ۽ وايون راڳائي فقيرن کي ياد ڪرائيندو هو. استاد علڻ ۽ ميهر فقير کي تہ هن وڏو ذخيرو ياد ڪرايو. ڪڏهن ڪڏهن راڳائي فقيرن سان گهاگهر تي سنگت بہ ڪندو هو، سندس هٿ ۾ مزو هو. هُو راڳ جي باريڪين کان واقف ۽ هڪ بهترين باذوق ٻڌندڙ هو. ڪلاسيڪل راڳ جو شوقين هو. طبلي جي ٿاڪ تي وار ايا ٿي ويندا هئس. پروين سلطانہ، سلامت علي خان ۽ استاد منظور علي خان سندس پسند جا فنڪار هئا. فقير يارمحمد پهريان شاعري بہ ڪئي پر پوءِ اهو دفتر ساڙي ڇڏيائين. سندس مئخاني ۾ جديد شاعرن جي شاعري ڳائڻ تي پابندي هئي، جنهن تي سندس ننڍو ڀاءُ صحافي ۽ اديب انور پيرزادو ساڻس بحث مباحثو ڪندو رهندو هو.

فقير يارمحمد جو خاندان ستر واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري ڪراچي منتقل ٿي چڪو هو، سندس ٽيئي پٽ بشير احمد، ڊاڪٽر رفيق ۽ مسعود احمد ڪراچي ۾ هئا پر فقير ٻلهڙيجيءَ ۾ ئي رهيو. جڏهن پوٽا ڇاوس، تڏهن هي کين نہ ڇڏي سگهيو ۽ 1982ع ۾ پاڻ بہ ڪراچيءَ منتقل ٿي ويو. فقير جي وڃڻ ڪانپوءِ مئخاني جي اها رونق نہ رهي. فقير جو اصول ”وندِ ڪاءُ، سک ڀاءِ“ نہ رهيو. روزانو ٿيندڙ راڳ سومر رات تائين محدود ٿي ويو ۽ ان ۾ بہ اُها يڪسوئي ۽ خاموشي نہ رهي. فقير وڏو منتظم بہ هو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ مئخانو دنيادارن جي ور چڙهي ويو، جن ۾ فقير واري ڪا بوءِ باس نہ هئي. ان ڪري ٻاهران ايندڙ ماڻهو پيرو پچي ويا، جيڪو بہ مئخاني تان گذرندو هو، اهو ”هئي ہر“ ضرور ڪندو هو. پرين کان سواءِ خالي پڊ بہ ماڻهوءَ جو جيءُ جلائي وجهندا آهن. هاڻ جڏهن عيد براد تي فقير ڳوٺ ورندو هو تہ وري منڊل مچي ويندا هئا. ساڳيون قرب ڪچهريون، ساڳيا راڳ رنگ، ساڳيا ساز آواز... فقير جي اچڻ جو ٻڌي سوين ماڻهو پهچي ويندا هئا ۽ فقير جو حال بہ ساڳيو ئي هوندو هو: روئڻ ۽ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري... ڪراچيءَ ۾ فقير يارمحمد فليٽ ۾ رهيو، جنهن ڪري ڏاڪڻين تان لهڻ چڙهڻ ۾ کيس ڏکيائي ٿيندي هئي. سندس اهڙي فراغت ڏسي، هن جي شاعر ڀائٽي شاهہ محمد پيرزادي کيس ڀٽائيءَ جي بيتن

جي شرح لکڻ لاءِ راضي ڪيو ۽ فقير تمام ٿوري وقت ۾ اهو ڪم مڪمل ڪري ڏيڪاريو. ستار پيرزادي پنج سر شايع بہ ڪرايا. هاڻ سندس وارث اهو سمورو ڪم شايع ڪري رهيا آهن.

فقير يارمحمد 5 آگسٽ 1998ع تي وصال فرمايو. هن پڇاڙيءَ فقيري ويس وارا سوين ماڻهو ڏٺاسون پر منجهن يارمحمد فقير واري خوشبو ڪڏهن محسوس ڪانہ ٿي.

# وريل فقير پيرزادو

## جيت جٽين ۽ وٽن سان پيار ڪندڙ سخي پاڳيو

ڏاڏو وَريل پيرزادو اسان پاروتڻ ۾ ڏٺو. جڏهن هو زندگيءَ جا آخري ڏهاڙا ڪاٽي رهيو هو. هن سِڪن وانگر ڪڏهن به وار ۽ ننهن نه لهرايا. هو السلام عليڪم يا ياعلي مدد چوڻ بدران ”حق موجود“، ”واهه گرو“ ۽ ”هرنام“ جپيندو رهندو هو. ياعمر شادي نه ڪيائين. چون ٿا ته جتي سندس لنئون لڳل هئي، ان سان وهانءُ نه ٿيڻ ڪري سڄي عمر ڪنواري رهڻ جو قسم کڻي ڇڏيو هئائين.

ڏاڏي وريل کي ڪي ماڻهو مجذوب ته ڪي سالڪ سمجهندا هئا، ڪي ڪيس ساڌو ته ڪي ولايت جو صاحب سمجهي سندس ڪيترين ئي ڪرامتون بيان ڪندا رهندا هئا. جيڪي سڄي سنڌ ۾ توري گهٽي ڦيرقار سان ٻڌبيون رهبيون آهن.

ڏاڏو وريل 1890ع ڌاري مهين جي دڙي کان 8 ڪلوميٽر هيٺ فيدر جي پرسان موريل جي گهر ۾ جنم ورتو. 1936ع ۾ اهو ڳوٺ سنڌوءَ جي پائيندڙ جو شڪار ٿي پنهنجو وجود وڃائي وينو ۽ ان جا ڳوٺاڻا مهين دڙي کان 2 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي خالي پٽ تي حاجي لعل بخش شيخ جي نالي سان نئون ڳوٺ ٻڌي وينا.

ڏاڏو وريل ڳوٺ جو سڀ کان آسودو شخص هو، وٽس ڍڳين جا سوين ڌور هئا. جڏهن ورهاڱو ٿيو ۽ مينڌرا پنهنجو ملڪ ڇڏي ويا، تڏهن ڏاڏو وريل هڪ هندوءَ جي خالي ڪيل جاءِ ۾ لڏو لاهي ويهي رهيو، جتي رڳو ڍڳيون، پکي پکڻ ۽ ڏاڏو وريل رهندا هئا. ڏاڏو وريل صبح جو مال کي جهنگ ڏي هڪلي ڇڏيندو هو، جيڪو شام جو پاڻهي واپس اچي ويندو هو سندس سمورين ڍڳين تي هن جا نالا رکيل هوندا هئا. هو نالو وٺي جنهن به ڍڳيءَ کي سڏ ڪندو هو، اها اچي سندس سامهون بيهندي هئي، ان مهل هُو ڦر کي ڇڏيندو هو، ٻن ٿڻن مان هُو کير ڏهندو هو ۽ ٻن ٿڻن مان ڦر پنهنجو پيٽ ڀريندو هو. اهڙي نموني سان هن جهرڪين، ڪبرن ۽ ٻين پکين تي به پنهنجا نالا رکي ڇڏيا هئا ۽ جنهن به پکيءَ کي سڏ ڪندو هو، اهو ئي داڻي چڳڻ لاءِ پهچندو هو.

ڏاڏو وريل هڪ سخي مڙس هو، جڏهن به ڪو ماڻهو اچي ڪيس ٻڌائيندو هو ته ”ٻچڙا ننڍڙا آهن، انهن جي پيٽ لاءِ کير ناهي“ تڏهن هُو ان کي پلي ڍڳي ڏيئي چوندو هو ته هيءَ ڪاهي وڃ، جڏهن وهڪجي وڃي ته اها مون کي واپس ڪري ٻي وٺي وڃجانءِ. اهڙي ريت ڪيترائي ماڻهو ڏاڏي وريل کان ڏُهڻ لاءِ ڳئون وٺي ويندا هئا. ڪي ماڻهو اچي چوندا هئس ته ڏاڏا، فلاڻو زميندار هارپي لاءِ زمين ڏئي ٿو پر مونکي هر لاءِ جوڙو ناهي. تڏهن ڏاڏو وريل هن کي ڍڳن جو جوڙو ڏئي چوندو هو، ”هي ڪاهي وڃ، جڏهن ڪم جا نه رهن ته اهي واپس ڪري ٻيا وٺي وڃجانءِ.“

ڏاڏو وريل پاڻ کي سچل جو طالب سڏائيندو هو، پوءِ هو ڪنهن صوفيءَ جو دست بيعت هو يا نه، اها خبر خدا کي، باقي ڳوٺ جا وڏڙا ٻڌائين ٿا ته هو گيڙو ويس ڍڪيندو هو، يڪتارو کڻي ڳائيندو هو ۽ مستيءَ ۾ اچي ٻاهه ۾ پوندو هو ۽ ٻاهه لتن سان وسائي ڇڏيندو هو. ملوڪ شاهه يا سخي شاهه جمال جي درگاهن تي ڪيس آخر ۾ ڳائڻ جو وارو ڏنو ويندو هو جڏهن ٻڌڻ وارا اتي هليا ويندا هئا. چون ٿا ته ڏاڏي وريل جو راڳ لئه کان ٻاهر هو ۽ جيڪا شاعري ڪندو هو اها به وزن بحر کان ٻاهر هئي. ڏاڏي وريل جي شاعري فقط ڏاڏو پاڻ ئي ڳائي سگهندو هو. عمر جي آخري حصي ۾ جڏهن پهرين جمهوري حڪومت جي هڪ بدمست ايم پي اي ڳوٺن ۾ بيٺل قديم نمن ۽ ٽالهين جا وڻ وڍائڻ شروع ڪيا هئا، تڏهن وڏيرن جا چمچا ڪرٽ کڻي ڏاڏي وريل جي گهر ۾ داخل ٿيا. هن ساٿن مزاحمت

ڪئي پر وڏيرن جي ماڻهن ڪيس پڪڙي تي وڻ وڍي ڇڏيا ۽ جڏهن چوتون وڻ وڍڻ شروع ڪيائون تہ ڏاڏي وريل ڪي الائجي ڪٿان شڪتي اچي وئي. هو وڏيرن جي چمچن ڪان پاڻ ڇڏائي نم ڪي ڀاڪر پائي بيهي رهيو ۽ ڪين چيائين تہ اڳ ۾ مون تي ڪرت هلايو، پوءِ ٻلي نم ڪٽيو. وڏيرن جا چمچا اهو نم جو وڻ وڍڻ ڪانسواءِ موٽي ويا.

عمر جي آخري حصي ۾ ڏاڏي وريل پنهنجو مال مختلف ماڻهن کي آڌيارو ڏنو ۽ ڪن ڪي ان شرط تي ڏنو تہ هُو سندس مرڻ ڪانپوءِ اهو مال وڪڻي هن جي مزار تي قبو ٺهرائيندا. ڏاڏو وريل ننڍي توڙي وڏي ڍور جي ساڳي قيمت رکندو هو. ٻلي ڏاند جي قيمت بہ 300 رپيا رکندو هو تہ ڳابي جي بہ ساڳي قيمت 300 رپيا رکندو هو. سندس مال ڪنهن بہ واپس نہ ڪيو، نہ ڪنهن سندس مزار ٺهرائي. اڄ بہ نم جو اهو قديم وڻ سندس قبر تي ڇانوَ ڪيو بيٺو آهي. وچ ٻلهڙيجيءَ ۾ سندس مزار آهي، جتي هر مهيني جي پهرين اربع تي راڳ ويراڳ جي محفل مچندي آهي.

# پرپور فقير ساريو

## زماني جو ستايل چوٽير فقير

پرپور فقير ٻلهڙيجي ڳوٺ جو هڪ يگانو فقير هو. سندس ڏاڙهي، مڇون، ڀرون ۽ مٿو ڪوڙيل هوندو هو، فقط وارن جي هڪ چڳ چڏيل هوندي هيس، جنهن ڪري تر جا ماڻهو کيس چوٽير فقير به سڏيندا هئا. چون ٿا ته شروعات ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ جي سارين واري مسجد جو پيش امام هو. سندس اصل نالو ارباب علي ساريو هو. پوءِ الائي ڪهڙو رنگ لڳس جو مسلمانڪي ڇڏي هندو يوگين جهڙو روپ اختيار ڪيائين. قلندري طريقت ۾ اچي اولادي امير ڪافيءَ وارن جو طالب ٿيو ۽ پوءِ سڄي ڄمار تلقين ۾ گذاريائين.

پرپور فقير اصل باڊهه جي پرسان گند شهر جو ويٺل هو. چون ٿا هو نهايت حسين جميل انسان هو. شروعات ۾ باڊهه اسٽيشن تي حمالي ڪندو هو. تڏهن وزن ڪڻڻ جا مقابلا ٿيندا هئا. هڪ دفعو پنجن مڻن واري ٻوري ڪڻي انعام به حاصل ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ ڪنهن سندس مائٽن جي پلاٽ تي قبضو ڪري اتي عَلم پاڪ لڳائي ڇڏيو هو. پرپور فقير قبضو ڇڏائڻ جا وڏا وس ڪيا پر ڪنهن به سندس ڳالهه نه ٻڌي. سيڪو علم پاڪ جو ٻڌي خاموش ٿي پئي ويو. نيٺ فقير پاڻ اهو علم پاڪ لاهي قبضو ڪندڙن جي گهر ۾ ڇڏي آيو. اهڙي خبر جڏهن ٻلهڙيجيءَ ۾ سارين کي پئي ته انهن متيري سارئي کي موڪلي پرپور فقير کي پنهنجي ڳوٺ آڻي رهايو ۽ سندس شادي امليءَ سان ڪرائي. ايئن هو هميشه لاءِ هِتان جو ٿي ويو.

شروعات ۾ هن درگاهه ملوڪ شاهه تي رياضت ڪئي پر ماڇي فقيرن جي مخالفت سبب پنهنجو مئخانو اڏيائين. فقير وٽ ڪابه مايا نه هئي، ان ڪري هن هڪ قتل موري کي ڊاهي ان مان پڪيون سِرون ڪڍي کوهه ڪٽايو ۽ وڻ رکيا. تڏهن ٻلهڙيجيءَ ۾ اڃا بجلي ڪانه هئي، جنهن ڪري گرمين جي ڏينهن ۾ قيامت برپا هوندي هئي پر پرپور فقير جو مئخانو، جنهن کي هو لال باغ سڏيندو هو، جڻ جنت جو ٽڪرو هو. فقير پنهنجي مئخاني ۾ جهجها وڻ پوکيا هئا، جيڪي پاڻ ۾ اهڙي طرح مليا هئا جو آسمان ڏسڻ ۾ نه ايندو هو ۽ گرمين ۾ ٿاڪ منجهند جو سمورا ڳوٺ وارا پرپور فقير جي مئخاني ۾ اچي ويهندا هئا، جتي کوهه ۾ نار هلندو رهندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو منجهند جو اتي اچي سنان ڪندا هئا. فقير کي ماڻهن جي خدمت ۾ سڪون ملندو هو. هن وٽ هڪ ڍڳو هو، جيڪو سدائين نار ۾ جٽيل هوندو هو. پوءِ فقير جي هڪ پاڙيسري ڏاڏي مڙس اهو ڍڳو چوري ڪرايو. فقير پاٿاريدار وٽ ويو، کيس ڍڳو واپس ڪرائڻ جو چيائين، جنهن تي ان پاٿاريدار سيد سڳوري، فقير کي چيو، "ڍڳو، پنهنجي عليءَ کان وٺ." ان تي فقير کيس چيو ته عليءَ جو ڍڳو مان پاڻ آهيان. پوءِ فقير پاڻ نار هلائيندو هو، ساڳي طرح سڄو ڳوٺ اچي سنان ڪندو هو ۽ ماڻهن کي ڏسي فقير ڏاند وانگر اُکيون هٽندو هو. پوءِ آخري ڄمار تائين فقير پاڻ ڍڳو ٿي نار هلايو ۽ ڍڳن وانگر کيس به جسم تي وڏا پئجي ويا پر پنهنجي ڪرت جاري رکيائين.

پرپور فقير راڳ جو به وڏو شوقين هو. ان ڪري هن جي مئخاني تي هر چنڊ جي چوڏهين رات محفل لڳندي هئي، جنهن ۾ ڳوٺ جا ڳائڻا به ايندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن پري پري جا فنڪار به پهچي ويندا هئا. فقير استاد منظور علي خان جو وڏو پرستار هو.

هڪ ڀيري فقير جو پٽ ۽ سيد صالح شاهه ويجهي ڳوٺ مان ڏاند چوري ڪري آيا. اها ڪڙڪ فقير کي پئجي وئي. گهڙي نه گذري ته ڳوناٽا به پير ڪڙيندا فقير جي آستاني کان گذريا. فقير ڪانئن حال احوال پڇيا ۽ پوءِ کين

ٻڌايو ته اهو ڏاند منهنجي پٽ امام بخش عرف ککڙائي ۽ سيد گمبل شاهه جي پوٽي صالح شاهه ٻڌو آهي. دير ئي نه ٿي، ٻئي همراهه جهلجي پيا. ڏاند واپس ڪيائون. انسپيڪٽر ڪجلو، فقير کان ڏاڍو متاثر ٿيو ته ههڙي دؤر ۾ به ڪي اهڙا انسان آهن، جيڪي حق سچ جو ڪلمو پڙهن ٿا. بهرحال پوءِ فقير کي گهر واريءَ تنگ ڪري ڏنو. روئڻ پٽڻ شروع ڪيائين، ماني کائڻ کان بس ڪيائين. نيٺ فقير مجبور ٿي ڪجلي انسپيڪٽر ڏانهن هلي ويو ۽ ڪيس چيائين، ”صاحب چوري ڪي ڇڏ، ماڻس جي ڳهڻ لهي پئي آهي.“ ڪجلي انسپيڪٽر ڪلي ڏنو ۽ سندس پٽ مان هٿ ڪڍيا.

پرپور فقير جي مئخاني تي هڪ پيري سيوهڻ جا ڪي سرگرا فقير آيا ۽ کانئس پڇيائون ته ”هيءَ بيراڳڻ جيڪا تو رکي آهي، ان جي طريقت ۾ ڪهڙي اهميت آهي ۽ هي جيڪي ڪنٺا ڪولابا تو پاتا آهن، انهن جي فضيلت به بيان ڪر!“ فقير کين چيو ته ”هي لوهه جو ٽڪرو آهي ۽ هي پٿر آهن. جيڪڏهن توهان کي ڪپن ته پلي ڪٽي وڃو، مون کي منهنجي رياضت ڪرڻ ڏيو. پوءِ جڏهن فقيرن پرپور کي نار ڪاهيندي ۽ سچي ڳوٺ کي وهنجدي ڏٺو ته هو اچي فقير جا هٿ چمڻ لڳا.

زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ فقير جي جاءِ تي سندس ذات وارن قبضو ڪيو. ڳوٺ واسين کي فقير سان بيحد پيار هو، ان ڪري ڳوٺ وارن کين ڏنڊا هٽي پڇائي ڇڏيو پر پندرهن ڏينهن کانپوءِ هُو وڏي تياريءَ سان ٻيهر قبضو ڪري ويهي رهيا. ٿورو ئي عرصو پوءِ، پاڻ ۾ وڙهي پيا. نتيجي ۾ هڪ ڇٽو مارجي ويو. همراهه ڪجهه سال جيل ۾ رهيا. پاڻ ۾ ناهه ڪيائون. خون بها پريائون ۽ فقير کي پنهنجي جاءِ به موٽائي ڏنائون ۽ کانئس معافي به ورتائون.

پرپور فقير 1982ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. ڪيس پنهنجي ئي مئخاني تي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. بعد ۾ سندس گهر واري به اتي دفن ڪئي وئي. اڄ به اها جاءِ موجود آهي، جيڪا سندس پٽ سنياليون بيٺو آهي پر هاڻ اتي اهي وڻ نه رهيا آهن ۽ فقير جي لاڏاڻي کان پوءِ لال باغ لوٽو ٿي ويو آهي. ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي به پرپور فقير تي ڪالم لکيو هو جنهن ۾ ڄاڻايو هئائين ته هُن ڪيس وصيت ڪئي هئي ته مرڻ بعد ڪيس پورڻ بدران هندن وانگر ساڙيو وڃي.

فقير جي مئخاني تي اڄ به 14هين جي تاريخ لڳندي آهي پر اتي اها اڳوڻي محبت نه رهي آهي.

# اياز، هاشم ۽ اٺ فقير ممڻاڻي

## سادڙا، سڀاجها ڪلاڪار ۽ هنرمند يائر

هي ٽيئي يائر ڳوٺ سخي شاهه جمال ۾ پيدا ٿيا ۽ 1936ع جي ٻوڏ ۾ اچي ٻلهڙيجيءَ ۾ ويٺا. هنن مان اياز فقير شادي نه ڪئي ۽ ڪنوارو ئي ڏيهه ڇڏيائين. البت هاشم فقير ۽ اٺ فقير شاديون ڪيون ۽ ڪين ٻار ٻچا به ٿيا.

اٺ فقير جو اصل نالو ڪوڙل خان هو پر جيئن ته هو تمام گهٽو قداور هو، ان ڪري اٺ فقير سڏبو هو. سدائين فقيرن وارو ڪرمنڊل ساڻ هوندو هئس. هاشم فقير به عجيب انسان هو، ڪيس نرڙ تي هڪ ڳوڙهو هوندو هو، اسان ٻار هئاسين ته ڪيس ڏسندا هئاسين. اوڙي پاڙي جا ماڻهو هاشم فقير کي گهٽو تنگ ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪچي مان ڪانيون ڪٽي ٻيڙيءَ تي پتڻ اُڪري رهيو هو ته وڏيرو عثمان ابڙو به پهچي ويو. هن هاشم فقير کي ڏسي چيو، ”يار! چرئي کي ٻيڙيءَ ۾ وهاريو اٿو، ڪهڙي خبر هن کي ڪٿي به چريائپ جو دورو پيو ته ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيندو. ان ڪري هن کي ٻَڌو.“ چوڻ جي دير هئي، وڏيري جي وانئن هاشم فقير کي پڪڙي ورتو. همراهه جا هٿ پير ٻجهي ويا. ٻيڙيءَ تي چڙهيل ڪجهه ماڻهن وڏيري کي چيو ته ”همراهه چريو ته نئو لڳي، اوهان هرويرو غريب کي چو ٻڌو آهي؟“ تڏهن وڏيري عثمان ابڙي چيو، ”ان جي به اوهان کي خبر هاڻ ئي پئجي ويندي.“ پوءِ وڏيري پنهنجي پير مان چپل جو پادر لاهي هاشم فقير کي ڏيکاريندي پڇيو ”هاشم، پلا ٻڌاءِ ته هيءُ ڇاهي؟“ تڏهن هاشم فقير ٺهه پهه وراڻيس: ”اهو جوٺهين جو.... آهي.“ وڏيرو عثمان کل ۾ ٻڏي ويو ۽ ماڻهن کي مخاطب ٿي چيائين: ”يائرو، هاڻ ته پڪ پئجي وئي اوهان کي؟ همراهه چريو آهي. تڏهن ته پادر کي... ٿو ڪوني!“

اهڙي نموني ڪيترائي ماڻهو هاشم فقير سان ان قسم جا يوڳ ڪندا رهندا هئا ۽ جواب ۾ هاشم فقير به ڪين گارين جي جهوڪ ٻڌندو هو پر اهي سهپ وارا ڏينهن هئا. هاڻي اهڙي قسم جا يوڳ خونريزيءَ جو ڪارڻ بڻجيو وڃن.

هاشم فقير راڳ ٻُڌڻ جو به شوقين هو ته پنهنجا به آواز سٺا هوندا هئس. ائين ڳائيندو هو جڻ صفا جيوٽي ٻائي پئي ڳائي. درگاهه سخي جمال تي جڏهن يار محمد فقير وٽ ڏوڪڙ نه بچندا هئا، تڏهن هو هاشم فقير کي چوندو هو ته ”هاشم به رپيا ڏي پوءِ پلي راڳ ڪر.“ هاشم فقير اول ٿورو شرمائيندو هو پر پوءِ گوڏ جو پلئه ڇوڙي ان مان پئسا ڪڍي فقير جي هٿ جي هٿ تي رکندو هو. اهڙي نموني انهن ٻن رپين جو وزم اچي ويندو هو ته محفل ڪجهه وڌي ويندي هئي. هاشم فقير به چوٽان چوٽ موالي هو.

اياز فقير به دلچسپ ۽ عجيب انسان هو. صفا سادڙو. سندس ڪرت واڻ وٽڻ ۽ ڪتون واٽڻ هئي. درگاهه سخي شاهه جمال جي پر ۾ سندس ڪوني هوندي هئي. ان وقت ڀنگ، آفيم وغيره گتن تان ملي ويندا هئا ۽ اياز فقير به گتن تان اهي وڪر وٺي ايندو هو.

هڪ دفعي ڏوڪري ٿاڻي جو هڪ صوبيدار اياز وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين ته چرس هلائيندو آهين، اسان کي چرس آڻي ڏي. اياز فقير پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويو ۽ اتان سڄي پيتي ڪڍي آيو، جنهن ۾ چرس، ڀنگ، آفيم، ڪند پڳڙا ۽ پئسا پيل هئا. صوبيدار کي اياز جي سادگي ڏسي رحم اچي ويو ۽ سپاهين کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته ”هن کي ٻڌڻ معنيٰ پاڻ پٽائڻ آهي. اڙي! هي صفا الله لوڪ انسان آهي، جنهن ۾ نه ڪوڙ آهي نه ٺڳي. هن کي نشي هلائڻ جي اجازت آهي.“

ٻلهڙيجيءَ جي هڪ نوجوان سان ڪيس عشق هو. ڳوٺ جا ڏنگا ڇوڪرا ڪيس ان جو واسطو ڏئي چوندا هئا ته سهڻي جي صدقي نڪي (نڪ ۾ ٿونگو) هڻڻ ڏي. پوءِ ته اياز فقير نڪ جهلي بيهندو هو ۽ همراهه ڪيس نڪ ۾ آڱريون هڻي سڄائي ڇڏيندا هئا. اهڙي نموني ان سهڻي جو واسطو ڏئي ڪانئس چرس، آفيم ۽ ڀنگ به وٺي ويندا هئا ۽ ڪيس نڪيون به هڻي ويندا هئا.

اياز فقير ٻنهي پائرن جي ابتڙ قد جو ٺندرو هو. ڪيس اهڙي بيماري هئي جو سندس سڄو جسم سڄي ويو هو ۽ ائين محسوس ٿيندو هو ته ڪيس ٻئي ٻانهون هٿرادو لڳايون ويون آهن.

اياز فقير به راڳ جو شوقين هو، هڪ ڏهاڙي پنهنجي پئسن مان طبلي جي جوڙي ۽ باجو وٺي آيو پر جڏهن اتي ڪنهن ڪيس چيو ته اياز، للت راڳ ٻڌاءِ ته هن باجي کي ڏسي وراڻيو: هن ۾ للت راڳ آهي ئي نه، ته توکي ڇا ٻڌايان؟ پوءِ باجي کي ٻنهي هٿن جا پوندا ڏيندي چوڻ لڳو ته هيترو خرچ به ڪرايئه ۽ للت راڳ نه وڌئيس! ائين چئي سڄو باجو پيجي ڪڏ ڪوٺي ان ۾ پوري، مٿان قبر اڏي ڇڏيائين.

اياز فقير قلندري طريقت ۾ شامل ٿيڻ جا وڏا وس ڪيا پر سندس چوڻ هو ته هو سيد بدران ڪنهن فقير جو طالب ٿيندو. هڪ دفعي ڪي فقير ڪيس طالب ڪرڻ جو ڏتو ڏئي ڪانئس 50 رپيا وٺي ويا پر هن ڪي مهر نه هنيائون. ڪجهه سالن ڪانپوءِ هو حقاني ڪافيءَ جي مستاني فقير جو طالب ٿيو، جنهن ڪيس تلقين به ڏني ته مهر به هنئي.

اياز کي جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو چوندا هئا ته "ڇڏ غلاميءَ کي، اچ دين تي،" ته همراهه صفا چڙي پوندو هو ۽ پوءِ دين محمد ۽ غلام رسول کي گاريون ڏيندو هو.

اٺ فقير کي هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. سندس پٽ منو ري اولاد گذاري ويو. باقي سندس ڌيءَ کي اولاد آهي جيڪا ڳوٺ ڪانڌي ۾ ويٺل آهي. هاشم فقير جو پٽ رضا محمد عرف رجو ممڻاٽي راڳ ويراڳ ڪندو رهندو آهي ۽ تلي به وڄائيندو آهي، باقي اها ٻي ڳالهه آهي ته راڳين کي پيڇو ڳارائيندي ڳارائيندي پاڻ اڳ وٺي ويندو آهي، جنهن ڪري ڪيس دڙڪا ملندا رهن ٿا.

# نانڪ فقير ماڇي

## ينگ بخور ينگ بخور

نانڪ فقير جو اصل نالوغلام محمد ماڇي هو. ٻلهڙيجي ڳوٺ جو رهندڙ هو. جوانيءَ ۾ وڏو پهلوان هو. ڪم جو اهڙو جاڻنو، جو وڏا وڏا لاهه پاڙئون پٽي وجهندو هو. شروعات ۾ پنهنجيون ٻڪريون چاريندو هو، تڏهن وڏا وڏا جهنگ هئا، هيڏي آبادي نه هئي. هن جي ڏڻ مان هڪ ٻڪري بگهڙ ماري ويو. نانڪ پيرا ڪڍي ڪيڏ لڳس، نيٺ بگهڙ کي ڪهاڙين جا وار ڪري ماري ڇڏيائين.

جوانيءَ ۾ ته ترئين (ٻيلهاڙي) جو وڏو رانديگر هو. هن راند ۾ مخالف رانديگر کي ٽي پيرا تريون هڻي ڇڏائڻ کي چنڊ ۽ چنڊيندڙ کي مهارت سان پڪڙي سوگهو ڪرڻ يا دسڻ کي جهل چيو ويندو آهي. اسان جي تر ۾ بدو مشوري ۽ گلو (نانڪ فقير) ماڇي ان جا شاهه ڪيڏاري هئا. وڏڙا ٻڌائين ٿا بدو مشوري جبل جيڏو پهلوان هو ۽ ان جي پيٺ ۾ غلام محمد عرف گلو ڪجهه به نه هو. پر جڏهن بدو هن کي تريون هڻڻ جي ڪندو هو ته نانڪ ڪيس چنبي يا ٻڪ هڻي سُڪ ڪري ڇڏيندو هو ۽ هو وڏي ڪوشش باوجود ڇڏائي نه سگهندو هو.

اسان ڪيس عمر جي آخري حصي ۾ ڏٺو. ڪلين شيو هوندو هو. صوفي ولايت شاهه هنباهه واري جو طالب هو پر ٻين صوفين وانگر راڳ ويراڳ نه ڪندو هو، البت ٻڌڻ جو گهڻو شوقين هو. سڄو ڏينهن نشي ۾ الوٽ رهندو هو. هڪ دفعو سيد ملوڪ شاهه جي درگاهه مان هڪ همراهه سان رات جو دير سان نڪتو ۽ بند تي چڙهي ڏکڻ طرف وک وڌايائين. ڪلاڪ ڪن ۾ همراهه گاجي ديري پهچي ويا، جتي ڪين خبر پئي ته دگ ڀلجي ويا آهن.

گهڻو وقت حضرت هنباهه ۾ مرشدن جي خدمت ۾ رهيو، ان وقت درگاهه هنباهه شريف جو اڏاوتي ڪم هلي رهيو هو، جنهن ۾ هن مزدور وارو ڪم ڪيو، لاهه ڪڍيائين، گارا ڳاهيائين. سرون ڍويائين. هو مهينن جا مهينا پنهنجي مرشدن جي خدمت ۾ رهندو هو. مون کي قربان فقير ماڇيءَ ٻڌايو ته نانڪ ڪڏهن به راڳ نه ڪيو پر هڪ ڀيري ٻلهڙيجيءَ جي صوفين جو جوڙ جيئڻ ئي هنباهه پهتو ته نانڪ هڪ ڏوهيڙو ڏنو ۽ اسان سڀ حيران ٿي وياسين.

نانڪ فقير جو تڪيہ ڪلام هو "يعني مگر." هو هر ڳالهه کان پوءِ يعني مگر چوندو هو. چون ٿا ته شروع ۾ شادي به ڪئي هئائين. ڇهن مهينن اندر سندس وني گذاري وئي. پوءِ ٻي شادي نه ڪيائين. پنهنجي پاءُ سان گڏ رهندو هو، جيڪي مال رزق وارا هئا. ڪڏهن ڪڏهن چيڙائڻ لاءِ سنگت نانڪ کي چوندي هئي ته ري اولاد مري ويندين، تنهنجو حصو به پائر کائي ويندءِ، سو انهن جون ٻڪريون ڪپائي عيش ڪر." پوءِ ته شروع ٿي ويندو هو: "توهان منهنجي پائرن جي مال ۾ ٻلي واريون اکيون وجهي ويٺا آهيو. اڙي، هنن جو کهول ته ڏسو! هنن وٽ آهي ڇا جو سندن مال کپايان؟"

نانڪ فقير ينگ جو موالي هو. سائو مشروب پيئڻ کان اڳ اها ٻانگ ضرور ڏيندو هو جيڪا درگاهه هنباهه شريف ۾ ڏني ويندي آهي: "ينگ بخور ينگ بخور" فارسيءَ ۾ ڏنل ان سڄي ٻانگ جو مطلب ڪجهه هيئن آهي: "ينگ پيءُ، ينگ پيءُ! هي طهورا جو شراب پيئڻ چڱو ٿئي، نه ته پلي وڃي مسجد جا ٽڪر پتر ميڙ!"

نانڪ فقير 1994ع ۾ وفات ڪئي، ڪيس ٻلهڙيجيءَ جي صالح سوائيءَ واري قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

# گلزار فقير

## ورهاڱي ويل وڇڙي وسريل شخص

سندس اصل نالي جي خبر نہ آهي پر گلزار فقير جي نالي سان مشهور هو. موهن دڙي جي اولهہ طرف ڳوٺ الهيار سارئي جو ويٺل هو. سندس پيءُ ۽ ماءُ هندو هئا. 1947ع واري عظيم سانحي ۾ الائجي ڪهڙي سبب ڪري هن ٻالڪ کي سندس والدين هتي ئي ڇڏي ويا. پوءِ ڪيس سارين پاليو، همراهہ کي مسلمان ڪري سندس نالو گلزار رکيو ويو پر هي نہ هندو ٿيو ۽ نہ ئي مسلمان. جناح فقير جي صحبت ۾ اچي فقير ٿيو ۽ حقاني ڪافيءَ تي وڃي طالب ٿيو. سڄي عمر شادي نہ ڪيائين. ان جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هندو هئڻ ڪري ڪير بہ ڪيس سگ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو.

ڳوٺ الهيار سارئي ۾ دادو ڪئنال جي ڪپ تي پنهنجو آستانو اڏيائين، جيڪو ڄڻ تہ جنت جو ٽڪرو هو. ان مئخاني تي موتئي ۽ گلاب جا گل بہ رکيل هئا تہ انبن جا وڻ بہ رکيل هئا، صفائي جو بہ بهتر انتظام هو. ڪڏهن ڪڏهن اتي راڳ رنگ جون محفلون بہ ٿينديون هيون. ڪيترائي مسافر مڙا درويش فقير گلزار ڏانهن ايندا رهندا هئا جن جي ننگر پاڻيءَ جو بندوبست ڪندو هو.

گلزار فقير جوانيءَ ۾ سيلاني هو. سنڌ جي، ڪڏهن ڪهڙي تہ ڪڏهن ڪهڙي شهر ۾ وڃي رهندو هو. اتي مزوري مڙي ڪري گذر بسر بہ ڪندو هو تہ گهمندو ڦرندو بہ رهندو هو. راڳ ٻڌڻ جو وڏو شوقين هو پر جوانيءَ ۾ پاڻ بہ ويراڳ ڪندو هو. صدق علي سان جوڙ هوندو هئس جيڪو هارمونيم وڄائيندو هو پر هي يڪتاري تي راڳ ڪندو هو.

ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ فقير يار محمد جي مئخاني تي اڪثر ايندو هو. خاص ڪري جناح فقير باذهہ واري سان گڏجي ايندو رهندو هو يا وري حقاني ڪافي جي سرگرن سيد گدا حسين شاهہ ۽ سندس پائرن سيد حاجن شاهہ جي خدمت ۾ رهندو هو. راڳ رنگ جو بہ شوقين هو. مرداڻي حسن جو پياسي هو. ڪي ماڻهو چوندا هئا تہ هو رڳو خوبصورت ڇوڪرن جو نظارو ڪندو آهي. جڏهن تہ ڪن ماڻهن جي راءِ ان جي ابتڙ هئي.

توڙي جو گلزار فقير 70ورهين جو هو، پر هانيءَ ۽ قد بت ۾ چاليهن پنجيتاليهن ورهين جو لڳندو هو. قلندري طريقت جا جيڪي اصول ٻڌائيندو هو، اهي بلڪل زردشتين جهڙا هوندا هئا.

سندس مئخاني تي ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا هوندا هئا. سڄي ڄمار گذري ويس پر مائٽن سندس ڪا سار نہ لڌي تہ هُو جيئرو بہ آهي يا ويو ڏيهہ ڇڏي. نہ وري سندس مائٽن جي ئي خبر پئجي سگهي تہ اهي ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهن.

هن جي مئخاني تي جيڪو نلڪو لڳل آهي، ان ۾ اهڙو تہ ٿڌو پاڻي آهي، جو گرمين جي مند ۾ ماڻهو اهو پري ويندا آهن. گلزار فقير وصال کان بہ چار ورهيہ اڳ پنهنجو مئخانو درگاهہ متاري جي گادي نشين سيد عيدل شاهہ عرف پڇل شاهہ جي نالي ڪري ڇڏيو هو. هن پڇل شاهہ کي مئخاني جو مهتمم بنائڻ سان گڏ بہ چار ٻيا ماڻهو بہ اِن تَرڪي ۾ شامل ڪرايا تہ جيئن ڪو بہ هڪ ماڻهو مئخانو وڪڻي نہ سگهي. سيد عيدل شاهہ بہ ساڳئي نموني مئخاني جي سيوا ۾ مصروف آهي پر هن جي بيمار رهڻ جي ڪري ان جي سنڀال ڳوٺ وارا ڪن ٿا.

گلزار فقير ريڊيا گڏ ڪرڻ جو شوقين هو. سندس ڪمرو ريڊين سان ڀريل هوندو هو. ڇاڪاڻ جو ريڊيو وڻ جي ٻن ڏينهن ۾ ان کي ڪولي ڇڏيندو هو. گلزار فقير 2009ع ۾ وفات ڪئي، کيس پنهنجي قائم ڪيل مئخاني ۾ دفن ڪيو ويو آهي، جتي اڄ بہ ماڻهن جي اچ وڃ جاري آهي پر گلزار فقير وارا اصول نہ رهيا آهن.

# غلام محمد عرف غلامو ٻالو

## چوٽان چوٽ چرياڻ

اسان جڏهن ڪيس ڏٺو، چوٽان چوٽ چريو ڏٺو. پاڻ ڪي ڏڪ هڻندي ڏٺو. پاڻ سان ڳالهائيندي ۽ گاريون ڏيندي ڏٺو. سدائين لڳين اگهاڙو ڏٺو پر چون ٿا ته جوانيءَ ۾ سندس جلوا ئي ٻيا هئا. سچي ٿر ۾ جيڪڏهن خوش پوشاڪ هو ته غلام محمد جويو هو. مهين دڙي جي اولهه ۾ بگي ڳوٺ جو وينل هو. هُو ۽ سندس پاءُ مهين جي دڙي تي سينيٽري ورڪر هئا. هي اڪثر پرت پريل ڪپڙا اوڍيندو هو، ايستائين جو سندس گنجيون به پرت پريل هونديون هيون.

ڪنهن جاءِ تي سندس لنئون لڳل هئي. جيئن ته عشق ۾ مشڪ لڪي نٿا سگهن، تيئن هن جو به نينهن نروار ٿي ويو. پوءِ هڪ رات ڪي شاهينگ سندس اڳ جهلي بيٺا ۽ ڪيس اڌمُئو ڪري اڇلائي ڇڏيائون. سنت ئي ڪيس نوڪريءَ تان به جواب مليو. ان ڪانپوءِ وڏو صدمو اهو ته هن جي پيار ڪي ڪنهن پئي هنڌ پرڻايو ويو. پنهنجي وجود جي حصي ڪان پاڻ کي ڌار ڏسي غلامو هوش وڃائي ويٺو ۽ مهين دڙي جي مٽيءَ کي الوداع چئي وڃي سيوهڻ جا وڻ وسايائين. اتي هو حقانيءَ جي ڪافي تي دست بيعت ٿيو. ڪي سال اتي مٽيون پريائين، ٻهاريون ڏنائين پر لڳي ٿو ته روحانيت جي دنيا به ڪيس رانئي نه سگهي ۽ هُو صفا هوش وڃائي پنهنجي ماڳ تي موٽي آيو.

اسان ڪيس ڏسي ڊڄي ويندا هئاسين پر مئخاني ۾ وڃڻ سان معلوم ٿيو ته هن جا نرالا رنگ هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڳائيندو به هو. پٺاڻي صاحب جي سر سهڻيءَ مان، "سارو لوڪ رسي تان رسي، هڪ يار نه مون ڪان رسي" ۽ ڪجھ ٻيا ڪلام ڳائيندو هو. سنا آواز هئس ۽ لڳندو هو ته ڪيس ٿوري گهڻي راڳ جي سڪيا مليل هئي.

ڪڏهن به ٻين جو گلاس استعمال نه ڪندو هو ۽ جڏهن ڪيس چئبو هو ته "غلام پاڻي ته پيار" تڏهن جواب ۾ چوندو هو، "سائين بابا، گاريون ته نه ڏيو!" جڏهن ڪانئس پڇبو هو ته "غلام! يار جو نالو ٻڌاءِ؟" ته فقير يارمحمد ڪي دانهن ڏئي چوندو هو "بابا، هي مون کي گاريون ٿا ڏين،" ۽ ائين چئي اتي هليو ويندو هو.

سچي ڏوڪري تعلقي جا ماڻهو ڪيس خدا جو پهتل ٻانهو سمجهندا هئا ۽ ڪي ته سندس ڪرامتون به بيان ڪندا هئا، جن تي اعتبار نه ٿو ڪري سگهجي. ڏيرن جو سائين سچل شاهه ٻڌائيندو هو ته هن هڪ پيري گهوڙي گاڏيءَ تي ايندي هاٽوڪي ڪيڊٽ ڪاليج واري هنڌ غلاموءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ٽيل ڏٺو پر جڏهن هو فقير يارمحمد واري مئخاني تي پهتو ته غلاموءَ کي اڳ ئي اتي موجود ڏٺائين."

فقير يار محمد چوندو هو ته درگاهه ملوڪ شاهه تي رياضت ڪندي ڪيس سيد ملوڪ شاهه خواب ۾ درشن ڪرائيندو هو پر غلاموءَ جي صورت ۾. ان ڪري فقير يارمحمد غلاموءَ جي تمام گهڻي تعظيم ڪندو هو.

ڏوڪري شهر واسي ڪيس ڦوڙاڻي فقير سڏيندا هئا ته ڪي ڪيس غلامو ٻالو به سڏيندا هئا. رڪي رڪي اهڙو گفتو ڪندو هو جو ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا. چرس جو وڏو موالي هو، جڏهن به مئخاني تي ايندو هو ته جيڪو چرس هوندو هئس ان جا ٻه حصا ڪري هڪ حصو فقراءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو ۽ هڪ حصو پاڻ ڇڪيندو هو. پنهنجي هٿ تي چلم ڪڏهن نه پيتائين، ڪيس ٻيا پنهنجي هٿ تي ڇڪائيندا هئا. وڏي مزي سان پيئندو هو. ڪيس ماڻهو ڏوڪڙ ڏيندا هئا، جن مان رڳو سگريٽ ۽ چرس وٺندو هو.

جڏهن به بک لڳندي هئس ته ماني گهري وٺندو هو. پليءَ جو ساڳ پسند هوندو هئس ۽ مکڻ جي گهُر ڪندو هو. لسي ڪڏهن نه پيتائين. هڪ دفعي مئخاني تي اچي ماني طلب ڪيائين. جواڻ سولنگي ڪيس چيو: غلامو، ماني موجود آهي پر ڀاڄي صفا نه آهي. غلام ٺهه پهه وراڻيس، ”سائين، توهان ته امير ماڻهو آهيو، رکي سکي ڪائي ويندؤ پر اسان غريب ماڻهن لاءِ ته بندوبست ڪريو.“

اسان ڪي ڪڏهن ڪڏهن مکڻ مانيءَ جي فرمائش ڪندو هو. اتفاق سان مکڻ موجود نه هوندو هو ته ڊالدا گيهه ڪٽي سندس اڳيان پيش ڪندا هئاسين. پوءِ سمجهي ويندو هو ته اڄ گهر ۾ لسيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. ان جي باوجود جيڪڏهن ڪيس ڪو چوندو هو ته غلام مکڻ نه پر گيهه آندو اٿن، تڏهن سمجهي به چوندو هو، ”نه بابا، هي مکڻ آهي.“

غلام ڪنهن به ماڻهوءَ کي قميض يا پوتڙي جي صدا هڻندو هو ته اهو ڪيس ڏئي ڇڏيندو هو پر اها ئي گهڙي هو ان کي وڪٽي وري پوچو ٻڏي گهمندو وتندو هو. پئسن مان رڳو چرس ۽ سگريٽ وٺندو هو. مئخاني ۾ ويٺي ويٺي چوندو هو: ”بابا سوا لک رپيو ملندو، لک جو چرس وٺنداسين ۽ پنجويهن هزارن جا سگريٽ، پنهنجي زندگي سٺي نموني گذري ويندي.“ اسانجي ڳوٺ جا گهٽا چريا هئا پر غلاموءَ کي جڏهن سائين گل شاهه مستيءَ ۾ ڏسندو هو ته پنهنجو رعب تاب وساري نماڻو ٿي مئخاني ۾ ويٺلن کي چوندو هو، ”بابا، غلاموءَ ڪان ٿي بيهو ته مان ٿپي وڃان.“ پر جڏهن غلامو ڏاڏي خوشحال جو آواز ٻڌندو هو ته چوندو هو، ”سائين، اچيوَ ٿو چريو!“ ائين چئي پاڻ اٿي هليو ويندو هو.

اسان مهين دڙي جي مڊل اسڪول ۾ پڙهائيءَ دوران واپسيءَ تي ٻلهڙيجي تائين پنڌ ايندا هئاسين. هڪ ڏينهن ائين سمجهه ۾ آيو ته ڪو ماڻهن جو ٽولو آهي، جيڪو پاڻ ۾ وڙهي رهيو آهي. هڪبئي کي گاريون به ڏين ٿا ۽ ڌڪ به هڻن ٿا. پوءِ خبر پئي ته اهو غلامو هو، جيڪو الائي ڪنهن کي گاريون ڏئي رهيو هو ۽ چانهن وارو ڪوپ پنهنجي نرڙ تي هڻي رهيو هو، نرڙ مان رت ٽيڏيون ڪري وهي رهيو هئس. هن 1988ع ۾ روڊ حادثي ۾ دم ڏنو. درگاهه سخي شاهه جمال تي سندس جماڻو ڪيو ويو، جنهن ۾ تر جي سڄي سنگت شريڪ ٿي هئي.

# رياضت فقير ابڙو

**حق هادي ...!**

محبوب علي المعروف رياضت فقير ابڙو ٻلهڙيجيءَ جي چڱي مڙس حاجي حسين ابڙي جو پوٽو هو. وڏو چرچائي مڙس ۽ دوستي نڀائڻ وارو ماڻهو هو. غريب هو پر دل جو سخي مڙس هو. شروعاتي زندگيءَ ۾ ڪاٽڪن ۽ چورن سان ياري هئس. پاڻ چوريءَ جي ڪڏهن ويجهو به نه ويو، پر دوستن جي خاطر گهڻو سٺائين. ان جي باوجود توڙ تائين انهن کان منهن نه مٽيائين. اڌ وهيءَ ۾ طالب ٿيڻ جو شوق ٿيس. سندس خاندان ملان هو. جن وڏي ڪوشش ڪئي ته هي ان ڪم کان باز اچي، پر همراهه مڙڻ جو ڪاٿي هو. سيوهڻ جي حقاني ڪافي ڏانهن دلي لاڙو هئس. سيد يتيم شاهه جي دست بيعت ٿيو، جنهن کيس قلندري طريقت جي مهر به هنئي ته تلقين به ڏني. جڏهن ڏاڙهي، مڇون، پرون ۽ مٿو ڪوڙي کيس درسني ڏيکاري وئي ته هن پنهنجي صورت ڏسي چيو ”حق هادي! جهڙو هئم حرامي، تهڙي ڪيئي تعدي! “ پاڻ ئي ٻڌائيندو هو ته جڏهن هو درگاهه ملوڪ شاهه کان تلقين ڏياري سير (بکيا مگڻ) ڪرڻ لاءِ بند تان گذري رهيو هو ته پتڻ کان ڪجهه همراهه اچي رهيا هئا. جن کي سندس حالت ڏسي تعجب ٿيو ۽ ٺيڪ ان وقت وڏيرو خاڪو ابڙو درگاهه تي وجي رهيو هو. انهن همراهن محبوب سان ته ڪجهه نه ڳالهايو، باقي وڏيري خاڪي کان پڇيائيون ته چاچا هن همراهه سان ههڙي ويڌن ڇو ٿي آهي؟ تڏهن خاڪي ابڙي کين چيو ته ”ٻڪريءَ سان برو فعل ڪندي پڪڙجي پيو آ.تڏهن هيءُ حالت ٿي اٿس!“ پوءِ ته انهن همراهن چيو ”چڱو ٿيس، اهڙي..... سان ائين ئي ٿيڻ گهرجي.“

محبوب ابڙي جي، جوانيءَ ۾ ڌاڙيل قادن سرگاٽيءَ سان ۽ بابا (اڪن پيرزادي) سان دوستي هئي، جيڪا ساڻن نڀائيندو آيو. جڏهن به کيس ڪا خبر پوندي هئي ته مٿن ڏکيو وقت اچڻ وارو آهي ته هي وٽن پهچي ويندو هو ۽ سندن هر طرح جي مدد ڪندو هو. محبوب نه رڳو سندن مدد ڪندو هو پر سندن دوستيءَ جي هام به هڻندو هو ته منهنجي قادن ۽ اڪن سان دوستي آهي. جنهن ڪري سدائين پوليس وارا پڪڙي ويندا هئس پر همراهه دوستيءَ تان ڪڏهن به هٽ نه ڪنيو. البت هڪ دفعو کيس آرميءَ وارا کڻي ويا، جن مٿس انتهائي سخت تشدد ڪيو. 3 مهينا مسلسل کيس اوجاڳا ڪرايا ويا. سگريٽن سان ڏنڀ ڏنا ويا. اتي هن آرميءَ جي آفيسرن کي صاف صاف ٻڌايو ته ”منهنجا قادن سرگاٽيءَ سان دوستي وارا لاڳاپا ضرور آهن باقي مان ساڻن ڪنهن به ڏوهه ۾ شريڪ ناهيان.“

رياضت فقير سالن جا سال سيوهڻ ۾ رهيو، جتي حقاني ڪافيءَ جي بتي سنڀاليندو هو. هو ڪيترائي پيرا سيوهڻ کان شاهه نوراني تائين لاهوت واري سفر ۾ پيادل هليو. عمر جي آخري حصي ۾ ميهر فقير ۽ پير باغ علي سان گڏ مشهد ۾ امام علي رضا ۽ ڪربلا معليٰ جي زيارت به ڪري آيو. اتي هي سيوهڻ وارن فقيرن جي ست رنگي ٽوپيءَ پائي ويو هو. ٻڌايائين ته ڪيترائي زوار هن جي ان فقيراڻي ٽوپي کي بوسا ڏئي رهيا هئا.

عمر جي آخري حصي ۾ شادي ڪيائين پر اها شادي به سندس سيلاني طبعيت ۾ ونگ وجهي نه سگهي. هن جا سير سفر جاري رهندا آيا. دوستن جو هن ۾ ڪم پئجي ويندو هو ته انهن کان ڪڏهن به ڪنڌ نه ڪڍائيندو هو. ٻڪ توڙي سڪ ۾ دوستن سان گڏ هوندو هو.

گهڻي ڳالهائڻ جي عادت هئس، نشو بہ ڪندو هو پر ڪارڙي تتر لاءِ جيئن مشهور آهي تہ هو پاڻي ڏسندو تہ پيئندو نہ تہ ڪيس ان جي ضرورت ئي نہ پوندي آهي. هيءُ بہ چرس ڏسندو هو تہ پيئندو هو، نہ تہ ان جي طلب نہ ڪندو هو.

2011ع ۾ ڪيس سندس ڏاريل سانُ ٽڪر هنيو، جيڪو پڇائي نہ سگهيو ۽ لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. لاڏاڻي وقت سندس عمر اٽڪل 70 ورهيہ هئي.

# سيد يوسف علي شاھ بخاري

**سدا سُوئيتو ڪاپڙي**

سدائين سُوئيتن وانگر ڪارو ويس، سڄي هٿ جي سيني آڱرين ۾ قيمتي پٿرن جون مُنڊيون، ڪَرائيءَ ۾ چانديءَ جو ڪولابو، ڳچيءَ ۾ عقيقَ جو ڪَنٺو، هڪ ڪَن ۾ ياقوتي دُر، ڪلهي ۾ ڪِشتو، مٿي تي اڪثر سنڌي ٽوپي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪارو پَٽڪو ۽ هٿ ۾ ڪارو حيدري ڏنڊو. موڪرو مُنهن، چاپئين ڏاڙهي، اڪيون مشعل، ڏڳها چلا وار جيڪي سدائين واسينگن وانگر ڪلهن تي پيا رقص ڪندا هئس. اهو هو مهين دڙي پرسان ڳوٺ ٻُتڙا جو سيد زوار حاجي يوسف علي شاھ بخاري. هن رڳو فقيرن وارو ويس ئي نہ ڪيو هو پر پنهنجي عمل، ڪردار ۽ سياءَ ۾ بہ فقير هو. سخاوت، مهمان نوازي، درگذر ڪرڻ ۽ انسانذات سان بغير ذات، مذهب، رنگ ۽ نسل جي محبت ڪرڻ واريون خصلتون تہ موجود هئس پر شاعري، لوڪ ادب، راندين ۽ موسيقيءَ سان چاھ، سندس شخصيت جا اضافي پهلو هئا.

سيد يوسف علي شاھ ڳوٺ ٻتڙا ۾ تاريخ 18 نومبر 1942ع تي سيد شهنشاھ بخاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندن اباڻو ڳوٺ شاھ ڳڙھ لڳ پير جيوڻ شاھ تعلقو رتوديرو آهي، جتي سندن وڏڙا مدفون آهن. سندن والد سيد شهنشاھ بخاري پنهنجي وقت جو وڏو ويجُ ۽ مريدن خادمن وارو هو. سندس مريديءَ جو حلقو سنڌ ۽ بلوچستان تائين پکڙيل هو. سيد شهنشاھ ڪي پوليس ۾ نوڪري هئي پر هن پوليس جي روايتي انداز کان نفرت ڪندي جلد ئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي.

سيد يوسف علي شاھ پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائمري پنج درجا پڙهي پر واري ڳوٺ مان فائنل پاس ڪئي. ان وقت سنڌي فائنل جو وڏو مان هو، ان ڪري جيڪڏهن هو چاهي ها تہ ڪا سرڪاري نوڪري وٺي پئي سگهيو پر هن اهڙي ڪا بہ تمنا نہ رکي ۽ فقيري راھ اختيار ڪئي. هو، سيلاني شخص هو. سندس زندگيءَ جو گهڻو حصو مسافري ۽ مريدن خادمن ۾ گذريو. هو سنڌ جي صوفي بزرگن جي ميلن وغيره ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪندو هو ۽ راڳ ويراڳ جي محفلن ڪي تمام گهڻو پسند ڪند هو. پنهنجي فقيرن سان سيوهڻ شريف کان پيادل لاهوت لامڪان جو سفر ڪري لاهوتي ٿيو. اهڙي ئي نموني ايران ۽ عراق ياترا ڪري زواري بہ حاصل ڪئي ۽ هڪ دفعو ڪعبتہ الله جي چانئٺ چمي حج جي سعادت بہ ماڻيائين. اهڙي طرح هو حاجي بہ هو تہ زوار ۽ لاهوتي بہ هو.

شاھ صاحب ڪي خانداني وراثت موجب جيڪي مريد مليا هئا، جيڪڏهن روايتي پيرن وانگر مال ميڙي ها تہ گهڻو ڪجھ ٺاهي پئي سگهيو پر هن مايا ڪي ڪا بہ اهميت نہ ڏني، جيڪو ڪجھ ننگر نياز ۾ مليو اهو اتي ئي ونڊي ورهائي ڇڏيو. جتي بہ سندس منزل ٿيندي هئي اتي رنگ رچي ويندا هئا ۽ بَرن ۾ بهاريون ٿي ويندڙيون هيون.

سيد يوسف علي شاھ ڀِٽائي سرڪار جو طالب هو. شاھ جو رسالو اڪثر ساڻس گڏ هوندو هو ۽ شاھ جا بيت نهايت خوش آواز ۽ روانيءَ سان پڙهندو هو. مذهبي تفرقي کان ڪوهين ڏور هو. هندو مومن سان محبت جا ميل مچائڻ جو قائل هو. توڙي جو پاڻ لطيف سرڪار جي درگاھ جو طالب هو تڏهن بہ صوفي شاھ ولايت هنباھ واري سان وڏي عقيدت ۽ انسيت هئس. صوفين وانگر صورت آڏو سِرُ نوائڻ جو قائل هو. راڳ، رقص ۽ ساز سرود سان ساھ هئس. آواز مٺو ۽ رَسيلو هئس. هارمونيم بہ وڄائيندو هو تہ ڪڏهن ڍولڪ ۽ مَٽيءَ تي بہ هٿ هڻندو هو. قرآن پاڪ جو سنديافتہ قاري نہ هو پر اهڙي تہ سوز سان قرائت ڪندو هو جو ماڻهن تي سحر طاري ٿي ويندو هو ۽ اڄ بہ

سائينءَ جي مريدن ۾ تر جي ماڻهن کي هيئن چوندي ٻڌبو آهي تہ ”قرآن شريف پڙهي تہ سائين يوسف شاھ!“ سندس تعلق اثنا عشري شيعن سان هو پر هو مذهبي تعصب ۽ ڪٽرپڻي کان بلڪل پري هو. اهو ئي سبب هو جو ڳوٺ ۾ عيد جي نماز سڀني مَسلڪ وارن کي گڏ پڙهائيندو هو ۽ سڄي ڳوٺ جي هڪ ئي عيد نماز ٿيندي هئي. سندس وصال کانپوءِ اڄ اُن ڳوٺ ۾ ٽن مسلڪن وارا ڌار ڌار عيد نماز پڙهن ٿا.

سيد يوسف علي شاھ هر سال محبڻ سائينءَ جي ميلي کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي والد سيد شهنشاھ بخاريءَ جو ميلو لڳرائيندو هو جتي سهراب فقير سميت سنڌ جاسريلا راڳي ۽ مشهور ملھ پهلوان شريڪ ٿيندا هئا. ميلي ۾ ننگر جو تمام سٺو انتظام ٿيندو هو ۽ هو پنهنجي هٿن سان آيل ماڻهن کي ننگر ڪرائيندي سرهائي محسوس ڪندو هو. هو اڪثر ڪري گهر کان ٻاهر سنگت فقراءَ سان ماني کائڻ پسند ڪندو هو ۽ رستي ويندڙ ماڻهن کي سڏي گڏ ماني کارائيندو هو. هو، کٽ کان وڌيڪ پَٽ تي ويهڻ، کائڻ ۽ سمهڻ پسند ڪندو هو. پنهنجي پُٽن جي ڦُهر جي ڪاڄ تي ميلو لڳرايو هو جنهن ۾ ٽي ڏينهن راڳ ويراڳ بہ جاري رهيو تہ ملاکڙو بہ ٿيندو رهيو، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي بيگم فقيرياڻي ۽ سندس پُٽ فقير گل حسن گل ميراڻي ٽي ڏينهن لڳاتار ڳايو.

هن جو پنهنجي خاص فقيرن منجهان محمد آچر عرف ممتاز فقير سهاڳ سان اهڙو روحاني رشتو هو جهڙو بيڪس جو ڪنعيي سان، سرمد جو ابيچند سان. ممتاز فقير تقريبن پندرهن سالن جي ڄمار ۾ سائينءَ جو طالب ٿيو، جيئن تہ فقير تمام سندر صورت ۽ سيرت جو مالڪ هو، جنهن تي سائينءَ جو تمام گهڻو راز ۽ خيال هوندو هو. ممتاز فقير جي سڄي تعليم تربيت هن پاڻ ڪئي. ايتري تائين جو پنهنجي ڪنهن مريد جي معرفت ڪيس اريگيشن کاتي ۾ فون آپريٽر جي نوڪري بہ وٺي ڏنائين ۽ پنهنجي هٿن سان شادي ڪرائي خيرپور ۾ گهر وٺي ڏئي آباد ڪيائينس.

رمضان ۾ ڪنهن اڪيلي مسجد ۾ ڏهاڪي ۾ ويهندو هو ۽ صرف هڪ عدد کارڪ، لوڻ ۽ پاڻيءَ تي روزو رکندو ۽ چوڙيندو هو. انهن ڏهن ڏينهن دوران صرف هڪ فقير خدمتگذار رکندو هو جيڪو بہ ساڻن پردي ۾ يا سڄ لهڻ کان پوءِ اونداهيءَ ۾ ملندو هو. ڏهن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڏهاڪي مان نڪرندو هو تہ تيرڪمان جيان سنهڙو ۽ تمام ضعيف ٿي ويندو هو مريد ۽ عقيدمند ڪيس مسجد کان ڪلهن تي دُهلن شرناين سان سرڪس جي صورت ۾ رهائشگاه ڏانهن وٺي ايندا هئا. مريد ٻڌائين ٿا تہ سائين وڏا صاحبِ ڪرامت هئا ۽ ان جا ڪيترا ئي معجزا اڄ بہ وڏي اعتماد ۽ عقيدت سان بيان ڪن ٿا. هو ڪيترو صاحبِ ڪرامت هُو اهو تہ خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو پر سڀ کان وڏي ڪرامت حضرت عشق آهي، جنهنجي چاھ جو ڇُڪڙو سَيد يوسف شاھ ضرور ڇَکيو هو.

هن مال ميڙڻ بجاءِ ماڻهو پنهنجي ملڪيت سمجهيا ۽ رڳو قرب ڪمايو. هو ان حوالي سان بہ ڀاڳن ڀريو هو تہ هن شادي خاندان کان ٻاهر هڪ پڙهيل لکيل عورت سان ڪئي. سندن اولاد اڃا ننڍڙو ئي هو جو سائين جگر جي بيماريءَ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندن اچانڪ وفات سندس زوجہ لاءِ هڪ وڏو امتحان هو پر ان اڪيلي خاتون وڏي همٿ، بهادري ۽ ڏاهپ سان پنهنجي اولاد جي تمام سٺي تعليم ۽ تربيت ڪئي. سائين جا پنج ئي پُٽ اعليٰ تعليم يافتہ، مهذب ۽ سٺي مقام تي فائز آهن. سندس وڏو پُٽ ڊاڪٽر سيد گداحسين بخاري جيڪو هن وقت درگاه جو گادي نشين پڻ آهي، سٺو انسان، سٺو ويڄ، اديب، شاعر ۽ سماج سڌارڪ آهي. صحت ۽ ٻين موضوعن تي لکيل سندس مضمون اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ پڻ شايع ٿيندا رهن ٿا.

سيد يوسف علي شاھ 23 جون 1988ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو ۽ هن وقت ڳوٺ ٻٽڙا ۾ پنهنجي والد سيد شهنشاھ بخاري (مرحوم) جي مقبري ۾ سندس پير سان ابدي آرامي آهي.

# پير باغن

## سيلاني، غيرسيد پير

باغ علي پيرزادو عرف پير باغن ٻلهڙيجيءَ جو دلچسپ ڪردار آهي. هيءُ هڪ ئي وقت ليکڪ، پير، شاعر، اداڪار، استاد، مهم جو ۽ سيلاني به آهي ته ساڳئي وقت پنهنجي برادريءَ جو چڱو مڙس ۽ درگاهه سخي شاهه جمال جو شيواداري به آهي. قد جو پورو، رنگ جو پورو، ڪثرتي بدن وارو، پير باغن توڙي جو 60 ورهين جي ڄمار ڪان ڇڙهي هليو آهي، تڏهن به 30 ورهين جو جوان لڳندو آهي.

باغ علي 1954ع ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ ميان عبداللطيف عرف رتل پيرزادي جي گهر ۾ پيدا ٿيو، جيڪو هڪ ننڍڙو سرڪاري ملازم هئڻ سان گڏ لواري واري نقشبندي جماعت جو مک اڳواڻ هو. سندس ڏاڏو محمد صديق پيرزادو درگاهه لواري شريف جو خاص خليفو ۽ گادي نشين جو مقرب هو. هو تاريخدان به هو ۽ وٽس ڪتابن جو چڱو خاصو ذخيرو موجود هو. پير باغ علي پنجون درجو پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهي، ڇهين ڪلاس ۾ ڏوڪريءَ ۾ داخلا ورتي. همراهه جي نصابي سرگرمين سان گهٽ پوندي هئي ۽ غيرنصابي سرگرمين ۾ تيز هو. ان ڪري نائين درجي جي امتحان ۾ رڳو سنڌي سبجيڪٽ ۾ پاس ٿي سگهيو. جڏهن گهر ۾ ڪانئس ان بابت پڇاڻو ڪيو ويو ته وراڻيائين:

”جيڪڏهن مان ٻيا سڀ سبجيڪٽ پاس ڪيان ها ۽ سنڌيءَ ۾ ناپاس ٿيان ها ته توهان کي سزا جو حق هو. مان پنهنجي ٻوليءَ وارو سبجيڪٽ پاس ڪيو آهي، توهان کي خوشي ٿيڻ کپي.“

پوءِ پڙهائي ڇڏيائين. انين درجي تي ڪيس هڪ سرڪاري کاتي ۾ جونيئر ڪلارڪ جي نوڪري ملي. اها ڇڏي ايئرپورٽ ڊولپمينٽ اٿارٽي جو ملازم ٿيو پر اها نوڪري به ڪيس ڀانءِ نه پئي ۽ همراهه پوليس ۾ ڀرتي ٿيو. ٽريننگ مڪمل مس ڪيائين ته ان نوڪريءَ مان به دل کٽي ٿي پيس ۽ همراهه وڃي فوج ۾ ڀرتي ٿيو. پنج ست ورهيه فوج جي نوڪري ڪري ڪڪ ٿي پيو ۽ نيٺ اهڙو سرٽيفڪيٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جنهن جي ڪري ورديءَ مان سندس جند آجي ٿي ۽ 1983ع ۾ پي ٽي آءِ مقرر ٿيو. شروع ۾ پائليٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو، وڳڻ، ڊي سي اسڪول لاڙڪاڻو ۽ پوءِ هاءِ اسڪول موهن جو دڙو ۾ نوڪري ڪيائين. نوڪريءَ دوران ئي همراهه ميٽرڪ، انٽر ۽ بي اي ڪئي ۽ 17 هين گريڊ ۾ وڃي رٽائر ٿيو.

توڙي جو هيءُ همراهه پنهنجي پيءُ جو چوٿون نمبر پٽ هو پر پيءُ جي پڳ سندس حصي ۾ آئي جو سندس ٽي وڏا ڀائر جان محمد، ممتاز ۽ عبدالعليم عرف زادو پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي جواني جو موت ماڻي چڪا هئا، جن مان جان محمد ۽ ممتاز ته منهن تي موڙ ئي نه ٻڌا هئا، باقي ڀائو عليم کي پٽاڻو اولاد نه ٿيو. ميان عبداللطيف جي وفات بعد خانداني پڳ مٿس آئي. پيرزادن جي هڪ ويڙهي جي سمورن گهرن کي ٿورا ٿورا مريد آهن، جيڪي سڀ سخي شاهه جمال جا مريد هئا پر خليفي صديق کي پنهنجا ذاتي مريد به هئا. ان ڪري سيني کان گهڻا مريد پير باغ وٽ آهن، جيڪو ساڻن ڏک سور ۾ شريڪ هوندو آهي. سندس دعا ڪو رنگ لائي ٿي يا نه، اها ته خدا کي خبر پر پير صاحب ساڻن ڳنڍيل آهي ۽ هو هر صلاح ساڻس ڪندا آهن.

اسڪول واري وقت ۾ سندس لاڙو اداڪاريءَ ڏانهن هو، جو ان وقت ڳوٺ جا استاد غلام رسول منگي، عيدل خان سومرو ۽ عبدالرحيم پيرزادو اسٽيج ڊراما ڪندا هئا. جن سان پير باغ علي، علي مردان پيرزادو، سيد ولايت شاهه، شمن جيسر، بخشل جيسر ۽ ٻيا سندن سات ۾ هوندا هئا. 1970ع ۾ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ پير باغ ”وحشي وڏيرا ۽ رهزن ڌاڙيل“ جي نالي سان ڊرامو پيش ڪيو، جنهن کي ڪهاڻي، مزاح ۽ جاندار ڊائلاگن جي ڪري ڏاڍو پسند ڪيو ويو. پوئتي پيل علائقي ۾ اهڙين سرگرمين عوام کي سٺي تفريح ڏني. توڙي جو هن ڊرامي کي 45 سالن جو وقت

گذري چڪو آهي پر اڄ به ڪيترن ئي ماڻهن کي اهو ڊرامو ياد آهي. ان کانپوءِ پير صاحب جي ڊرامن ۾ دلچسپي نه رهي.

1997ع ۾ فقير يارمحمد پيرزادي جي وفات کانپوءِ درگاهه سخي شاهه جمال جي سنڀال جي ذميواري مٿس وڌي وئي. ان وقت درگاهه جي حالت انتهائي زبون هئي. درگاهه هيناهين تي هئڻ ڪري مينهن وسڻ کانپوءِ ان جو اڳئين پاڻي سان ڀريل هوندو هو. گپ چڪ سبب ايندڙ ويندڙ ماڻهو پيا ترڪندا هئا. پير باغن سڄي ميدان ۾ 6 فوٽ ڪن ڀرتي وجهائي ان کي مٽي ڪري ڇڏيو. پيرزادا چوندا هئا ته سخي شاهه جمال روضي ٺهڻ تي ارهو آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪير روضو ٺاهيندو ته اهو نقصان ۾ ويندو. پير باغن ان کي چيلنج ڪري ورتو ۽ سخي شاهه جمال جو روضو ٺهرايو، جيڪو اڏاوتي فن جو شاهڪار آهي.هيءُ روضو مسڻ ڳوٺ جي ڪاريگر استاد رمضان مسڻ ٺاهيو. روضو هيٺ چوڪنڊو، وچ تي اٺ ڪنڊو ۽ مٿي گول آهي، جنهن جي مٿئين ڀڃري تي سنگ مرمر جو ڪم ٿيل آهي. اندر ملتان جي ميناڪارن کان شيشي جو عمدو ڪم ڪرايو ويو آهي. اهڙي نموني درگاهه جي اڳر تي هڪ مسجد ۽ فقراءُ جي رهائش لاءِ لانديون به ٺهرايون ويون. سخي شاهه جمال جي ٻارهي جا يادگار پروگرام ڪرايا ويا آهن.

پير باغن جو محبوب مشغلو سياحت ۽ سير سفر آهي. اڃا ميچن جي ساوڪ مس آئي هيس جو 1968ع ۾ لطف ۽ خان پيرزادي سان لاهوت لاءِ نڪري پيو. همراهن وٽ سفر جو سمر به نه هو. بس فقيراڻي انداز ۾ لاهوت ڪري موٽيا، جنهن کانپوءِ سندس سير سفر جو سلسلو شروع ٿيو. سنڌ جون سموريون درگاهون ته ڏسي چڪو آهي پر پنجاب، بلوچستان، پختونخواهه تائين درگاهون پيٽيندو رهندو آهي. هاڻ ته پنهنجون گاڏين اٿس پر جڏهن اهڙي سهولت ڪان وانجهيل هو، تڏهن به فقراء جو ٽولو وٺي موهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن تي پهچندو هو، پوءِ ڪڏهن کهڙي پاسي ته ڪڏهن کهڙي پاسي نڪري پوندا هئا. ڪيترائي ڀيرا سيوهڻ جي لال باغ کان لاهوت لامڪان جو پنڌ ڪيائين، اهو پنڌ فقراء 12 کان 15 ڏينهن ۾ ڪندا آهن پر هي همراهه اهو پنڌ ڇئن پنجن ڏينهن ۾ پورو ڪري ڇڏيندو هو. پنڌ جو تيز آهي، ان ڪري هن جي پويان ايندڙ فقيرن جي وات اها وائي هوندي آهي "ڏک قلندر-چک نوراني." همراهه سان ساٿ ۾ سمورا بي سمر گڏ هوندا آهن، جن جي ٻاڙي پتي، ڪاڏي پيتي جو سڄو بندوبست سندس ٻلي هوندو آهي. هن جي اهڙن ساٿين ۾ ميهر فقير انصاري، رضا محمد سومرو، غلام ماڇي، رياضت فقير ابڙو شامل هئا، جيڪي هاڻي هن دنيا ۾ نه رهيا آهن. هي پنهنجي ساٿين کي ايران، عراق جون زيارتون به ڪرائي آيو آهي. ميهر فقير ۽ رياضت جي پاسپورٽ ٺهرائڻ کان وٺي ويزا ۽ ٽڪيٽ تائين سڀ خفا پاڻ کي ڪرڻا پيس. پير باغن توڙي جو پاڻ لواري واري جماعت سان لاڳاپيل آهي ۽ درگاهه جي گادي نشين مرحوم گل حسن صاحب جو دست بيعت آهي پر ان باوجود هن جا سيني فقرائن سان به سٺا لاڳاپا آهن. قلندري طريقت جا داعي جلالي فقير هجن يا گيڙو ويس ڍڪيندڙ صوفي، هي سيني سان اٿندو ويهندو آهي. ميهر فقير هن سان هر وقت گڏ هوندو هو پر منجهن اختلاف به چوٽان چوٽ هئا. جيئن ته اسان جي ڳوٺ کان لواري شريف جي درگاهه ڏکڻ طرف آهي، ان ڪري ناجي ان پاسي ڪٽن جا پير ڪڏهن به نه ڪن. پير جي اوطاق تي ڏکڻ پير نه ڪرڻ بابت ميهر فقير سوال پڇيو. جواب ۾ هن چيس "پتائي سرڪار جو چيو آهي ته لڳي ڏکڻ جي هير، مارو منهنجا مير..." اهو ڏکڻ لواري شريف آهي. ان رات محفل ۾ ميهر فقير اها وائي هيئن پڙهي: "ڳُهل اتر جي هير، مارو منهنجا مير، آءٌ هٽ بند ۾ بندياڻي..."

پير باغن لواري جماعت جي مخصوص مسجد جي به سنڀال ڪندڙ آهي ته برادريءَ ۾ پت ۽ مٽائي ورهائڻ وارو ڪم به سندس ٻلي آهي. 60 ورهين جي ڄمار ۾ شگر وارو مرض ٿيو اٿس، پر پوءِ به مٺي چانهه جي چسڪي ضرور هڻندو آهي. پير باغن هوندئن ته سراسر سون آهي، البت وڏن جا ڪتاب ڀين کي ڏيکارڻ به ڏوهه سمجهي ٿو. اسان وڏا وس ۽ حيلا هلائي به خليفي صديق جا ڪتاب نه ڏسي سگهيا آهيون. ان کانسواءِ سخي شاهه جمال جي ٻارهن ۾ ڀريل راڳ جي محفلن جي ڪاپي ڏيڻ به ڪيس پسند ناهي.

پير باغن پن جي ٻيڙيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به نشو نه ڪري، البت فقيرن جي نشي پتي جو بندوبست ضرور ڪندو آهي. هن جي شاعري پنهنجي مرشدن ۽ پنجتن پاڪ جي شان ۾ آهي. سندس هڪ ڪافي لاهوت واري پنڌ تي ٺهيل آهي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ميهر فقير ڳائيندو هو:

موليٰ علي علي آ، ڏس يار آزمائي
محبت وارن کي موليٰ، لاهوت تو گهرائي.
جڏ لال باغ کان سڀ قافلا هلن تا
نادون جڏهن وڃن تيون، ڏونگر جبل ڏکن تا
نادِ علي کي پڙهندي، چنگهڻ ٻہ سر نوائي
محبت وارن کي موليٰ، لاهوت تو گهرائي.

اهو پير باغن جو ڪارنامو آهي جو هو هڪ وقت صوفي راڳين جي محفل ٻہ مچائيندو آهي تہ حافظ سڳورن کان قرآن جو ختمو ٻہ پڙهائيندو آهي. درگاهہ جي صحن تي راڳي بلهي شاهہ جا ٻول پيا ڳائيندا آهن:

وسر ڳئي سڀ خيال
اساندا ڪيا مسيتان نال

هوڏانهن اندر روضي ۾ حافظ سڳورا قرآن پاڪ جي ورد ۾ مصروف هوندا آهن ۽ هي انهن کي چانهہ پياري پاڻ صحن تي راڳ ٻڌڻ ويهي رهندو آهي.

# مزنوءَ طالب فقير ماڇي

## صوفي ۽ جلالي ڪلاڪار پائر

مزنو ۽ يارمحمد المعروف طالب فقير درگاهه ملوڪ شاهه جا مجاور هئا. اهي پيڙهين کان سخي ملوڪ شاهه جي درگاهه سنڀاليندا آيا. شروعات ۾ ٻئي صوفي ولايت شاهه هنباهه واري جا طالب هئا پر پوءِ يار محمد صوفين وارو گيڙو ويس لاهي ڪارو لباس اختيار ڪيو ۽ سيوهڻ جي حقاني ڪافيءَ جي سيد يتيم شاهه جو دست بيعت ٿيو. باقي مزنو فقير عمر جي آخري ساهه تائين سراسر صوفي رهيو. ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ اهڙو ته پيار هو، جنهن جو ڪاٿو ئي نٿو لڳائي سگهجي.

مزنو فقير تمام سريلو راڳي هو ۽ پکواز به وڄائيندو هو. ڳوٺ ۾ راڳائي فقيرن جو ٽولو ناهڻ ۾ وڏو ڪردار مزني فقير جو هو. هن نه رڳو ميهر فقير کي راڳ جي سکيا ڏني پر جانو ماڇيءَ کي پڻ راڳ ۽ پکواز سيکاري. هو سڄو سڄو ڏينهن راڳ ڳائيندو رهندو هو. ڪڏهن ته ملوڪ شاهه جي درگاهه تان راڳ ڳائيندو ڳائيندو سخي شاهه جمال جي درگاهه تي اچي پهچندو هو.

ان دؤر ۾ جڏهن سائين صوفي ولايت شاهه هنباهه وارو پنهنجي فقيرن سان ڳوٺ ۾ ايندو هو ته مزنو فقير پنهنجو ٽولو وٺي مهين دڙي کان سندن استقبال ڪندو هو ۽ پوءِ سمورا صوفي اتان ئي جوڙ ڀري ڳائيندا وڄائيندا ٻلهڙيجي پهچندا هئا، جتي ماڻهن جا ميڙ ڳڏ تي ويندا هئا ۽ صوفي شاهه جمال ۽ پرپور فقير جي مئخاني تي منزلون ڪندا، ملوڪ شاهه جي درگاهه تي پهچندا هئا، جتي سڄو سڄو ڏينهن توڙي رات راڳ ويراڳ جاري رهندو هو.

مزنو فقير استاد علڻ سان گڏ ناچن جو ٽولو وٺي سڄي سنڌ ۾ نڪري پوندو هو. جانو فقير مون کي ٻڌايو ته ”اڳي ناچن کي رڳو سهڻن ڇوڪرن هئڻ ڪري پسند نه ڪيو ويندو هو پر سندن آواز ۽ سُر کي به ڏٺو ويندو هو. ان ڪري مون جهڙي ڪوجهي شڪل واري کي به پنهنجي سنگ ۾ شامل ڪندا هئا.“ (جانو فقير جي منهن تي ماتا جا نشان آهن.)

يارمحمد قلندري طريقت ۾ اچڻ بعد پنهنجو نالو طالب فقير رکيو. هن ڳوٺ ۾ ماتام ڪرائڻ ۽ مجلسون پڙهائڻ جي به ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ ناڪامي پلئه پيس ۽ ٻلهڙيجيءَ جي مذهبي رواداريءَ واري روايتي ماحول ۾ ڪنهن به قسم جو فرق نه پيو. ٻئي همراهه پنهنجي پنهنجي طريقي جا سرگرا هئا، ان ڪري ملوڪ شاهه جي درگاهه تي صوفي ۽ جلالي فقير ايندا رهندا هئا. صوفين جي ميزباني مزنو فقير ۽ جلالين جي ميزباني طالب فقير ڪندو هو. ملوڪ شاهه جي درگاهه تي اڄ به ٻه لانديون ٺهيل آهن، جن مان هڪ صوفين ۽ ٻي جلالين جي سڏجي ٿي. صوفين واري لانديءَ ۾ سر سنگيت جاري رهندو هو ۽ جلالي فقير به پنهنجي لانديءَ ۾ تبرا ڪندا رهندا هئا. مزنو فقير ۽ طالب فقير به سڄو سڄو ڏينهن هڪٻئي سان جهيڙو لايون وينا هوندا هئا پر اهو رڳو لفظن جو جهيڙو هوندو هو، حقيقت ۾ ٻئي هڪٻئي کي ڏاڍو پيار ڪندا هئا. مزني فقير کي گيڙو ويس ۾ ملبوس ڏسي طالب کيس چيڙائيندي چوندو هو، ”سڄو گيڙو ٿي ويو آهين.“ مزنو باهه ٿي چوندو: ”ها، ڪندس ڪندس...... ته گيڙو ڪندس!“

مزني فقير شادي نه ڪئي، باقي يار محمد جي ٻارن کي پاليو. يار محمد فقير به ماڻهن جي خدمت ڪندو هو پر سندس ڪجهه ڳالهيون چيڙائڻ جهڙيون هونديون هيون، جيئن هڪ پوڙهي کي سياري ۾ رات جو مڇ ٻاري ڏنائين ۽ ان

همراهه جڏهن پير گرم ڪرڻ لاءِ مچ مٿان رکيا ته طالب اها ڳالهه برداشت نه ڪري سگهيو ۽ پاڻيءَ جو گهڙو ڪٽي مچ مٿان هاري باهه وسائي ڇڏيائين. ٻيو ته جيڪڏهن ڪڇريءَ ۾ ڪو ڪانپ ٻڌي ويهندو هو ته ان کي به برداشت نه ڪري سگهندو هو.

طالب وٽ جلالي فقير ايندا هئا ته تبرا ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪانئن خدائي واءُ وهي ويندو هو ته مخصوص نالا وٺي تبرو ڪندا هئا. ان تي مزنو چوندو هئن ”... ٽِٽ ڪيِ ڇڏيا اٿو، پوءِ به مُڙو نٽا!“

مزنو فقير نورجهان جي راڳ جو عاشق هو. هن کي وڏي خواهش هئي ته هو نورجهان کي اکين سان ڏسي پر افسوس جو جنهن سال مزني فقير لاڏاڻو ڪيو، ان سال ئي ڳوٺ ۾ ٽيليويزن اچي چڪي هئي پر مزنو فقير نورجهان جو مکڙو پسي نه سگهيو. خانصاحب منظور علي خان کي پسند ڪندڙ مزني فقير بابت ڳوٺ جي ويراڳي فقيرن جو چوڻ هو ته جڏهن استاد علڻ ۽ ميهر فقير جو محفل ۾ راڳ نه لڳندو هو ته مزنو يڪتارو ڪٽي ڳائڻ لڳندو هو ۽ محفل کي منڊي ڇڏيندو هو. هو ڪفر وارا ٻول ٻڌائيندو هو، جنهن کي فقير همه اوستي ٻول چوندا آهن.

يارمحمد طالب فقير ۽ مزني فقير 1979ع ۾ هڪبئي پٺيان وفات ڪئي. مزني فقير ڪانپوءِ به ٻلهڙيجي راڳ جو مرڪز رهيو پر ڳوٺ جو ڪو به بهتر ڊولڪ نواز اسري نه سگهيو. اڄ به ملوڪ شاهه جي درگاهه تي اهي ئي لانديون موجود آهن پر اتي اها طالب واري صفائي ۽ چنبڙ ڦوڪ نه آهي. اڄ به هر جمعي تي راڳ جي محفل ٿيندي آهي پر مزني فقير واري محبت ۽ اهو جوش جذبو ناهي، باقي روايت کي نظر ۾ رکندي لوڪ لڄا ڪان ڪو ڪلاڪ ڪن محفل ٿيندي آهي. جڏهن ته سڄي ڳوٺ ڪان گهٽي ملڪيت درگاهه ملوڪ شاهه جي آهي، جيڪي سندس مجاور ڪائن ڪپائن ٿا پر پنهنجي وڏڙن وارو مزو قائم نه رکي سگهيا آهن.

# استاد علڻ انصاري

## ٻلھڙيجيءَ جو پروفيشنل فنڪار

استاد علي بخش المعروف استاد علڻ انصاري ٻلھڙيجيءَ جو پروفيشنل فنڪار هو. هن 1930ع ڌاري ڳوٺ غلام حيدر پيرزادي ۾ محمد موسيٰ انصاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو، جنهن کي ڪرياني جو دڪان هوندو هو ۽ اهو چورن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو هو. استاد علي بخش ننڍڙي ڄمار ۾ استاد منو خان ڪلهوڙي جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿيو، جيڪو ڪلاسيڪل فنڪار به هو ۽ ناچو به گهمائيندو هو. پاڻ ڇير ٻڌي نچندو به هو ته ڳائيندو به هو. استاد منو خان ڪلهوڙي ڪانپوءِ استاد علي بخش لاڙڪاڻي جي نامياري موسيقار حضور بخش ميراثيءَ جو شاگرد ٿيو، جنهن کيس هارمونيم، بينجو ۽ ٻيا ساز سيکاريا. استاد حضور بخش ڪانپوءِ استاد علي بخش ولايت شاھ هنباھ واري جو طالب ٿيو. صوفين جون درگاهون ۽ خانقاهون راڳ جي يونيورسٽيءَ جي حيثيت رکن ٿيون، جتان استاد راڳ وديا حاصل ڪئي. استاد علڻ جو گذر سفر راڳ تي هو. هو ناچن جي ٽولي سان به باجو وڄائيندو هو. جڏهن نوجوان هو، تڏهن چنگو ۽ منگوءَ جي نالي سان به فنڪارائون، اسان جي ڳوٺ ۾ آيون هيون، جن سان استاد بنا ٻڌائڻ جي سکر هليو ويو، ڳوٺ جا ماڻهو استاد علي بخش جي گمشدگي سبب پريشان هئا ۽ اتي استاد علڻ صبح جو ساڻن رياض ڪري پڪوڙن جو ٿالھ ٻري نڪرندو هو ۽ شام تائين خالي ڪري ڪمايل پئسا آڻي چنگوءَ جي هٿ تي رکندو هو پوءِ اسانجي هڪ ڳوٺائي کيس سکر ۾ پڪوڙا کپائيندي ڏسي ورتو، جيڪو کيس ريهي ريبي ڳوٺ وٺي آيو.

چون ٿا ته جوانيءَ ۾ سندس هڪ ڳيرو نوجوان سان اکيون اڙيون هيون، جن وڃي کيس حضرت هنباھ پهچايو، اتي سائين ولايت شاھ جو طالب ٿيو. راڳ ته اڳ ئي سکيل هو، سوز به حاصل ٿيس ۽ مٿان وري صوفين جي مستيءَ وارين محفلن هن کي تمام سٺو فنڪار بنائي ڇڏيو. صوفين جون مقبول ڪافيون استاد علڻ اهڙي ته دلڪش انداز سان ٻڌائيندو هو، جو وھ واھ ٿي ويندي هئي. هن جا ڪيترائي وڏا وڏا شوقين مداح هئا، جيڪي فقط هن جو راڳ ٻڌندا هئا، انهن ۾ خانصاحب غلام رسول قل ۽ سندس گرو صوفي ولايت به شامل هو. ان جي محفل ۾ تمام سٺا فنڪار موجود هوندا هئا پر جڏهن استاد علڻ پهچندو هو ته سائين ولايت شاھ اعلان ڪندو هو ته ”رهاڻ رڳو علڻ ڳائيندو.“

انسان خوبين، خامين، چڱائين، مدائين جو مجموعو آهي. استاد علڻ جو پنهنجو مزاج هو، ڪڏهن رونشي تي چڙهي ته ڪلي ڪلي ڪري پئي ۽ جي ڏمرجي ته الله پيو پناھ ڏئي. جيئن ته استاد ننڍي قد وارو هو ۽ اڪثر مست رهندو هو، ان ڪري رستي تي ٻن ڄڻن کي پاڻ ۾ ڪلندو ڏسي سمجهندو هو ته اهي مٿس ڪلي رهيا آهن، پوءِ کين اهڙيون ته ست سُريون ٻڌائيندو هو جو وڃي ٿيا خير، باقي هٿن سان جهيڙي جي بلڪل خلاف هو. جڏهن به کنهن ٻالڪ کي گليليءَ سان پکي ماريندي يا ڪنهن رولو ڪتي کي پٿر هڻندي ڏسندو هو ته جيڪا ”عزت افزائي“ ساڻس ڪندو هو، اها ان جي مالڪن سامهون به اُهڙي ئي زبان ۾ ڪندو هو.

اسان جڏهن ننڍڙا هئاسين ۽ اڃا ڳوٺ جي سڙڪ ڪچي هئي، ان وقت اسان سان ست ڪٽ ڪيڏندڙ ڪاسائين جا ٻار پري کان استاد علڻ کي ڏسي ايئن ڀڄي ويندا هئا، ڄڻ ڪانوَ کي ڪمان نظر اچي وئي هجي.

نندي هوندي کان درگاهه سخي شاهه جمال تي فقير يار محمد جي مئخاني تي ويندو هئس، جتي هر هفتي جي سومر رات لڳندي هئي، اتي استاد علڻ جو پنهنجي پيٽيوي ميهر فقير سان جهيڙو جاري رهندو هو. ميهر فقير جيئن ته يڪتاري تي ڳائيندو هو ۽ ڪيس چڱو خاصو صوفياڻي شاعري جو مواد هو، ان ڪري ان کي وڏيڪ ڳائڻ جي فرمائش ٿيندي هئي، جيڪا استاد علڻ کي چيڙائي وجهندي هئي. استاد علڻ ميهر فقير کي چوندو هو، ”تون وچي ڳئون ڳئون ڪر، توکي کهڙي راڳ جي خبر آ“ اهڙي نموني ميهر کي سخن سٽائيندي ان کي ٻڌڻ ۽ پسند ڪرڻ وارن جي ٻه لاڪ لاهي وجهندو هو. ڪاوڙ اها گهڙي، وري اهڙي جو اهڙو، جڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪين هو.

ان دؤر ۾ آڪاشواڻيءَ تان ڪلاسيڪل موسيقيءَ جا پروگرام نشر ٿيندا هئا، جن ۾ خيال، ترانا ۽ ٺمريون پيش ٿينديون رهنديون هيون ۽ راڳ جا ڄاڻو فقير يار محمد، الله ڏنو مگڻهار، ميهر فقير ۽ ٻيا جيڪو راڳ سمجهي نه سگهندا هئا ته استاد علڻ کي ان تي نالو رکڻ جو چوندا هئا. استاد علڻ ان تي جيڪو نالو رکندو هو، اهوئي صحيح ثابت ٿيندو هو. منهنجي ڳوٺ ڀلهڙيجي واسين جي اڪثريت استاد منظور علي خان ۽ استاد گلزار علي خان جي مداح آهي ۽ استاد علڻ انهن ٻنهي فنڪارن جي وڏي واڪ مخالفت ڪندو هو. اڪثر فنڪارن کي چڪي ئي نه ڪندو هو پر مهدي حسن، استاد محمد جمن، محمد يوسف، سينگار علي سليم ۽ خورشيد علي خان کي گهڻو پسند ڪندو هو. سندس محفل ۾ جيڪڏهن ڪو بدمزگي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو يا ڪلندو هو ته استاد علڻ ان وقت غلام حيدر گودڙئي جا بيت پڙهي ڪين مات ڪرائي ڇڏيندو هو.

عاشق ويا اوڏهين، جاتي رِدِ نه ڳئون
نڪي موت ملڪ ۾، نه ڪي ڏورن ڏئون
چوتين ڪي چؤ پئون، موڳن ڪي مال جي.

اسان 1990ع کان سندس دوستي ۾ آياسين، جڏهن هو ناچو ڇڏي ڳوٺ ۾ مئخانو وسائي وينو هو. اسان اڪثر سندس مئخاني ۾ هوندا هئاسين. هو اسان کي راڳ ٻڌائيندو هو پر افسوس جو ان دؤر ۾ مزنو فقير ماڇي گذاري چڪو هو ۽ پلي پڪوازي نه هئڻ جو استاد علڻ پٽڻو پٽيندو رهندو هو.

هاڻي هو ڪڏهن ڪڏهن شاديءَ جي دعوت يا لطيف سرڪار جي ميلي تي ويندو هو نه ته ڳوٺ ۾ ئي رهندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو شاهه سچل توڙي قلندر لال شهباز جي ميلي تي ڪوٺ ۾ ڪانئس قرض وٺندا هئا ۽ هڪ ٻه پيرا مون ٻه ڪانئس قرض ڪنيو. جيڪو هو فصلن جي مند ۾ جنس جي صورت ۾ واپس وٺندو هو.

1980ع ۾ استاد علڻ کي پروڊيوسر فيض ٻگهئي پي ٽي وي جي پروگرام سنڌ سينگار ۾ موقعو ڏنو. ان وقت موسيقار فتح علي خان کي استاد علڻ کان آڊيشن وٺڻ جو چيو ويو. فتح علي خان استاد علڻ کي ڏسي وراڻيو ته هيءُ نهن کان چوٽي تائين راڳ آهي. ان کان آڊيشن وٺڻ جي ضرورت ئي ناهي. هڪ ڀيري مخدوم خالد جي بنگلي تي گلشن حديد ۾ استاد محفل ڪري رهيو هو، جتي حنيف لاشاري ۽ استاد غفور سومرو ٻه موجود هئا، جن استاد جي راڳ ۾ هڪٻئي ڏانهن ڏسي مرڪيو. پوءِ ته استاد علڻ باهه ٿي ويو ۽ ڏوهيڙن ڏيڻ ۾ ئي سندن چڱي خاصي مرمت ڪري ويو. جڏهن محفل پوري ڪيائين، تڏهن غفور سومري ڪيس بلهي شاهه جي ڪافي ”ڪيا جانين دم ڪوئي او يار“ لکي ڏيڻ جو چيو. استاد ڪيس چيو، ”سومرا قسم ڪٽي ٻڌاءِ، ته تو اها ڪافي اڳ نه ٻڌي آهي؟“ غفور سومري جواب ڏنو، ”نه استاد، اڳ ۾ ٻه ٻڌي آهي.“ تڏهن استاد ٺهه پهه چيس ته ”پوءِ اڳ ۾ نه لکرائيڻ ۽ هاڻ تو لکرائين. معنيٰ توکي اها منهنجي آواز ۾ ئي وڻي آهي نه!“

استاد علڻ شرارتي ٻه حد درجي جو هو. مون کي ٻه هڪ ڀيرو چيڙائڻ جي نيت سان چيائين ته ”اوهان هاڻ مسلمان ٿيا آهيو، اوهان سهتا آهيو ۽ ڄام هئي جو اولاد آهيو.“ مون سندس هٿ وٺي پنهنجي اکين تي گهمائي چيو، ”استاد تنهنجا ٻچا جيئن، اسان جا وڏا هرويرو پاڻ کي عرب ظاهر ڪري رهيا آهن، جن وارا لچڻ اسان ۾ آهن

ئي نہ. اسان هن سنڌ ڌرتيءَ جا ماڻهو آهيون ۽ استاد اوهان بہ پاڻ کي حضرت ابوايوب انصاريءَ جو اولاد سڏائڻ بدران هنود ڪاسائيءَ جي خاندان جو سڏايو!“ منهنجي ڳالهہ تي استاد علڻ ڪلي ڏنو.

استاد علڻ زندگيءَ جي آخري پنجن سالن ۾ ٻيهر پنگ پيئڻ شروع ڪئي. ان دؤر جا الھڙ ڇوڪرا ڪيس چوندا هئا تہ ”اسان سان پيالو نہ پيءُ، تون پوڙهو مڙس آهين، اسان جوان آهيون، متان مري پئين.“ استاد ڪين چوندو هو تہ ”مون سان اوهان ڇا پيالو پي سگهندؤ. مان توهان کي بہ ڪونڊي ۾ گهوٽي پي وڃان!“ استاد کي نشا بہ اهڙا ٿيندا هئا، جو ڪافين جا مصرع وسري ويندا هئس. هلندي ڪري پوندو هو پر پنگ پيئڻ کان بس نہ ڪيائين.

استاد علڻ آخري ڏينهن ۾ پنهنجي مئخاني ٻاهران سگريٽن جي مانڊڻي ڪئي. اسان ڪانئس اوڌر تي سگريٽ وٺندا هئاسين. جيئن تہ اهي بيروزگاري وارا ڏينهن هئا، ان ڪري استاد اسان کان ڏوکڙ نہ گهرندو هو پر جڏهن ڪٽڪ يا سارين جي ٻار ڪٽندا هئاسين تہ ڇاڇي کان، اسان کي ڏنل قرض وٺي ويندو هو. هڪ سومر جي رات استاد پرپور نشن ۾ پنهنجي مانڊيءَ تي ويٺو هو. اسان ڪيس چيو تہ استاد اڄ دير ڪئي اٿو، هلو تہ سومر رات تي هلون.“ استاد چيو، ”چڱو مان مانڊي بند ڪريان تہ هلون ٿا.“ استاد تالو ڪڍيو ۽ پنهنجي جتيءَ جون ڪهيون ملائي ان ۾ تالو هنيو. اهڙي نموني هڪ دفعو ڪانئس اوڌر تي سگريٽن جو پاڪيٽ ورتم ۽ ان مان ڪجهہ سگريٽ اتي ويٺل دوستن کي ڏنم. استاد دير ئي نہ ڪئي، مهمانن جو بہ خيال نہ ڪيائين ۽ چيائين تہ ”تو جهڙو خوشامدي مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي، هڪ سگريٽ وٺين اوڌر تي ۽ ٻيو ورهائي ڇڏين!“ اهڙي قسم جا گفتا استاد هر ماڻهوءَ سان ڪندو هو ۽ سچ چوڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي هچڪچاهٽ نہ ڪندو هو.

استاد کي ٽي بي ٿي پئي، جنهن ڪري ڪراچيءَ جي اوجها سينيٽوريم ۾ داخل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽر ڪيس راڳ ڳائڻ کان منع ڪئي هئي پر استاد جيئن ئي ڳوٺ موٽيو تہ راڳ کان بس نہ ڪيائين ۽ اڃا بہ ڳالهہ وڌائي ڇڏيائين. هو ٻلهڙيجيءَ جي مقرر وارن تي تہ ڳائيندو رهيو پر اوسي پاسي ۾ جيڪي دوست هئس، انهن ڏانهن بہ ويو ۽ ڪين راڳ ٻڌائي آيو. هو بگي ڳوٺ جي ٻاهران حمر پير جي درگاهہ تي بہ ڳائڻ ويو ۽ بگي ڳوٺ جي مدرسي جي مهتمم مولوي گل حسن ابڙي کي بہ راڳ ٻڌائي آيو. اها استاد جي خصوصيت هئي جو هو هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن کي پنهنجي راڳ سان راضي ڪري ڇڏيندو هو. هُو اسان کي استاد بخاري، شيخ اياز، سرويچ سجاولي جا ڪلام بہ ٻڌائيندو هو تہ اتي شاهہ، سچل، بيدل، بيڪس، حمل، چيزل، ٻيدل، شاهہ نصير ۽ ولايت شاهہ جا الستي ٻول بہ ٻڌائيندو هو تہ مدرسي وارن کي نعت ۽ مولود ٻڌائي ايندو هو.

وفات کان ٻہ ڏينهن اڳ محمد خان جتوئيءَ کي سندس ڳوٺ محرابپور ۾ محفل ٻڌائي آيو ۽ ٻلهڙيجيءَ ۾ سيد بچل شاهہ جيلانيءَ جي اوطاق تي بہ محفل ڪري آيو، جڻ ڪيس پروڻ پئجي ويا هئا تہ هاڻ سندس جسم مان روح جو پکيئڙو پرواز ڪرڻ وارو آهي. ان ڪري هاڻي توڙ تائين راڳ پيو ڳائيندو.

استاد علڻ کي ٽي پٽ محمد موسيٰ، محمد عيسيٰ ۽ لياقت علي آهن، جن مان محمد موسيٰ راڳ ورونهن ڪندو رهندو آهي پر ان ۾ استاد علڻ وارو فن ناهي. سندس سيئي پٽ صالح ۽ اخلاق وارا آهن.

استاد علڻ جان محمد ماڇي ۽ قربان کي پنهنجو شاگرد ڪيو ۽ ڳوٺ جي ڪجهہ شوقيہ نوجوانن کي بہ هارمونيم سيکاريو، جن ۾ اختيار پيرزادو بہ شامل آهي. جڏهن تہ غلام رسول پيرزادي کي بہ راڳ جا بنيادي سبق استاد علڻ ڏنا، جيڪو پوءِ استاد گلزار علي خان جو شاگرد ٿيو ۽ هن حيدرآباد ريڊيو تي ڪيترين ئي ڪافيون رڪارڊ ڪرايون.

استاد علڻ جڏهن مجازي محبت ۾ گرفتار ٿيو، تڏهن هن مشهور انڊين گانن جي طرزن تي ڪلام بہ ٺاهيا جيڪي پاڻ ۽ سندس شاگرد ڳائيندا رهندا هئا، جن جا ٻول هي هيا:

قري دل ويو دلبر، محبوب جاني

ڏکن ۾ تي گذري، منهنجي زندگاني
.................

منهنجي دلڙي تي توکي ساري، او سهڻا
وڃ منهڙو مونکي ڏيکاري...
مان استاد علڻ جو پرستار هئس جنهن جي کيس خبر هئي. اسان جڏهن به کيس راڳ ٻڌائڻ جي فرمائش کئي، تڏهن استاد اسان جي فرمائش پوري کئي. استاد جي آخري ڏينهن ۾ آئون ڪراچيءَ هئس. استاد ڪيترن ئي ماڻهن کان منهنجي پڇا ڪئي، جڻ هُو آڪاش ڏانهن اڏامڻ کان اڳ مونکي پنهنجو راڳ ٻڌائڻ پيو گهري. پنهنجي لاڏاڻي کان هڪ ڏينهن اڳ منهنجي ننڍي ڀاءُ انصار علي کي گهرايائين. ان کان منهنجو پڇيائين ۽ چيائين ته اقرار کي چئُ ته ڳوٺ جو چڪر هڻي وڃي. استاد 1999ع ۾ رمضان مهيني جي تاريخ تي وفات ڪئي ۽ سندس پتلي کي سندس قائم ڪيل مئخاني ۾ ئي رکيو ويو آهي.

# گل فقير مڱڻهار

## سورٺ کان ونءُ ويندڙ منگتو

گل فقير ڳوٺ بگيءُ جو پيڙهائتو مڱڻهار فقير آهي. آسپاس جا ڪيترائي ڳوٺ سندس راڄ ۾ اچي وڃن ٿا. سندس سڄي ڄمار ڳائيندي وڄائيندي گذري آهي. شروع ۾ دهل وڄائيندو هو. پوءِ متو وڄائڻ شروع ڪيائين. اسان ننڍي ڄمار ۾ ئي کيس ٻڌو. هونئن ته شادين مرادين ۾ ڪاڇن ۾ کيس ٻڌندا رهندا هئاسين پر سخي شاهه جمال جي ٻارهي تي وڏو دنگل مچندو هو، جتي فقير يار محمد، ميهر فقير، فقير مزنو ماڇي، استاد علڻ، حيات فقير مڱڻهار ۽ الهڏنو فقير مڱڻهار اچي گڏ ٿيندا هئا، جيڪي راڳ جا ڄاڻو هئا. اُن محفل ۾ سيکو سوچي سمجهي ڳائيندو هو، جو ڪير ڪٿي به گُتو ته ساڻس گهٽ نه ٿيندي هئي.

ٻارهي جي موقعي تي اهڙي ئي محفل هلي رهي هئي. گل فقير مڱڻهار واڄو ڪري رهيو هو. آئون ان وقت ڏهن ٻارهن ورهين جو هئس. استاد علڻ مونکي ڪن ۾ چيو ته گل فقير کي سورٺ جي فرمائش ڪر. ائين چئي استاد علڻ ته هليو ويو. مون اٿي وڃي گل فقير کي چيو: ”استاد اسانکي سورٺ ٻڌاءِ!“ فقير سورٺ جو نالو ٻڌندي ئي باهه ٿي ويو. مونکي ته ڪجھ نه چيائين پر استاد علڻ کي گهڻو ڪجھ چئي ويو. ان وقت فقير يار محمد چيس: ”علڻ ته هتي آهي ئي نه. هي ٻار آهي، هن بس راڳ جو نالو ٻڌو آهي ۽ توکي ان جي فرمائش ڪئي اٿس، ان ۾ ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ گل فقير ورندي ڏيندي چيو ”اهڙي ڳالهه هئي ته ٻيا به ڪوڙ سارا ڳائي ويا آهن، انهن کان اها فرمائش نه ڪيائين ۽ مون کان ٿو فرمائش ڪري! معنىٰ هن کي علوءُ مڃرايو آهي.“ گهڻو پوءِ خبر پئي ته گل فقير جتي وڏا وڏا راڳ ڪري ويندو آهي. خيال، ٺمريون ۽ ترانا ڳائيندو آهي، اتي کيس سورٺ راڳ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. گل فقير ڳالهين جو ڳهير آهي. ورهاڱي کان اڳ واريون ڳالهيون هجن يا پوءِ واريون ڳالهيون، ائين ٻڌائيندو آهي، ڄڻ ته هاڻي سندس اکين آڏو اهو واقعو ٿيو هجي. هونئن گل فقير ڀٽائيءَ جي هن بيت جي هوبهو تصوير آهي:

اندر مُلهه امل، ٻهر ڪوجها ڪاپڙي...

قد جو بندرو ۽ ڪلين شيو، وري مٿي تي پٽڪو. ڳالهه ڪرڻ جو انداز اهڙو جو ماڻهو کلي کلي ڪيرو ٿي پوي. گل فقير راڳين جا قصا اهڙي ته شدمد سان ٻڌائيندو آهي، جو دل چوندي آهي ته اهي قصا پيا ٻڌجن. هڪ ڀيري ٻڌايائين ته هنن جي ڳوٺ جو هڪ همراهه جيڪو ذات جو گوپانگ هو، انڌي منڍي ڍولڪ وڄائيندو هو. هڪ خراب عادت اها هيس ته جڏهن به ڪنهن پير فقير جي ميلي تي مونکي ڏسندو هو ته مون کان ڍولڪ يا دهل کسي پاڻ وڄائڻ شروع ٿي ويندو هو. مون کي خار ته ڏاڍا چڙهندا هئا پر مات رهڻو پوندو هو.

هڪ دفعي ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ وڏيري خاڪي ابڙي جي پٽن جي طهر جي ڪاج تي خانصاحب استاد الهڏنو خان نوناري آيل هو، جنهن سان طبلي وارو سُنو نه هو. هن مونکي چيو ته فقير! طبلي وارو مزي جو ناهي، سو تون ڪٽي ڍولڪ تي مون سان سنگت ڪر. مون سوچيو ته اڄ گوپانگ کان پلاند وٺڻ جو سٺو موقعو آهي، ان ڪري مون گوپانگ کي چيو: ”استاد سان تون ڍولڪ وڄائيندين؟“ گوپانگ نه ڪئي هم نه تم، ڍولڪ ڪٽي خانصاحب جي پرسان ويهي رهيو. خانصاحب کيس چيو ”دادري ڪا ٺيڪا لگائو.“ گوپانگ کي دادري جي ڪهڙي خبر، سو گٽل ڪتي وانگر واڇون هڻڻ لڳو. هڪ به دفعو سمجهائڻ جي باوجود جڏهن همراهه پٽڙيءَ تي نه چڙهيو ته خانصاحب

کي جلال اڇي ويو ۽ ورائي کيس چماٽ هڻي ڪڍيائين. الهڏني خان نوناريءَ کي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جا اختيار به حاصل هئا. سو ان وقت حڪم ڪيائين ته هن کي وڻ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ ان جي پاڙ ۾ پاٽي وجهو ته جيئن کيس ماڪوڙا کائين. ان وقت مون (گل) خانصاحب کي عرض ڪيو ته هي جتي ڪٿي منهنجي بي عزتي ڪري مون کان ڍولڪ کسي وٺندو آهي. پوءِ ته خانصاحب اهڙي کيس جهڙي ٻرڙو ڪري ٻارن سان. ڪٿي ڪن وڍيا، ان کان پوءِ گوپانگ وري ڪڏهن منهنجي ڪنهن ساز ۾ هٿ نه وڌو.

گل فقير جو راڄ تمام وڏو آهي. ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن شادي، طهر ۽ ڇنيءَ جا پروگرام کيس پيا ملندا هئا پر جي کيس ٻه چار ڏينهن اهڙو پروگرام نه مليو ۽ کيس خبر پئي ته ڦلاٽي درگاهه تي سڪان ڪٽي آيا آهن ته اتي پهچي واڄو شروع ڪري ڏيندو هو. جڏهن ڪانئس پڇبو هو ته فقير ڪيئن اچڻ ٿيو آهي، ته ٺهه پهه جواب ڏيندو هو ته ”ڏونڪا باسيل هئا، جيڪي ڏيڻ آيو آهيان.“

گل فقير مڱڻهار هاڻي اڇي 90ورهين جي ڄمار کي پهتو آهي، ان ڪري شادين مرادين تي گهٽ وڃي ٿو پر راڳ سان ته هن جو ٻنڌڻ ڪان رشتو آهي، ان ڪري نظر گهٽ هئڻ ۽ ٻين تڪليفن باوجود اڃي محفلن ۾ پهچندو آهي. ٻنگ اڄ به ڏينهن ۾ ٻه پيرا پيئندو آهي پر هاڻي جيئن ته همراهه ڪمزور ٿي ويو آهي، ان ڪري گهاٽيءَ بدران ٿوري ڇدڙي ڪري پيئندو آهي. هڪ دفعي درگاهه سخي شاهه جمال جو ٻارهو هو، ان ۾ گل فقير مالڪوُنس جو خيال ڇيڙيو. مون استاد علڻ ڏانهن ڏٺو، جيڪو گل فقير کي مسلسل داد ڏئي رهيو هو. گل فقير جڏهن بس ڪئي ته استاد علڻ وڏي وڃي کيس ڀاڪر پائي مبارڪ ڏني. گل فقير کي ٻه پٽ آهن، جيڪي پنهنجي وڏڙن واري پر پاريندا اچن ٿا. سندس وڏو پٽ رجب علي سٺو شهنائي نواز آهي. هن عمر ۾ به گل فقير پنهنجي پٽن، پوٽن ۽ ڏوهٽن کي راڳ سيکاري رهيو آهي.

گل فقير چوندو آهي ته اسان مڱڻهار فقير آهيون، اسان کي وڏائي نٿي جڳائي. اڳي شادين مرادين ۾ حقا ٺاهي مهمانن کي پيارڻ اسان جي ڊيوٽي هوندي هئي ۽ ان وقت گهور به گهٽ ملندي هئي. باقي جيڪڏهن ڪنهن شاديءَ تي کيس گهور نه پوندي آهي ته ان جو به وڏي واڪ ذڪر ضرور ڪندو آهي.

# ميهر فقير انصاري

### سُر سکيو ئي هيڪڙو...

ڊگهو قد، مٿي تي سٽن رنگن واري فقيراڻي ٽوپي، هڪ هٿ ۾ يڪتارو، ٻي هٿ ۾ چپڙي: اهو هو ميهر فقير انصاري. هو 1936ع ڌاري ٻلهڙيجيءَ ۾ پيدا ٿيو. ان ڪري ڪيس ورهاڱو ۽ ان کان اڳ وارا منظر پڇاڙيءَ تائين چٽي طرح ياد رهيا ته هندن جا گهر ڪٿي هئا؟ ٺڪاڻو ڪٿي هو؟ مساڻ ڪٿي هو؟ هاڻ جن گهرن ۾ فلاڻا فلاڻا رهن ٿا، اهي اصل ۾ فلاڻن فلاڻن جا گهر هئا. سندس پيءُ عبدالله فقير به هڪ سيلاني هو ۽ سنڌ بلوچستان کان وٺي هاٿوڪي پارت جا ڪيترائي آستان، درگاهون ۽ تيرٿ پيٽي چڪو هو. ميهر فقير فقط سنڌي به درجا پڙهي سگهيو.

ٻلهڙيجيءَ ۾ صوفين جا آستانا موجود هئا، جتي راڳ ويراڳ جي ورونهن ٿينديون رهنديون هيون. ميهر فقير جو آواز سٺو هو، شروع ۾ هن اتي هڪ اڌ ڪلام ڳايو. جيڪو پسند پيو ۽ پوءِ فقيرن هن تي خاص ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. فقير مزني ماڇيءَ کيس راڳ جي تعليم ڏني (مزنو فقير به ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جو رهواسي هو. بچاءُبند جي اندرين پاسي (ڪچي) واري درگاه ملوڪ شاه جو مجاور ۽ صوفي ولايت شاه هنباه واري جو طالب هو. جهڙو ڳائڻ جو سٺو هو، اهڙي ئي ڍولڪ به سريلي وڄائيندو هو) ۽ ميهر فقير کي فقير يار محمد پيرزادي (صحافي ۽ مشهور اديب انور پيرزادي جي ڀاءُ) شاه جا بيت، وايون ۽ مختلف صوفي شاعرن جا ٻول ياد ڪرايا.

ميهر فقير هر ڪافيءَ جي مصرع کان پوءِ ان جي مناسبت سان شاه جا بيت پڙهندو هو ته ڪيترائي مجاز جا ماريل ڊنيڪرون ڏيئي روئي پوندا هئا ۽ هي جڏهن ڳائيندو هو ته فقير يار محمد جا اکڙين جا بادل برسڻ کان بس ئي نه ڪندا هئا.

راڳ ويراڳ جي ڪري ميهر انصاري جي نالي سان فقير لفظ به ڳنڍجي ويو پر حقيقت ۾ فقير واريون منجهس ڪي به خصلتون نه هيون. مڃي مارڻ ۽ گليليءَ سان پکي مارڻ وارو سلسلو تيستائين جاري رکيائين، جيستائين سندس هٿ ڏڪڻ نه لڳا. توڙي جو سچي چمار فقيرن، درويشن ۽ عالمن سان صحبت ۾ رهيو پر ڪڏهن به ڍنگ جي ڳالهه نه ڪيائين، صفا چٽ جو چٽ ئي رهيو.

جديد شاعري ۽ جديد شاعرن سان ڪڏهن به نه پيس. هن جي نظر ۾ شاعر پيدا ٿيڻ جو سلسلو به نبين وانگر آڳاٽو بند ٿي چڪو ۽ شاعر اهو آهي جنهن جي قبر تي قبو ضرور اڏيل هجي. ڀٽائيءَ صاحب کي هو عام شاعر نه سمجهندو هو ۽ سندس ڪلام بابت چوندو هو ته اهو سچو الهام آهي.

فقير جي ٻي وڏي ۾ وڏي خامي ڪنجوسي هئي. ڪڏهن به ڪنهن کي مانيءَ يا چانهه جي صلاح نه ڪبي. ايتري تائين جو جڏهن ڪانئس ماچيس جي هڪ تيلي به گهربي هئي ته ٺپ جواب ڏئي ڇڏيندو هو. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته فقير پنهنجا ڪمايل ڏوڪڙ ڪنهن ڳُجهي هنڌ تي پوري رکي ٿو، جيئن سندس والد عبدالله فقير گهر جي مَنهن ۾ لڪائي رکندو هو ۽ جڏهن سندس وفات کان ڪجهه سال پوءِ اهو مَنهن ڪريو ته همراهن کي هزارين روپيا هٿ آيا جن مان اڌ کان وڌيڪ خراب ٿي چڪا هئا.

سال 1988ع ۾ مئٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ شام جو اسان فقير يار محمد جي مئخاني تي ويهڻ لڳا هئاسين. ان وقت فقير يار محمد ڪراچيءَ وڃي وسائي هئي. مئخاني تي ميهر فقير سان ڀٽائيءَ جي بيتن تي ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون ۽ اسان جڏهن ڪنهن لفظ جي معنيٰ يا بيت جي تشريح تي ساڻس اختلاف ڪندا هئاسين ته رسالا

مرتب ڪندڙ عالمن ڪي ست سريون ٻڌائڻ لڳندو هو. چي: ”هنن غلط معنائون ۾ مطلب لکي اوهان جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي. لطيف ڪي آڏواڻي، گربخشاڻي، شاهواڻي ۽ بلوچ ڇا سمجهن؟“ لطيف ڪي فقط فقير ئي سمجهي سگهن ٿا“ حالانڪ هو شاهه جا بيت انهن ئي رسالن مان ياد ڪندو هو. ميهر فقير شاهه سائين جا ڪجهه بيت غلط پڙهندو هو. ان جي ڪير نشاندهي ڪندو هو ته ڪيس چڙ ٻي ماٺ ڪرائي ڇڏيندو هو. خاص ڪري ڀائو لطف سان ان تي اڪثر جهيڙو جاري رهندو هوس ۽ زور ڏئي بيت غلط پڙهندو هو جيئن ملهالو جاري هجي. منهنجي اڃا به ڪڏهن ڪڏهن ڳالهه مڃي ويندو هو ۽ مان ڪيس گهڻو ڪجهه ڳالهائي به ويندو هوس پر ڀائو لطف جي هن ڪڏهن به ڳالهه ئي نه ٻڌي.

ميهر فقير نه رياض ڪيو ۽ نه ئي وري ڪائڻ، پيئڻ ۾ ڪا پرهيز ڪئي، اصل لکڙ هضم، پٿر هضم! ان ڪري هن جو آواز اهو مزو ڇڏي ويو پر ٻولن جي چونڊ ۾ انهن جي مناسبت سان ڏوهيڙا ڏيڻ جي ڪري سندس راڳ سدائين مزو ڏيندو هو.

ميهر فقير جي جديد سنڌي شاعريءَ جي سرموڙ شيخ اياز سان ته ڄڻ ذاتي دشمني هوندي هئي. جيئري ته سندس مخالفت ڪندو آيو پر شيخ صاحب جي گذارڻ ڪانپوءِ به ميهر فقير مٿس ڏمريل رهيو. هڪ ڀيري شاهه سائينءَ جي ميلي دوران گهمندا ڦرندا ميهر فقير ۽ مان ڪراڙ تي وياسين. شيخ اياز جي تربت ڏسي، ميهر فقير مون کان پڇيو: ”ابا، هي وري ڪهڙو درويش آهي؟“

مون ڪيس چيو، ”هي پٽ ڏٽيءَ جي پونءِ آهي، هتي ڪيترائي فقير، درويش ۽ ڏات ڏٽي رڪيل آهن. اڄ ته هِتي دعا به گهرون ۽ ان جي چرنن ڪي ڇُهون.“

ميهر فقير اياز جي پيرانديءَ تي هٿ رکيا ۽ دعا گهري. واپس ايندي مون ڪيس ٻڌايو ته اها مزار شيخ اياز جي هئي. پوءِ ته همراهه جي فِلڪ ئي ڦِري وئي ۽ هن اهو سچو ڏينهن مون سان نه ڳالهايو.

ميهر فقير ڪي پاڻ کان علاوه ڪو به فنڪار پسند نه آيو، جڏهن به ڪنهن گويي يا صوفي فنڪار جو راڳ ٿيندو هو ته ميهر فقير سندس ڪا نه ڪا وڏ ڪدي محفل مان اٿي هليو ويندو هو. ڪيس سڄي ڄمار فقط ٻه فنڪار وڻيا: هڪ خان صاحب استاد منظور علي خان ۽ ٻيو فقير امداد حيدري.

ميهر فقير پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪنهن فنڪار ڪي گهور ڏني ته اهو به رڳو استاد منظور علي خان هو، جنهن ڪي 1978ع ۾ ٻنڌي (ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ جو ڳوٺ) ۾ سڄا سارا 5 روپيا گهور ڏني هئي، سو به هار ٿاهي ڏيهه ڪي ڏيڪاري سنڌس ڳڇيءَ ۾ وڌو.

ٻلهڙيجيءَ ۾ هر سومر رات، جمعي رات، ماهوار چوڏهين، ماهه پهرين اربع ۽ يارهينءَ جون تاريخون لڳنديون رهنديون آهن، جن ۾ اسان ٻاروتڻ کان وٺي ميهر فقير ۽ سندس سنگ ڪي ٻڌندا آياسين. سندس هڪ خوبي هيءَ هئي ته جيڪڏهن پنج راتيون ڳائي ته به ٻيهر ساڳيو ڪلام نه چوندو، سندس حافظو ايترو سٺو هو.

ميهر فقير ٽي وي تي به ٻه پروگرام ڪيا، جن ۾ سندس سالو استاد علي بخش المعروف استاد علڻ به ساڻس گڏ هو. ميهر فقير سيوهڻ کان شاهه نوراني (لاهوت لامڪان) جو پنڌ به ٻه ڀيرا ڪيو ۽ عمر جي آخري حصي ۾ امام علي رضا (مشهد) ۽ ڪربلا معليٰ جي زيارت به ڪري آيو.

ميهر فقير هڪ ڏينهن مونکي چيو ته مون وٽ جيڪي به ڪتاب آهن، اهي مان توکي ڏيڻ چاهيان ٿو، ڇو جو مونکي خدشو آهي ته منهنجي مئي پڄاڻا منهنجا پٽ اهي ڪتاب پڪوڙن وارن ڪي وڪڻي ڇڏيندا. مان سندس گهر ويس. هن هڪ وڏي پيتي کولي، جنهن ۾ حمل فقير، خوش خير محمد هيسباڻي، مصري شاهه، ٻيدل فقير ۽ ٻين جا رسالا پيل هئا. هٿ سان لکيل ڪجهه ڪاغذ هئا، جيڪي پراڻا هئڻ ڪري پُري رهيا هئا. اخبارن مان ڪٽيل شاهه سائينءَ جا سوين بيت به هئا. مان اهو سمورو مواد ڪٽي جيئن ئي ٻاهر نڪتس ته مالڪ پهچي ويا جن اسان کان

ڪتاب ڪسي ورتا ۽ ڇپائون تہ هنن تي اسان جي وڏن جا نالا لکيل آهن، جيڪي چوري ٿي ويا هئا. ميهر فقير ڪين منٺون ڪيون پر هُو نہ مڙيا ۽ سندس سامهون ڪتاب ڪٺي رمندا رهيا.

جڏهن ميهر فقير مئخاني تي ايندو هو تہ وڏا جهيڙا بہ ٿيندا هئا پر اهي پٺائي جي بيتن جي تلفظ، معنيٰ ۽ تشريح تي ٿيندا هئا. هاڻ اهڙي ڪچهريءَ لاءِ سڪي مئا آهيون. ميهر سان هزار اختلاف پر ان جي باوجود هو اسان کي پيارو هو. ڪيترائي پيرا رسندا هئاسين ۽ وري پاٺهي پرچي پوندا هئاسين ۽ وري ساڳيون ڳالهيون، ساڳِي قيل مقال.

رتي هوند رهان پر سرتيون سرندم ڪينڪي
پاٺهي تي پرچان، ڏس نرڇايون نينهن جون!

ميهر فقير جي وڇڻ کان پوءِ خبر ٿي پوي تہ ڳوٺ مان صوفياڻي راڳ واري روايت ختم ٿي وئي آهي. برابر اڄ بہ ڀلهڙيجيءَ جي درگاهن تي اهي هفتيوار ۽ ماهوار ڏينهن لڳن پيا پر هينئر روح ڻارڻ وارو ڪوبہ راڳي نہ رهيو آهي. ڪجهہ سيڪڙاٽ نوجوان ڳائين ٿا، جن ۾ ڪو دم ڪونهي، هو نہ پنهنجي آلاپن سان ڪنهن جي دل موهي سگهن ٿا ۽ نہ وري رندي ٻول ٻڌائي ميهر جيئن ماٺهن کي جهومائي سگهن ٿا.

# سيتل باگڙي

## سنو ري سئيان بات هماري ...

سيتل باگڙي اصل قمبر جو ويٺل هو، هتي سندس مائٽ هئا. اٽڪل ڏهه ٻارهن ورهيه ٻلهڙيجي ۾ ان جي آس پاس رهيو. مهاندي جو ملوڪ ۽ گفتي جو گوهر هو. قد جو ڊگهو، چاپئين ڏاڙهي، نئون ماڻهو ڪيس ڏسڻ سان ٻروچ سمجهڻ جي غلطي ضرور ڪندو هو.

اسان جو سڄو ڳوٺ سيتل سان محبت ڪندو هو. توڙي جو هو پاڻ مسلمانن سان ڪائڻ پيئڻ ۾ احتياط ڪندو هو پر ڪنهن به هن ڪي محسوس نه ڪرايو ته هو مليڇ هو.

فقير يار محمد پيرزادي جي مئخاني تي اڪثر ايندو هو، جتي ويراڳ جي محفل متل هوندي هئي. سيتل ڏاڍو سنو فنڪار هو، پڪواز به وڄائيندو هو. هو مسلمان صوفين جون ڪافيون به ڳائيندو هو ته ساڳئي وقت ويدانتي شاعر به ڪيس گهڻو ياد هوندا هئا. اڄ به چاچي سيتل جون ڳايل ڪافيون هيئين ۾ هري رهيون آهن:

نماز هي دل حاضر ناظر، روزي محب نه ملنا ري
سُنو ري سئيان بات هماري، ناحق بک نا مرنا ري.

سيتل باگڙي سنت ڪبير جي ٻاڻي ڳائيندو هو:

ڪيا پڇو گرو باتڙيان، اسند جڳان خبران مٺيان

شڪرا ڪاڏا، ٻڪرا ڪاڏا، ڪاڏي جهنگل ڪي روجهڙيان
پري جهنگل مين ڏون چيزان چوڙيم، هڪ ڪراندي ٻي سينگڙيان

ڪڇوا ڪاڏا، ڏڏوا ڪاڏا، ڪاڏي سمندر ڪي مڇليان
پري سمندر ۾ ڏون چيزان چوڙيم، هڪ سپي ٻي ڪوڏڙيان
لسي ڪاڏي، لاڏون ڪاڏا، ڪاڏم امرت پڇنيان
پري سمندر ۾ ڏون چيزان چوڙيم، هڪ ڏوئي ٻي ڍاڪٽيان

ڌرتي ڪاڏي، آسمان ڪاڏا، چاند سورج، ميري سامٽيان
ڪهت ڪبير سنو ري ساڌو، مين اسند جڳان ڪا لانگهڙيان.

مان اڄ تائين سوچيندو آهيان ته انسان هر شيءِ هضم ڪندو رهيو آهي، پوءِ به سدائين لنگهڻ تي رهيو آهي، باقي سمجھ ۾ نٿو اچي ته جيڪي شيون سيتل وارا ڪائيندا آهن، اهي حرام ڪيئن آهن يا جيڪي اسان ڪائي رهيا آهيون، اهي حلال ڪيئن آهن؟

سيتل باگڙيءَ سان منهنجي پيءُ ۽ چاچي جي پريت هئي، ان ڪري مان جڏهن ننڍڙو هئس تڏهن اهي مون کي پنهنجي گهر وٺي ويندا هئا. جيڪو ڪچي ۾ وزير ممڻاٽي ڳوٺ ٻاهران سندن ٻنيءَ ۾ هو، جتي هو چانهيون ۽ گدرا ڪندا هئا. ايڏي پنهنجائپ باوجود هنن مونکي ڪڏهن به پنهنجي ٿانوَ ۾ پاڻي نه پياريو.

مان اڪثر ڪيس هڪ ٻاڻيءَ جي فرمائش ڪندو هئس، جنهن جا ٻول هيئن هئا:

”اڪ دن پريتم گدھا بني گا، سئہ من ڪا وزن انائيگا“

پوءِ وري سيتل باگڙي قمبر ڏانهن لڏي ويو. اتي ڳائڻ وڄائڻ جون محفلون جاري رکيائين. پٽن توڙي ڌيئن کي پرڻائي جدا ڪري ڇڏيو هئائين. گهر ۾ فقط پاڻ ۽ سندس زال شهزادي گڏ رهندا هئا. جڏهن ڪين پنهنجو تعارف ڪرايم تہ ٻنهي سيني سان لاتو ۽ گهر ۾ بيٺل هڪ ڪکڙ پکڙي پاڙي ۾ گوپانگن کي ڏنائين تہ ”اسان جو مهمان آيو آهي، ان لاءِ ماني پچائي ڏيو.“ مون وس ڪيا ۽ ڪين چيم تہ ”توهان پنهنجي ٿانوَن ۾ پچائي ڏيو، مڙئي خير آهي“ پر منهنجي ڳالھ ئي نہ ٻُڌائون. ايترو سو چيائون تہ ”ٻيهر جڏهن آئين تہ توکي پنهنجن ئي ٿانون ۾ کارائينداسين.“ قمبر شهر ۾ بہ مون ڏٺو تہ هن جا پاڙي جا مسلمانن سان بهتر تعلقات هئا ۽ اتي بہ کيس ايتري ئي عزت ملي رهي هئي، جيتري کيس ٻلهڙيجي ۾ پئي ملي. ان ڏينهن بہ هن کوڙ ساريون ٻاٽيون ۽ ڪافيون ٻڌايون پر ”اڪ دن پريتم گدھا بني گا، سئہ من وزن انائيگا“ جي فرمائش نہ ڪيم، ڇاڪاڻ تہ 30 ورهين جي عرصي مونکي بہ گهڻو ڪجھ سيکاري ڇڏيو هو.

سال 2010ع ۾ هڪ ڏينهن ڏوکري شهر ۾ ڪجھ باگڙي نوجوان مليا، جن مان هڪ ٻڌايو تہ هو قمبر شهر جو وينل آهي. ڪانئس چاچي سيتل جو پڇيم. هن ٻڌايو تہ هو منهنجو ڏاڏو هو ۽ بہ مهينا اڳ سرڳواسي ٿي ويو آهي. اها ڳالھ جڏهن مون درگاھ سخي شاھ جمال جي مئخاني تي وينل فقراءَ کي ٻڌائي تہ اتي موجود سمورا جهونا اکين مان لڙڪ لاڙي ويٺا.

# ليمون فقير جت

## سنڌ جو مشهور مولودي ۽ مداحي

مدحي ليمون فقير جت، اٽڪل اڌ صديءَ کان پنهنجي فن ذريعي شهرت جي بلندين تي پهتل آهي. ڪاري ڪان ماڇيلي تائين مولود ۽ مدحون ٻڌندڙن جو وڏو حلقو آهي. ليمون فقير اهي ئي ڪلام ۽ ڪافيون چوندو آهي جيڪي سنڌ ۾ سازن تي فنڪار ڳائيندا رهندا آهن. مولودي بنا سازن جي اهو ڪلام ڳائين ٿا، ڇاڪاڻ جو هنن جي طريقت ۾ ساز جي ممانعت آهي. ديني اجتماعن جي ڪاميابيءَ جو وڏو ڪارڻ اهي مولودي، مداحي ۽ نعت خوان هوندا آهن جن جي سوز ڀريئي آواز ڪي ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ڏکيا وعظ ۽ تقريرون برداشت ڪري ويندا آهن.

ليمي ۽ جانڻ جي مقبوليت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سندن جوڙ هاڻ ته اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪم اچڻ لڳو آهي: جيئن ٻه ڄڻا ڪنهن ڳالهه ڪي وڏائي چڙهائي پيش ڪن ته چوندا آهن ”صفا ليمون جانڻ لڳا پيا آهن!“ ليمون ۽ جانڻ هئا ٻه اهڙا ئي. ڇا ته سندن آواز هو! ٻئي ڄڻا جڏهن اسٽيج تي ويهندا هئا ته ماڻهن ڪي منڊي چڙهندا هئا. ٻنهي جي هٿن ۾ ٻنديون هونديون هيون، جن تي ڪافيون ۽ انهن جي مصرعن جي مناسبت سان ڏوهيڙا لکيل هوندا هئا. هڪ ڏوهيڙو ڏئي بس ڪندو هو ته ٻيو شروع ٿي ويندو هو. ڳائڻ دوران مصريءَ جون ٽڙون ۽ ڪارا مرچ به چوسيندا ۽ چٻيندا رهندا هئا.

سازن تي ترتيب سان ڳاتو ويندو آهي. ساز هيٺ کان شروع ٿي مٿي چڙهندا ويندا آهن پر مولودين وٽ قصو ابتو آهي. شروع ۾ ئي ڪن تي هٿ رکي اهڙي ته دانهن ڪندا جو ماڻهوءَ جو ڏيل ئي ڏاري وجهندا آهن. مان يقين سان چوان ٿو ته سنڌ ۾ ليمي جيڏو وڏو آواز ڪنهن به فنڪار ڪي ناهي.

ليمون فقير جت 1944ع ڌاري ڳيريلي ڀرسان زهراڻي جتن جي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد انتهائي غريب ماڻهو هو، جيڪو تنگدستيءَ سبب ڪين پڙهائي نه سگهيو. جنهن ڪري ليمون فقير ڳوٺ وارن جون ماهواڙ تي ٻڪريون چارڻ لڳو. ان وقت سندس ويجها عزيز گل محمد ۽ سونو خان مولود ڳائيندا هئا، جن ڪي ٻڌي ٻڌي هن به جهنگ ۾ ٻڪرين سان جهونگار شروع ڪري ڏني. قدرت ڪيس سٺي آواز سان نوازيو هو. ٻڪرارن وٽان ڪيس گهڻو داد مليو پر اسٽيج تي ويهي ڳائڻ اڃا به سندس وس ڪان وڏو هو.

نيٺ 1960ع ۾ هڪ ڏينهن يارهين شريف جي محفل لاءِ ڳيريلي شهر جي جامع مسجد پهچي ويو. ان محفل ۾ سوني خان ۽ گل محمد کان سواءِ ڪيترائي تر جا مداحي به موجود هئا. ليمون فقير لاڳيتو پنج مولود چئي ويو، جنهن سڀني ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ جو هن کان اڳ بنا ساهيءَ پنج مولود ڪنهن به نه چيا هئا. پوءِ گل محمد ۽ سوني ڪيس ڪجهه راڳڻيون سيکاريون. پنهنجي آواز ۽ سٺي سياءُ جي ڪري ليمون فقير جلد ئي شهرت جي بلندين تي پهچي ويو. ليمي فقير ٻڪريون چارڻ ڇڏي ڏنيون ۽ سڄو ڌيان پنهنجي فن تي ڏنو. سندس فن ۾ پختگي تڏهن آئي، جڏهن 1970ع ۾ مشهور نعت خوانن حاجي غلام نبي مهيسر ۽ جانڻ ابڙي جي صحبت ۾ آيو. غلام نبي مهيسر مولود ۽ نعت گو سان گڏ عوامي شاعر به هو. هو ويني ويني ڪنهن به واقعي تي شعر لکي وٺندو هو. هي الله، رسول، پنجتن پاڪ ۽ پيرن فقيرن جي ثنا سان گڏ معاشرتي برائين خلاف به شعر لکندو رهندو هو. 1973ع جي مها ٻوڏ تي شعر چيائين، جنهن ۾ درياهه جي دهشت جو به ذڪر هو ته سرڪاري ڪارندن جي

ڪارڪردگيءَ تي بہ تنقيد ٿيل هئي. ڏوڪري شهر ۾ مردار جانورن جي گوشت جو وڪرو ٿيڻ واري واقعي تي بہ هڪ ڪافي لکيائين. اهڙي نموني هو مختلف سماجي براين ۽ ڪرپشن خلاف شعر چوندو رهندو هو:

آهيون آسرن ۾، اچا تائين اسان تون
ڪائي چيئرمين ويا، زوريءَ زڪواتون.

جاڻ فقير ابڙي جا آواز ليمي فقير جي آواز کان بہ وڌا ۽ مٺا هئا ۽ هو راڳ جي باريڪين کي بہ سمجهندو هو. جيڪڏهن سازن تي ڳائي ها تہ تمام سنو گويو هجي ها. جاڻ فقير ديسي راڳڻيون ڪوهياري، پيروي، تلنگ، پهاڙي، آسا، لوڙائو، راڻو، پرڀاتي، سورٺ، وغيره ڪري محفل کي منڊي ڇڏيندو هو. ٻنهي مان ليمي فقير جت گهڻو حاصل ڪيو. جاڻ فقير جو تعلق پيارو ڳوٺ سان هو ۽ غلام نبي ميهسر ميهڙ جي پرسان ڳوٺ گاجي مهيسر جو ويٺل هو.

ليمون فقير ۽ جاڻ انتهائي مصروف مداحي هئا، ڪين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان محفلن جون دعوتون ملنديون رهنديون هيون. سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ ميلاد جي محفلن، مدرسن جي دستار بندين، درگاهن جي عرسن ۽ خيراتن تي تہ مدعو ڪيو ويندو هو پر ڪين شادين جي ڪاڄن تي بہ سڏيو ويندو هو، جتي هو الله رسول جو شان بيان ڪرڻ سان گڏ غلام نبي مهيسر جا عشقيہ غزل ۽ ڪافيون چئي مجازي عاشقن کي بہ ڦٽي وجهندا هئا:

نيٺ نہ آئين دلبر، آ دم نڪرڻ تي
روح پليئہ يا روڪجي پئين، ڪنهن جي روڪڻ تي.

........

اکين کي ڪيان مان ڇا، جو ڪلور ڪري آيون
محبوب ڏسي من کي مجبور ڪري آيون.

............

منهنجي ياڳن ۾ اوجاڳا ۽ روئڻ آيو آ
کهڙي ڪم ۾ مونکي منهنجو جيئڻ آيو آ.

.........

پنهنجي در تي سڏي، پنهنجا قرب ڪري
هاٽي هيئن چنندين، ماٺهو ڇا چوندا!

........

مون ڏي نيڻ ڪٽي منهنجا دلبر ڪل
ٻيا بہ ڪوڙ پنهل، منهنجو تون آن پنهل.

جاڻ ۽ ليمون فقير غلام نبي مهيسر جي شاعريءَ کان سواءِ شاهہ جون وايون ۽ بيت بہ چوندا هئا ۽ ديني اجتماعن ۾ ڪوشش ڪري سچل، حمل، مصري شاهہ، ٻيدل فقير، بيدل فقير ۽ بلهي شاهہ جي مستيءَ واري شاعري ڳائي ماڻهن کي وجد ۾ آڻي ڇڏيندا هئا.

وارهہ ۾ راڳ جي شوقين ۽ قدردان حسن خان جتوئي جي اوطاق تي خانصاحب منظور علي خان، ليمي فقير جو راڳ ٻڌي کيس هيئن مخاطب ٿيو: ”فقير، ايڏي آواز ۾ ڳائڻ اوهان لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي، هن سان اوهان جي

نظر ختم ٿي سگهي ٿي، سماعتون متاثر ٿي سگهن ٿيون. پنيءَ ۾ ڇِن پئجي سگهن ٿا. ميان، ايڏو زور سان نہ ڳايو!“

هنن ٻنهي جي بصارت ۽ سماعت کي تہ ڪجھ نہ ٿيو پر ليمي فقير کي ڇِن ضرور پيو، جنهن لاءِ هن آپريشن ڪرايو هو.

سنڌ ۾ ڪيسٽ ڪلچر شروع ٿيڻ سان هي فقير بہ ان جو حصو ٿي ويا. ڪيسٽ ڪمپنين جون پنهنجون گهرجون ٿينديون آهن. بالي ووڊ ۾ نئون گانو آيو ناهي، ان جي ڌن تي ڪيتريون ئي ڪيسٽون جاري ٿي وينديون هيون. اهڙا شاعر ڪمپنين وٽ ججها هوندا هئا، پوءِ ڪلام ڪٿي غير معياري ڇو نہ هجي. ڪيسٽ ڪمپنين وارن انڊين گانن جي ڌنن تي هنن کان نعت، مولود ۽ مداحون ڳارايون. ليمي فقير جون اٽڪل 400 ڪن ڪيسٽون جاري ٿيون، جن ۾ غيرمعياري شاعري جهجهي هئي پر ڪجھ معياري ڪلام ۽ ڪافيون بہ شامل هيون. ليمي فقير سازن تي بہ هڪ ڪيسٽ جاري ڪئي، جنهن ۾ گهڻي شاعري حاجي غلام نبي مهيسر جي هئي. جيئن تہ همراھ سڄي زندگي بنا سازن جي آخري ڪاري تي ڳاتو هو، تنهن ڪري هي شروع ۾ ئي ايترو متي پي ويو جو ساز ساڻس گڏ نہ پئي هلي سگهيا. ان کان پوءِ هن سازن تي ڳائڻ کان بس ڪئي.

ليمي فقير زندگيءَ ۾ ڪو بہ نشو نہ ڪيو ۽ نہ ڪڏهن ٻيڙي يا سگريٽ واپرايو. هن پنهنجي فن ذريعي جهجهو داد ۽ دان حاصل ڪيو ۽ ان جو فضول استعمال هرگز نہ ڪيو. اڄ هو تر جو پلوڙ پاڳيو آهي. هن وٽ پلي نسل جون مينهون آهن. ڳوٺ ۾ هن جو ڪم فقط مال جي سيوا ڪرڻ آهي. پنهنجي تڏي منَهن وارو مڙس آهي. هن جا سڄي سنڌ ۾ سوين شاگرد آهن. ليمي فقير کي ٽي پٽ آهن، ٽيئي پڙهيل لکيل آهن. ابوذر ايم اي ڪري چڪو آهي، وچون پٽ نعيم سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بي ايس سي ڪري رهيو آهي. سندس ننڍو پٽ مزمل قرآن جو حافظ هئڻ سان گڏ گريجوئيشن ڪري رهيو آهي.

حاجي غلام نبي مهيسر ۽ جانڻ فقير ابڙو هي رنگ و بو وارو جهان ڇڏي چڪا آهن. ليمون فقير بہ ستر کان چڙهي هليو آهي پر اڄ بہ مصروف ترين نعت خوان آهي.

ليمي فقير جي دوستيءَ وارو حلقو انتهائي وسيع آهي. هي لائي نيائڻ وارو مڙس آهي. سندس دوستيءَ جي دائري ۾ هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو شامل آهن.

# آخوند غني پيٽي

## ڪا جا وڳي تند

اڄ کان اٽڪل ورهيه اڳ درگاهه هنباهه شريف جي گادي نشين مشهور ۽ يگاني صوفي شاعر ولايت شاهه سان هنباهه ۾ هڪ صوفياڻي محفل ٿي رهي هئي، جنهن ۾ مشهور لوڪ فنڪار ۽ ڪلاسيڪل راڳ جا ڄاڻو پڳتي پيش ڪري رهيا هئا. ان محفل ۾ وِيهن ورهين جي هڪ نوجوان کي به ڳائڻ جو موقعو ڏنو ويو. نوجوان جي اسٽيج تي اچڻ سان ماڻهن ۾ ارهائي پيدا ٿي، ڇو ته هن محفل ۾ تمام سريلا فنڪار ڳائي چڪا هئا، جيڪي راڳ جي باريڪين کان چڱي پر واقف هئا. اهڙن فنڪارن جي مٿان هي نوجوان ڇا ڳائي سگهندو؟ اهو سوال هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾ هو. نوجوان جيئن ئي ڳائڻ شروع ڪيو ته سموري محفل مات ٿي وئي. هن نوجوان جي آواز ۾ صدين جو درد سمايل هو. نوجوان جي راڳ سائين ولايت شاهه جي اکڙين جا بند ڀڃي وڌا ۽ جيستائين نوجوان ڳائيندو رهيو تيستائين سائين ولايت علي شاهه روئيندو رهيو.

هيءُ نوجوان آخوند عبدالغني پيٽي هو، جنهن جو تعلق شڪارپور ضلعي جي مشهور ڳوٺ نبي آباد (ڪٽيءَ) جي علمي ادبي گهراڻي سان هو. هيءُ، سيد بگن شاهه جو دست بيعت ٿيڻ لاءِ هنباهه شريف پهتو هو، جتي ڪيس گيڙو ويس ڍڪائي مٿس طريقت جو نالو اياز رکيو ويو. فقير عبدالغني سنڌ جي جيد عالم ۽ مشهور اديب مولانا دين محمد وفائي جو پوٽو آهي. هي اڃا ٻنڍڻن ۾ هو جو سندس والد آخوند محمد محسن راهه رباني وٺي ويو ۽ آخوند عبدالغني جي پرورش سندس نيڪ سيرت ۽ درد وند امڙ ڪئي. ڏٽي ڪيس سريلي آواز سان نوازيو هو. هيءُ پرائمري اسڪول جي تعليم کان وٺي ڳائڻ جي مقابلن ۾ حصو وٺندو هو ۽ تمام سريلو قاري هو. هن حسنِ قرئت جي ڪيترن ئي مقابلن ۾ حصو ورتو ۽ ڪيترائي انعام اڪرام ۽ سَندون حاصل ڪيون.

مئٽرڪ دوران جڏهن حضرت عشق سندس مهمان بڻيو ته هن صرف و نحو جا ڪتاب ٿپي تنبور ڪنيو. اهڙي عمل سندس مائٽن کي ناراض ڪري وڌو. هن مائٽن جا دڙڪا ۽ مارون ڪائي به راڳ سان نينهن نڀايو. هو، سنڌ جي سريلي ڪلاڪار سيد نواب علي شاهه لقمان خيرپور ميرس واري کان ڏاڍو ڀڏائي سندس باقاعده شاگرد ٿيو. آخوند غني چواڻي: راڳ به اونهو ملڪ الله جو آهي، جنهن جو ڪنهن به ڇيهه ڏنو ناهي. هي اڄ به شاگرد آهي. ڪٿان تولو ڪٿان ماسو ميڙيندو رهي ٿو. استاد نواب شاهه ڪانپوءِ آخوند غني ڪيترائي سال محمد حسن انگياڻيءَ کان راڳ جي تعليم ورتي. مرحوم استاد جمن به سندس رهنمائي ڪئي.

شاهه فيض سنگيت ڪلب لاڙڪاڻو ۽ شاهه ولايت سنگيت ڪلب نئون ديرو جي باني آخوند غني ڪيترن ئي نوجوان راڳين کي سکيا ڏني آهي، جن ۾ مرحوم مريد عباس، انور سانگي جونيئر، آصف ابڙو، مختيار سانگي، شاهد لاڪو ۽ برڪت شيخ شامل آهن. آخوند غني پيٽي استاد محمد يوسف ۽ سائڻ عابده پروين کي پسند ڪندو آهي پر ماسٽر چندر جو پرستار سڏائيندو آهي. هي چوي ٿو ته: ”چندر جي آواز، شاعري ۽ موسيقيءَ ۾ سنڌ جي مٽيءَ جو هڳاءُ آهي.“ ايم اي (سنڌي) ايم ايڊ ڪندڙ آخوند غنيءَ کي اڄ ڪلهه سنڌي ٽي وي چئنلن تي نه ٿو گهرايو وڃي. جڏهن ته ڪي ٽي اين پنهنجي پهرين نشريات ۾ هن جي آواز ۾ ماسٽر چندر جو ڪلام ”آئي چمن ۾ بهار“ هلايو هو. ڪيس پي ٽي وي جي ڪجهه پروگرامن ۾ به موقعو مليو آهي. جڏهن ته ريڊيو پاڪستان ڪراچي،

حيدرآباد، خيرپور ۽ ايف ايم لاڙڪاڻو تان سندس آواز ٻرندو رهيو آهي. آخوند غني پٽيءَ جي رڳو هڪ آڊيو ڪيسٽ مارڪيٽ ۾ آئي آهي. ايليمنٽري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ميوزڪ ٽيچر جي نوڪري ڪندڙ عبدالغني پٽي پنهنجي وڏڙن واري علمي ادبي وات وساري ناهي. هو سٺو شاعر ۽ نثر نويس به آهي. سندس ادبي پرورش ۾ مرحوم علي نواز وفائيءَ جو وڏو هٿ آهي. ان جي صحبت ۾ ڪيس لکڻ پڙهڻ جو شوق جاڳيو ۽ هن 10 ورهيه وفائي پرنٽنگ پريس (پاڪستان چوڪ ڪراچي) ۾ مئنيجر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو آهي. توڙي جو آخوند عبدالغني پٽيءَ جي شاعري مشهور راڳي شمن علي ميرالي، غلام شبير سمون، لطيف قاضي، سهراب فقير ۽ ٻيا فنڪار ڳائي چڪا آهن پر سندس پسند جي صنف نثري نظم آهي. غني پٽيءُ جي نثري نظمن جو ڪتاب ”ٽانڊا، گل غبار“ شايع ٿي چڪو آهي، جنهن جي سٽ سٽ ۾ مزاحمت آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي سريلي شاعر مرحوم سائين آٿم ناٿن شاهي لکيو هو. ان ڪانسواءِ فقير غني ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، جن ۾ سندس مرشد سيد بگن شاهه جي شاعريءَ جو ڪتاب”عشق ڪيو آباد“، فيض درياهه جي شاعريءَ جو ڪتاب ”قلندري خطاب“، سيد ولايت شاهه جي سرائيڪي ڪافين جو ڪتاب ”ڍولا ماهي آ“ ۽ علامه هدايت الله تارڪ نجفيءَ جي سنڌي ڪافين جو ڪتاب ”فقير راضي، الله راضي“ شامل آهن. فقير وڏي محنت ڪري ڪتاب ۾ سندن زندگيءَ جو احوال ڏيڻ سان گڏ ڏکين لفظن ۽ صوفي اصطلاحن جون معنائون به ڏنيون آهن جن ۾ هندي، عربي ۽ فارسي لفظ به شامل آهن.

سندس نثر جو به هڪ ڪتاب شايع ٿي چڪو آهي جنهن ۾ ڳچ فقير جا گفتا ڏنا ويا آهن. ان ڪانسواءِ آخوند غني پٽيءَ جو هڪ ڪتاب ”ڪٽيءَ جي خوشبو“ اجا شايع نه ٿي سگهيو آهي. هيءُ ڪتاب ڳوٺ ڪٽيءَ جي تاريخ آهي. جنهن ۾ ڪٽيءَ جي ڪيترن ئي دلچسپ ڪردارن تي لکيو ويو آهي. حقيقت ۾ اهو سيني قلمڪارن جو فرض آهي ته پنهنجي پنهنجي علائقي/ڳوٺ/شهر جي تاريخ قلمبند ڪن. پنهنجي علائقي جي رسمن رواجن تي لکن. شادين، غمين تي لکن. فقير عبدالغني پنهنجي ڳوٺ جي تاريخ سهيڙي وڏو ڪم ڪيو آهي. فقير عبدالغني روايتي صوفي ۽ روڳي راڳي هرگز ناهي. هو تارڪ ٿي دنيا تياڳڻ کي تصوف نٿو سمجهي. هو چوي ٿو ته: ”صوفي اهو آهي جيڪو شاهه شهيد جي وات وٺي عوام جي ڀلي لاءِ جاکوڙي، صوفي شاهه عنايت شهيد تسبيح ۽ مصلو ڇڏي تلوار کڻي اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته هاڻي ”هو“ نه ته چلن ۽ وظيفن سان ملي سگهي ٿو ۽ نه وري نمازن ۽ روزن سان ريجهي سگهي ٿو. ان ڪري هاڻي صوفين کي حق جي وات وٺڻ گهرجي.“

تن ڪڏي من حجرو، ڪيم چاليها رک.

فقير عبدالغني پٽي توڙي جو گهڻ طرفي شخصيت آهي، هن جي ڪم جو دائرو وسيع آهي پر هن جي راڳيءَ واري روپ جو آئون پرستار آهيان. هي اياز جي نظم واري ”جڪڙين راڳين“ جي ڪڙم مان آهي، جيڪي پنهنجي سر ۽ ساز سان ڏيساورين کي جڪڙي ڇڏيندا هئا ۽ اهي پنهنجو ديس وساري هتان جا ٿي ويندا هئا. آخوند غني پٽي زندگيءَ جا 53 ورهيه وهائي چڪو آهن. ڏٽي ڪيس وڏي ڄمار عطا ڪري، جيئن هو دردوند ديس جي ماٺهن جي ڦٽن تي سر ۽ سنگيت جا ڦها رکندو اچي.

# ناني نازي

## مڙسن کان ٻہ قدم اڳتي قومپرست پناٽي

سندس اصل نالو بيبي بلقيس هو، هوءَ افغانستان جي ڪنهن ڏورانهين علائقي ۾ 1920ع ڌاري پيدا ٿي. ننڍڙي عمر ۾ اغوا ڪري سنڌ ۾ وڪرو ڪئي وئي. سندس پهرين شادي محمد سليمان آريجي سان ٿي، جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي بہ هئي، جيڪا اڃا ڇهن مهينن جي مس هئي جو محمد سليمان راهہ رباني وٺي رمندو رهيو. ان دؤر ۾ اسان جي خاندان جي وڏي عمر خان پيرزادي جو اڪيلو جوان پٽ عبدالرحيم ڪڪ جي سنگهڻ ڪري گذاري ويو هو. پوءِ سنگت ساڻ زور وجهي ڪيس ٻي شادي ءَ لاءِ راضي ڪيو. اهڙي ريت ناني بلقيس جي ٻي شادي وڏيري عمر خان پيرزادي سان ٿي.

رڳو گهر جي ڀاتين کي خبر هئي تہ سندس نالو بلقيس هو، باقي هوءَ سڄي تر ۾ "ناني نازيءَ" جي نالي سان مشهور هئي. هوءَ منهنجي پڙناني هئي. هن کي هتي چار پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. توڙي جو پيرزادن جون عورتون ان وقت برقعا پائيندڙيون هيون ۽ گهر مان ٻاهر نہ نڪرنديون هيون پر ناني نازي اهڙي پابندي قبول نہ ڪئي. نانيءَ کي گهر جو ڪم ڪرڻ صفا نہ آيو، سندس ٻارن جي پالنا هن جي اڳ ڄائي ڌيءَ (منهنجي ڏاڏي) ڪئي. ناني نہ ڪڏهن ماني پچائي، نہ ئي وري ٻوڙ رڌو ۽ نہ ڪڏهن مال کي چارو ڏنو يا ڏڌو البت ٻارن جو تولو وٺي ٻير ميڙڻ، ڪارڙا ۽ پيرون چونڊڻ، ٻنيءَ جي سنڀال، مڇ پڇڻ، پلي پٽڻ جهڙا ڪم شوق سان ڪندي هئي. هن منهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي بہ ٻاروتڻ ۾ ٻير ۽ ڪارڙا ميڙايا تہ اسان کي بہ. جڏهن ڪچي ۾ ٻوڏ ايندي هئي تہ پاڻي اسان جي گهر پرسان ٻيهندو هو، تڏهن ناني نازي اتان ننڍڙيون مڇيون ڦاسائي بنا لوڻ مرچ وجهڻ جي ٽانڊي تي رکي پچائي کائيندي هئي، جنهن تي ڪيس پٽ، ڌيئون، ڏوهٽا ۽ پوٽا ٽوڪيندا رهندا هئا پر ناني سندن ڳالهہ تي ڪڏهن بہ غور نہ ڪيو. جهيڙو ڪرڻ نانيءَ جو محبوب مشغلو هو، اڪثر گهر ۾ ڏيئن، اڳ ڄائين، ڏوهٽن ۽ پوٽن سان تہ وڙهندي رهندي هئي پر اوڙي پاڙي جي عورتن لاءِ بہ آزار هئي. پلي پٽيندڙ عورتن تي اوچتو اچي ڪڙڪندي هئي ۽ ڪين ماري ڪٽي ڪانئڻ پلي ڪسي وٺندي هئي ۽ ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو، جو پنهنجي ٻنيءَ مان ساڳ ۽ پلي پٽيندڙ عورتن کي چوندي هئي تہ "نڪرو اسان جي ٻنيءَ مان." جڏهن اهي ڪيس چونديون هيون تہ "هيءَ اسان جي ٻني آهي" تہ ناني پترن سان سندن مٿو پيچي وجهندي هئي ۽ انهن جا مرد ڪلي ڪلي اسان کي نانيءَ جي وارادت ٻڌائيندا هئا. اهي ڏاڍا سنا ڏينهن هئا، ڪڏهن نہ ڪنهن منهن گهنجايو. توڙي جو ڪجهہ عورتون عضون پڇڻ ڪري ڪنيارڻ تائين بہ پهتيون.

هڪ ڀيري اسان جي جَوَن جي پوک مان ڪو شخص روزانو چڱو خاصو گڏو لُٽي ويندو هو، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خبر تہ پئجي وئي تہ واردات ٿي رهي آهي پر اهڙي چور کي پڪڙي ڪير؟ جو هن جو ٽائيم تي اهڙو هو جو ان مهل سيڪو مٺيءَ ننڊ ۾ هوندو آهي. ناني نازي توڙي جو 60 ورهيہ سنڌين سان رهي تہ بہ هن جو لهجو پشتو رهيو، نانيءَ اعلان ڪيو، "جَوَ لٽندڙ چور کي مان پڪڙيندي!"

ناني نازي رات جو 3 وڳي گهر مان لٺ ڪٽي نڪتي ۽ وڃي ٻنڌ تي ويهي رهي. چور بہ چڱو خصو جَوَن جو گڏو ڪٽي جيئن ئي ٻنڌ کان ٽپيو تہ ناني جو ڪنڌ تي ڏنڊو لڳي ويس. همراهہ کان ڀري ڇڏائجي وئي. ايتري ۾ ٻيو سوٽو مٿي ۾ وهائي ڪڍيا. پوءِ ناني ڀري مٿي تي ڪٽي گهر پهتي. ان مهل گهر جا ڀاتي جاڳي چڪا هئا. ناني جون جو گڏو اڇلائي اعلان ڪيو، "هي وٺو جوَ، باقي چور مٺي پئي ٿو."

ناني جي اعلان سين کي ڇرڪائي وڌو. يا الله خير... الائجي ڪهڙو غريب ماري وڌائين. ڳاهه جي پريءَ عيوض!

همراهه ڊوڙي وڃي پهتا. ڏسن ته دريا خان ماڇي پٽ تي پيو آهي. ڇاتيءَ تي ڪن رکي ڏٺن ته همراهه ۾ ڪجهه ساهه هو . همراهه کي ڪٽي آيا. پورا 12 مهينا مڙس لوڙيو. شابس هجي ماڇين کي جن چيو ته نانيءَ جي هٿان مڙس مري به وڃي ها ته ڪجهه نه ڪيون ها.

اسان ڪچي ۾ رهندڙ هئاسين، ان ڪري اسان جا گهر لڪڙ جي ڪنڊين سان ٺهيل هوندا هئا. هڪ دفعي نانيءَ ڪنڊي مان نانگ ويندي ڏٺو ۽ ڊوڙي وڃي نانگ جي پڇڙيءَ ۾ هٿ وڌائين. ناني نانگ کي زور سان پڪڙي پنهنجي پاڻهن تي ورائيندي رهي ۽ نانگ به اڳتي زور ڏنو. اوچتو نانيءَ پٽ تي اچي ڦهڪو ڪيو. سين ڏٺو ته نانگ جو اڌ حصو نانيءَ جي هٿ ۾ هو ۽ باقي نانگ ڇڇي گم ٿي ويو.

ناني نازي به عام پٺاڻن وانگر صوم صلوات جي پابند هئي. رمضان شريف جا سمورا روزا رکندي هئي ۽ پنج وقت نماز پڙهندي هئي ۽ جڏهن ڇٽ جي موسم ۾ مچر گهٽا ٿيندا هئا ۽ هوا نه لڳندي هئي ته پٺاڻڪي لهجي ۾ لا الہ الاالله جو ذڪر به ڪندي هئي. ناني پنهنجي عمر ۾ ٻه حج ڪيا ۽ ٽئين حج جي آس ڪٽي وڃي پوڻ پيڙي تي. ناني پهريون حج پيادل ڪيو، جنهن جي سفر ڪتا پئي ٻڌائيندي هئي ۽ ٻيو حج ساموندي جهاز رستي ڪيائين.

نانيءَ جي اڳئين مڙس واري ڌيءَ جي شادي يار محمد آريجي سان ٿي، جيڪو خيرپور ضلعي جي ٻهارو شهر جو رهواسي آهي. پوءِ ته نانيءَ جو پلهڙيجي- ٻهارو تائين سفر جاري رهندو هو. اسان ٻارن کي صلاح ضرور ڪندي هئي پر پاڙي ٻچائڻ لاءِ يڪو پنڌ ڇڪيندي هئي، جنهن ڪري پيرن ۾ لِڦون پئجي ويندي هيون ۽ ٻه ڏينهن بخار ۾ پيا هوندا هئاسين. ٻهاري شهر ۾ به ناني ايتري ئي مشهور هئي، اتي به ڪيترين ئي مايون نانيءَ هٿان مار کائي ڇڪيون آهن.

ناني بلقيس ڪنهن ڳالهه تان ڪاوڙجي پنهنجي ٻن نندڙن ٻارن کي وٺي پنهنجي مائٽن ڏانهن افغانستان ڏانهن هلي وئي پر سندس وڏڙو پٽ محمد خان اڌ رستي مان موٽي آيو، جڏهن ته صاحب خان کي وٺي هو پنهنجي ڳوٺ پهتي، جتي سندس ابو ۽ امڙ نه رهيا هئا. هوءَ پنهنجي پيائرن سان ملي. ٻه ورهيه اتي رهي. ان دوران سندس نندڙو پٽ صاحب خان گذاري ويو ۽ نانيءَ جي پاءُ هن کي ٻيهر پرڻائڻ لاءِ ووڙ شروع ڪري ڏني. اها ڪڙڪ پوڻ سان ئي ناني واپس سنڌ ڏانهن موٽ ڪاڏي، ڇاڪاڻ جو اتي سندس 5 ٻچڙا موجود هئا. ناني جڏهن هتي پهتي ته ڪيس گهر ۾ رهڻ نه پئي ڏنو ويو، ڪيس پنهنجي پٽن چيو، ”تون اسان جي پاءُ کي مارائي آئي آهين!“ پر پوءِ ساڻس ٺهي ويا.

اسان کي نانيءَ کي چيڙائڻ ۾ مزو ايندو هو. هونئن ته ناني توري توري ڳالهه تي چڙي پوندي هئي پر جڏهن به اسان پٺاڻن کي گهٽ وڌ چوندا هئاسين ته ناني اسان کي اهڙيون گاريون ڏيندي هئي جو ڪيس پنهنجون ڏيئر چونديون هيون، ”توکي پنهنجي ڏيئرن کان وڌيڪ پٺاڻ پيارا آهن، جن توکي ڪپايو ۽ جن جو نمڪ ڪاڌو اٿئي، انهن کي گاريون ٿي ڏين.“

دراصل ناني حقيقي قومپرست هئي، پٺاڻن تي لفظ نه سهندي هئي ۽ جيڪي گهورڙيا پٺاڻ ايندا هئا، انهن سان پشتو ڳالهائيندي هئي ۽ کين ماني ٽِڪي ڪارائيندي هئي.

اسانجي ڳوٺ ۾ 7-8 پٺاڻ عورتون آهن، جيڪي جڏهن ڪنهن ڪاڄ ۾ گڏبيون هيون ته نموني طور هڪ اڌ پشتو سهرو ضرور ڳائينديون هيون پر ناني نازي جي سهرن، لاڏن کان وڌيڪ ڪاڏي پيتي سان دلچسپي رهي. عمر جي آخري حصي ۾ نانيءَ جي نظر گهٽجي وئي هئي پر پوءِ به پلهڙيجي جي درگاهن تي ويندي رهندي هئي، مان رڳو ناني نازيءَ کي ئي جماعت سان گڏ مسجد ۾ نماز پڙهندي ڏٺو، جنهن تي اسان جي خاندان جا نمازي نماز ئي

ڇڏي ويا پر ناني مسجد ڏانهن ايندي رهي. هڪ اڌ ملا جڏهن ڪيس مسجد ۾ اچڻ کان روڪيو ته ان ڪي ٻه ٻه چار چنبا وهائي ڪڍيائين.

1994ع ۾ روزاني برسات ۾ ڪم ڪندو هئس. انهن ڏينهن منهنجي مامي جو ننڍڙو گذاري ويو هو. ڳوٺ ويس ته نانيءَ سان مليم، ڪيس ڇيڙائيندي چيم، ”ناني، پلا اڄ سپاٽي مري ڏيکار، نه ته موڪل ئي نه ملندي.“ هن پيري ناني صفا نه ڪاوڙي، رهندو مُرڪي پئي.

ٻه ڏهاڙا ڳوٺ رهي موٽيس. انور ”جونيئر“ به تڏهن ساڳي اخبار ۾ ڪم ڪندو هو. هُو ان ڏينهن ڳوٺ روانو ٿيو. اٿين ڏينهن سندس خط پهتو، ”ڏاڏي گذاري وئي آهي. آفيس وارن کي ٻڌائجانءِ. مان اچا ٻه ڏينهن نه ايندس.“

# مائي پري ماڇياڻي

## چرچن ۾ مردن کي مات ڏيندڙ مائي

سڄو ڳوٺ ڪيس ماسي پري يا پڦي پريءَ جي نالي سان سڏيندو هو. هئي ته عورت پر هن چرچن ۾ مردن کي به مات ڏئي ڇڏي هئي. ڪيترا ماڻهو ڪيس ڏسي دڳ مٽي ويندا هئا. هو اصل ۾ ڳڙ شهر جي پرسان شيروءَ جي ڳوٺ جي ويٺل هئي. پڦي پريءَ جي شادي قائم ماڇي سان ڪرائي وئي، جيڪو پنهنجي گهر واريءَ جي ڪنٽرول ۾ هو. پڦي پري جهڙي رنگ جي ڪاري هئي، اهڙي ئي ٿلهي به هئي. اصل مينهن جي ڏِک ڏيندي هئي. سڄي ڳوٺ سان خوشيءَ توڙي غميءَ ۾ شامل هوندي هئي. ڪنهن جو به ڪاڄ ٿيندو، وچ ۾ هوندي هئي. ساڻن هر طرح جي مدد ڪرائيندي هئي. چار پٽ ۽ چار ڌيئر هئس.

1976ع ۾ ڪنهن جي ڏٽن تي خاندان سميت سعودي عرب وڃڻ لاءِ تيار ٿي، جيڪي به ڳهه ڳٺا هئس، سي سڀ ڳاري ڇڏيائين، جيڪو به مال رزق هئس، اهو کپائي ڇڏيائين. اوڙي پاڙي توڙي قرب وارن کان ڪجهه قرض به ورتائين، چي: ”سعوديءَ خير سان وڃان، توهان جو سمورو قرض لاهي ڇڏينديس.“

اهڙي نموني رڳو گهر جي جاءِ پاڙي وارن کي امانت طور ڏئي موهن جو دڙو ريلوي اسٽيشن کان ڪراچيءَ لاءِ رواني ٿي وئي. پويان رهيون رڳو ماسي پريءَ جون ڳالهيون. اٽڪل مهيني کن ڪانپوءِ موهن جو دڙو ايئرپورٽ تي ويٺل ڳوٺاڻن ماسيءَ پريءَ کي پنهنجي خاندان سميت جهاز مان لهندي ڏٺو. هوءَ لائونج ۾ داخل ٿي، هڪ ٽنيي کي پاڪر پائي بيهي رهي ۽ ڪا گهڙي ٽنيي کي چميون ڏيندي رهي. ان مهل سندس نظر اتي بيٺل ڳوٺاڻن پائو محب، پائو منور، پائو غلام صديق ۽ ٻين تي پئي ته بيهر ٺلهه کي چمندي چيائين” حق مدني! سڀ ڳوٺ جا ماڻهو...!!“ جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو ته ”ماسي تون مديني نه پر مهين تي لٿي آهين“ تڏهن پٽڻ ۽ پار ڪٽڻ شروع ڪيائين: ”اڙي مارئي جي ڏاڙهي ڪوڙيان، قبر ڪٽانس، مون سان ظلم ٿي ويو، مان برباد ٿي ويس. شل ڦهر پويس، شل ڪاريءَ تي پير پويس. مون سان ناحق ڪري ڇڏيئين.“ سيني کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته دلال ماسي پريءَ سان دوکو ڪري کيس مديني بدران ڪراچيءَ کان مهين جو دڙو ايئرپورٽ جون ٽڪيٽون وٺي ڏنيون هيون.

ان واقعي ڪانپوءِ ڳوٺ جا اڪثر ماڻهو ماسي پريءَ کي ”حق مدني!“ ڪري مخاطب ٿيندا هئا، جنهن تي انهن کي به ست سُريون سڻائيندي هئي ته ان نڳ جي به ستن پيڙهين کي ياد فرمائيندي هئي.

اڌ عمر گذرڻ ڪانپوءِ دائپو به شروع ڪيائين. ماڻهن سان چرچا به جاري رکندي آئي. اسان جي ڳوٺ ۾ لڏي آيل شيروءَ جي ڳوٺ وارا ماڇي مرڻي توڙي پرڻي چرچا ڪندا رهندا آهن. پڦي پريءَ جو مڙس گذاري ويو. جڏهن چاچي قائم جو گهر مان جنازو ڪنيو پئي ويا ته ان وقت پڦي پري پار ڪٽندي ۽ اوسارا ڪندي سندس ڪٽ پنيان اچي رهي هئي ته سندس ذات جي هڪ همراهه ساڻس چرچو ڪندي چيو ”روئين ڇالاءِ ٿي! مان جو ويٺو آهيان، تون ڪا ڳڻتي نه ڪر!“ تنهن تي ماسي پري روئڻ وساري ڪيس گارين ۾ شروع ٿي وئي.

ماسي پري هڪ ڀيري اسان جي ڪچي واري ڳوٺ آئي. ان وقت شام ٿي وئي هئي، مان ان وقت پنجون درجو ٻلهڙيجيءَ ۾ پڙهندو هئس، جو نياپو اچي ويو ته سياڻي امتحان ٿي رهيا آهن، ڪيئن به ڪري پهچ. سو اسان ٻئي ٻلهڙيجي هلڻ لاءِ تيار ٿياسين. دڳ تي وهندڙي وهي آئي هئي ۽ پاڻي وڏو هو. مان ۽ ماسي پري ٻئي اڻ تارو هئاسين پوءِ به پاڻيءَ ۾ لهي پياسين. پاڻي تمام وڏو هو ۽ اسان ٻنهي جا پير نڪري ويا. هن مون ۾ هٿ وجهڻ جي

ڪوشش ڪئي تہ پرينءَ پَرَ تي ڪجھ ڳوٺ جا ماڻهو اچي رهيا هئا، جن پڦيءَ ڪي گاريون ڏئي چيو تہ ”چوڪري ۾ هٽ نہ وجهجان“ پوءِ انهن اسان ٻنهي ڪي پاڻيءَ مان ڪڍيو. انهن ۾ محبوب ابڙو عرف رياضت فقير بہ هو جيڪو بہ ڏاڍو چرچائي ۽ مزيدار ماڻهو هو. ان واقعي ڪانپوءِ مان، ان مان اچي ڦاٿس. هو جنهن ويل بہ ملي تہ اها ڳالھ ڪري ”اقرار مائي پريءَ سان ڍنڍ پيو ٽپي، ان ڪي ترڻ لاءِ بندي ڏنائين جيڪا نڪري ويس. پوءِ تہ همراھ ڪي ٻوڙي پئي پر اسان بچائي ورتس.“ هڪ ڏينهن علي شير چهواڻ جي هوٽل تي محبوب فقير بہ ويٺو هو . ساڳي ڳالھ ڪيائين. مونکي بہ رونشو لڳو، پڦي پريءَ جو گهر پرسان هو، سو مان سندس گهر وڃي ڪيس سڄي ڳالھ ٻڌائي، بلڪ ڪجھ وڌائي ٻڌائي. پوءِ تہ پڦي پري هوٽل تي ويهارو ڪن ماڻهن سامهون اهڙي ڪيس، جهڙي ٻرڙو ڪري ٻارن سان.

پڦي پري ڏوڪريءَ جي بس اسٽاپ تي سوزوڪيءَ ۾ ويٺي هئي. اتي سندس ذات وارو هڪ همراھ چولا ڪپائيندو هو، جنهن جون مڇون انڊين فلم شرابيءَ واري نٿو لال جي مڇن جهڙيون هيون. اتي هڪ همراھ چولن واري ڪي پنج رپيا ڏئي چيو: هُن مائي ڪي چولا ڏئي آ. ائين چئي هُن پڦي پريءَ ڪي اشارو ڏئي ڇڏيو. جيئن ئي پڦي پريءَ ڪي چولا ڏنائين تہ هن جملو وهائي ڪڍيس: شهپر تہ ڪهڙا تي! پڙوت ٿو ڪرين؟ ويچاري چولن واري جي حالت ڏسڻ جهڙي هئي. همراھ ٽالھ ڪٽي جو پيرن تي زور رکيو تہ وري ڪڏهن بہ اسٽاپ تي نظر نہ آيو، البت شهر ۾ چولا وڪڻندو رهندو هو.

مائي پري اٽڪل 70 ورهين جي ڄمار ۾ 2009ع ۾ وفات ڪئي. تڏي تي ويٺل سيئي ماڻهو سندس ڳالهيون ياد ڪري کلي رهيا هئا.

# مينهون ماڇي

### ڏڏ وڏو ڏڏ، پاڻ ڪوناڻي مڱڻو

سنڌ جي هر وستي، هر واهڻ ۾ اهڙا ماڻهو جام ملندا جيڪي هوندا ته صفا ڏڏ ۽ اجاڻ پر پاڻ کي ڪلاونت سمجهندا آهن. مينهون فقير به اهڙن ئي ڪيرتن جي ڪٽنب مان هو. نه ته ڪي آواز چڱا هئس، نه ئي ڪڏهن صحيح ٻول اچاري سگهندو هو پر همراهه جي اندر ۾ ڪو ڪورو متل هو، جيڪو ڪيس سک سمهڻ نه ڏيندو هو ۽ هن جي "ڳاءِ بانورا ڳاءِ" واري ڪار پئي پوندي هئي.

اسان اجا سمجھ ڀريا ئي نه ٿيا هئاسين جو ڪيس سخي شاهه جمال جي درگاهه تي ڏٺوسين. فقير يار محمد جي مئخاني تي ٿيندڙ راڳ جي محفل ۾ مينهين ماڇيءَ کي اڳ ۾ وارو ڏنو ويندو هو، نه ته فقير يار محمد ان معاملي ۾ ڏاڍو سخت هو. ان مئخاني جا مور جهڙي تهڙي فنڪار کي چڪي ئي نه ڪندا هئا. جنهن فنڪار جو تلفظ صحيح نه هوندو هو، ان کي ڳائڻ جي اجازت ئي نه ڏيندا هئا. گُر تار جو گٽل پيو ٻاٽون ڪائيندو هو پر مينهين فقير سان سندن خاص مهرباني هوندي هئي. مينهون ماڇي سيني شوقينن جو دادلو هوندو هو.

ڏڏ وڏو ڏڏ، پاڻ ڪوناڻي مڱڻو
نه ڪنهن ڪنيو پاڻ سان، نه ڪنهن ڪيو ڳڏ
سپڙ ڪري سڏ، ڏڏ ڏُئليءَ چاڙهيو.
(شاهه)

مينهون ماڇي محفل ۾ گوڏا ڪوڙي ويهندو هو. سازيندڙن کي هدايتون ڏئي ردم تي جهومڻ لڳندو هو. ٻڌندڙ سازن جي سحر ۾ گم هوندا هئا جو مينهون فقير اوچتو "الو ميان" جي رڙ ڪندو ۽ اٿندي ئي لئي مان نڪري ويندو هو. ٻڌندڙ جو سڄو مزو ئي الوپ ٿي ويندو هو. پوءِ ڏوهيڙو ڏيندو هو، جيڪو به اڪثر غلط هوندو هو. ڏوهيڙي ڏيڻ ڪانپوءِ مينهون فقير محفل سان هيئن مخاطب ٿيندو هو:

"سائين راڳ ڏاڍو ڏکيو آهي. راڳ جهڙي تهڙي جي وس جي ڳالهه نه آهي! راڳ ڳائي ته خانڻ پولائي يا وري ڪمال - الا....! اسان ڳائڻا ناهيون، باقي عشق تو نچائي!"

چاچو مينهون هر ٻن ڪلامن ڪانپوءِ خانڻ پولائي ۽ ڪمال جو ذڪر ضرور ڪندو هو ۽ مان سمجهندو هئس ته اهي واقعي ڪي وڏا فنڪار هوندا. نيٺ هڪ ڏينهن فقير يارمحمد کان پڇيم:

"فقير سائين، اوهان اهي ٻئي فنڪار ڏٺا؟"

فقير کلندي ٻڌايو "اهي ٻئي به مينهين فقير جهڙا ئي هئا."

مينهون ماڇي جذبات ۾ ڳائيندو هو. سندس انداز ڏول فقير وارو هو، اصل يار جون هڪلون پيون پونديون هيون، چڻ راڳ سان جهيڙو ڪندو هجي. جڏهن گر تي ماڻهو ساٿس ڪورس ۾ "ها" يا "هو" جو آواز نه ملائيندا هئا ته صفا چڙي ويندو هو. چاچو گهٽو ڪري انگوڇي جي گوڏ ٻڌندو هو ۽ اجرڪ جو پٽڪو. راڳ ڳائيندي جذبات ۾ اچي اٿي ڪڙو ٿيندو هو، ان وقت اسان جو مامو مرحوم غلام شبير پيرزادو ڪيس رڙ ڪري چوندو هو

”چاچا اگھاڙو ٿو ٿئين!“ تڏهن همراهه يڪتارو ڇڏي ٻئي هٿ گوڏ ۾ وجهي ويهي رهندو هو ۽ محفل ۾ هوڪرا پئجي ويندا هئا.

چاچي مينهين جي عمر جي صحيح خبر ناهي پر اندازن 1930ع ڌاري پيدا ٿيو. 1980ع ۾ به 50 سالن جو لڳندو هو. ڪڏهن ڏاڙهي شهپر اچا هوندا هئس ته ڪڏهن ڪيس ڪري وار ڪارا ڪري ڇڏيندو هو. سندس ڳوٺ حاجي مشوري، موهن جي دڙي کان هڪ ڪلوميٽر اتر تي آهي. نه ڪي پنج اکر پڙهيو، نه ئي ڪنهن کان راڳ سکيائين. ان ڪري همراهه بنا سمجهڻ جي ٻول ڳائيندو هو. ڪڏهن ته هڪ سٽ سنڌيءَ جي، ٻي سرائيڪيءَ جي ۽ ٽينءَ ۾ ”اديون شاهه لطيف چئي“ چئي ڏوهيڙو پورو ڪندو هو ته ماڻهو وائڙا ٿي ويندا هئا پر ان مهل ڪو نه ڪو ماڻهو ”واهه“ چئي وري مينهين فقير کي جوش ڏياري ڇڏيندو هو. شوقين هن کان سورٺ، سنڌي ٽوڙهي ۽ ٻين راڳڻين جون فرمائشون ڪندا هئا. پوءِ ته راڳڻي ۽ ٻولن سان هڪ جهڙي ٽيندي هئي پر هن کي سڀ مباح ۽ معاف هو.

مينهون فقير شاعري به ڪندو هو، جنهن ۾ ڪو بحر وزن ته نه هو پر قافيا به صحيح طرح نه هوندا هئا. پنهنجي شاعري پاڻ ئي ڳائيندو هو. وڏي ڪوشش ڪيائين ته سندس ڪلام ڪو ٻيو ڳائڻو به ڇوي پر سندس گذارش تي ڪنهن به ڌيان نه ڌريو. سندس هڪ ڪافي هن نموني هئي:

دلڙي هئم دلبر سان ڪا، رانجهن يار اڏامي ويو

ٻي ڪافي هئي:

دلڙي اداسي منهنجي ڪري ويو، ياءُ پيچي ويو پيرو يار

سندس هر ڪافيءَ جي آخري مصرع جي پهرين سٽ ساڳي هوندي هئي:

”مينهون ماڇي عرض ڪري ٿو!“

مينهون پورهيت هو. سڄو سڄو ڏينهن ٻنيءَ تي ڪم ڪندو هو ۽ شام جو ڪينر ڪلهي تي ڪري ڪنهن نه ڪنهن درگاهه تي نڪاءُ اچي ڪندو هو. عمر جي آخري ڏينهن ۾ به نه پورهيو ڇڏيائين ۽ نه ئي راڳ سان ناتو ٽوڙيائين. جيستائين سندس پير پنڌ جهڙا هئا، تيستائين اهي ٻئي ڪم ڪندو آيو. ايڏي عمر ۾ به هو پنهنجي ڳوٺ کان چار ڪلوميٽر پنڌ ڪري هر سومر رات ٻلهڙيجي ايندو هو. ڪڏهن ٻنڊي، ڪڏهن پير مياںداد، ڪڏهن جمن شاهه ته ڪڏهن پير حمر جي درگاهه تي وڃي پهچندو هو. پٽ ڪيس منتون ڪندا هئا ته ”هاڻي گهر ۾ رهه“ پر هي يار امداد حسينيءَ وانگر ”گهر هلي ڇا ڪيون“ چئي ڪنهن نه ڪنهن مئخاني تي پهچي ويندو هو. نشي جو عادي به نه هو، بس پن جي ٻيڙي ڪڏهن ڪڏهن ڇڪيندو هو پر راڳ جو موالي ضرور هو.

هڪ ڏينهن شام جو ٻلهڙيجي آيو. محفل ڪري صبح جو سوير اتر بدران ڏکڻ پنڌ ڇڪيائين. ٽن ڪلوميٽرن ڪانپوءِ سڌ پيس ته رستو ڀليو آهي. وري اتي ئي پوئين پير موٽ ڪاڏائين. ان ڏينهن 10 ڪلوميٽر پنڌ ڪري گهر پيڙو ٿيو.

ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ ”سنڌ صدين کان ڪانفرنس“ موهن جو دڙو ۾ ڪوٺائي وئي هئي. ان ڪانفرنس ۾ راڳ جو انتظام چاچي مينهين ماڇيءَ جي ڳوٺ حاجي مشوريءَ ۾ ڪيو ويو هو. مينهون فقير يڪتارو ڪڇي اتي پهچي ويو ۽ اعلان ڪيائين ته ”مان به ڳائيندس!“ انهيءَ محفل ۾ فقير عبدالغفور، مصري فقير، حسين بخش خادم، ڊول فقير ۽ ٻيا به ڪوڙ سارا فنڪار موجود هئا. اتي سندس ڳوٺ جي همراهن ڪيس سمجهايو ته ”هتي تمام وڏا ۽ سريلا فنڪار موجود آهن، هتي توکي ڪٿي وارو ڏيندا؟!!“ جنهن تي هن ٺهه پهه ورائڻِ ته ”اهي ڪي يار محمد فقير جهڙا سريلا ٿوروئي آهن. اتي به مان ڳائيندو آهيان، هي اسان کي ٻڌن ته جيئڻ خبر پئين ته سنڌ اجا گدڙن ناهي کاڌي. هتي به ڳائڻا موجود آهن.“ تڏهن ڪيس سازيندا نه هئڻ جو طعنو ڏئي ماٺ ڪرايو ويو. مرڻ گهڙي تائين ان

تي هاءِ واءِ ڪندو رهيو تہ ڪيس ان ڏينهن ڳائڻ نہ ڏنو ويو. جي بہ ٻول چوڻ جي اجازت ملي ها تہ اصل باھ لڳائي ڇڏي ها!

مينهين فقير جو ٻن ٻولن تي ڪنٽرول هو: شاھ سائينءَ سان منسوب ڪافي ”لائي تہ نماڻيءَ سان نينهن، دوست ائين نہ دل مٽجي“ ۽ ولي بخش فقير جي ڪافي ” مونکي ماڻن ساڻ ماريو، مرڪي محبوبن،“ ڏاڍي سٺي انداز سان چوندو هو.

عمر جي آخري ڏينهن ۾ هلڻ چلڻ کان چڙهي ويو هو، ڪيس گڏھ گاڏي تي سندس پٽ اسپتال آڻيندا هئا. ڪڏهن ڪٿي جي ملبو هو تہ پٽن جي شڪايت ڪندي چوندو هو تہ ”اهي مونکي راڳ لاءِ نٿا ڪٽي هلن، مان رڳو هلي ۽ ويهي نٿو سگهان، باقي اڄ بہ ڳائي سگهان ٿو ۽ اڄ بہ منهنجا ساڳيا ئي آواز آهن.“

مينهين فقير ماڇي 2008ع ۾ هي جهان ڇڏيو. ڪيس پنهنجي ئي ڳوٺ جي قبرستان ۾ درگور ڪيو ويو آهي.

# چيز ٻٽ

## ڪجي هِن جي ڪهڙي بات!

ميرو، گدلو، گرو، ورهين ڪان اڻ وهنتل ۽ اڌوتو. متي ۾ تہ جوئن جي ججهائي هيس پر سندس سونهاريءَ ۾ بہ رت ڇيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. ڪپڙا بہ اهڙا پاتل جو ماڻهوءَ کي ڏسندي ئي ڪراهت اچي وڃي. ڪڏهن نہ ڏوتل وڳو تن تي ڏٺو ڪيائين. اڪثر پير اگهاڙا هوندا هئس. جون جولاءِ ۾ سخت ڪاڙهي ۾ لُڪن ڪان مجبور ٿي جتي پائيندو هو تہ ان جا ٻئي پادر مَٽ هوندا هئا. توهان ڪان ڏهہ وکون ڪن پري هوندو تہ بہ سندس جسم مان ناس بوءِ اوهان کي پئي ساڙيندي.

اهو وڏيرو امام بخش عرف چيز ٻُٽ هو. جهڙو نالو هئس اهڙي ئي چيز هو. سدائين ٻر ٻر ۾ قرياس قرياس پئي پوندي هيس تہ "قلاڻو منهنجي زمين ڪنيو ٿو وڃي، ان کي روڪيو نہ تہ ڏائين مجين ڏار ڪري ڇڏيندومانس." سندس اهڙن ئي پرڪارن جي ڪري هن جو نالو چيز پئجي ويو، جنهن جي معنيٰ ٿيندي شيءِ، پر شيءِ بہ املهہ.

چيز ٻٽ 1944ع ڌاري موهن جي دڙي کان 6 ڪلوميٽر پري درياهہ جي ڪاپي ڪنڌيءَ تي ڳوٺ ٻٽ ۾ ڄائو. اهو ڳوٺ هاڻي پنهنجو وجود وڃائي وينو آهي. اهو تمام وڏو ڳوٺ هو، هتان جا رهواسي ڇئن پنجن قسطن ۾ ڳوٺ کي الوداع ڪندا نوان ڳوٺ قائم ڪري ويندا. 1973ع واري ٻوڏ ۾ چيز بہ اتان لڏي درياهہ جي ساڄي ڪپ ڳوٺ غلام حسين ٻٽ پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي وينو. سڄو ڳوٺ ڪچو ڇڏي ويو پر هن جهنگ جي جهانگي ڪچو نہ ڇڏيو ۽ اتي منهن ناهي ويهي رهيو. درياهہ جي پاڻيءَ تي ٿوري گهڻي پوڪ ڪندو هو پر اصل ڪرت هئس ماکي لاهڻ. سدائين جست جي وڏي گهاگهر ساڻ هوندي هيس جيڪا ماکيءَ سان ڪنين تار ڪري درياءَ ٽپي ڳوٺ وريندو هو.

چيز ٻٽ ڏورانهون سفر ڪونہ ڪيو پر تر جو سيلاني ضرور هو. پنهنجي سڄي جُوءِ ڪان واقف هو تہ پاڻ وارو سڄو تر بہ چيز کي سڃاڻيندو هئي. ان ڪري رهائش ۽ مانيءَ جو مسئلو حل هوندو هئس. سندس واقفڪارن جو وسيع حلقو هو، جنهن ۾ هر قسم جا ماڻهو شامل هئا. چيز پيريءَ وارن پيرن جو مريد هو پر راڻيپور جي ميران سائينءَ سان بہ وڏي عقيدت رکندو هو ۽ سندس خدمت چاڪريءَ ۾ رهندو هو. تنهن ڪري ان جي مريدن جو دادلو هو. بگي ڳوٺ ۾ سندس ناڪ مولوي گل حسن ابڙي جو مدرسو هو. هي جڏهن مولوين وٽ هوندو هو تہ ساڻن گڏ نمازون بہ پيو پڙهندو هو پر مان نٿو سمجهان تہ ڪو چيز ٻٽ ڪڏهن وضو بہ ڪيو هوندو. 83-1982 ۾ جڏهن سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ شروع ٿيو تہ چيز پهرين سٽ ۾ باهہ ڏئي پنهنجو منهن ساڙي ڇڏيو پر ڪچي ڪان ڪناره ڪشي هرگز نہ ڪيائين ۽ ماکي لاهڻ واري ڪرت بہ جاري رکيائين. ڪيس پري ڪان ماکيءَ جي خوشبوءِ ايندي هئي. هلندي هلندي ڪن هٽندو ۽ ڪجهہ سنگهندو. چوندو هو "هتي ماکي وينل آهي." واقعي اتي ماکي وينل هوندي هئي. ماکي ڏسي خبر پئجي ويندي هيس تہ اها ڪيتري خالص ۽ ڪهڙي منڊ جي آهي. سڄو تر چيز ڪان ماکي وٺڻ لاءِ سڪندو هو پر هن وٽان ماکي ملڻ مشڪل هئي. هڪ ڏينهن مون هن ڪان پڇيو: چاچا چيز، اها ڪيئن خبر پوي تہ هيءَ ماکي اصلي آهي يا نقلي؟ تڏهن جواب ۾ چيائين: "ٻي خبر توکي نہ پئجي سگهندي، باقي جڏهن ليٽر واري شيشي ۾ ماکي وجهين تورين ۽ ان جو وزن پوڻا بہ ڪلو بيهي تہ سمجهہ اها خالص ماکي آهي، ڇاڪاڻ جو ماکيءَ جي ملاوت ۾ پاڻيءَ ڪان وني جيڪي بہ شيون ڪم اچن ٿيون، انهن جو وزن ماکيءَ ڪان هلڪو هوندو آهي."

ڏاڙيلن جي آماجگاهه بڻجڻ تي ڪچي جي اڌ آبادي پڪي تي لڏي وئي. پتڻ تي پوليس ۽ ايف سيءَ جو پهرو لڳي ويو. بچاءَ بندن ۽ پتڻن تي ايف سي ۽ رينجرز وارن ڪئمپون قائم ڪري ورتيون. ايف سي ۽ ڏاڙيلن وچ ۾ ڪڏهن مقابلو نه ٿيو. ٻئي ڌريون پنهنجي حد ۾ رهيون، باقي ٻنهي ڌرين جو عوام سان ساڳيو آزار هو. چيز جا هيٺا حال ۽ ڪوجهي صورت ڏسي ايف سي وارا ڪيس ڪچي وڃڻ کان نه روڪيندا هئا ۽ ڏاڙيلن ۾ به ڪجهه اهڙا ماڻهو هئا جن جي موجودگيءَ ۾ ڪو به چيز جو نالو نه پيو وٺي سگهي. انهن ڏينهن ۾ جهنگ ماڪي لاهيندي چيز جي نظر وچي ايف سي اهلڪارن تي پئي. هن ڪي پنهنجي سِر کان وڏيڪ ماڪيءَ پريل گهاگهر جي ڳُٽتي ورائي وئي. تنهن ڪري همراهه هڪ کُهڙ هينان سمهي پيو. ايف سي اهلڪار ته اتان هليا ويا. ڪجهه دير ۾ ملاح اتي اچي پهتا. جيئن ته اهي مچي ماري پاٽيءَ مان نڪتا هئا. سو، جسم کي تنءُ ڏيڻ ۽ هٿ سيڪڻ لاءِ ڪٽي کُهڙ کي باهه ڏنائون. ڪاٺين کي باهه وڪوڙي وئي ته اوچتو چيز گوليءَ وانگر کُهڙ مان نڪتو. ملاحن کان رڙيون نڪري ويون: ”غيبات ڙي غيبات!“

انهن ڏينهن ۾ ڪن ماڻهن ايف سيءَ وارن کي اطلاع ڏنو ته ڏاڙيلن کي هٿيار ۽ ٻيو سامان چيز ڏئي ٿو وڃي. سو، ايف سي وارن چيز جي ڳولا شروع ڪري ڏني. هوڏانهن چيز روزانو سندن ڪئمپ تي ايندو هو ۽ اتي به چار پاٽيءَ جون بالٽيون چنڪار ڪري، سندن سليماني چانهه پي ڪچي روانو ٿي ويندو هو. هن کان به ڪڏهن ڪڏهن چيز جو پڇندا هئا ته چوندو هئن: ”يائي چيز تو چيز هوتا هي!“

متي چيز جا افعال بيان ڪري آياسين. ڏٺيءَ ڪيس صورت به چڱيرڙي نه ڏني هئي پر جڏهن سندس عمر 50 ورهين کان چڙهي هلي، تڏهن اوچتو حضرت عشق اچي سندس مهمان ٿيو. 1994ع ۾ ڀلهڙيجيءَ جي سيد ملوڪ شاهه جي ميلي تي موت جي کوهه وارا آيا، جنهن جي مالڪياڻي هڪ بيوهه عورت هئي. چيز ٻٽ جيئن ته درگاهه تي ٻهاريءَ واري ڊيوٽي ڏئي رهيو هو. موت جي کوهه واري پوڙهي ڪيس سڏي 1000 رپيا سندس حوالي ڪري به ڪلو ڪير آٽڻ جو چيو. چيز هن کي ٻڌايو ته ”منهنجو ڳوٺ تورو پريرو آهي ۽ مون وٽ ڪليا پئسا به نه آهن. هن مهل آئون ڳوٺ روانو ٿي ويندس ۽ صبح جو بانگ مهل تازي ڪير سميت واپس پهچندس.“

صبح جو چيز ٻٽ مائيءَ کي ڪير ۽ بقايا پئسا آڻي ڏنا. پوڙهيءَ کي هن جي ادا ۽ ايمانداريءَ موهي وڌو ۽ ٻنهي ۾ پرت جا پيچ پئجي ويا. بلڪل ”سچو عشق ٻدا نه ٿيوي، توڙي هووَس چٽڙي ڏاڙهي“ وارو ڪم ٿي ويو. ٻنهي ۾ قول قرار ٿي ويا ته ٻئي پوڙها (جن جا همسفر راهي ۽ اولاد جوان ٿي چڪو آهي) باقي زندگي هڪٻئي جي ياڪرن ۾ گذاريندا. جيئن ئي ميلو ختم ٿيو ته چيز ڳوٺ ورڻ بدران موت جي کوهه وارن سان گڏ روانو ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن اندر چيز جي گمشدگيءَ جي خبر جهنگ جي باهه وانگر پکڙجي وئي. ماڪين جا واپاري، طاقت جا ڪشتا ٺاهيندڙ حڪيم، ملان، مولوي، سندس دوست احباب پريشان ٿي ويا ۽ چيز جي ڳولا شروع ٿي وئي. هڪڙي ميلي تي ميران سائينءَ جي خليفن جيئن ئي موت جي کوهه تي ٻنا ٽڪيٽ چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته چيز کين روڪي بيهي رهيو، جيڪو ان وقت ٽڪيٽ چيڪر جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو هو.

همراهن ڪيس سڃاڻي چيو ”چيز ! تون هتي ڪيئن!؟“

تڏهن چيز کين ٺهه پهه جواب ڏيندي چيو ”ڪهڙو چيز؟“

همراهن چيس: ”چيز انڌو ٿيو آهين جو اسان کي به نٿو سڃاڻين!“

تڏهن چيز کين سڌو ٻڌايو ته ”مان ڪنهن کي به نٿو سڃاڻان، جيڪو ٽڪيٽ وٺندو سو تماشو ڏسندو. بس!“

همراهه چيز جا تيوَر بدليل ڏسي پوئتي موٽيا ۽ ميلي ۾ موجود ميران سائينءَ کي ٻڌايائون ته چيز ٻٽ موت جي کوهه تي ٽڪيٽون چيڪ ڪري رهيو آهي. گهڙي نه گذري جو ميران سائين پاڻ هلي موت جي کوهه تي پهتو ۽ اتي ئي چيز کي ٺاهوڪي سٽڪي ڪڍيائين. ان وقت موت جي کوهه وارن ميران سائينءَ کي وڏيون منٿون ڪيون ته هو

ٻن پکيئڙن جو پيار نہ وڄائي پر ميران شاھ سندن ھڪ بہ نہ ٻڌي ۽ چيز کي پاڻ سان وٺي سڌو مسجد آيو ۽ اتي پلو سونهارو ڏيندي چيائين تہ ”واعدو ڪر تہ وري ھنن (موت جي کوھ وارن) ڏانهن ڪڏهن بہ نہ ويندين.“ ھاڻ چيز مجبور ٿي پيو. مرشد ۽ قرآن جي خاطر پنهنجو پيار قربان ڪيائين پر مرڻ گهڙيءَ تائين ڪيس سارينڊو ۽ ھنجون ھاريندو رهيو.

ان دور ۾ تر جي ڪجھ همراهن چيز جي گهر تي چڙهائي ڪري سندس پٽ کي اغوا ڪري، ڌاڙيلن وٽ پهچايو. چيز ان مهل بہ ساڻن مزاحمت ڪئي هئي. ان جهيڙي ۾ هڪ ڏوهاريءَ جو سڄاٽپ ڪارڊ سرزمين تي ڪري پيو. پوءِ تہ چيز وڏا حيلا هلائي سيني ڏوهارين جا نالا هٿ ڪيا، جن ۾ ڪو بہ ڌاڙيل نہ هو. ڏوھ ۾ ملوث سڀ ڏريون چيز مان اهڙيون ڦاٽيون جو مالڪ ڏي پناھ. همراهن ميڙون منٿون ڪري ڏنڊ ڏوھ ڀري چيز مان جان ڇڏائي.

1994ع ۾ ٻلهڙيجي بچاءُ بند تي مقرر ايف سي اهلڪارن اصل تر تپائي ڇڏيو هو. ڦرلٽ ۾ ڌاڙيلن کي بہ مات ڏئي ڇڏي هئي. نيٺ مجبور ٿي صحافي عبدالحق پيرزادي سندن خلاف روزاني عوامي آواز اخبار ۾ خبر هلائي. خبر هلڻ جي دير هئي، اصل ممڻ مچي ويو ۽ ايف سي وارن ڳوٺ جو گهيرو ڪري تلاشي شروع ڪري ڏني. خبر پيئن تہ صحافي عبدالحق ڊاڪٽر بشير جي اسپتال ۾ ويهندو آهي. پوءِ تہ اهلڪار اتي پهچي ويا. ڊاڪٽر بشير صحافيءَ کي لڪائي ڇڏيو ۽ کين چيو تہ ”يائي، صحافي عبدالحق تو پاگل هي، هم اس خبر کي ترديد چلائين گي، آپ فڪر نہ ڪرين. باقي شام ڪو هم عبدالحق کي سات آپ کي ڪئمپ پي آئين گي.“ اهلڪار جيئن ئي واپس ٿيا تہ صحافي عبدالحق گهر وڃي ٿيلهو ڪنيو ۽ ڪنهن کي بہ ٻڌائڻ کان سواءِ ڪراچي هليو ويو. هاڻي ڊاڪٽر بشير کي اچي ڦڦڙي لڳي تہ هي بددماغ آهن، انهن سان ٽائيم رکيو آهي. شام ڪئمپ تي نہ پهتاسين تہ وري مسئلو ڪندا. سائين علي مردان کي الائي ڇا سجهيو، چوڻ لڳو،”فوجين کي ٻڌايو اٿئون تہ عبدالحق چريو آهي، سو چيز کي صحافي عبدالحق ڪري وٺي ٿا هلون. بس اتي هن کي ڪجھ گهٽ وڌ ڳالهائڻو پوندو.“ چيز بہ ان لاءِ تيار ٿي ويو. پوءِ سنگت چيز کي صحافي عبدالحق ڪري ايف سي جي ڪئمپ تي پهچي وئي. اتي اهلڪارن ڪجھ شڪوہ شڪايتون ڪيون. ڏوراپا ڏنا. اسلام ۽ پاڪستان جي سربلنديءَ لاءِ سندن اداري جي ڪيل ڪوشش تي روشني وڌي ۽ آئنده اهڙي خبر هلائڻ کان اڳ ساڻن رابطو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. سلام آهي چيز کي جيڪو سنگت کي سختيءَ کان بچائڻ لاءِ ايف سي ڪئمپ تي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ سلام آهي عقلمند ايف سي اهلڪارن تي جن چيز جي اکين ۾ نہ جر ڪجر ڏٺا، نہ سندس ورهين جا ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا ڏٺا، نہ ئي کين چيز جي منهن مان ناس بوءِ آئي ۽ هنن چيز کي صحافي سمجهي مفاهمتي انداز ۾ معاملو سلجهائي ڇڏيو!

چيز وڏي کهول وارو هو، ڪيس پنج پٽ ٿيا جن مان هڪ پيريءَ وارن پيرن وٽ رهندو هو، جتي سندن پير ڊيڊ ۾ وهنجندي ٻڏڻ لڳو تہ هن ڪيس بچائڻ لاءِ ڊيڊ ۾ ٽپو ڏنو. پير کي تہ بچائي نہ سگهيو پر پنهنجو ساھ ضرور ڏنائين. حال حيات ڇئن پٽن: پريل، وزير، غلام اڪبر ۽ يائوءَ مان غلام اڪبر هوبهو چيز آهي.

# نانگو آريجو

## اسان جي تر جو وتايو

امام بخش امو عرف نانگو آريجو وقت جو وتايو فقير هو. سنڌ ۾ اڪثر جهيڙا جهٽا گارين تي ٿيندا آهن پر ماٺهو نانگي جي گار نه ٻڌن ته کين مزو ئي نه اچي. اڪثر ڪاري قميص ۾ گوڏ ٻڌندو هو. قداور ۾ خوبصورت انسان هو. راڳ رنگ ۽ ميلن ملاکڙن جو شوقين هو. سندس دوستن جو دائرو به وسيع هو، جنهن ۾ هر مڪتبه فڪر جا ماڻهو شامل هوندا هئا پر اهڙو ڪو به ماڻهو نه هوندو، جنهن نانگي آريجي جي گار نه کاڌي هجي.

هو ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ خير محمد آريجا (هاڻ باقراڻي تعلقو) جو ويٺل هو. سخي شاهه جمال (ٻلهڙيجيءَ وارو) سندن ڏاڏا پير هو ۽ اڪثر ان جي زيارت لاءِ ٻلهڙيجي ايندو رهندو هو. منهنجي وڏن سان سندس دوستي هئي. نانگي، درل آريجي ۽ منهنجي ناني يعقوب (جيڪو منهنجي ناني جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ گارين ڏيڻ ۾ ماهر هو، هن به نانگي وانگر شادي نه ڪئي) جو جوڙ هوندو هو. گڏجي ميلن ملاکڙن تي ويندا هئا ۽ جتي به ويندا هئا، اتي سندن ٻوڳ چرچا جاري رهندا هئا. هڪ ڀيري هو پنهنجي ڳوٺ مان گذري رهيو هو. ٻه مايون جن جا گهر هڪٻئي جي آمهون سامهون هوندا هئا، اهي اڪثر پاڻ ۾ جهيڙو لايون بيٺيون هونديون هيون. گهٽيءَ مان ڪو ماڻهو گذرندو هو ته ان کي به پنهنجي جهيڙي ۾ شامل ڪري چڙيڊنديون هيون. ان ڏينهن نانگو جو اتان گذريو ته هڪڙي مائي ٻيءَ کي چيو: ”توکي نانگو...“ ٻيءَ جواب ۾ چيس ”منهنجو ڀاءُ آهي، توکي...!!“

نانگو بيهي رهيو ۽ ٻنهي کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو: ”مان به چوان ته مان روزانو ڳرندو ڇو ٿو وڃان! اڙي، مان ڪو نلڪو آهيان، جو هڪڙي گيڙي چڏي ٿي ته وري ٻي ٿي گيڙي!“ نانگي جي اهڙي گفتي تي ٻئي مايون جهيڙو وساري ڪلي ويٺيون.

سڄي ڳوٺ جا ماڻهو نانگي جون گاريون کائڻ واري شوق سبب ساڻس ڪا نه ڪا حرڪت ڪندا رهندا هئا. هڪ ڀيري ڳوٺ ٻاهران پنهنجي پلاٽ ۾ نهيل پونگيءَ ۾ ستل هو، جو ڪاڪي درل جي اڳواٽيءَ ۾ ڏهه ٻارهن همراهه ميڻ بتيون کڻي اتي پهتا. ڏنائون ته همراهه رلهي ويڙهيون ستو پيو آهي. هڪ پونگيءَ جي چؤطرف ميڻ بتيون ٻاري، پاڻ لڪي ويهي رهيا. صلاح تحت هڪ همراهه پيند کڻي هن ڏانهن اچلايو. هن رلهي لاهڻ کان سواءِ ”تو“ ڪري هڪ ڪچي گار همراهن کي ڏني. نيٺ چڱو خاصو ڦوڙهه کڻي هن کي هنيائون ته همراهه کي رلهي لاهڻي پئجي وئي. رلهي لاهڻ سان همراهه جي نظر وچي ميڻ بتين تي پئي. في الحال ته وائڙو ٿي ويو پر پاڻ سنڀالي چوڻ لڳو: ”سڀ بتڙيون بتڙيون، فقير سائين! مان توهان جو مدو ناهيان ۽ نه توهان منهنجا مدا ٿيو!“ همراهه کٽ جي پيرانديءَ کان پيل پنهنجي لٺ کڻي ورتي. هوا جي جهوٽي سبب ڪا ميڻ بتي وڏيڪ لاٽ ڪري ته همراهه ان کي لٺ اولاري چوي: ”فقير هيڏي نه اچجانءِ، نه ته اهڙو ڏنڊو هڻندوسانءِ!“ ائين چئي ڪلمو پڙهي: لا اِلہ الاالله محمد رسول الله. لڪل همراهه وڏي مشڪل سان پنهنجي کل جهليون ويٺا هئا. نيٺ هڪ همراهه کان ٺهڪ نڪري ويو. نانگو سڄي ڳالهه سمجهي ويو، پوءِ ته لٺ کڻي سندن پويان پيو ۽ ڳوٺ تائين کين گاريون ڏيندو رهيو.

ٻي ڀيري پاڻ پنهنجي انهيءَ پونگي ۾ ويٺو هو ته هڪ همراهه تاج ڪمپنيءَ جو شايع ڪرايل قرآن شريف کڻي وٽس پهتو. ان وقت نانگو آريجو شهر مان نئون انگوڇو وٺي پهتو هو. همراهه چيس، ”اوهان قرآن شريف وٺو، پوءِ

ڊوڪٽر ڪٽي ٻئي دفعي ئي ڏجو!!“ نانگي بسم الله الرحمٰن الرحيم چئي قرآن شريف پنهنجي انگوڇي ۾ ويڙهي رکي ڇڏيو. ٻن ٽن مهينن ڪانپوءِ همراهه وري آيو ۽ نانگي کان قرآن شريف جي مٺائيءَ جي تقاضا ڪيائين، جنهن تي هن وراٽيس: ”ها ابا، واپس ڪٽي وج، منهنجو نئون انگوڇو سيڙايون وينو آهي.“

ڪڇي ۾ اسان جي ڳوٺ آيو. منهنجو پيءُ ڪنهن سان به گارين وارو رستو نه رکندو هو پر نانگو ان کي به نه بخشيندو هو. هڪ ڏينهن بابا نانگي کي چيو ”نانگا! هاڻ گهڻا ڏوهه ڪيم، دل ٿي چوي ته هاڻ حج تي وڃان.“ نانگي چيو، ”اڪن! پنهنجي ٻنيءَ ٻاري، مال، رزق ۽ تڏي مَنهن وارو ماڻهو آهين. الله جو گنج ٿي، آرام سان ويهي ماڻهن جي خدمت ڪرين ته هتي به حج اٿئي، باقي جيڪڏهن عربن کان دوسرو ڪم ڪرائڻو اٿئي ته پلي وڃ!“ اهڙي ئي نموني سان جڏهن جنرل ضيا پاران ريفرنڊم ڪرايو ويو، جنهن جي سڀني سياسي جماعتن مخالفت ڪئي هئي، تڏهن ڳوٺن جي جهونن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. نانگو به جڏهن وڏيرن ۽ سرڪاري ڪارندن جي دٻاءَ ۾ اچي ووٽ ڏيڻ ويو ته پولنگ اسٽيشن تي بيٺل هڪ فوجي کيس چيو، ”هان ملنگ، ڪيا بات هي؟“ نانگي ٺهه پهه جواب ڏنس، ”بات هي موچڙي ڪِي!“

نانگو آريجو اهڙو انسان هو، جنهن جي دل شيشي جيان صاف هئي. هو گاريون برابر ڏيندو هو پر هن جو من غلاظت کان پاڪ هو. جوانيءَ ۾ هن جي سونهن ڏسي هڪ ڳائڻ وڄائڻ وارِي نانگي آريجي تي مست ٿي پئي. هُن نانگي کي رانئڻ ۽ ريجهائڻ جا وڏا وس ڪيا، حيلا هلايا پر هڪ نه هليس. نانگو سدائين ان کي پيڻ ڪري مخاطب ٿيو ۽ جڏهن ان مائيءَ سمجهيو ته هي ڪو اهڙو عام انسان نه آهي، جيڪي هَوس پرست ۽ شهوت جا پوڄاري هوندا آهن. پوءِ هُن مرڻ گهڙيءَ تائين نانگي ڏانهن پيرو نه پڳو. هوءَ پنهنجي مڙس سميت هلي ايندي هئي ۽ هفتن جا هفتا اچي وٽس رهندي هئي ۽ نانگو حال آهر سندن مهماني ڪندو هو. مونکي هڪ دفعي ناني يعقوب ٻڌايو ته ”هالاڻي شهر ۾ ويساکيءَ جي ميلي تي نانگو، مان (يعقوب) درل ۽ ڪجهه دوست وياسين. هونئن ئي سڀ جا سڀ غريب هئاسين. اتي اسان کان پئسا ختم ٿي ويا. ٿورو پريشان ٿياسين پر سنگت جي ڏڍ تي بکون به ڪٽبيون آهن. ان وقت اها ڳائڻ واري مائي اسان سان ملي ۽ اسان کي ڏسندي سمجهي وئي ته ڪنگل آهيون. پوءِ جيڪي پئسا هئس، سي اسان کي ڏيڻ لڳي پر نانگي هڪ پائي به نه ورتس. اسان هُن کان موڪلائي نانگي تي شروع ٿي وياسين ته تون”تون وڏو... آهين. ڏسين ٿو ته پاڙي ۾ مهانگا آهيون. ساڳيو اها ايترا وني ويندي، تو هن کان پئسا ڇونه ورتا ؟“ نانگي چيو: ”اڙي ياڙيا! نياڻين کي ڏبو آهي، انهن کان وٺبو ناهي!“

نانگو آريجو ڪنهن به ڪم سان ويندو هو ۽ صبح جو ڪو سيد سندس منهن پئجي ويندو هو ته ان ڪم جي پچر ئي ڇڏي ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته اڄ صبح جو سيد منهن پيو آهي، ڪو به ڪم نه ٿيندو. اڄوڪو ڏينهن چرس جو آ، بس.“

نانگي آريجي 1987ع ۾ وفات ڪئي. ان وقت سندس ڄمار اٽڪل 68 ورهيه هئي، اڄ کيس وڇڙئي 28 ورهيه وهامي چڪا آهن پر هو ڪنهن کان به وسريو نه آهي. جنهن به ماڻهو کيس ڏٺو، سو سندس ڳالهيون ضرور ڳائيندو رهندو آهي.

# خليفو محمد بخش ٻگهيو

## جماعت سجدي ۾، امام غائب

خليفو محمد بخش ٻگهيو المعروف ملان خليفو مهين دڙي کان ڏهه ڪلوميٽر ڏکڻ ڪاراٽي ڳوٺ جو ويٺل هو. هو ڳوٺ جي مسجد جو پيش امام هو پر سندس سڃاڻپ مرونءَ جي شڪاريءَ واري هئي. ساڳي وقت هو راڳ جو ڄاڻو به هو ته ڦٽ ڦرڙيءَ جي علاج جو به ماهر هو. خليفو صاحب جنهن مسجد جو پيش امام هو، اها ڪاراٽي ڳوٺ ۾ بچاءَ بند تي تهيل هئي ۽ ان جي هڪ دري ڪچي طرف هئي، جتي وڻن جا ڪجهه جهڳٽا به هئا.
هڪ دفعي شڪاري ان جهنگ جي پرسان سوئر وهاري آيا. مولوي صاحب کي ان جي خبر پئجي وئي. اهو جمعي جو ڏينهن هو . اُن وقت جماعت به پهچي چڪي هئي. مولوي صاحب پنهنجي شڪاري دوستن کي چيو ته يار ڪجهه وقت انتظار ڪيو، مان تڪڙ ۾ نماز پڙهائي اچان ٿو. هيڏانهن نماز لاءِ صفون ٻڌيون، هوڏانهن ڪتن جا ڇهڪار شروع ٿي ويا. مولوي صاحب تڪڙ ۾ نيت ڪري هڪ اڌ سورت پڙهي سجدي ۾ ويو. جماعت ڪافي دير تائين سجدي ۾ هئي. جڏهن سجدي جو دورانيو معمول کان ڊگهو ٿي ويو ته هڪ همراهه تيڏي اک سان پيش امام کي ڏٺو، جيڪو پنهنجي جاءِ تي موجود ئي نه هو! ان تي همراهه رڙ ڪري جماعت کي چيو ته ملان دري ٽپي شڪار تي ڀڄي ويو، هاڻي توهان سجدي مان اٿو. اهڙي عمل تي جماعت مولوي صاحب سان ٿوري ناراضگي ڏيکاري پر اها ڪا گهڻو وقت نه هلي سگهي ۽ مولوي صاحب ساڳي طرح امامت جا فرائض سر انجام ڏيندو رهيو.
مولوي صاحب قد جو ننڍو هوندو هو، وڏي سونهاري هئڻ ۽ ٻه ٻه ڪتا جهلڻ ڪري ماڻهن کي عجب لڳندو هو. هڪ دفعي هُو وڏيري اڪرم ٻگهئي جي ڪوٽ ۾ پنهنجا ڪتا ويڙهائي رهيو هو. سندس پيارو پاليل ڪتو شروعات ۾ ئي سوئر جي وَڃن جو شڪار ٿي ويو. ملان پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيو ۽ لٺ کڻي ڪوٽ کان هيٺ ٽپو ڏئي ٻه چار لنيون سوئر کي وهائي ڪڍيائين. سوئر جيئن ته ڪنڌ ورائي نه سگهندو آهي ۽ سڌو ويندو آهي. اهڙي طرح اڳتي وڃي جڏهن ملان ڏي جوهه ڪيائين ته ملان لٺ ڪوڙي ڦرڙتيءَ سان ٻي طرف هليو ويو ۽ وري به سوئر کي ٻه چار لنيون وهائي ڪڍيائين! سوين ماڻهن اهو دلچسپ مقابلو پنهنجي اکين سان ڏٺو.
مولوي صاحب راڳ جو به ڄاڻو هو. هن کي پنهنجو هارمونيم هو، جنهن تي صبح جو نماز کان اڳ رياض ضرور ڪندو هو ۽ رات جي وقت پاڻ باجو وڄائيندو هو ۽ پنهنجي ٻنهي پٽن کي ناچ جي سکيا به ڏيندو هو. هو ٻڌائيندو هو ته جنهن اسڪول ۾ پاڻ پڙهيو هو، اتي راڳ ۽ ناچ جي سکيا ڏني ويندي هئي. هو چوندو هو ته نماز پڙهي الله سائينءَ کي راضي ڪيان ٿو. شڪار ڪري پنهنجي روح کي راضي ڪيان ٿو ۽ راڳ ڳائي ماڻهن جو روح راضي ڪيان ٿو. باقي پنهنجي قبر حشر جو پاڻ ذميوار آهيان.
مولوي صاحب ڦٽ ڦرڙيءَ جي علاج جو به ماهر هو. وٽس هڪ آزمايل نسخو هو ۽ ان آزار ۾ ورتل جيڪو به مريض وٽس ايندو هو، ان کي اتان شفا ملندي هئي. اڄ به سندس پونيئر ڦٽ ڦرڙيءَ جو علاج ڪن ٿا.
عمر جي آخري حصي ۾ خليفي جو هيٺيون ڌڙ سڪي ويو، جنهن ڪري هلڻ چلڻ کان لاچار ٿي پيو پر گڏهه تي چڙهي به گهمندو ڦرندو رهندو هو، ان حالت ۾ به سوئر جي شڪار تي ويندو هو. مولوي صاحب جو وڏو پٽ يونس پوليس عملدار هو. رتيديري ۾ ڌاڙيلن سان مقابلي دوران پوليس موبائل ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ گذاري ويو. جڏهن ته سندس ننڍو پٽ اقبال پوليس ڪانسٽيبل آهي. سندس هڪ پٽ عالم پنهنجو ٻني ٻارو ڪري گذران ڪندو آهي.
مولوي صاحب پنهنجي پٽن کي ناچ جي به تربيت ڏني ۽ هارمونيم به سيکاريو پر سندس وفات کانپوءِ هنن ڪڏهن به هارمونيم کي کولي نه ڏٺو. کيس ڪاراٽي ڳوٺ جي قديم قبرستان ۾ مٽيءَ حوالي ڪيو ويو.

# رانجهن عرف سرپور ساريو

## پيرين اگهاڙو وڏيرو!

رانجهن عرف سرپور ساريو ٻالڪپڻ کان ئي ڏوپار موالي هو، ان ڪري سڄي تر وارا ڪيس نندو پرپور سڏيندا هئا پر ٻلهڙيجي ڳوٺ وارا ڪيس سرپور نالي سان سڏيندا هئا، چاڪاڻ جو منهنجا ڳوٺائي پرپور فقير ارباب علي سارئي سان انتهائي عقيدت ۽ محبت ڪندا هئا. رانجهن ساريو 1963ع ڌاران ٻگي ڳوٺ جي پر سان ننگراڻي سارين ۾ پيدا ٿيو. ننڍي عمر کان ئي همراهه جو نشي سان نينهن لڳي ويو هو. جتي ٻه چرس جو آسرو سمجهندو هو، اتي پهچي ويندو هو. اسان ڪيس تر جي سمورين درگاهن تي ڏسندا هئاسين. ڪڏهن ڪڇي ۾ محبڻ شاهه ۽ نانگي شاهه جون مٽيون پريندي نظر ايندو هو، ڪڏهن ٻلهڙيجيءَ ۾ سيد ملوڪ شاهه ۽ شاهه جمال جي درگاهه تي جهاڙو ٻهاري ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو هو ته ڪڏهن ٻنڊيءَ پرسان موسن شاهه جي درگاهه تي ڪيس قريو ڏيندي ڏسندا هئاسين.

همراهه پنهنجي گهر جو ڪم ته ڪڏهن ٻه نه ڪيو باقي درگاهن تي چنڪار ڪان وٺي پٽ ورهائڻ تائين هر ڪم ڪندو هو ۽ درگاهي مزورن سان گڏ ٻنا ٻه وٺندو هو. سدائين پير اگهاڙا هوندا هئس. هن ڪي وڏيري ٿيڻ جو وڏو شوق هوندو هو. هن جي پيءُ ڪي ٻه ٽي ٻارا ٻنيءَ جا هئا. پٽهس جي هوندي هيءُ ٻنيءَ جو نالو ٻه نه پيو وٺي سگهي. ان ڪري پيءُ جي مرڻ لاءِ ڏٽيءَ در ٻاڏائيندو رهندو هو ته جيئن هيءُ عيش واري زندگي گذاري سگهي. نيٺ سندس پيءُ ٻه راهه رباني وٺي رمندو رهيو. هاڻ ڪيس چوڻ آڪڻ وارو ڪير ٻه نه هو. پيءُ جي ٽيجهي واري ڏينهن ئي هن ٻاڻ ڪي ڪن ڪٽائڻ شروع ڪيا ته ڪيس ٻني ورهائي ڏني وڃي. ٻاڻس هن ڪان سندس زمين جو حصو خريد ڪري ورتو. زمين ڪپائي گاڏين جي قافلي ۾ ڳوٺ پهتو. ڳوٺ وارن ڏٺو ته هڪ ڪار ۾ آڏو ٻاڻ وينو هو، باقي سمورين گاڏين ۾ رڳو ڊرائيور وينل هئا. ڳوٺ پهچي هن نئين ٽڪ جي رلهي خريد ڪئي ۽ ڳوٺ جي موالين جي عاليشان دعوت ڪئي، جنهن ۾ چرس ۽ پينگ جا دور هليا. پوءِ سرپور پيرين اگهاڙو ڪار تي چڙهيو. هاڻ هڪ ڪار ۾ پاڻ چڙهيل هو ۽ ٻي خالي ڪار سندس پويان هلي رهي هئي.

چي: ”ان ڪري ٻه ڪارون ٻاڙي ڪيون اٿم متان اوچتو هڪ گاڏي خراب ٿي پوي ته چڙهڻ لاءِ ٻي حاضر هجي.“

همراهه تر جا سمورا اوتارا ۽ مئخانا پيٽيندو وڃي سکر پهتو ۽ ٻنهي ڊرائيورن سان اچي هوٽل تي مانيءَ لاءِ وينو. هوٽل تي ويهندي ئي وڏيري رانجهن خان عرف سرپور سارئي بيري کي مرغي ڪڙهائيءَ جو آرڊر ڏنو. جڏهن ماني اچي وئي ته هن ڊرائيورن کي حڪم ڏنو:

”رڳو ٻوٽيون کائو، ڪو ٻه رس مان گرهه نه ٻوڙي!“

مانيءَ مان فارغ ٿي جڏهن همراهه بل ڏيڻ لاءِ دخل تي ويو ته هوٽل واري ڪيس چيو: ”مون پنهنجي ڄمار ۾ تو جهڙو وڏيرو نه ڏٺو آهي، پر تنهنجا پير ڇو اگهاڙا آهن ۽ هيءُ رلهي ڇو ويڙهي اٿئي؟“

رانجهن خان جواب ڏنس ته ”رلهي پَٽ تي وڇائڻ کان وٺي متان اوڍڻ تائين ڪم اچي سگهي ٿي ۽ هيءَ گودڙي اسان جو ڪفن ٻه آهي، باقي سنڌ ڌرتي ماتا آهي، ان تي چپل يا بوٽ سان گهمڻ غيرت واري ماڻهوءَ جو ڪم ناهي!“

ائين چئي پنجابي فلمن جي اداڪار سلطان راهيءَ جي انداز ۾ ڪلهي تي رلهي ورائي هوٽل مان ٻاهر نڪتو. پوءِ

سکر کان پنو عاقل، ڏهرڪي، گهوٽڪي، رهڙڪي صاحب ۽ ٻيا تيرٿ پيٽيندي جڏهن راٽيپور پهتو ته سندس پئسا پورا ٿي چڪا هئا ۽ اتان همراهه گداءُ ڪري وين ۾ چڙهي سڄين شهر ۽ اتان 6 ميل ڪچي جو پنڌ جهاڳي ٻلهڙيجي پتڻ تي پهتو.

آخر ۾ همراهه هيروئن جو موالي ٿي ويو هو، جنهن ڪري ڪيس درگاهن تي رهڻ نه ڏنو ويندو هو. هاڻ سندس ٽاڪ ڏوڪري شهر جي فٽ پاٿ هئي. 2007ع ۾ نشي جي حالت ۾ هڪ گاڏيءَ جي آڏو اچي ويو، جنهن جي زوردار ٽڪر ڪيس اهڙي زندگيءَ کان مڪتي ڏياري ڇڏي.

# گلاب ديوُ ممٽاڻي

## دشمن جي در تي ٻڌڻ جهڙو

گلاب ممٽاڻي جا وڏا به 1936ع ۾ ڪڇي مان لڏي اچي ٻلهڙيجيءَ وينا هئا. هي 1937ع ڌاري ٻلهڙيجيءَ ۾ پيدا ٿيو. هارپو به ڪندو آهي ته پنهنجو مال به جهجهو اٿس. چوري چڪاري به ڪيائين. هن کي گهٽي ڪاڻ جي ڪري ”ديو“ جو خطاب مليو. برابر پنهنجي گهر ۾ ته ڪي به لولا ڪائيندو هو پر شادين، ڪاڄن توڙي خيراتن ۾ پيٽ جا لاهه ڪيي ڇڏيندو هو.

بابا جي هڪ دوست جي مينهن چوري ٿي وئي، جيڪا چورن تي ثابت ڪيائين پر همراهه مينهن موٽائڻ کان گوٽنات ڪري رهيا هئا. نيٺ هڪ ڏينهن گلاب ديو کي وٺي وڃي چورن جو مهمان ٿيو. هيڏانهن ماني آئي ته ڇٽ ٿي وئي. همراهن جي پڇڻ کان اڳ ئي گلاب رڙ ڪئي:

”ابا! ماني آٽيو!“ اهڙي نموني سان ميزبانن جي، اوطاق کان گهر تائين اچ وڃ جاري رهي پر گلاب چئي ”اجا منهنجي ڪُکِ به نه ڀري آهي!“

ٻئي ويلي تي ميزبانن کي سندن عورتن اُڪين تي ڪٽي ڏنو ته ”مهمان کي چلتو ڪيو، ماريو هڪ ڏينهن ۾ مهيني جو ڪاڌو ڪائي ويو آهي.“ نيٺ همراهن آڻ مڃي ۽ بابا کي مينهن موٽائي ڏنائون.

هڪ ڀيري ڪڇي ۾ ڪلهوڙن جي خيرات هئي، گلاب جيئن ئي پهتو ته ڪيس ڏهن سيرن جو ڏار ديڳڙو ڪائڻ لاءِ ڏنو ويو، جيڪو ان مهل ڪائي خالي ڪيائين. پوءِ ٻلهڙيجيءَ جي مائٽن لاءِ ساڳيو ديڳڙو ڀري ڏنائون پر همراهه کي دڳ ۾ بک لڳي، سو ٿورو ٿورو ڪائيندو رهيو، جڏهن ٻلهڙيجي پهتو ته اسان جي مائٽن کي خالي ديڳڙو هٿن ۾ اچي ڏنائين.

اهڙي نموني هڪ دفعي ڏيڍ ڪلو مائو ڪائي ويو پر ڪاڻ جو وڏو مقابلو ٻيو ڪٽيائين، جنهن تي پاڏو انعام ۾ مليس: اڌ ڪلو ٻهه ۽ ڪلو ڳڙ ڳڙڪائي ويو، جنهن کان پوءِ مٽس ديو نالو پئجي ويو.

گلاب ممٽاڻي ڏاندن جو شوقين هو. ڏاند به سٺا ڏاريائين. اڪثر ڏاندن جي گوءِ جا مقابلا ڪندو هو، جڏهن ڪٽندو هو ته جهمريون هڻندو هو ۽ سهرا ڳائيندو ڳائيندو سڄي ڳوٺ جو گشت ڪندو هو. ان شوق ۾ سندس حريف يوسف عرف جوسو ماڇي هو، ان کي جڏهن ڏسندو هو ته پنهنجي گوڏ لاهي مٿي اڇلائيندو هو. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن جوسو ماڇي به ساڳي طرح پلاند ڪري وٺندو هئس. چوندا آهن ته چور کي ڪڏهن به چوڪيدار نه ٻڌائجي پر اسان جي تر سان اهو الميو آهي جو سين ڳوٺن ۾ چوڪيداري چور ئي ڪندا آهن. اهڙي نموني گلاب کي ڳوٺ جو چوڪيدار مقرر ڪيو ويو. ان وقت چوڪيءَ جو نظام ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجي هلائيندي هئي. گلاب جي ماهوار پگهار مقرر ڪئي وئي، باقي سنگت جا همراهه واري واري سان چوڪي ڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڪيترائي چور پڪڙيا ويا. پوءِ ڳوٺ سڌار سنگت چوڪيءَ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو پر گلاب باقاعدي چوڪي ڏيندو رهيو، ڇاڪاڻ جو پاڻ به پريو تريو پاڳيو آهي پر ڪي ماڻهو چوندا آهن ته هي چوڪي ئي چورن کي بچائڻ لاءِ ڏئي رهيو آهي، جن ۾ پيش پيش سندس ننڍو پٽ ممتاز هو، جيڪو گاهه کان وٺي مال تائين هر قسم جي چوري ڪندو رهندو آهي پر جڏهن پڪڙبو آهي ته قرآن شريف کڻي وڃي پاڳين کان بخشرائيندا آهن.

گلاب اڄ به زنده آهي، ڪيس ٽي پٽ آهن. وڏو پٽ ذوالفقار ٻني ٻارو ڪندو آهي، سندس ٻيو پٽ الاهي بخش هيڊ ڪانسٽيبل آهي ۽ ٽيون پٽ ممتاز چور آهي.

# حافظ ميهر سامتيو

## اکين کان وڏو اندر جو سچو

حافظ ميهر سامتيو اکين جي نور کان محروم هو پر خدا کيس وڏي ڏات سان نوازيو هو. هُو نابين هوندي به نور وارن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو هو. قرآن شريف جو حافظ هو. باجي تي راڳ ڳائيندو هو. خدا کيس اهڙي سڃاڻپ ڏني هئي جو ڪنهن ماڻهو هڪ ڀيرو هٿ ڏنس ته ورهين کان پوءِ به هُن جي هٿ جي ڇُهاءَ سان ئي سندس نالو ڪڻندو هو. نه رڳو ايترو پر ماڻهوءَ ڪي هٿ ڏيڻ سان ان جي طبيعت جي به خبر پئجي ويندي هيس. هن جي آڏو ڪڪڙ آڻبو هو ته ان جي منديءَ کان وٺي پڇڙيءَ تائين هٿ لائي ان جو رنگ ٻڌائي ويندو هو. ساڳي طرح مينهن، ڏاند ۽ گڏهه وغيره ڪي هٿ لائي ان جو رنگ/عادتون وغيره بيان ڪري ٻڌائيندو هو. هُو نوٽ ڪي سمجهي وٺندو هو ته اهو ڪيتري جو آهي ۽ ان جي ڪوڙي يا سچي هئڻ جي پرک به ڪري وٺندو هو.

سندس اصل ڳوٺ ڳيريلي کان خيرپور جوسو ويندي درگاهه چتن شاهه بخاري سامهون آهي پر وڏيري امن سان دوستيءَ جي ڪري هو ٻلهڙيجي گهڻو ايندو هو ۽ مهينن جا مهينا رهيو پيو هوندو هو. ٻلهڙيجيءَ جي آسپاس وارن ڳوٺن جا ماڻهو به کيس صلاحي وٺي ويندا هئا. اسان جي ڪچي واري ڳوٺ ۾ پڻ اچي رهندو هو. علم ابجد جي به ڄاڻ هئس: ڳوٺ جا ماڻهو ڪتن، ڍڳن يا ڪڪڙن جا شوقين پنهنجي پکي يا جانور جو رنگ ڏسيندا هئس ته انهن کي ٻڌائيندو هو ته فلاڻي ڏينهن ۽ فلاڻي ٽائيم تي ميل رکندو ته فتح ٿيندي ۽ برابر ائين ئي ٿيندو هو.

چون ٿا ته پهريون ڀيرو جڏهن ٻلهڙيجي آيو ته جيڪي به ماڻهو ساڻس مليا، انهن جو وڏيرو اِمن ساڻس تعارف ڪرائيندو رهيو. جڏهن ميهر فقير لاءِ کيس ٻڌايو ويو ته هي صوفي فقير آهي ته هن ٺهه پهه چيس:"هن کي ڳائڻ بدران دڪان کڏي ٻار ڦرڻ گهرجن". استاد علڻ جي هٿ ملائڻ تي هن پڇا ڪئي ته "ابا هيءُ به اوهان جي ڳوٺ جو آهي؟" جڏهن کيس ٻڌايو ويو ته هي استاد ڳائڻو آهي، تڏهن چوڻ لڳو، "هي شخص توهان جي ڳوٺ ۾ آهي، پوءِ به توهان پاڻ ۾ ٺهيا ويٺا آهيو، سلام اٿوَ!" هن استاد جا پار ٻڌائڻ شروع ڪري ڏنا:"بندرو، پاون چوٿو، نين ٿلهو بجرو، ڪنڌ ڪنو، گگرو... هن جي هوندي توهان جو رس رهاڻ ۾ هئڻ وڏي ڳالهه آهي!" حافظ کان جڏهن پڇيوسين ته اوهان راڳ جي سکيا ڪنهن کان ورتي؟ تڏهن هن ٻڌايو ته هو هندن جي هڪ خيراتي اسڪول ۾ پڙهيو هو، جتي راڳ جي سکيا پڻ ڏني ويندي هئي. هوئنن ته حافظ ڪيترائي راڳ ۽ راڳڻيون ڪري ويندو هو پر کيس سنڌي ٽوڙهيءَ تي دسترس هئي. جڏهن سنڌي ٽوڙهيءَ ۾ شاهه نصير ۽ مصري شاهه جون ڪافيون ڳائيندو هو ته ڪيترائي ماڻهو روئي ويهندا هئا.

تنهنجي سيف حسن، ڪيئي ڪامل ڪنا،
صنعان ڪجا، سليمان ڪجا...

جي کيس تمام گهڻي فرمائش ڪئي ويندي هئي. هڪ دفعو حافظ ميهر سامتئي سرور صاحب کي چيو ته "آئون توکي علم ابجد سيکاريان؟" سرور صاحب کيس پنهنجي مخصوص انداز سان چيو، "حافظ سائين، اهي ابجد اوهين پاڻ وٽ رکو. توهان سان قرب آهي، محبت آهي، باقي ٻي ڪنهن به شيءِ جي مونکي لوڙ نه آهي." ٻين ڪيترن ئي ماڻهن کيس ان لاءِ ستايو پر سين کي جواب ڏئي ڇڏيائين.

حافظ ميهر ڪڏهن ڪڏهن اسانکي مزاحيہ ڪلام بہ ٻڌائيندو هو، جنهن ۾ ”مائي پوپري، توکي ڪير ماري، گلو ڏير ماري“ بہ شامل هو ۽ ان مهل هٿ جون تريون ۽ بغل وڄائي اهڙا آواز ڪڍندو هو جو مزو اچي ويندو هو. حافظ سال 1983ع جي آخر ڌاري وفات ڪئي، ان وقت سندس ڄمار اٽڪل 80 ورهيہ هئي.

# سرور صاحب

## اسان جو مرزا غالب

غلام سرور المعروف سرور صاحب 1942ع ۾ ڄائو. اڃا مهيني جو مس هو تہ سندس والد لاڏاڻو ڪري ويو ۽ هُن جي امڙ ڪي عدت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ نبن ٻُڪهئي سان پرڻايو ويو. جنهن ڪري سرور صاحب جي تعليمي رڪارڊ ۾ چِني بدران ٻُگهيو لکرايو ويو. سرور صاحب ننڍي هوندي کان ئي غيرمعمولي ذهين هو. ان ڪري جڏهن هن کي مسلم اسڪول (حاجي لعل بخش شيخ) ٻلهڙيجيءَ ۾ ويهاريو ويو تہ کيس پرائمري کان ئي اسڪالرشپ ملڻ شروع ٿي وئي. جنهن ڪري هن پنهنجي مائٽن جو ڳيجهو ٻڻجڻ بدران پنهنجي اسڪالرشپ مان ڪپڙي لٽي ۽ تعليم جو خرچ پئي هلايو. اڳتي هلي هن کي انگريزيءَ تي مهارت حاصل ٿي وئي. هن کي انگريزيءَ سان چاهہ هوندو هو جنهن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هُو سنڌي بہ انگريزي اسٽائيل ۾ ڳالهائيندو هو. هو پنهنجي سڄي خاندان ۾ اڪيلو پڙهيل لکيل شخص هو. هن جو ڳوٺ موهن جي دڙي سامهون درياهہ جي ڪاپي ڪنڌيءَ تي ڪچي ۾ هو. جنهن کي وزير ممڻاڻي جو ڳوٺ سڏيو ويندو آهي.

سرور صاحب جهڙو يار ويس انسان اڄ ڪوهين بہ ڳوليو نٿو لڀي. هن جي دوستيءَ جو دائرو وسيع هو. ايم پي اي موسيٰ خان ٻگهئي جو وڏو پٽ سڪندر ٻگهيو سندس دوست هو. ان کان سواءِ ڪيترائي وڏيرا ۽ ڪامورا بہ سندس يار هئا ۽ ڪيترائي گوڏير. ميرا سيرا بہ سندس دوستيءَ جو دم ڀريندا رهندا هئا.

سرور صاحب کي لوڪل گورنمينٽ ۾ يونين ڪائونسل سيڪريٽريءَ جي ملازمت ملي. اهو ڪاتو سدائين ڪنگال رهندو آهي. ان ڪري کيس ڇهن ٻارهن مهينن کان پوءِ پگهارون ملنديون هيون ۽ اهو سڄو وقت سندس گذر بسر قرض تي ٿيندو هو. مون جڏهن مرزا غالب تي گلزار جي ٺهيل ڊاڪيومينٽري ڏٺي تہ مون کي مرزا غالب ۽ سرور صاحب جي زندگيءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي نظر آئي. سرور صاحب تي توڙي جو ڪيترو بہ قرض هوندو هو تہ بہ دڪاندار کيس ڪڏهن بہ نہ موٽائيندا هئا ۽ جڏهن کيس ڏوڪڙ ملندا هئا تہ اهي انهيءَ مهل پورا ڪري ڇڏبا، بچائبا هرگز نہ. پئسو هوندو هئس تہ هٿن ۾ خارش ٿيندي هيس، تہ انهن کي کهڙي ريت ختم ڪجي.

هن پنهنجي زندگيءَ مان بچت لفظ خارج ڪري ڇڏيو هو. غالب وانگر پياڪ هو ۽ کيس اها بہ خبر هئي تہ بندي جي ڪاڏي پيتي جو ذمو پالڻهار ڪٽي ڇڏيو آهي پر نشي پتي جو پاڻ کي ئي بندوبست ڪرڻو آهي. فرق اهو آهي جو غالب رڳو انگور جو پاڻي واپرائيندو هو پر سرور صاحب هڪ ئي وقت ڪيترائي نشا ڪندو هو. جن ۾ مٽ، ٺاڌل، وزم، امل وغيره شامل هوندا هئا.

سرور صاحب گفتي جو گوهر هو. هو جڏهن موڊ ۾ هوندو هو تہ ڪچهريءَ کي ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندو هو. سندس ڳالهائڻ جو ڍنگ ئي اهڙو هو. اڪثر اها ڳالهہ ٻڌائيندو هو تہ 1985ع ۾ جڏهن سندس ڳوٺ تي فوجي چڙهائي ٿي هئي، تڏهن سندن ذات وارو هڪ ڏاڙيل فوجين کي هٿ اچي ويو. ان ڏاڙيل سرور صاحب کي چيو تہ ”هنن کي انگريزي ۾ چئہ تہ مونکي ڇڏين تہ مان باقي چئن ٻين کي بہ منهن ڏياريان.“ جنهن تي عبدالڪريم ممڻاڻيءَ بہ کيس سُرُ ڪٽايو. ان وقت سرور صاحب فوجين سان اهڙي ڳالهہ ڪئي، جن ان کي مڃي ڏاڙيل کي ڇڏي ڏنو. جيڪو پنهنجا ساٿي وٺي جُوءِ ئي مٽي ويو. فوجي انتظار ڪري ٿڪجي پيا. نيٺ کين ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ ڏاڙيل کين اکين ۾ سرمو وجهي ويو. پوءِ تہ هنن عبدالڪريم ۽ سرور صاحب کي هڪٻئي جي

ڪنن ۾ هٿ وجهرائي اٿ ويهه ڪرائي. سرور صاحب ٻڌائيندو هو تہ عبدالڪريم قد جو ڊگهو ۽ مان بندرو، ڇڻ اٺ سان رڍ گڏائِي وئي هجي! هو مون کي مٿي ڪٽي پيو وجي ۽ مان ڪوشش باوجود هن کي هيٺ نہ پيو ڪري سگهان.

انگريزيءَ ۾ ڪيل سفارش جي ڪري سرور صاحب کي گهٽو ڪجهہ پوڳٽو پيو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ هُو ڪچو ڇڏي ٻلهڙيجيءَ ۾ اچي رهيو. ٻلهڙيجيءَ وارن کي سرور صاحب جا گفتا اڃا تائين ياد آهن. هُو شام جو چانهہ پيئڻ لاءِ حسين انصاريءَ جي هوٽل تي ويهندو هو. هڪ ڀيري جڏهن چانهہ مزو نہ ڏنس تہ هوٽل واري کي مخاطب ٿيندي چيائين: ”حسين ڪاسائي، اسان تنهنجي اوطاق تي ناهيون آيا جو جهڙي وٽئي اهڙي چانهہ پيارين. دولت ٿا خرچ ڪيون، دولت!“

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪيس ڪيترائي مرض وڪوڙي ويا هئا پر نشو نہ ڇڏيائين. هڪ ڏينهن ڪيس ملڻ ويس، ڏٺم تہ سندس ڏند پڇي پيا هئا. ڪيس چيم: ”سرور صاحب، ڏاريا ڏند وجهرايو.“ تڏهن ڪلي چيائين، ”يلي هڪ بہ ڏند نہ رهي، آرٽيفيشل ڪا بہ شيءِ نہ وجهرائيندس.“

سرور صاحب وڏي عمر ۾ شادي ڪئي. اڃا رٽائرمينٽ ئي نہ ورتي هئائين جو سندس ساهہ جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. ان وقت سندس وڏو پٽ زبير پرائمري چوٿون درجو پڙهي رهيو هو. باقي ٻي پٽ ۽ ہہ ڏيئرون ننڍڙيون هيون. لک شابس آهي زبير کي، جنهن ٻاراٽيءَ ۾ بار ڪٽي نہ رڳو پاڻ تعليم ورتي پر پنهنجن ڀائرن کي يونيورسٽين ۾ داخل ڪرايو، حالانڪ سندس امڙ بہ جلد شادي ڪري ورتي هئي. سرور صاحب جا پٽ بہ هن وانگر ئي ذهين ۽ سيلف ميڊ آهن.

# مامو علڻ

## چئن پيڙهين جو عاشق

مامو علڻ اڄ هڪ سو سالن کي پهتو آهي. سندس عمر جي ماڻهن ۾ ڪو به زنده نه رهيو آهي. ان حساب سان مامو علڻ هر ٿهيءَ جو سَنُ رهيو آهي. ڏاڍو مزيدار ماڻهو آهي. سندس زبان مان جيئن ئي گفتو نڪرندو ته محفل ۾ ٽهڪ پئجي ويندا، پوءِ پاڻ کٽي ڪيڏي به ڪاوڙ ۾ ڇو نه هجي. ڳوٺ جي چئن پيڙهين جا سو کن ماڻهو سندس وقت بوقت محبوب رهيا آهن. چون ٿا ته سهڻي جي جدائي گهڙي به برداشت نه ڪري سگهندو هو. هڪ ڀيري هڪ نوجوان سان سندس نينهن لڳو، جنهن سان هر روز سندس ڪچهري ٿيندي هئي پر عاشق ڊاپڻ وارا ڪٿي ٿا ٽين! سو، مامو علڻ پنهنجي محبوب سائينءَ کي پاڻ کان پري ٿيڻ هرگز نه ڏيندو هو.

آج جاني کي ضد نه ڪرو، يون هي پهلو مين بيٺي رهو...

اهو سهڻو مامي علڻ کان منهن مٽي ويو. به ڏينهن همراهه کي ننڊ ئي نه آئي. ايندڙ ويندڙ کان پرينءَ جو پڇيائين. نيٺ ماندو ٿي پيو. رات ٿي. هن سائين خليفي جي بندوق ۽ ڪنڊلو ڪارتوسن جو ڪنيو ۽ پيرن جو کڙڪو ماريندو نيٺ پرينءَ جي گهر وڃي پهتو ۽ نوجوان جي کٽ مٿان بيهي رلهي لاهي بندوق سندس سيني تي رکيائين. همراهه جي رڙ تي سندس گهرياتي جاڳي پيا ته انهن کي چيائين ته ”هن جي جدائي وارن ٻن ڏينهن ۾ مان به سئو ڀيرا مئو آهيان. هي پنهنجي اها ڪار جاري رکندو، ان ڪري اڄ هن کي خون ڪندس.“ نيٺ گهرياتين ساڻس اقرار ڪيو ته اڄ سج ايرڻ شرط هي توڏانهن ايندو، هاڻ مهرباني ڪري موٽي وڃ.

اهڙي ئي نموني ميهر فقير سان پڻ پرت جا پيچ پئجي ويس. ان وقت رات جو مامي علڻ جي اوطاق تي ڪچهري مچندي هئي. جڏهن رات جو سڀ اٿڻ جي ڪندا هئا ته ميهر به ساٿن گڏجي اٿندو هو، جيڪا ڳالهه ڪيس پسند نه هئي. هڪ رات جو جيئن ئي ڪچهريءَ موڪلايو ته ماما علڻ ڪين چيو ته ”توهان، ٻاهر هلو، باقي ميهر سان هڪ منٽ مون کي ڳجهو ڳالهائڻو آهي.“ همراهه جيئن ئي ٻاهر نڪتا ته مامي علڻ ميهر فقير کي چيو ته، ”مون کان جدائي برداشت نه ٿي ٿئي، ان جو بس هڪ ئي حل آهي ته ٻنهي مان ڪير هڪ زنده رهي.“ ائين چئي هن هڪ چاقو ڪڍيو ۽ ميهر کي چيو ته ”هن چاقوءَ سان يا تون منهنجو پيٽ ڦاڙ يا مان تنهنجو پيٽ ڦاڙيان، اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي.“ ميهر ڪانئس چاقو وٺندي چيو ”تون ڇو منهنجو پيٽ ڦاڙين، مان تو تنهنجو پيٽ ڦاڙيان!“ ايتري ۾ ٻاهريان همراهه پهچي ويا، جن ميهر کي پڪڙي ورتو. ان ڏينهن مامو علڻ شهادت جي سعادت حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ هو پر سندس آس، آس ئي رهجي وئي.

مامي علڻ ٻلهڙيجيءَ جي پيرزادن جي ڌهيراٽي پاڙي جي هڪ خوشحال گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد نور محمد مريدن خادمن وارو هو، ڪين ڪچي جي زمين جو به سٺو حصو هو. پنهنجو مال رزق به ججهو هو، ان ڪري مامي علڻ جوانيءَ جا ڏينهن وڏي ٺٽ ٺانگر سان گذاريا پر سندس والد جي وفات کان پوءِ هن جو ساڳيو ٺٽ ٺانگر نه رهيو. مامي علڻ کي هاءِ اسڪول ۾ پٽيوالي ملي وئي. اٽڪل ٽيهه پنجٽيهه ورهيه نوڪري ڪرڻ باوجود همراهه کي پينشن نه ملي پر هاءِ اسڪول جي نوڪريءَ وارا ڏينهن ئي سندس زندگيءَ جا بهترين ڏينهن هئا، چاڪاڻ ته هن جي جنت ۾ حورن جو ڪو به تصور نه آهي، باقي غلمانن جي جهرمٽ ۾ هن جي زندگي گذري رهي هئي. مامي علڻ به شاديون ڪيون. پهرين گهرواريءَ مان هڪ پٽ ”خان“ ٿيس، جنهن جي شاديءَ جا سانباها ٿي رهيا هئا جو گذاري

ويو. مامي علڻ ۽ پائو خان ۾ وڏو قرب هو پر ٻنهي ۾ جيڪڏهن ٿوري گهڻي چپقلش ٿيندي هئي ته به غلمانن تي، نه ته ٻيو مڙيوئي خير. مامي علڻ کي ٻي گهرواريءَ مان به هڪ پٽ سائين بخش ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. مامي علڻ نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ اهي ڌنڌا ڪيا، جن ۾ واهپيدار نوجوان ڇوڪرا هوندا هئا، جيئن برف جا ڳنڍيا هلائڻ، پاڙي تي سائيڪلون هلائڻ وغيره. هاڻ به ڪيس ننڍڙو دڪان آهي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ ڪي چپس وغيره هوندا آهن، نه ته ڪل خير. مامي علڻ جو گفتو نڪرندو ته ماڻهوءَ کان پاڻمرادو ڪل نڪري ويندي آهي. هڪ نوجوان مامي علڻ کي چيو "ناس اٿئي؟" مامي چيو "ها، گهڻي جي کپئي؟" هن چيس "ڏهين رپئي جي." مامي علڻ نڪ سندس سامهون ڪري چيو "اچ ناس پَٽ."

اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ همراهه کي ڪوتو ڇئي چيڙايو ويندو هو، ان مامي علڻ کي دانهن ڏني ته"ماما، هي مون کي ڪوتو ٿا چون، هنن کي سمجهاءِ!" تڏهن مامي علڻ ڇورن کي چيو "اڙي، هي تي ويو آ گڏهه ۽ اوهان هن کي اڃا ڪوتو ٿا چئو!" اهڙي نموني جڏهن سنڌي ادبي سنگت ٻلهڙيجي شاخ قائم ٿي، تڏهن مامو علڻ به انهن گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اسم تي ٽيڪا ٽپڻي به ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ ليکڪ جي بور ڪهاڻي تي تنقيدي راءِ ڏيندي چيائين، "ليکڪ کي اهڙي ڪهاڻي لکڻ بدران ٻڌي مرڻ گهرجي ها."

مامو علڻ هوندئن ته پاڻ به پنهنجي گهر ۾ چڱو خاصو چيڙاڪ آهي پر جيڪو به ساڻس چڙيو ته صفا ڦاسي پيو. مامي علڻ جا وارهه واري پاسي ڪيترائي مريد آهن، جن ڏي اڪثر ويندو رهندو آهي. هڪ دفعي لاڙڪاڻي کان وارهه بس ۾ ويندو ۽ ويهڻ سان ئي پاسي وار ي همراهه کان پڇيائين "ادا تون ڪير آهين؟" اُن رکو جواب ڏنس "ڇو؟" وري ٿوري دير بعد مامي چيس "پوءِ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟" همراهه جواب ڏيڻ بدران ڪيس چتائي ڏٺو. تڏهن مامي علڻ چيس "يار نالو ڪٽي ٻڌاءِ!" ايتري ۾ هڪ سيٽ خالي ٿي ۽ همراهه اتان اٿي ان خالي ٿيل سيٽ تي ويهي رهيو، ٿوري دير بعد وڳڻ ۾ بس اسٽاپ ڪيو ۽ هڪ ڇوڪرو "ڪير کنڊ واري چانهه" جا هوڪا ڏيندو بس ۾ چڙهيو. مامي علڻ ان کي چيو ته "اڳين سيٽ تي جيڪو پٽڪي وارو پوڙهو ويٺو آهي، اهو چانهه جو وڏو موالي اٿئي پر آهي ٿورو ٻوڙو، ان ڪري ڪيس ٿورو ڏاڍيان ٻڌائجان." گهوڙڙئي ڇوڪري وڃي ان جي ڪن سان منهن ملائي ڏاڍيان چيو "ڪير کنڊ واري اسپيشل چانهه!" پوڙهي ڇوڪري کي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ مامي علڻ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو "پيٽيان صفا ڪو مروان آهين!" ائين چئي پوڙهو بس مان لٿو هليو ويو.

ساڳي طرح هڪ ٽانگي وارو "ليمون" لفظ تي چڙندو هو. مامو علڻ موهن جو دڙو اسٽيشن کان ڏوڪري لاءِ اچي ان ٽانگي تي چڙهيو. مامي سان هڪ نوجوان به گڏ هو، جيڪو سٺو ڳائي سگهندو هو. مامي ان نوجوان فنڪار کي ٻڌائي ڇڏيو ته جڏهن ڏوڪري فارم اچي ته مون کان پڇجانءِ ته اهي ڇا جا وڻ آهن. جڏهن فارم پرسان ٽانگو پهتو، تڏهن نوجوان مامي علڻ کان پڇيو "ماما، هي ڇا جا وڻ آهن؟" مامي جواب ڏنس ته"هي انبن، زيتونن، ڇمن ۽ ليمن جا وڻ آهن." ليمي جو نالو ٻڌڻ سان ٽانگي واري گاڏي روڪي کين چيو ته "لهو منهنجي ٽانگي تان، اوهان جهڙن بدفضيلتن جي منهنجي بگيءَ ۾ جاءِ ناهي. پوءِ مامي علڻ ڪيس چيو:" يار ماما پلجي پيس، وري ان شيءِ جو نالو زبان تي نه آڻيندس. الله رسول کي مڃ، اسان کي ائين رڻ ۾ نه رول، هي نوجوان ڏاڍو سٺو فنڪار آهي، هاڻي هن جو راڳ ٻڌندا هلنداسين." نيٺ ٽانگي وارو راضي ٿيو ۽ مامي علڻ جي دوست راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. نوجوان جي راڳ تي ٽانگي واري جي کنڊ ڏوڙ پي پئي ۽ واهه نوجوان واهه نوجوان، خوش رهه، خوش رهه چوندو رهيو ۽ جڏهن ڏوڪري شهر جي پرسان آيا ته فنڪار آخري مصرع ۾ "ڇئي ليمون" چيو ۽ ٽانگي واري گاڏي بيهاري ٻنهي کي چيو ته"لهو!" همراهن ٽانگي مان لهي جيئن ئي ان کي ڏوڪڙ ڏيڻ جي ڪئي ته ٽانگي واري کين چيو:"اهي به .... ۾ لنگهائي ڇڏيو." اهڙي نموني مامي علڻ جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون آهن، جيڪي ڳائجن ٿيون.

هڪ دفعي مامي علڻ جي دڪان تي مائي پري آئي، جنهن ڪيس چيو ته ”ادا علڻ سودو آهي؟“ مامي علڻ ٺھ پھ جواب ڏنس ”چا تي؟“ مائي پري گاريون ڏيندي واپس هلي وئي. مامي علڻ جون ٻئي گھرواريون راھ رباني وٺي ويون آهن، باقي پاڻ سڄو ڏينهن پنهنجي دڪان تي حقو ڇڪيندو رهندو آهي، جيڪو سڄي ڳوٺ ۾ هاڻ فقط مامي علڻ وٽ ئي وڃي رهيو آهي.

(نوٽ: هيءُ مضمون مامي علڻ جي حياتيءَ ۾ لکيو ويو هو. هُن 2013ع ۾ 91 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي).

# شهاب الدين ۽ امير بخش

## ڇهي ۽ ڏهي

هي ٻئي يائر هئا، ٻنهي شادي ڪا نہ ڪئي ۽ پنهنجي عمر گذاري پيريءَ ۾ چالاٽو ڪينِ. ٻنهي جي طبعيت هڪ ٻئي ڪان مختلف هئي پر سچو ڳوٺ ساڻن محبت ڪندو هو. هونئن تہ هي چار يائرَ آهن پر عبدالغفور ۽ قربان نوڪريون بہ ڪيون، شاديون بہ ڪيائون ۽ ٻنهي کي ٻار ٻچا بہ ٿيا. امير بخش پنهنجي طبيعت وارو ماڻهو هو. چرس جو موالي بہ هو. وڏو قداور مڙس هو. طاقت بہ هئس.ڪير بہ وزن کڻڻ ۾ ماري نہ سگهندو هئس. جنهن بہ ڪم ۾ هٿ وڌائين تہ اهو منڻن ۾ ٿي ويندو پر جيڪڏهن جواب ڏنائين تہ ڪير پلي ماري وجهيس، ان ۾ هٿ ئي نہ وجهندو. ان ڪري سندس دوستن هنن جي ٻنهي طبيعتن جو نالو ”ڇهي ۽ ڏهي“ رکي ڇڏيو هو.

امير بخش تعليم حاصل نہ ڪئي، ان ڪري ڪيس سرڪاري نوڪري نہ ملي، باقي هن هر ڪم ڪيو. ڪراچيءَ ۾ مزدوري ڪئي تہ ڳوٺ ۾ بہ. هڪ دفعي هي ٽئي يائر ڪراچيءَ جي هڪ ڪوارٽر ۾ رهيا. سندن وڏو ياءُ شهاب الدين هنن کي ماني ڪارائڻ لاءِ سير کن ساوا مرچ وٺي آيو. هن ساون مرچن ۾ ڳاڙها مرچ وڌا ۽ ٿورو ذائقو بدلائڻ لاءِ ڪارن مرچن جي چندبہ بہ ان ۾ وڌي. اهي تري، مانيون پچائي يائرن کي چيائين ”اچو تہ کائون.“ همراهن گرهہ کائڻ سان ئي ماني مان هٿ ڪڍيا. شهاب الدين چين ”مان هيترو خرچ ۽ خفو ڪيو آهي، هاڻي ماني نہ کائيندئو جو اوهان جي بادشاهي آهي. ڏسان ڪيئن نٿا کائو!؟“ ائين چئي همراهہ ماني ٿڦڻ وارو ويلڻ کڻي ويهي رهيو. هاڻ تہ همراهہ ڦاسي ويا. نيٺ همٿ ڪري قربان پت ٽپي پڇي ويو پر امير بخش پڪڙجي پيو. هو روئيندو اکيون آليون ڪيو نڪ وهائيندو بہ رهيو تہ ماني بہ کائيندو رهيو. ياءُ کن مرچ مس کاڌا هئائين جو سندن پيٽويو ڪاڪو عبدالرحيم پيرزادو اچي ويو، جنهن امير بخش کي ڇڏايو.

امير بخش ٻلهڙيجي ڳوٺ جي هر دلعزيز شخصيت هو. ڪنهن جو بہ ڪاج ٿيندو هو تہ جهُمر ضرور هڻندو هو. ڪيس چڱي خاصي گهور بہ پئجي ويندي هئي. ڳوٺ ۾ درگاهہ ملوڪ شاهہ تي ملاکڙا لڳڻ لڳا تہ امير بخش عرف ”ميرو“ بہ ملهہ وڙهڻ شروع ڪئي. جيئن تہ هي قداور ۽ طاقتور مڙس هو، ان ڪري پهلوان کي مٿي کڻي ويندو هو پر ڪيس ملهن وارا اکر نہ هوندا هئا، ان ڪري ماڻهن کي پيو ڏسندو هو تہ هن کي ڪاڏي ڪيان. اهڙي نموني امير بخش جي ملهہ ڏاڍو مزو ڪندي هئي.

همراهہ کي ڪجهہ وقت چور ٿيڻ جو بہ شوق ٿيو، پر ٻين چورن سان گڏجي ڪڏهن بہ واردات نہ ڪيائين. اڪيلو ئي اهو ڪم ڪندو هو. گهڻو ڪري ڪنهن هاريءَ جي ٻار کي ٻرو ڏيندو هو. هڪ دفعي وڏيري اِمن جي اوطاق ۾ رکيل ان مان هڪ پاچڪو چورائيندي پڪڙجي پيو.

جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ ”تو اهو ڏوهہ جهڙو ڪم ڇو ڪيو آهي؟“ تڏهن جواب ڏنائين”ڏوهہ جهڙو ڪم مون نہ پر توهان ڪيو آهي. توهان کي جڏهن خبر آهي تہ اسان موالي ماڻهو سگريٽ لاءِ پريشان آهيون تہ پوءِ اوهان سرعام انُ ڇو ٿا رکو. ڪنهن گُنديءَ يا پليءَ ۾ انُ رکو تہ اسان ڇو کڻنداسين!؟“ امير بخش کي فقراءُ ۾ ڪنگ فقير بہ سڏيو ويندو هو.

امير بخش اڪثر ڳوٺ جي فقراءُ سان سيوهڻ ويندو هو، جتي سندن بينڪ حقاني ڪافي هئي. اتان ڪڏهن

ڪڏهن پيادل لاهوت بہ ويندو هو. 1987ع ۾ هو ڳوٺ جي سنگت سان قلندر شهباز جي ميلي تي ويو، جتان ڳوٺ وارا سڀ موٽي آيا پر امير بخش لاهوت وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ان سال پاڻيءَ جي سخت کوٽ هئي ۽ هن جي طبعيت بہ خراب هئي، جنهن ڪري هن پٽ جبل جي پاڙ ۾ دم ڏنو ۽ اتي ئي کيس دفن ڪيو ويو.

شهاب الدين بہ ڪيترائي ڪم ڪيا ۽ ڏاڍو پئسو ميڙيو پر ڪپايو ڪجھ بہ نہ. طاهري تي چڙندو هو. گهڻو پوءِ خبر پئي تہ همراھ ڪمند جي چيچڙي تي تازو ڳڙ ڪاڻ ويو هو ۽ اهو جهجهائيءَ سان ڪائڻ ڪري کيس دست تي پيا هئا. پوءِ ڳڙ جو نالو وٺڻ بدران ڇوڪرن طاهري چوڻ شروع ڪيو تہ اها سندس چڙ بڻجي وئي، ڇاڪاڻ جو سمجهي سڀ ڪجھ پيو.

شهاب الدين ڪڏهن بہ بيماريءَ ۾ دوا نہ ورتي. ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادي (صحافي انور پيرزادي جي پيءُ) وٽ ملازم هو. جڏهن بہ بخار ٿيندو هئس تہ دوا نہ وٺندو هو. سنگت ساٿ ٽوڪيندي هيس تہ "هيڏو ٿو ڪمائين، ڪهڙا پنتي پار بچا اٿئي. مرين ٿو تہ بہ دوا نٿو وٺين، ميان ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکار!" تڏهن بہ شهاب الدين جو هڪ جواب هوندو هو تہ "منهنجي بخار جو علاج ڪنهن بہ ڊاڪٽر وٽ ناهي، منهنجو بخار بي پيرو آهي. جيستائين ان جي بي عزتي نہ ٿيندي، تيستائين هرگز نہ لهندو. توهان مهرباني ڪري مونکي عبدالرحيم وٽ ڇڏي اچو. منهنجو علاج فقط ان وٽ آهي." صبح جو کيس همراھ سندس پيٽيوي عبدالرحيم (صحافي زلف ۽ سهيل جي والد) وٽ ڇڏي ايندا هئا. اتي هو کيس علاج جي گذارش ڪندو هو. ڪاڪو عبدالرحيم ٺپ جواب ڏئي ڇڏيندو: " نہ بابا، اهو ڪم مون ڪان نہ ٿيندو. اسان فقراءُ ماڻهو، ڪنهن سان ڳورو ڳالهائيندا ئي نہ آهيون. هونئن تو منهنجو ڪهڙو ڏوھ ڪيو آ جو مان ائين ڪيان." پوءِ شهاب الدين ابداڻي مان ڏوڪڙ ڪڍي ڪاڪي عبدالرحيم جي تريءَ تي رکندو هو ۽ پانهون بہ ٻڌندو هو. اهي ڏوڪڙ کيسي ۾ رکي ڪاڪو عبدالرحيم شروع ٿي ويندو هو: "پيٽان ٿوڪا، نہ گهر جا نہ گهاٽ جا، رڳو رلندا وتندا، هنن کي ڪو موچڙو هڻڻ وارو ناهي. پرائي مال تي وتندا مکين وانگر لامارا ڏيندا. لوسي ڪنهن جاءِ جا!"

مائٽ شهاب الدين جو منهن ٽامٽي هٽي ويندو هو ۽ ڪاوڙ ۾ سڄو ڦوڪجي ويندو ۽ سندس جسم ڏڪڻ لڳندو هو. تڏهن ڪاڪو عبدالرحيم وينلن سان مخاطب ٿيندو هو: "اڙي وجهو لوسيءَ مٿان رلهي، ڪائڻ جا ڪرا ڪم جا پرا، نياڳا ڇندا." ٻئي ڏينهن ڪاڏي ويو بخار، شهاب الدين وري اهڙي جو اهڙو. هن 2009ع ۾ وفات ڪئي.

# ڪاڪو الاهي بخش پيرزادو

## مجاز جو ماريل

ميان الاهي بخش پيرزادي ڪي سڄو ڳوٺ ”ڪاڪو الاهي“ چوند هو. هن کي ايگريڪلچر ڪاتي ۾ نوڪري هئي. گهڻو عرصو دادوءَ ۾ گذاريائين. رٽائرمنٽ ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ دڪان کولي ويٺو. ڪاڪو الاهي بخش شاعر به هو، هن ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي منظوم تاريخ لکي پر پوءِ اهو نظم محفوظ نه ٿي سگهيو. صحافي انور پيرزادي ڪاڪي الاهي بخش جي شاعريءَ تي تبصرو به شايع ڪرايو هو.

عمر جي آخري حصي ۾ ڪاڪو الاهي بخش مجاز ڏانهن مائل ٿي پيو ۽ سندس دڪان تي سهڻن جا جهميلا هوندا هئا. ان ڪري هن جا رقيب به گهڻا هوندا هئا ۽ اهي هڪٻئي تي شعر ٺاهيندا رهندا هئا ۽ انهن ۾ هڪٻئي جون خاميون بيان ڪندا هئا. ان وقت اسان جي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ هڪ خوبصورت نوجوان هوندو هو. عاشقن ان جي اچڻ ۽ وڃڻ جو ٽائم نوٽ ڪري ڇڏيو هو. ان وقت سڀ عاشق سينگارجي ڪيس راغڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ ان نوجوان کي جنهن سان به ڪلندي ڏسندا هئا ته ان تي پڇي سڙي پڇري ويندا هئا. پوءِ شاعريءَ ۾ ان تي ڪا نه ڪا ٺٺول ڪندا هئا. اهڙي ئي نموني سيد اشرف شاهه جڏهن ڪاڪي الاهيءَ تي شعر ٺاهيو ته هن مٽس جوابي شعر هيئن ٺاهيو:

اشل شاهه به ٿيو شاعر آ
چڻ ٻگهن ۾ ڪانئر آ
ٺاهه نڳن ۾ ٺانگر آ
ماڇين ۾ چڻ گابر آ.

ان شعر جا اٽڪل ويهه کن مصرع هئا، جيڪي هينئر ياد نه رهيا آهن. اهڙي نموني ڳوٺ جو هڪ ٻيو سيد سڳورو سيد حضور شاهه سندس رقيب بڻيو. ان به ڪاڪي الاهيءَ تي هڪ شعر ٺاهيو، جنهن جو جواب هيئن ڏنائين:

حضور شاهه هزاري، شاعرن ۾ بيماري.

ڪاڪي الاهيءَ جو تعلق ناجيه جماعت لواري شريف سان هو. سندن چوڻ آهي ته اهي روزي، نماز ۽ ٻين مذهبي پابندين کان آجا ۽ ڇٽل آهن. سندن ڪم فقط مرشد جي ثناخواني آهي. جڏهن سندس ننڍي پٽ حق نواز نماز پڙهڻ شروع ڪئي ته چڻ ڪيس دلي صدمو رسيو.

ڳوٺ جو ملان اذان ڏيڻ کان اڳ ”الصلوات والسلام عليڪ يا حبيب الله“ چوندو هو. تن ڏينهن ۾ ڳوٺ جي مسجد کي نئون نئون لائوڊ اسپيڪر مليو هو. قدرت خدا جي حبيب الله جيسر جو پاءُ عبدالله جيسر چورن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو ۽ ان جي ٻئي پاءُ محمد خان جيسر جي گهر واري ويم دوران گذاري وئي. ڪاڪو الاهي چوڻ لڳو ته حبيب الله ڪري ڪري مولانا، حبيب الله جو سڄو خاندان ئي چٽ ڪرائي ڇڏيندو.

ڪاڪو الاهي ناميارِي شاعر مير محمد پيرزادي جو پيٽيو ۽ سالو به هو. هن جو پٽ عبدالحق صحافي آهي ۽ سندس ننڍو پاءُ هادي ۽ ان جو پٽ سائل پيرزادو به سٺو شاعر آهي. ان ڪري سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون به سندس اوطاق تي ٿينديون هيون ۽ سياسي ادبي دوستن کي پڻ ڪاڪي الاهيءَ جي اوطاق تي ترسايو ويندو هو. ڪاڪو الاهي پاڻ کي تنقيدي شاعر سڏائيندو هو ۽ ”بخش“ تخلص استعمال ڪندو هو.

ناجيه جماعت جا درگاهه لواري شريف جي گادي نشينيءَ واري مسئلي تي اختلاف ٿيا، تڏهن ڪاڪي الاهي خليفي فيض محمد جي حمايت ڪئي، جنهن ڪري ٻي گروپ جي تنقيد جو نشانو بڻيو ۽ مٿس ڪيترائي الزام لڳا، جن ۾ ڪيتري صداقت آهي اهو ته الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو.

ڪاڪي الاهي 1988ع ۾ وفات ڪئي. سندس پونئير هن جي شعرن واريون ڊائريون سنڀالي نه سگهيا. وفات وقت سندس عمر اٽڪل 68 ورهيه هئي.

# سوڍو اوڏ

## زماني کي پٽيون پڙهائيندڙ

هن جي پنهنجي برادريءَ کان وڌيڪ مسلمانن سان لڳندي هئي ۽ اهڙي ڪا بہ سماجي برائي نہ هئي جيڪا سوڍي ۾ نہ هجي. چوريءَ جي تہ پٽ پيل هئس. هن جو سالو نول اوڏ ڏوڪريءَ جو مالدار شخص هو. ڪيس ٺيڪن مان ججهو ناڻو هٿ آيو هو، جنهن ڪري سوڍي جون چٽيون ويچاري نول کي پرڻيون پونديون هيون. سوڍو پنهنجي عادتن کان ڪڏهن بہ باز نہ آيو. هونئن تہ اوڏ محنت مزدوري جي حوالي سان ئي سڃاتا ويندا آهن، ڪنهن بہ محنتي ماڻهو کي داد ئي هيئن چئي ڏنو ويندو آهي تہ "يار ڪمائيندڙ تہ ڪو اوڏ آهين!" سو سوڍو بہ پورهيت هو، ڪم جو جوان ۽ جاڻنو مڙس هو. هو پناڻن، خرڪارن سان هڪ بہ ڏينهن ڪم ڪندو هو، جيڪي هن جي ڪم مان جڏهن مطمئن ٿي ويندا هئا تڏهن هو ڪانئن چڱي خاصي ايڊوانس طلب ڪندو هو. پئسن ملڻ ڪانپوءِ سوڍو اها جوءِ ئي مَٽي ويندو هو ۽ پناڻ خرڪار ڪيس ڳوليندا رهندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن خرڪار کان پئسا نہ ملندا هئس تہ انهن جا گڏهہ چورائڻ لاءِ وس ڪندو هو. اهڙي طرح اوڏن، ڇهواڻن، داين، نونارين ۽ ٻين خرڪارن جا گڏهہ ڪاٽي ويندو هو. ڪيترن ئي مٿس چوري ٿيل گڏهہ سڌا ڪيا پر هي بہ چوتان چوٽ هو، ڪنهن کي بہ چوريءَ ڪيل گڏهہ نہ موٽايائين.

پنهنجي برادريءَ سان تہ اصل نہ پوندي هئس. سڄي برادري سوڍي تي ڏمريل هوندي هئي. ڪو بہ اهڙو اوڏ نہ هوندو، جيڪو سوڍي جو شڪار نہ ٿيو هجي. ڪيترن ئي مسلمانن کي بہ پٽيون پڙهائي ڇڏيائين. اوڏڪي پٽ يا ڪوٽ ڪٽائڻ لاءِ جڏهن هِن ڏي ايندا هئا تہ سوڍو پنهنجي غريبي ۽ ٻارن جي بيماريءَ جو پٽڪو پٽي ڪانئن سڄي ڪم جا اڳوات ڏوڪڙ وٺي ڇڏيندو هو. همراهن جا ايلاز پيا پوندا هئا پر سوڍو ڪين وٽ ئي نہ ڏيندو هو. پوءِ ڪي ماڻهو سيٺ نول کان رقم وصول ڪري ويندا هئا پر گهڻن جا ڏوڪڙ هضم ۽ هڙپ ڪري ويندو هو. سوڍو ڪنهن نہ ڪنهن ٺيڪيدار کان ايڊوانس جا ڏوڪڙ وٺي وڃي جوا جي ٽڪريءَ تي ويهندو هو. پوءِ ڪڏهن تہ پئون ٻارهن هوندي هئس، نہ تہ همراهہ هڪ ڏک ۾ سڀ پئسا هارائي جُوءِ مَٽي ويندو هو. وري ڪنهن ٻئي همراهہ کي ڏڌر ڏئي ڪجهہ سڌو ٿيڻ جا جتن ڪندو هو. هڪ ڀيري تہ ڪميٽيءَ جي حد ڪندي زال کي داءُ تي رکيائين، جنهن ۾ هارائي ويو. پاڻ تہ گهر ڇڏيون هليو ويو، همراهہ بہ اچي گهر پهتس. شاباس هجي سندس سالي نول کي جنهن همراهہ کي ان ئي وقت جهجها پئسا ڏنا ۽ ڀيڻ کي پنهنجي گهر ۾ ويهاري ڇڏيو پر ٽن مهينن ڪانپوءِ سوڍو سنگتي ساٿي وٺي وري پنهنجي سالي کي پرچائي، زال وٺي ويو.

سوڍو 1950ع ڌاري ڄائو. هاڻ بہ زنده آهي، پر سندس اهي جوهر نہ رهيا آهن. هاڻ هن کي پوٽا بہ ڄاوا آهن. اڄ سوڍي ۾ اها نڳي ۽ چوري تہ نہ رهي آهي، البت نشو سو ساڳيو ئي ڪري ٿو. ڏينهن ۾ بہ دفعا ڀنگ پيئندو آهي، باقي سلفيون جيتريون مليون.

سوڍو اوڏ اڄ بہ پنهنجي روايتي لباس ۾ نظر ايندو آهي. مٿي تي پٽڪو ٻڌندو آهي. باقي گاريون اوڏن توڙي مسلمانن کي هڪجهڙيون ڏيندو آهي ۽ اهي بہ ڪيس اهڙي ئي عزت ڏيڻ فرمائيندا آهن. سوڍو اوڏ اڄ ڪلهہ لاڙڪاڻي شهر ۾ رهي ٿو، پٽن توڙي ڌيئرن کي نوڪريون اٿس. هاڻ اهي مٿس ڪنٽرول ڪري ويا آهن.

# استاد عيدل خان سومرو

## استاد، شاعر، ڊراما نويس، اداڪار ۽ رانديگر

ٻلهڙيجيءَ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ استاد عيدل خان سومري جي خدمتن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. استاد عيدل خان سومرو ڳوٺ ۾ ”سائين عيدل“ جي نالي سان مشهور هو. هن نہ رڳو ٻارن کي تعليم ڏني پر غيرنصابي سرگرمين ۾ بہ وڏي چڙهي حصو ورتو.

سائين عيدل استاد هئڻ سان گڏ شاعر، ڊراما نويس، اداڪار ۽ بهترين رانديگر بہ هو. سائينءَ جو جنم 1931ع ڌاري ڳوٺ سخي شاهہ جمال ۾ ٿيو. 1936ع ۾ وڏي ٻوڏ اچڻ ڪري سندس خاندان بہ ڪچي مان لڏي موجوده ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ اچي رهيو، جتي مسلم اسڪول مان فائنل پاس ڪري 1948ع ۾ نائب ماستر مقرر ٿيو.

سائين عيدل خان سومرو گهڻو عرصو ڳوٺ ۾ رهيو ۽ ڪجهہ سال شهدادڪوٽ ۽ ڪاراڻي ۾ بہ استاد ٿي رهيو. سائين شاگردن کي فائنل جي تياري ڪرائيندو هو. سنڌي ستن درجن واري فائنل پاس ڪرڻ ان وقت وڏي ڳالهہ هئي، جنهن ۾ ادب، جاگرافي، حساب، تاريخ ۽ ٻيا مضمون پڙهايا ويندا هئا. فائنل جي تياري ڪندڙ شاگردن کي رات جو ٽائيم ڏيندا هئا ۽ صبح جو سوير بہ سندن ڪلاس ورتا ويندا هئا. ان وقت بجلي نہ هئي، شاگردن ۾ ايتري مالي طاقت بہ نہ هئي جو اهي گاسليٽ يا تيل خريد ڪري سگهن، تنهن ڪري رات جو وڏا مچ ٻاري ويهي پڙهندا هئا. ان لاءِ شاگردن کي رڳو ڪاٺيون ڪرڻيون پونديون هيون. استاد عيدل شاگردن کان ان تياريءَ جو ڪو بہ معاوضو نہ وٺندو هو. حالانڪ اها سندس ڊيوٽيءَ ۾ شامل نہ هئي.

استاد عيدل شاعر بہ هو، زماني جي گردش ڪري سندس لکيل شعر هينئر محفوظ نہ رهيا آهن. ڪاڪي انور صاحب جي 1968ع ۾ لکيل ڊائريءَ مان پتو پوي ٿو تہ هُو ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ شريڪ ٿيندو هو. ان ڊائريءَ ۾ انور صاحب جو چوڻ آهي تہ ”اسان سنڌي ادبي سنگت کي ترقي پسند جماعت بڻائڻ چاهيون ٿا، جڏهن تہ سائين عيدل ۽ سائين لال بخش ان کي ٻئي طرف وٺي هلڻ ٿا چاهين.“ سائين عيدل خان سومرو ان وقت جي روايتي شاعرن جي تقليد ڪندو هو ۽ ديوان حافظ، ديوان بلبل جهڙا ڪتاب شوق سان پڙهندو هو. سائين عيدل اسڪول ۾ ٻارن کان ڊراما بہ ڪرايا جيڪي ڪجهہ هن پاڻ لکيا ۽ ڪجهہ ٻين ليکڪن جا هئا. هن شيڪسپيئر جو هڪ ڊرامو بہ اسٽيج ڪيو. ڳوٺ ۾ سائين عيدل جي ڪوشش سان ڪيترائي اسٽيج ڊراما ٿيا جن ۾ سائين پاڻ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا جنهن کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو.

سائين عيدل والي بال جو بہ سٺو رانديگر هو، سينٽر تي کيڏندو هو. عمر جي آخري ڏينهن ۾ رانديون ڏسڻ ويندو هو. والي بال، ڪرڪيٽ، ڪوڏي ڪوڏي ۽ ملهہ بہ شوق سان ڏسندو هو ۽ اهڙيون رانديون ڪرائيندڙ نوجوانن سان هر قسم جو سهڪار بہ ڪندو هو.

اسڪولن وچ ۾ ضلعي ۽ تعلقي سطح تي تقريري، تحريري توڙي نعتن جا مقابلا ٿيندا هئا تہ سائين عيدل پنهنجا تيار ڪيل شاگرد وٺي ويندو هو، جن کي انعام بہ ملندا رهندا هئا. اهڙي نموني ڪيس ليڪچر ڪرائڻ لاءِ بہ گهرايو ويندو هو. سائين عيدل انور صاحب ۽ قربان صاحب جن کي بہ پڙهايو تہ مونکي، غوث ۽ مسرور کي بہ پڙهايو. توڙي جو هن پنجٽيهہ ورهيہ تعليم کي ڏنا ۽ اڄا بہ سندس رٽائرمينٽ ۾ بہ چار سال هئا، جو هن رٽائر ڪري

چڏيو. چئي:”ميلو متو چڏجي.“ سائين عيدل 1984ع ۾ رٽائر ڪيو. ان ڪان پوءِ هن پنهنجو هلڪو سلڪو ڪاروبار ڪيو، جنهن مان ڪيس فائدو نہ پهتو. سائين شڪار جو بہ شوقين هو. هن پاڻ ڪي پوڙهو ڪڏهن سمجهيو ئي نہ هو. ان ڪري سدائين جوانن جي جهرمٽ ۾ رهندو هو. هن تتر بہ ڏاريا تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪڪڙ بہ سندس بغل ۾ڏسڻ ۾ ايندو هو.

سڄي ڄمار ڪنهن سان ٻاڙو نہ ٻوليائين. هڪ دفعي سندس پٽن سان هڪ اوباش نينگر جو جهيڙو ٿي پيو، جيڪو سائين عيدل جو شاگرد ٿي رهيو هو. سمجهاڻ تي استاد شاگرد جو رشتو وساري سائين عيدل کي بہ گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو، جنهن تي ٻيا ماڻهو ڪيس پادر هڻڻ لاءِ تيار ٿي ويا پر سائين عيدل ڪين ٻانهون ٻڌي ان ڇوڪري کي ڇڏايو ۽ ماڻهن کي چيو تہ ”هي بہ مونکي پٽن جهڙو آهي، پٽ جون گاريون پيءُ کي نہ لڳنديون آهن.

عمر جي آخري ڏينهن تائين سائينءَ جون ڪچهريون قائم رهيون. سائين عيدل پنهنجي ڌيءُ سان گڏ پڙهائيندڙ ماسترياڻين کي گهرايو، ڪين ماني کارائي. ڪانئڻ حال احوال ورتا ۽ ساڻن ڪچهري ڪندي سندس جسم مان روح جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. سائين عيدل کي ٽي پٽ ۽ ست ڌيئرون آهن، جن مان چار نياڻيون ۽ هڪ پٽ درس و تدريس سان لاڳاپيل آهن.

# قمر لاڙڪ

## يارن جو يار

ڏاڏو قمر الدين لاڙڪ تعلقي ڏوڪري ۾ ميهڙ جي دنگ تي ڳوٺ واڍا ناڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. هُو ڪلٽو ملٽو يار ويس ماڻهو هو. هن کي ڏسي ڪنهن کي به اهو احساس نه ٿيندو هو ته هي جيترو ٻاهران خوش آهي، سندس اندر اوترو اڌ آهي.

هن جي دوستيءَ جو هڪ قصو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان: ڏاڏي قمر لاڙڪ جي ولي محمد ”ولو“ پنهور سان دوستي هئي. ولو پنهور ضلعي نوشهروفيروز جو رهندڙ هو. هو هڪ روپوش دوست سان قمر لاڙڪ وٽ پهتو ۽ ان جي ٻانهن کيس ڏيندي چيائين: هي به منهنجو تو وانگر ياءُ آهي. پنهنجي ملڪ ۾ مفرور آهي. اهو مهمان وٽن ڪجهه وقت رهيو. پوءِ قمر جو ننڍو ياءُ ظفر ان مهمان کي ڏوهه لاءِ وٺي ويو، جتي ڪين جهجهو مال هٿ آيو، جنهن ڪري ظفر جي دل ۾ بيماني ۽ لالچ پيدا ٿي وئي ۽ هن درياهه جي پر تي ماني ڪائيندڙ پنهنجي مهمان کي بندوق جو فائر ڪري لاش سنڌوءَ جي لهرن حوالي ڪري ڇڏيو. مهمان کي غائب ڏسي قمر جا هوش خطا ٿي ويا ۽ هن سندس ڳولا شروع ڪري ڏني. نيٺ خبر پئجي ويس ته اهو سڄو ڪم سندس ننڍي ياءُ ڪيو آهي. قمر پنهنجي ننڍي ياءُ کي گرفتار ڪرايو ۽ هر حاضريءَ تي سندس خلاف شاهدن سميت حاضر ٿيندو رهيو. نيٺ خون جي ڏوهه ۾ ظفر کي عمر قيد جي سزا ملي. جڏهن ولو پنهور سڄي وارتا کان واقف ٿي وٽس پهتو ته لڄ کان قمر سندس سامهون ئي نه پئي ٿيو. نيٺ هڪ هنڌ تي وچي کيس هٿ ڪيائين ۽ ڀاڪر پري چيائين: ”اڙي، دوستي ختم نه ڪنداسين، اهو ته ڪجهه به ناهي.“

ٻنهي جي دوستي مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهي. اسان ٻنهي کي اٽڪل 60 ورهين جي ڄمار ۾ ڏٺو، تڏهن به هڪ ٻئي سان ٻارن وانگر چرچا ڪندا هئا. ظفر جا ان وقت ٻارڙا ننڍا هئا، انهن کي به قمر پاليو. پنهنجي پٽ کي سندس نياڻيءَ سان پرڻايائين ۽ پنهنجي نياڻي ظفر جي پٽ کي ڏنائين. 20 ورهيه بند جا ڪاٽي جڏهن ظفر ٻاهر آيو ته قمر نه ساڻس مليو ۽ نه ئي وري قمر جي سامهون ٿيڻ جي ظفر کي جرئت ٿي. هو ڏهه ورهيه پوءِ به زنده رهيو، جڏهن مري ويو ته به قمر سندس منهن نه ڏٺو.

قمر لاڙڪ چور نه هو پر پنهنجي ڪجهه اصولن جي ڪري تر جي وڏيرن کي ناپسند هو. سنڌ جي وڏيري جو وڏو هٿيار ٿاڻو رهيو آهي، ان ڪري وڏيرا کيس ٿاڻن تي گهلرائيندا رهندا هئا. ڏاڏو قمر پنهنجي عمر جا 20 سال ڪن جيلن ۾ رهيو. منهنجي پيءُ سان به جيل ۾ دوستي ٿيس پر اڳتي هلي هو منهنجي پيءُ کان وڌيڪ منهنجي چاچي جانيئڙي سنڌيءَ جو دوست بڻجي ويو. مون کيس پهريون ڀيرو 1985ع ۾ گورنمنٽ فروٽ فارم ميرپورخاص ۾ ڏٺو، جتي هو چوڪيدار هو. ميرپورخاص جي ڪوارٽر ۾ مون مڪمل سامياوادي نظام ڏٺو. جيئن ته منهنجو چاچو قومپرست سياست ۽ سائين جي ايم سيد سان عشق جي حد تائين چاهه رکندڙ آهي، ان ڪري سندس محبت ۾ هو به قومي خيالن وارو بڻجي ويو.

ميرپورخاص جي ان ڪوارٽر ۾ يڪتارو، گهاگهر ۽ ڍولڪ رکيل هئا، جتي سڀئي همراهه ڳائيندا به رهندا هئا. قمر لاڙڪ گهڙي وڄائڻ جو ماهر هو. ان سان گڏ شاعري به شروع ڪيائين. اهو جنرل ضيا جي مارشل لا جو دؤر هو. ان وقت هن، جنرل ضياء جي خلاف هڪ شعر ڻاهيو:

توکي ڪرسيءَ تان هاٽي لهڻ کپي
توکي قاسيءَ تي هاٽي چڙهڻ کپي،
جي شمرا توکي شرم هجي
هڪ منٽ نہ توکي رهڻ کپي.

جانيئڙو سنڌي اهو گيت اسٽيج تي اڪثر ڳائيندو رهندو هو. توڙي جو هو ان وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ بہ هو. اهڙي طرح قمر لاڙڪ سائين جي ايم سيد جي شان ۾ بہ ڪجھ گيت لکيا. جيڪي جانيئڙو سنڌي، سڄڻ سنڌي ۽ ٻيا قومي فنڪار جيئي سنڌ جي اسٽيجن تي ڳائيندا رهندا هئا.

سيد سنڌ ۾ ٻيا بہ گهڻا پر واهہ سيد سن وارو آ
واهہ سيد سن وارو آ، سنڌين جو تہ سهارو آ.

جڏهن 1988ع ۾ سنڌ جي شهرن ۾ سنڌين جو قتل عام شروع ڪيو ويو ۽ سنڌ جي ورهاڱي جا نعرا هنيا پئي ويا، تڏهن قمر لاڙڪ هي ڪلام ٺاهيو:

سنڌ جو ڪائي وڙهين، نمڪ اٿئي اٽڪيل نڙي
بي نوس آن، نہ نڪ ٽئي، ٽڪ ٽئي ڙي ٽڪ ٽئي.

الڳ علائقا تو گهرين ۽ سنڌ تو ٽڪرا ڪرين
واپس وڃڻ جو شوق تي، يا موچڙن جي سڪ ٽئي.

قمر لاڙڪ جي شاعري نعري بازيءَ واري هئي جيڪا سيد جي ڏنگن ٻارن کي گهڻي وڻندي هئي. هن جا آخري ڏينهن ڪراچي، ميرپورخاص ۽ ٽنڊي جام ۾ گذريا. سندس وڏو پٽ عبدالستار واڍڪي ڪم جو شاهہ ڪاريگر هو، جيڪو 25 ورهين جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ بجليءَ جي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو. پٽ جي جدائي قمر کي جهوري وڌو پر مڙس جي همت کي سلام آ. جو نہ ڳوڙهو ڳاڙيائين، نہ رنو ۽ نہ پار ڪڍيائين. سندس اندر اڌ هو، تڏهن بہ چرچا گهٻا ختم نہ ڪيائين. مون سان سندس جهيڙو جاري رهندو هو.

قمر لاڙڪ جي ڪجھ دوستن مواچ ڳوٺ ڪراچيءَ جي پرسان ڪاڇيلو ڳوٺ ۾ پلاٽ ورتا. ڪاڪي قمر چيو تہ آئون اهو پلاٽ مفت ۾ وٺندس. ڪاڪي قمر هڪ رات چلو ڪڍيو ۽ ٻئي ڏينهن تي ڳوناٺن کي ٻڌايو تہ هتي هڪ پير بابا برڪت علي شاهہ مدفون آهي. ڳوناٺن جو اتي زمين کي ڪوٽيو تہ اتان پٿر نڪتا، جيڪي خوشبودار هئا. هڪدم سيد برڪت علي شاهہ جي ٻُني ٺهي وئي. ان تي سُڪائون باسجڻ لڳيون. پوءِ ڪن همراهن ڪاڇيلن کي ٻڌايو تہ اهو سڄو قمر جو ٽڪسات آهي ۽ اتي ڪوبہ پير درويش پوريل ناهي. ڪجھ جوشيلن جوانن ٽيڪم هٽي پير برڪت شاهہ جي قبر مبارڪ ڊاهي ڇڏي. اتفاق سان هفتي کن اندر ڪاڇيلن جي هڪ همراهہ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو. ٻيو تہ هنن جو پنهنجي ذات وارن سان جهيڙو هلندڙ هو، اهي بہ وينون پرائي کين ڳوٺ ۾ ڏنڊا هٽي ويا ۽ سندن بہ همراهہ گرفتار بہ ٿي پيا. پوءِ تہ ڪاڇيلا ٻارين ٻچين ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي پير برڪت شاهہ کي پرچائي سندس ٻُني ٻيهر ٻڌي ويا پر پوءِ ڪاڪي قمر جي پير برڪت مان دلچسپي ختم ٿي وئي.

ڏاڍي قمر عمر جا آخري ڏهاڙا مواچ ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي هڪ دوست جي ڪارخاني تي چوڪيداري ڪندي گذاريا. سندس ميرپورخاص واري سنگت چڙوچڙ ٿي وئي هئي. هاڻ سندس صحبتي سگهڙ هئا ۽ انهن جي صحبت ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين. مٿس دادن فقير جو بہ چڱو اثر هو.

گڏهہ جهڙي زناور کي بہ ڪيڏي نہ عزت آ ڳاڏن ۾
سدا سهٽيون وتن سڙنديون، گنجيون گدليون بہ لاڏن ۾

چڙهي مينهون پليون پوريون، وڄهن تا ونگ پاڏن ۾
ٽين تا ظلم پيا ظاهر، فنا جي ڦوڪ تہ بہ ناهي
خبر ناهي الائي ڇاهي.

1998ع ۾ ڏاڏي قمر کان آئون سندس شاعريءَ جو نوٽ بوڪ کڻي آيس. ڪيس ڇيم تہ اهو اوهان کي ڪمپوز ڪري واپس ڏيندس. مون ان وقت جي ڪجھ اخبارن روزاني برسات ۽ جاڳو ۾ قمر جا ڪجھ شعر بہ شايع ڪيا. هڪ ڏينهن فون ڪري چيائين تہ مونکي منهنجو بوڪ واپس ڏي. ڪيس چيم تہ ڏاڏا اوهان کي غلط فهمي ٿي آهي. نہ اوهان مونکي اهو بوڪ ڏنو آهي ۽ نہ ئي وري منهنجي اوهان سان ٻن سالن ۾ ڪا ملاقات ٿي آهي. فون تي سٺي عزت افزائي ڪيائين پر همراھ جي زندگيءَ جي پونجي فقط اهو بوڪ هو، ان ڪري ڪراچيءَ کان ڪاھ ڪيائين ٻلھڙيجي. مان بہ اتفاق سان ڳوٺ آيل هئس. اتي سڄي سنگت سان منهنجي شڪايت ڪيائين. اتي بہ ڪيس ڇيڙائڻ لاءِ ٿوري پڪائي ڪيم پر سڄي سنگت اُڪين تي کڻي ڏنو. پوءِ ڪيس ڇيم تہ اهو ڪتاب اوهان کي ڪراچيءَ ۾ ملي ويندو. ڪراچيءَ ۾ ڪيس ڪتاب ڏيڻ ويس. ان وقت ٿورو بيمار هو. چيائين: ايوب (سندس پٽ) چوي ٿو تہ هاڻ چوڪيداري ڇڏ ۽ هلي مون سان ڳوٺ رھ... پر هنن يارن کي ڪو اهڙو ماٺهو نہ ملندو. ڪيئن ڪريان؟

ڏاڏي قمر 2005ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس سندس گھر ٻاهران مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

# وڏيرو اِمنُ

### جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس

ويڪرو، ڳاڙهو ڳٽول منهن، ان تي ٺهندڙ ڊگها شهپر، وڏيون سرخ اکيون، ويڪري ڇاتي، مٿي تي 14 والن جو مولهيو، بنا ڪالر وارو ڪرتو ۽ وڏي سفيد شلوار، پٽائيءَ جي سٽ: "جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس" جي هوبهو تصوير. اهو هو مهين جي دڙي پرسان آباد ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جو امام بخش پيرزادو، جيڪو تر ۾ "وڏيري اِمن" جي نالي سان مشهور هو. هن تي "وڏيرو" لفظ ايئن ٺهندو هو، جيئن اهو خطاب وڏيري شاهنواز جوڻيجي تي ٺهندو هو. جهڙي ڏٽي صورت ڏني هيس، اهڙيون ئي ڪيس خوبيون عطا ڪيون هئائين. هُو گفتي جو گوهر، سماجي سائنس جو ڄاڻو، ثقافتي ورثي سان محبت ڪندڙ، ڪلاسيڪل راڳ جو عاشق، شهسوار، علم، ادب ۽ سونهن جو متلاشي، بهترين رانديگر ۽ هڪ انقلابي ماڻهو هو. اڄ سڄي سنڌ ۾ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي جيڪا سڃاڻپ آهي، ان ۾ هن ڳڻن جي ڳهير شخص جو وڏو حصو آهي. توڙي جو هن جو اٿڻ ويهڻ تر جي وڏن وڏيرن سان هو پر هيءُ پنهنجي سياءُ ۾ عوام دوست هو. هن ڳچ سارا ڳڻ ڪيا ۽ ڪڏهن به اوڳڻ اوڏو نه رهيو.

وڏيري اِمن جو جنم 1925ع ڌاري ڳوٺ غلام حيدر پيرزادي ۾ ٿيو، جيڪو 1936ع واري مها ٻوڏ ۾ دادلي درياهه جي پائيندڙ جو شڪار ٿي پنهنجو وجود وڃائي وينو هو. اهو ڳوٺ مهين جي دڙي کان 5 ڪلوميٽر اوپر طرف سنڌوءَ جي ڪاپي پر تي، ڪچي ۾ هو. ان ڳوٺ جا رهواسي سِر بچائي مهين جي دڙي کان 2 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ٻلهڙيجي ڳوٺ آڏو خالي پيل پٽ تي جهڳا اڏي ويهي رهيا. توڙي جو نئين ڳوٺ جو نالو "حاجي لعل بخش شيخ" رکيو ويو، جيڪو اڄ به اسڪول ۽ سرڪاري عمارتن تي لکيل آهي پر اسان جي وڏڙن هن ڳوٺ جو نالو "ٻلهڙيجي" ئي رهڻ ڏنو.

صوفين ۽ سنتن جي تعليم سبب ٻلهڙيجي ڳوٺ ڪڏهن به انتها پسنديءَ جو شڪار ناهي رهيو ۽ وڏيري اِمن به پنهنجي الهڙ جوانيءَ جا ڏينهن پنهنجي هندو دوستن سان رانديون ڪندي گذاريا هئا. هيءُ جڏهن ڦوهه جوانيءَ کي پهتو، تڏهن ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي سبب ڳوٺ کي ٿاهيندڙ ۽ سينگاريندڙ راڻا پنهنجا محل ۽ ماڙيون ڇڏي روانا ٿي ويا. جنهن جو ارمان ڪيس پوڻ پيڙو ٿيڻ تائين رهيو.

وڏيرو اِمن ڪو وڏو زميندار نه هو، وٽس بس زمين جو هڪ ايترو ٽڪرو هو جنهن مان عزت سان گذر بسر ٿي ويندو هو، پر هن جي شخصيت ۾ اهڙي ڏيا ۽ ڪشش هئي جو هزارين ايڪڙ زمين رکندڙ زميندار به سندس صحبت لاءِ سڪندا هئا ۽ جڏهن هو ڪنهن معاملي جو فيصلو نه ڪري سگهندا هئا، تڏهن وڏيري اِمن کان صلاح وٺڻ ايندا هئا ۽ هيءُ مشڪل مسئلي کي به آسانيءَ سان سلجهائي ويندو هو.

وڏيري امن سياست جي شروعات، تر جي ڊنگ وڏيري ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر موسيٰ خان ڀگهئي جي دوستي ۽ صحبت ۾ اچي ڪئي. اهو ايوبي آمريت جو زمانو هو، بي ڊي (بيسڪ ڊيموڪريسي) چونڊن ۾ وڏيري امن جو مقابلو ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي وڏي ڀاءُ ڪاڪي ڪيول رام سان ٿيو. انهن ڏينهن ۾ ڪاڪي ڪيول رام جو وڏو اثر رسوخ هو ۽ تر جا سمورا وڏيرا هن جي هٿ هيٺ هئا. ان اليڪشن ۾ ڪاڪي ڪيول رام کي شڪست آئي، اهو ان وقت، علائقي جو وڏو واقعو هو. ڪاڪي ڪيول رام جي هار جو وڏو سبب وڏيرن سان گهٽي اٿ ويهه ۽ عوام کان پرڀرو هئڻ هو. جڏهن ته وڏيرو امن ان جي بنهه ابتڙ هر وقت عام ماڻهن سان گڏ هوندو هو.

وڏيري امن جو پنهنجي ڳوٺاڻن سان ڏاڍو گهرو رشتو هو. هيءُ هر وقت سندن ڏک سک ۾ شامل رهندو هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو جاءِ ٺهرائيندو هو ته وڏيرو امن اتي پهچي رازن کي سمجهاڻيون ڏيندو هو ته پاڻيءَ جي نيڪال، سج جي روشني ۽ هوا جي گذر جو خيال رکيو وڃي. اهڙي نموني پوک پوکڻ ۽ لڻڻ تائين هو هارين سان گڏ هوندو هو. ڪٿون واٽيندڙن ۽ رسا وٽيندڙن سان به ڪم ۾ شامل ٿي ويندو هو ۽ کين بهتر صلاحون ڏيندو رهندو هو. اهڙي قسم جون صلاحون هو ياڳين کي به ڏيندو رهندو هو.

1970ع وارين عام چونڊن ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب جي سوشلزم واري نعري کان متاثر ٿي هن مسلم ليگي اڳواڻ وڏيري موسيٰ خان ڀگهئي کان راهون جدا ڪيون ۽ پ پ اميدوار جي ورڪ ڪئي. انهن چونڊن ۾ مرحوم موسيٰ خان ڀگهيو شڪست کائي ويو پر پوءِ به وڏيري امن سان دوستيءَ وارو ناتو نڀائيندو آيو.

وڏيري امن کي پنهنجي ثقافت سان پيار هو. کيس صوفي شاعرن جون ڪافيون ۽ ڀٽائيءَ جا سوين بيت برزبان ياد هوندا هئا جيڪي موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان ٻڌائندو رهندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻه چار ڪافيون پڻ لکيون جيڪي ڳوٺ جا راڳي فقير سنڌي توڙي ۾ ڳائيندا هئا. سنڌي توڙي وڏيري امن جو پسنديده راڳ هو. وڏيرو امن وقت جو بهترين رانديگر به هو، اڪثر پنهنجي ڳوٺ ۾ رانديں جا مقابلا ڪرائيندو هو، جن ۾ ڪوڏي ڪوڏي، ته ترئين (ٻيلهاڙ)، ونجهه وٽي، گهٻ گهوڙي، والي بال ۽ ڪرڪيٽ شامل هيون. هيءُ ملھ جا مقابلا به شوق سان ڏسندو هو ۽ ڳوٺ ۾ ٿيندڙ ميلن ملاکڙن لاءِ به سهائتا ڪندو هو.

76-1975ع ۾ جڏهن ٻلهڙيجيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ٿي ته وڏيرو امن ان جو ميمبر ٿيو. هو باقاعدي دستوري گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ اتي پڙهجندڙ اسمن تي ٽيڪا ٽپڻي به ڪندو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ وڏيري امن ”ماءُ“ جي عنوان هيٺ هڪ ڪهاڻي تنقيد لاءِ پيش ڪئي هئي، جيڪا ان دور ۾ مرحوم هدايت منگي هلال پاڪستان جي ادبي صفحي ۾ شايع ڪرائي هئي. 1978ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻلهڙيجيءَ پاران شاهه سائين جي ورسي ملهائي وئي هئي، جنهن ۾ سموري سنڌ جا مشهور اديب ۽ شاعر شريڪ ٿيا هئا. گڏجاڻيءَ جي صدارت سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج بلوچ ڪئي هئي. ان پروگرام جي ڪاميابيءَ ۾ به هن جو وڏو ساٿ ۽ سهڪار شامل رهيو هو. ان پروگرام ۾ وڏيري امن جي خواهش تي خانصاحب استاد منظور علي خان کي مدعو ڪيو ويو هو، جنهن رات جو ٻارهين وڳي کان صبح جو اٺين وڳي تائين سرن جي ورکا ڪئي هئي.

وڏيرو امن جڏهن ڪامريڊن جي صحبت ۾ آيو ته هن جي اوطاق روپوش سياسي ڪارڪنن جي پناهگاهه بڻجي وئي ۽ اڪثر قومپرست ۽ ڪميونسٽ اڳواڻ سندس اوطاق ۾ اچي ٽڪندا هئا. سنڌ جو مشهور شاگرد اڳواڻ ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش ٻلهڙيجي پتڻ کان سڳين شهر تائين ڪچي مان پنڌ پوندو هو. هو پنهنجو نالو ”لطيف“ ۽ پيءُ جو نالو ”وڏيرو امن“ ٻڌائيندو هو. 1980ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجيءَ جو بنياد پئجي ويو. وڏيرن جو رهيل کهيل اثر به ختم ٿي ويو. 1981ع ۾ بلدياتي چونڊن جو اعلان ٿيو، تڏهن وڏيري امن دوراندیشيءَ جو مظاهرو ڪندي پاڻ بيهڻ بدران نوجوان ورڪر محب پيرزادي کي تر جي ڊنگ زميندار وڏيري موسيٰ خان ڀگهئي جي پٽ اڪرم خان سان مقابلي ۾ بيهاريو، جنهن ۾ محب پيرزادي وڏيري اڪرم خان کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي.

تصوف نفس اجارڻ جو نالو آهي، جيڪو انسان کي دنياوي ۽ روحاني فائدو ڏيڻ وارو آهي پر جڏهن ان کي هڪ خاندان جي جاگير بڻايو وڃي، تڏهن اهو عام جي فائدي بدران انهن لاءِ نقصانڪار ٿي پوي ٿو! ٻلهڙيجي ۾ سجاڳيءَ جي لهر به پير پرستي مان جان ڇڏائي نه سگهي. فقط وڏيري امن جو ئي خاندان هو، جنهن ڇماهي تي ڏن وٺندڙن کي ڏن ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. 1983ع ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ پاران ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي 13هين ورسي ٻلهڙيجيءَ ۾ ملهائي وئي، جنهن جي ڪاميابيءَ جو ڪارڻ به وڏيرو امن ئي هو. هن پروگرام ۾ نندي ڪنڊ جي ڪلاسيڪل فنڪار استاد بڙي غلام علي خان جي ڀن ڀائٽين خانصاحب غلام عباس ۽ منو خان کي

گهرايو ويو هو. وڏيرو امن خوش مزاج انسان هو. ڳوٺ جا ڪجھ اهڙا بہ ڪردار هئا، جن ڪي وڏيرو امن چاٽي واٽي چيڙائيندو هو ۽ هو موٺ ۾ ڪيس اهڙيون ست سريون ٻڌائيندا هئا جو ويٺلن ڪي ڪاوڙ اچي ويندي هئي پر وڏيرو امن ڪڏهن نہ ڪاوڙيو.

ٻلهڙيجيءَ جي هن ٻهڳٽي انسان دم ۽ گردن جي بيماري سبب سيپٽمبر 1983ع ۾ وفات ڪئي. سندس جنازي نماز ۾ هر مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ هزارين ماڻھو شريڪ ٿيا.

ڪامريڊ شهيد نذير عباسي، امر لال، غلام رسول سهتو، مانڌل شر، ڊاڪٽر بخش علي، مير ٿيبو، امداد چانڊيو، غلام حسين شر، تاج مري، صالح بلو ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير سميت ڪيترائي سياسي اڳواڻ، ڪارڪن ۽ اديب ڪاڙهي وارن ڏينهن ۾ هن محبتي ماڻهوءَ جي اڱڻ تي اچي آسيس ماڻيندا هئا پر سندس لاڏاڻي کان پوءِ هنن الائي ڇو هن حقيقي انقلابي ڪردار کي ڪڏهن بہ ياد نہ ڪيو آهي.

جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن. (پٽائي).

# جانيئڙو سنڌي

## سنڌ پرست بزرگ نوجوان

سنڌ جي قومي سجاڳيءَ ۾ شاعرن ۽ راڳين جي ڪردار کي ڪڏهن به فراموش نٿو ڪري سگهجي، جن تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجي ساز سُر سان ساٿيهه جي آجپي ۽ آزاديءَ لاءِ جنتا کي پي جاڳايو آهي. جانيئڙو سنڌي به اهڙو ئي قومي راڳي آهي، جنهن عمر جا چاليهه ورهيه آزاديءَ جا گيت ڳائيندي گذاريا آهن. جانيئڙو ڪو پروفيشنل فنڪار ناهي، هو سائين جي ايم سيد جي تحريڪ جو ڪل وقتي ڪارڪن ۽ راڳي آهي. جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا راڳي آهن، جن ۾ جمن دربدر، قربان اعوان عرف سچڻ سنڌي، صوفي خالد خاصخيلي عرف ٻيجل سنڌي، هوشو شيدي، منظور چانديو، امير علي سرڪي ۽ ٻيا جيئي سنڌ جي جلسن ۾ قومي گيت ڳائيندا رهندا آهن پر انهن سيني ۾ جانيئڙو سنڌي پنهنجي صورت، لباس ۽ گفتار ۾ سيني کان نرالو لڳندو آهي.

پورو پنو قد، چاپئين ڏاڙهي، وڏا شهپر، مٿي تي اجرڪ جو پٽڪو، سدائين منهن تي مرڪ. اسٽيج تي ڳائڻ سان گڏ جسم جي شاعريءَ جا به جوهر ڏيکاريندو رهندو آهي، جنهن ڪري راڳ جي باقاعده سکيا نه وٺڻ باوجود هو محفل کي متاثر ڪري ويندو آهي. هن جا ڳايل قومي گيت بم گولي کان هرگز گهٽ ناهن. جانيئڙو سنڌي شاعري به ڪندو آهي، جنهن ۾ فقط سندس تحريڪ جي پرچار هوندي آهي، سنڌ جا درد بيان ڪيل هوندا آهن ۽ سائين جي ايم سيد جي ثنا هوندي آهي. توڙي جو اهڙي شاعريءَ کي دائميت حاصل نه آهي پر اها هڪ دور جي تقاضن کي پورو ضرور ڪري ٿي.

سنڌي ڪجهه نه سوچيو، وڙهون پاڻ ۾ ڇو؟
گڏجي غدارن کي گوليون لڳايون.
سنڌي سمجهه ڏاريو، نه هڪٻئي کي ماريو
ڏئي سات سر جو، سنڌ کي سينگاريو
اهي ڳالهيون ڳوٺن ۾، ٻين کي ٻڌايون
گڏجي غدارن کي گوليون لڳايون.

............

سنڌي سنڌي، سنڌي منهنجي ٻولي، جيجل ڏني جنهن ۾ لولي
ڏارئي لئہ ڏاڍي ڏکي آ، پنهنجي لئہ آهي سولي.
سچل سامي، دلپت واري، شاهه لطيف ڀٽائيءَ واري
سا نہ اسان کي ڏاڍي آ پياري، جنهن لئہ جهلي آ جهولي.

...............

اٿو سنڌي هوشيار ٿيو، ڪٺو ڪهاڙي تيار ٿيو
ديس جو جيڪو ويري آ، ڪرٽو تنهن کي ڍيري آ.

..............

تون ڇڏ جيئي سنڌ جانيئڙا، تون ڇڏ جيئي سنڌ
تون نہ آهين مرد مٿير، دودو، درياخان دلير
پڪ اٿم پنهنجن جا، ويرين کان تون وٺندين وير
پل نہ توکي ڏيٺو پئي، ڪوري جانيئڙا ڪنڌ.

سنڌ تي سختيون سور ڏسي، ويڙهيچا وهلور ڏسي
مظلومن سان ظلم ڏسي، منهنجا پيئڙا پاند پسي
قاسم وچ تن لاءِ ڪُسي، ڪر نہ پياري جند.

ان گيت ڳائڻ کان پوءِ سندس نالو مشهور ٿي ويو ۽ 1982ع ۾ سائين جي ايم سيد ڪيس جانيئڙو سڏيو، جنهن بعد اڄ تائين جانيئڙي جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هن جو اصل نالو محمد قاسم آهي. محمد قاسم عرف جانيئڙي سنڌيءَ 1946ع ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. اڃا ٻن ورهين جو مس هو جو سندس والد ٻلهڙيجيءَ مان لڏي اچي ڪڇي ۾ ويٺو ۽ هن کي پڙهڻ لاءِ واپس ٻلهڙيجي موڪليو ويو. پرائمري پنج درجا ٻلهڙيجيءَ ۾ پاس ڪري اٺين جماعت ڪاراٽي مدل اسڪول مان ۽ ميٽرڪ ڏوڪري هاءِ اسڪول مان ڪيائين. تنهن وقت ميٽرڪ جو امتحان بورڊ بدران سنڌ يونيورسٽي وٺندي هئي، جنهن بعد هن سڪرنڊ مان فيلڊ اسسٽنٽ جو ڪورس ڪيو. 1969ع ۾ ڏگهڙيءَ ۾ فيلڊ اسسٽنٽ مقرر ٿيو. 1969ع ۾ ڏگهڙي جي لغاري فقيرن سان واسطو ٿيڻ ڪري”حر“ جماعت جي ويجهو ٿي ويو. پير صاحب جي ٿيندڙ هر دعوت تي لغاري فقيرن سان شريڪ ٿيندو هو. 1972ع وارن فسادن هن کي قومپرست بنائي ڇڏيو. جانيئڙو 9 ورهيہ ڏگهڙي، ٽنڊي ڄام، نٽي، سجاول ۽ ٻين هنڌن تي رهيو ۽ پورا 10 ورهيہ ضلعي ميرپورخاص ۾ رهيو. 1975ع ۾ هن کي پنهنجي ننڍپڻ جي دوست سارنگ ماڇيءَ جي ڪچهرين باقاعدي قومپرست بڻائي ڇڏيو ۽ سترهين جنوري 1977ع تي هيءُ سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ ۾ شريڪ ٿيو. ان وقت کان اڄ ڏينهن تائين هن لوٽو ڦيرائي ٻئي پاسي نہ ڏٺو آهي.

وٺيو وڃ وات، ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪيڏهين
لوٽي ڦير لپات، لڳندئي لطيف چئي.

1978ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جو باقاعدي ميمبر ۽ جيئي سنڌ جي اسٽيجن تي قومي راڳيءَ طور متعارف ٿيو. سڄي سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ ٿيندڙ سمورن پروگرامن ۾ پهچندو هو. دوست ساٿي متيون ڏيندا هئس نہ اهڙن پروگرامن ۾ اهڙا گيت توکي نقصان پهچائي سگهن ٿا. ميان، سرڪاري ملازم آهين، نوڪري تيل ٿي ويندئي!“ پر هن ڪنهن بہ درخواست تي غور نہ ڪيو، جتي بہ ملازمت ڪندو هو، اتي سندس رهائشگاهہ هڪ ئي وقت شاهہ جمال جي مئخاني ۽ جيئي سنڌ جي آفيس جو ڏيک ڏيندي هئي، جتي يڪتارو، ڍولڪ، گهاگهر ۽ ڪڙتال وغيره رکيل هوندي هئي. ترجا فنڪار ۽ مگٽهار فقير ڳائيندا وڄائيندا بہ رهندا هئا تہ قومي ڪارڪنن جو تاڪ بہ هئي. جساف جا شاگرد بہ مدد لاءِ ايندا هئس تہ انهن سان جهيڙن کان وٺي پيتين تي چاڪنگ تائين هر ڪم ۾ گڏ هوندو هو. 1986ع ۾ ميرپورخاص ۾ اين ايس ايس او سان تعلق رکندڙ هٿياربندن جساف جي شاگردن تي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن ۾ رضا محمد بنگلاڻي شهيد ٿي ويو ۽ ڇهہ ڇٽا زخمي ٿي رت ڳاڙيندا سندس جاءِ تي پهتا هئا. ان وقت هن جو پاءُ اڪن پيرزادو بہ وٽس رهيل هو، زخمي نوجوان پاٽيءَ جي گهر ڪري رهيا هئا، جن کي هن پاٽي پيئڻ نہ ڏنو ۽ جانيئڙي کي چيو تہ ”ڪير وٺي هنن کي پيار!“

جانيئڙو سنڌي سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ تي گيت ڳائڻ سان گڏ پٽ ورهائڻ واري ڊيوٽي بہ ڏيندو هو. جنهن جو چيئرمين ڪنڊڪوٽ وارو اصغر سهرياڻي هوندو هو. نوجوان مستيءَ ۾ اچي ڊسيپلين ٽوڙيندا هئا تہ اصغر ساٽن چڙي پوندو هو پر هي همراهہ نچندي، ڪڏندي، ڪلندي ڪلائيندي، ڊيوٽي ڏيندو هو. ان وقت قومپرست اڳواڻ جتا ناهي ڳوٺن ۾ نڪري پوندا هئا، جتي تقريرون بہ ڪندا هئا تہ قومي گيت بہ ٻڌائيندا هئا ۽ ڳوٺاڻن سان حال احوال بہ ڪندا هئا. هي ڳوٺ هجي يا ميرپورخاص، ٺٽي هجي يا سجاول، اهڙن جتن ۾ شامل هوندو هو. هن جي گيتن ۽ عوامي انداز سبب اهڙا پروگرام مزيدار ۽ ڪامياب ٿيندا هئا. مون بہ ميرپورخاص ۽ لاڙڪاڻي ۾ ساڻس گڏ اهڙا پروگرام ڏنا. ڪنهن نوجوان قومي ڪارڪن جو ڪاڄ ٿيندو هو تہ ان ۾ بہ ڪيس مدعو ڪيو ويندو هو. هي اتي بہ اهي ئي گيت ڳائيندا هئا ۽ اتان جيڪا گھور پوندي هئن ان مان پھو ڏئي واپس ورندا هئا.

ضياءُ دور ۾ سنڌس دوست قمر لاڙڪ پنهنجي هڪ شعر ۾ جنرل صاحب کي هيئن صلاح ڏني:

توکي ڪرسي تان هاٽي لهڻ کپي، توکي ڦاهي تي هاٽي چڙهڻ کپي
جي شمرا توکي شرم هجي، هڪ منٽ نہ توکي رهڻ کپي.

جانيئڙي جي آواز ۾ اهو ڪلام ٻڌي ڪيس پنهنجي روپوش ياءُ چيو: ”ادا، مان وري بہ بچي ويندس پر جيڪڏهن هي ڪلام ضياءُ الحق ٻڌو تہ توکي ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيندو.“ جنهن تي سنڌس چوڻ هو تہ ”اهڙو ڪو اعزاز ڀيو تي ئي نٿو سگھي، اهو تہ چاهيان ٿو تہ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڦاهيءَ تي چڙهان.“ سياسي حوالي سان جانيئڙو سنڌي ڪڏهن بہ گرفتار نہ ٿيو، البت پنهنجي روپوش ياءُ جي ڪري سرڪاري مهمان بڻجندو رهندو هو. ستر واري ڏهاڪي ۾ بہ گرفتار ٿيو ۽ لاڪپ ۾ رهيو. 1983ع ۾ سويو ديرو پوليس سان جهيڙو ٿي پيو، جنهن بعد اسان گھر خالي ڪري ٻئي هنڌ تي ويناسين. اوچتو هي ميرپورخاص کان ڳوٺ پهتو تہ ڏهن ڳاڏين ۾ پوليس بہ پهچي وئي، هنن جو هڪ ساٿي علي مردان پيرزادو لوڙهو ٽپي ڀڄي ويو، هي ٻن ساٿين سان ساٽن وڙهي پيو. پوليس ڪين ڏنڊا هٽي رتورت ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس گرفتار ڪري لاڪپ ۾ رکيو ويو، جتي 40 ڏينهن رهيو. ان کان ڪجھ ورهيہ اڳ سڳين جي هڪ سيٽلر سان جهيڙي ۾ پڻ گرفتار ٿيو هو، جنهن ۾ بہ هفتو ڪن لاڪپ جو مزو ماٽيو هئائين. 1986ع ۾ گرفتار ٿيو ۽ 3 مهينا لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ رهيو. 1992ع ۾ پڻ ڪيس گرفتار ڪري مٿس تشدد ڪيو ويو هو. 1988ع کان پوءِ هي پنهنجي تعلقي ڏوڪري ۾ بدلي ٿي آيو، جتي سنڌس پروموشن ٿيو ۽ هو رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڏوڪريءَ ۾ اسسٽنٽ ريسرچ آفيسر مقرر ٿيو، پوءِ بہ جيئي سنڌ جي اسٽيج تان ساڳيا قومي گيت ڳائيندو رهيو. جانيئڙو سنڌي سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻلهڙيجيءَ جو چار ورهيہ سيڪريٽري بہ رهيو آهي.

شادي اٽڪل 40 ورهين جي عمر ۾ ڪيائين، ڪيس ست پٽ ڏاهر، ٻيجل، راءِ ڏياچ، جهونجهار، وينجهار، سنگھار ۽ خمار آهن ۽ بہ نياڻيون سنڌو ۽ لطيف خاتون اٿس. سنڌس سمورو اولاد قومي تحريڪ ۾ شامل آهي.

جانيئڙي جي طبيعت انتهائي مزيدار آهي. هي وڏن سان وڏو، جوانن سان جوان ۽ ٻارن سان ٻار هوندو آهي. ڪو بہ سنڌس ڪچهريءَ مان ڪڏهن بہ بيزار نہ ٿيندو آهي. نهنائي ۽ نماڻائيءَ جي ڪري سيني جي اکين جو تارو آهي. هن وقت اچي عمر جي ستر ورهين کي پهتو آهي تہ بہ سنڌس گيت ۽ جهمريون جاري آهن. اڄ بہ هو ڪچي جو ست ڪلوميٽر پنڌ ڪري پنهنجي زمين تي ويندو آهي ۽ اتي بہ سنڌس اوطاق تي راڳ ورونهن هلندي رهندي آهي. ڪجھ وقت اڳ سنڌس جماعت ”جسقم“ ڪيس تعلقي جي بزرگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو پر هن اهڙي عهدي قبولڻ کان معذرت ڪندي چيو تہ :”مان بزرگ نہ پر نوجوان آهيان!“

# لطف پيرزادو

## پينگهي ۾ سورن سان پيچ پائيندڙ

ٻلهڙيجيءَ کي ترقي پسندي جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ جيڪا سڃاڻپ حاصل آهي، ان ۾ لطف جي ڪردار کي ڪنهن به ريت فراموش نه ٿو ڪري سگهجي. ڪاپي ڏر جي سياسي ڪارڪن، صحافي، موهن دڙي جي آواز، لطيف شناس ۽ ٽريڊ يونينسٽ طور لطف کي سڄي سنڌ چاڻي سڃاڻي پرهن جو هڪ پاسو فقراءَ وارو به آهي جنهن جي ممڪن آهي ته گهڻن ماڻهن کي خبر نه هجي .

هي جي سور سُڄن، سي مون پينگهي منجه پرائيا

لطف شاهه سائين جي مٿين سٽ جي هوبهو تصوير آهي. هن کي پنهنجي امڙ جي ٿڃ ئي نصيب نه ٿي. 8 جنوري 1952ع تي لطف کي جنم ڏيڻ کان پوءِ هوءَ بستري تان اٿي ئي نه سگهي ۽ ٽن مهينن اندر وڃي پوڻءَ پيڙِي ٿي. لطف کي پنهنجي نانيءَ ۽ پڦين پاليو جيڪي ساڳي وقت سندس ماميون به ٿين. پنهنجي هڪ پڦيءَ کي امان ۽ ٻين کي ادي چئي مخاطب ٿيندو هو. چاڪاڻ جو فقير يار محمد جي گهرواري هن کي ٿڃ پياري هئي. لطف جو پيءُ سائين در محمد پنهنجي طبعيت وارو ماڻهو هو، هن کي پنهنجي گهرواري سان وڏي محبت هئي. ان پڄاڻا هن ٻي شاديءَ جو سوچيو ئي نه پر جيئن ته هو سرڪاري ملازمت سبب ڳوٺ کان ٻاهر رهندو هو، ان ڪري پنهنجي پٽ کي وقت نه ڏئي سگهيو. لطف جي اها ڪمي سندس ڏاڏي ميان غلام حسين پوري ڪئي، جيڪو راڳ جو نه رڳو شوقين هو پر راڳ جي باريڪين کان به واقف هو، ان سان گڏ ڪيس شاهه، سچل، بيدل ، خليفي ۽ حمل فقير جي شاعري سان گڏ حافظ، رومي ۽ ٻين فارسي شاعرن جو ڪلام به ياد هو.

لطف کي 1957 ع ۾ ڳوٺ جي مسلم پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي ڪيس هوشيار شاگردن ۾ ڳڻيو ويندو هو پر ان سان گڏ هنجي ويسر ۽ غائب دماغي جا قصا به مشهور هئا. 1962 ع ۾ شهدادڪوٽ جي هاءِ اسڪول ۾ڇهين درجي ۾ داخل ٿيو، جتي هو پنهنجي پيءُ جي قرب وارن ۽ درگاهه سخي شاهه جمال جي مريد سيلرن وٽ رهندو هو. 1965 ع ۾ اٺين جماعت پاس ڪري واپس اچي ٻلهڙيجي ۾ ويهي رهيو.

همراهه ننڍي لاڪون عاشق مزاج ۽ حسن پرست هو. توڙي جو پاڻ به خوبرو ۽ ڳاڙهو ڳٽول هو. تنهن هوندي به سهڻن ڇوڪرن کي ڏسي غيرحاضر دماغيءَ جي آخري حد به اورانگهي ويندو هو. جيئن ته عشق بازيءَ ۾ جان ۽ ڪيسي جو خيال هرگز به نه رکبو آهي، سو همراهه جا ويا خرچ وڌندا ۽ قرض چڙهندا. قرض لاهڻ لاءِ پاڙي مان سائيڪل چورايائين، همراهه جي واردات ظاهر ٿي پئي، اهڙي خبر ٻڌڻ شرط سائين در محمد چوريءَ جي ڪيس ۾ چالان ڪرائڻ سان گڏ پوليس وارن کان ڪيس ٺاهوڪي سٽڪي به ڪيرائي. 15 ڏينهن کان پوءِ ضمانت تي آزاد ٿيو. چوريءَ کان ته بس ڪيائين پر پئسي کي، جو ازلي ويري سمجهي ويٺو ته اڄ تائين ڏوڪڙن سان ڪاريهر وارو وير اٿس، جي ڏوڪڙ ڪيسي ۾ هوندس ته همراهه کي هٿن ۾ خارش هوندي. فقير فقراءَ تي اڪرامن جي بارش هوندي. هڪڙي چانهه جي ڪٽلي لهندي ته ٻي چڙهندي. جڏهن ڏوڪڙ ختم ٿي ويندس ته پاڻ کي به آرام اچي ويندس.

ريءَ لانگوٽيءَ لب ، پاڇي ڪٽن نه پاڻ سين ( شاهه )

هاڻي لطف جو گهڻو وقت پنهنجي وڏي مامي فقير يارمحمد جي خدمت ۾ مئخاني اندر گذرندو هو. فقير سائين جي پنهنجي طريقت هئي، هن وٽ مئي حرام نه هئي. هو لوڪ جي خدمت کي ئي افضل عبادت قرار ڏيندو

هو. راڳ ئي فقير جو دين ڌرم هو، مٺخاني ۾ ساز ۽ سرود جي محفل متل هوندي هئي پر لطف ان کان بي نياز، مهمانن جي خدمت ۾ مصروف هوندو هو جو هڪ ڏينهن سيد مصري شاهه جي ڪافي ”ڪنيائون ڪلي نيڻ گهرا گلابي، پيري ٻاجهه نرگس عجب نيم خوابي“ تي پار ڪڍي روئڻ لڳو. فقير يار محمد کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته همراهه عشق جي اري ۾ اچي ويو آهي ۽ حضرت حسن جي حملي جا گهاءَ ڪيس سڪ سمهڻ نٿا ڏين. پوءِ فقير هن کي پاڻ سان گڏ نشي جي اجازت ڏئي ڇڏي. اڄ به لطف جو حال ”روئڻ ۽ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري“ جيان آهي. ڪنهن سان ظلم جي ڳالهه ٻڌندو ته به روئي ويهندو پر جي خوشيءَ جو ميڙ ڏسندو ته به اکين مان لڙڪ لاڙي ويهندو. ان جي ڪري ڪنهن تقريب ۾ به ڳالهائي نه سگهندو آهي.

1968ع ۾ جڏهن ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي صحبت جو اثر انور پيرزاداري تي پيو ته لطف به ان کان متاثر ٿيو. لطف شهيد صوفي شاهه عنايت جي ”جو ڪيڙي سو کائي“ واري نعري کان ته اڳ ئي آشنا هو ۽ شاهه سائين جي بيت ”نڪا جهل نه پل، نه ڪو رائر ڏيهه ۾“وارو ماحول هن کي مارڪسي نظرئي ۾ نظر آيو. ايئن هن جا ڪميونسٽ پارٽيءَ سان پيچ پئجي ويا. توڙي جو هو سي پي يا ان جي ڪنهن به ذيلي جماعت جو ميمبر نه رهيو، پر هن پارٽي ميمبرن کان به وڌيڪ ڪم ڪيو.

لطف 1970ع ۾ ڪراچي آيو، جتي سندس ٻيو نمبر مامو ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو رهندو هو، هن ڪراچي بورڊ مان پرائيويٽ ۽ 1972ع ۾ انٽر پاس ڪئي.

لطف جيئن ته سيلاني طبعيت رکندڙ آهي، ان ڪري هڪ هنڌ سندس ٽڪاءُ مشڪل آهي. 1970ع کان 1979ع تائين هو ڪڏهن ڪراچي، ڪڏهن شهدادڪوٽ ته ڪڏهن ٻلهڙيجي رهيو. ان دوران هن ڪيترين ئي نوڪريون ڪيون، ساڳي وقت هو پارٽي جي هدايتن تي به هلندو رهيو ته فقراءَ سان به ناتو نڀائيندو آيو. هن سنڌي اخبارن ۾ لکڻ به شروع ڪيو ته هلال پاڪستان جو مهين دڙي کان عيوضي به ٿيو. ان دور ۾ مهين دڙي بابت سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ لطف اهم ڪردار ادا ڪيو. هن هتان جي لوڪن کي ٻڌايو ته”مهين دڙي جي سر سر ڪعبي جي سر وانگر مقدس آهي ۽ مهين جي مٽي خاڪ شفا جيتري اهم ۽ اتم آهي،“ ان جو اهو نتيجو نڪتو جو ماڻهن ۾ ڪجهه سجاڳي پيدا ٿي ۽ مهين دڙي جي ڪجهه پيل گهٽ ٿي. مهين دڙي کان جيترو هي واقف آهي، ايترو آرڪيالاجي وارا شايد هجن. جيڪڏهن ان دور ۾ لطف صحافي نه هجي ها ته اهي آفيسر مهين دڙي جو وجود ئي وڃائي ڇڏين ها. هي جڏهن هلال پاڪستان جو نمائندو ٿيو، تڏهن سنڌ جي صحافت جو سج لٿل هو. صحافي ٺاڻي تي ويهي وڏي منشيءَ جي صلاح سان، صوبيدار کي چنڊ جهڙو پٽ ڄمڻ واريون خبرون فائل ڪندا هئا. ان دور ۾ لطف اهڙيون خبرون ڏنيون جو وڏيرن، پوليس اهلڪارن توڙي راشي آفيسرن ۾ ڦڙڦڙي مچي وئي.

لطف سنڌي ادبي سنگت ٻلهڙيجي شاخ قائم ڪرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان دور ۾ هن شاعري به ڪئي ته ڪهاڻيون ۽ مضمون به لکيا، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا پر افسوس جو اهو سڄو رڪارڊ ضايع ٿي ويو. لطف ڪراچي سنگت جو به ميمبر ٿي رهيو.

ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران لطف جي جاءِ ڄڻ ته فقير يار محمد جو مٺخانو هوندي هئي، جتي ڳوٺ جا فقراءَ، مريض، ڪم ڪار سان ايندڙ ماڻهو به اچي رهندا هئا ته ڪامريڊن جو آسڻ به اهائي جاءِ هوندي هئي. سيني جي ڳيي ٽڪر ۽ ٻيڙي ماچيس کان وٺي ڀاڙي جو بندوبست به لطف کي ڪرڻو پوندو هو. لطف ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر نه هوندي به انور پيرزادي جو ڄڻ ته اڻ اعلانيل سيڪريٽري هو. ان ڪري ڪيس سمورا ڪميونسٽ اڳواڻ سڃاڻيندا هئا. انور کي مليل پارٽيءَ جو ڪم به لطف کي ڪرڻو پوندو هو. جيئن ته ڪراچيءَ اندر سي پي ورڪر گهڻو ڪري ٻارت مان آيل هئا، جيڪي سنڌ جي ڪلچر، شاعري، قصن ڪهاڻين ۽ تاريخ کان اڻ واقف هئا. اهو لطف پيرزادو ئي

هو، جنهن فيض ۽ جالب جي شاعري سان گڏ سرخ پرچم ۽ ٻين پمفليٽن ۾ پورهيت جدوجهد جي حوالي سان پٽائيءَ جا بيت ڏيڻ شروع ڪيا. حقيقت اها آهي ته پٽائيءَ جي حوالي سان انور پيرزادي جو وڏو ذريعو لطف ئي هو.

لطف پيرزادو پهرين جنوري 1979ع تي ملير هالٽ ۾ چاڪنگ ڪندي گرفتار ٿيو. ان وقت ڪراچيءَ واسي نئين سال جو جشن ملهائي رهيا هئا، لطف هڪ نوجوان سان گڏ ”مارشل لا مرده آباد“ جو نعرو پٽ تي لکي رهيو هو جو پوليس موبائل پهچي وئي. پوليس اهلڪارن ڪيس چتاءُ ڏنو ته ”هتان نڪري وڃو نه ته توهان کي گرفتار ڪنداسين.“ پوليس وارا اهو چئي اڳتي هليا ويا پر هن همراهه پنهنجو ڪم جاري رکيو. اڌ ڪلاڪ بعد جڏهن موبائل واپس پهتي ته ڪيس ساڳي ڪم ۾ مشغول ڏسي گرفتار ڪيو ويو. صبح جو ڪيس هوم سيڪريٽري وٽ پيش ڪين، جنهن ڪيس نَوَ مهينا ڊٽينشن جي سزا ٻڌائي، جنهن مان ستين مهيني سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تحت آزاد ٿيو. جيل مان نڪرڻ کان پوءِ ”چري ڪيئن؟ چي: ويران وير وڏ“ همراهه اڳي کان به سرگرم ٿي ويو، سنڌس جاءِ ڪامريڊن جي آماجگاهه هئي. روسي ادب، پارٽي ترجمان سرخ پرچم ۽ ٻيو مواد هتان ئي تقسيم ٿيندو هو. ان کان علاوه وڏي آواز ۾ بحث مباحثا به ٿيندا رهندا هئا، سو دير ئي نه ٿي. هن جي ڊرگ ڪالوني واري جاءِ تي فوج ڇاپو هنيو. ان وقت لطف، ڀائو ذلف، سنڌس والد ڪاڪو عبدالرحيم، زلف جو ننڍو ڀاءُ اعجاز پيرزادو، ڪامريڊ غلام حسين شر، ان جو ننڍو ڀاءُ لياقت علي شر وڪيل ۽ ڄام ساقي جو ڀاٽيجو سڪندر جهنجهي گرفتار ٿيا. لطف جي جاءِ تان اهلڪارن کي 400 ڪتاب هٿ آيا، جن ۾ 100 ڪاپيون ”سويت روس ڪي مسلمان“ جون به شامل هيون، جيڪو ڪتاب ان وقت تائين اجا ڪنهن به نه پڙهيو هو. ان سان گڏ ڪين ڊي ايس ايف جي روپوش اڳواڻ نذير عباسي جو 4 مارچ جي حوالي سان پيغام هٿ آيو، جنهن جي مٿان پٽائي جو هي بيت لکيل هو.

ڪٽ ڪڙهي لوهه ٻري، ڏوڏا جت ڏڃن
مترڪن منهن ڪيا، سانداٽيون سهڪن
اڄ پڻ اڳڙين، ميڙو آهه مچ تي.

لطف کان انهيءَ بيت جو ترجمو ٻڌي ميجر جي منهن ۾ ست وڪڙ پئجي ويا. اتي لطف ۽ ذلف جوابداري قبول ڪندي باقي همراهن کي بي خبر ڳوناٽا قرار ڏنو. بهرحال همراهه 15 ڏينهن سي آءِ اي سينٽر ۾ پڇا ڳاڇا هيٺ هئا، پر جس آهي جوانن کي جن پنهنجو منجهه نه ڏنو. نيٺ لطف ۽ ذلف کان سواءِ ٻيا سمورا ماڻهو آزاد ڪري ڇڏيائون. پوءِ جڏهن ڪين خبر پئي ته آزاد ٿيندڙن ۾ روپوش ڪميونسٽ اڳواڻ غلام حسين شر به شامل هو، تڏهن هنن کي چوچڙي اچي وئي ۽ مارشل لا ڪورٽ جيڪا ايم پي هاسٽل ۾ هلائي ويندي هئي، اتي ذلف ۽ لطف کي 10 ڪوڙن سان گڏ هڪ سال سخت پورهئي جي سزا ٻڌائي وئي. جيل گهٽڻ قيدين کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيندو آهي پر لطف ته جيل کي ساهراڻو گهر ئي سمجهيو. ان دور ۾ وڏا وڏا ليڊر ته اي ڪلاس ۾ نٽ سان هئا پر غريب سياسي ڪارڪنن جي حالت ڏاڍي خراب هئي پر لطف ان حوالي سان خوش قسمت هو. پي آءِ اي ۽ ايئرپورٽ سڪيورٽي فورس ۾ ڪم ڪندڙ سنڌس دوست ڊيوٽي فري شاپ مان امپورٽيڊ سامان خريد ڪري لطف ڏانهن جيل ۾ موڪليندا هئا، جن ۾ سگريٽن ۽ دوائن سميت ڪاڏي پيتي جو سامان به شامل هوندو هو، سو هن کي اهڙي ڪابه ڏکيائي پيش نه آئي بلڪ هُو ڪيترن ئي قيدين جو پرجهلو هوندو هو، ڇڙ ساڳيو ئي فقير يار محمد جي مئخاني تي فقراء جي خدمت ڪري رهيو هجي.

لطف کي ڪوڙن جي سزا جو ٻڌي سنڌس ناني شاهه خاتون جو ته صدمي ۾ ئي دم پرواز ڪري ويو. جيل توڙي ڳوٺ ۾ اها پچار هئي ته ”هي سنهڙو، ڇهي جهڙو ڪمزور شخص 15 ڦٽڪا ڪيئن سهندو؟ “قيدين کي به هن لاءِ ڳڻتي هئي ۽ ڳوناٽا به پيا سور پچار ڪندا هئا ته لطف ڪڏهن لڱن تي لحم ئي نه چاڙهيو آهي. اهو ظالمن جا اهي درا ڪيئن جهليندو؟! نيٺ اهو ڏينهن به آيو، جڏهن سنڌس ڪمزور جسم تي ڦٽڪن جو وسڪارو ٿيڻو هو. سڄي

جيل جو ساهه مٺ ۾ هُو. هن کي باريڪ مان ٻاهر ڪڍي، ضيائي اسلامي قانون تي عمل جو سرعام نظارو پسايو پئي ويو. ڦٽڪن هڻڻ تي مامور شخص ڊوڙ پائي، گوڏو کوڙي، پوري طاقت سان مٿس ڦٽڪا وسائڻ شروع ڪيا ۽ ڪجهه پريرو بيٺل هڪ اهلڪار وڏي آواز ۾ هڪ هڪ ڦٽڪو ايئن ڳڻي رهيو هو، جيئن فصل جي ٻنيءَ تي ڇليون ڳڻيون ويندڙيون آهن. پندرهن جو هوڪو ٻڌڻ کان پوءِ لطف ماٺ ٽوڙيندي چيو: "ڏناسين توهان جا ڦٽڪا ٻه، انهيءَ کان ته اسڪول ۾ سائين خليفي جي مار گهڻي هوندي هئي!" پوءِ هو ٻنا اسٽريچر جي پيرين پنڌ باريڪ پهتو هو. ها گهڻو عرصو پوءِ اهڙي سهپ جو راز سليندي لطف مون کي ٻڌايو هو ته "28 ورهين ۾ 16 سال نشا ڪيا هئم. جسماني طور تي ٻه ڪڏهن ڳر نه ڪيم. سمجهيم ته ڦٽڪا ماري وجهندا پر اهو مرشد لطيف ئي هو جيڪو ڦٽڪي ڦٽڪي سان آٿت ڏئي رهيو هو: واجهه مَ وجهه وڍ ڏي... ۽ مان پنهنجو درد وساري ڀٽائيءَ جي حضور هيءُ بيت پڙهي رهيو هئس، "جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوار سين."

لطف جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڳوٺ سڌار سنگت قائم ڪرڻ لاءِ سرگرم ٿيو. ڳوٺ سڌار سنگت قائم ٿيڻ سان اسان جو ڳوٺ ڪجهه ڏسڻ جهڙو ٿيو، جو سنگت ڳوٺاڻن جي مدد سان مٽي وجهرائي گهٽيون مٿي ڪري ڇڏيون هيون، جن ۾ اڳ مهينن جا مهينا مينهن جو پاڻي بيٺل هوندو هو. ڳوٺ سڌار سنگت جي ئي ڪوشش سان ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ بجلي آئي. ڳوٺ سڌار سنگت ڪوڙ سارا پروجيڪٽ هلايا، عوام جي سهولت لاءِ ڊاڪٽر زبيده ميموريل ڊسپينسري قائم ڪئي ۽ ڳوٺ جي ڀلائي وارن ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ هڪ مڇي جي ڪڏ به خريد ڪئي پر ان جي غلط استعمال ۽ خرچ جو حساب ڪتاب نه رکڻ تي لطف ڳوٺ سڌار سنگت کان ڪنڌائتو ٿي ويهي رهيو. سندس استعيفيٰ کان پوءِ ڳوٺ سڌار سنگت عملي طور ختم ٿي وئي.

1980ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ مهين دڙي کي درياهي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ بچاءَ بند تي پٿر جو اسپر ڏنو پئي ويو، جنهن لاءِ پنجاب مان پورهيت گهرايا ويا هئا. لطف مقامي پورهيت گڏ ڪري اهڙي انياءَ خلاف جدوجهد هلائي. مقامي پورهيت سائيٽ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ته هتي پورهئي ڪرڻ جو پهريون حق مقامي ماڻهن جو آهي. جيڪڏهن انهن کي ڪم نه ڏنو ويو ته ڪوبه ولايتي هتي ڪم نه ڪري سگهندو. ان وقت ٺيڪيدار لطف سان ڳالهين ۾ چيو "اوهان مون کان ڏوڪڙ وٺو، ڇو جو هتان جا ماڻهو پنجاب جي پورهيتن جيان ڪم نه ڪري سگهندا ۽ هي منصوبو ناڪام ٿي ويندو." پر لطف پنهنجي موقف تي اٽل رهيو. اهڙي نموني مقامي پورهيتن ئي اهو منصوبو توڙ تائين رسايو ۽ انتهائي معياري ڪم ڪري ڏيکاريو.

1984ع ۾ مهين جي دڙي جي ايراضيءَ مان زير زمين سم جو پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ مهين دڙي ماسٽر پلان پاران واپڊا اسڪارپ جي سهڪار سان ٽيوب ويل منصوبو جوڙيو، جنهن تحت مهين دڙي جي چوڌاري 56 ٽيوب ويل لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو، جنهن جي پهرئين فيز ۾ 28 ٽيوب ويل لڳايا ويا. لطف اتي ٽيوب ويل آپريٽر جي نوڪري ورتي ۽ پورهيت يونين (سي بي اي) قائم ڪرائي پر پنهنجي قلندرانه ۽ رندانه طبعيت جي ڪري اتي گهڻو وقت ڪم نه ڪري سگهيو ۽ يونين اهڙن ماڻهن جي حوالي ڪري ويهي رهيو جن پنهنجا مفاد حاصل ڪري يونين کي ڏڙن تختہ ڪرائي ڇڏيو. ڪيترائي ملازم معاشي تنگ دستيءَ ۾ وڪوڙجي ويا. هت اهو ڄاڻائڻ به ضروري آهي ته جڏهن ٽيوب ويل نصب ڪيا پي ويا، تڏهن اهو ڏنو به نه پئي ويو ته ڪو مهين دڙي جا آثار متاثر ٿي رهيا هئا. اهو لطف پيرزادو ئي هو جيڪو آثارن جي نشاندهي ڪندو هو. هن انتظاميه سان جهيڙو ڪري آثارن کي بچايو. ان لاءِ هن آرڪيالاجي کاتي سان لک پڙهه ڪري ڪيترن ئي ٽيوب ويلن جي جاءِ تبديل ڪرائي.

استاد در محمد کي پٽ جي آوارگيءَ جي ڳڻتي ورائي وئي. هن سمجهيو ته جي لطف شادي نه ڪندو ته سندس پيڙهي اتي ئي پوري ٿي ويندي! ان ڪري سائين ڪيس سنگت ساڻ ذريعي شادي لاءِ ستائڻ شروع ڪري ڏنو. يارن دوستن، مائٽن مٽن، رٺائر ڪامريڊن لطف کي شادي ڪرڻ لاءِ مٽيون ڏيڻ شروع ڪيون پر هن جي "نه مان نه مان"

پئي پئي. نيٺ همراهن جي ايلازن ۽ ميڙن منٿن ڪم ڏيکاريو ۽ لطف مشروط طور شاديءَ لاءِ راضي ٿيو. هن سنگت معرفت سائين در محمد اڳيان جيڪي شرط رکيا انهن ۾ مکيه شرط اهو هو ته هو گهر جي ذميواريءَ کان ٻاهر آجو هوندو. سندس توڙي سندس ٻارن ٻچن جو سمورو خرچ سائين در محمد کي ڏيڻو پوندو. سائين در محمد سندس سمورا شرط قبول ڪري ڪيس رڳو سوير پرو گهر اچڻ جي گذارش ڪئي.

80ع وارو ڏهاڪو لطف لاءِ انتهائي مهانگو هو. علائقي ۾ ڌاڙيوالي عروج تي هئي. وڏيرن سرڪاري زمين تي ڌڙا ڌڙ قبضا شروع ڪري ڏنا هئا. پوليس آفيسر ڌاڙيلن ۽ وڏيرن سان سازباز ۾ هئا ۽ دڙي جي آثارن کي سارين جي پوڪ سبب نقصان پئجي رهيو هو. هن بيباڪ ٿي سمورن مسئلن تي لکيو. جنهن ڪري ڌاڙيل، پوليس ۽ وڏيرا سندس دشمن ٿي بيٺا پر هن ڪنهن کي چڪي به نه ڪيو ۽ قلم رت ۾ ٻوڙي لکندو رهيو. سارين جي پوک بابت خبرن تي سيڻ به ڪيس ويڻ ڏيندا رهيا پر هن جو حال هي هو ته:

ماڻهو ڏيئي مهڻا، مون کي ڪندا ڪوهه
جنهن چوريءَ ۾ چوهه، سا پٽون ٽيندي پير تي.

لطف جي ويسر ۽ غيرحاضر دماغيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته لفافي بدران پوسٽ جي دٻي ۾ قلم وجهڻ وارو عمل ته ڏهاڪو ڀيرا ورجائي چڪو آهي. لفظن کي ابتو پڙهڻ واري عادت به اٿس. جيئن پنهنجي هم عمر فيضل ماڇيءَ کان تڪڙ ۾ پن جي ٻيڙي هيئن گهريائين: ”ٻيڙل او ٻيڙل، اها فيضي ته ڏئي وڃ! “ اهڙي ئي نموني هڪ تقريب ۾ مشهور صحافي صادق جعفري جو تعارف جعفر صادقيءَ جي نالي سان ڪرائي ويو. هڪ ڏينهن اليڪشن جي موقعي تي سنو وڳو پائي، ڪچهريءَ جو قرب قائم رکڻ وارو ”توشو“ ڪٽي سنگت سان مليو. لطف کي ڏسندي سندس ننڍپڻ جي دوست غلام شبير پيرزادي اتي وينل ڏاڏي هادن کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ پاڻ سگريٽ وٺڻ لاءِ دڪان تي هليو ويو. ڏاڏي هادن لطف کي پنهنجي منهن سان سڏي آهستي چيو: ”لطف تون ابتي شلوار پائي آيو آهين، اها ته سبتي پاءِ!“ لطف ٺهه پهه جواب ڏنس: ”ڏاڏا، اهو تنهنجو عقل ناهي، توکي ڪنهن سپورنج ٻڌايو آهي.“

1990ع واري ڏهاڪي ۾ لطف ڪراچي ويو. جتي روزاني عوامي آواز ۾ سب ايڊيٽر ۽ ثقافت ڪاتي ۾ ڪانٽريڪٽ تي پروف ريڊر ٿيو، پر گهڻو جتاءُ نه ڪري سگهيو ۽ ڪيس نوڪريءَ تان جواب ڏنو ويو، جنهن ڪري هن ڪاتي کي درخواست ۾ لکيو ته ڦلاڻن ڦلاڻن ڪيسن ۾ ملوث ماڻهو به اوهان جي ڪاتي ۾ پڪا ٿي ويا آهن ۽ مون کي اجايو برطرف ڪيو ويو آهي. لطف جي اهڙي درخواست تي منهنجو پيارو دوست ارشد خشڪ بي گناهه سٽجي رهيو هو. ان وقت انور پيرزادي وچ ۾ پئي اها درخواست واپس ڪرائي. لطف جي ان عمل مون کي ڏاڍو صدمو رسايو، نه ته همراهه سراسر سون آهي. ڪجهه سالن کان پوءِ پتو پيو ته ارشد هن کي هڪ اخبار ڏيکاري هئي. جنهن ۾ پروف جي غلطي سبب هڪ ڏوهاريءَ جو نالو ارشد خشڪ ٿي ويو هو، جنهن کي پائو لطف موقعي تي استعمال ڪيو.

لطف جڏهن سياسي حوالي سان سرگرم هو، تڏهن به پير فقير جي عزت ۽ احترام سان گڏ ڪرامتن تي به يقين رکندو هو پر ڪميونسٽ پارٽي ٽٽڻ کان پوءِ ته همراهه جلالي فقير بڻجي ويو آهي. سيد ذات کي باقي ذاتين کان اتم ۽ اعليٰ سمجهندو آهي. توڙي جو هو ٻين فقيرن وانگر ڏاڙهي، مڇون، پرون ۽ پنبڻ ڪوڙائي ڪنهن جو به طالب نه ٿيو آهي پر اڻ پڙهيل سيدن کي پيرين پئي ملندو رهندو آهي. سندس ڪوشش هوندي آهي ته سيد جي مخصوص ڪيل بستري تي ٻئي ڪنهن جو پير نه پئي! انهن ڳالهين تي ساڻس اختلاف رهندو آهي. راڳ ته لطف جي به روح جي غذا آهي پر هُو تبري بازيءَ کي به سراسر حق پرستي سڏيندو رهندو آهي.

لطف سيوهڻ جي لال باغ کان لاهوت لامڪان تائين ڪيترائي پيرا پنڌ ڪاهيو آهي، ان پنڌ جي چپي چپي تي سندس واقفيت آهي. اسان سان سدائين شاهه سچل، قلندر لال شهباز جهوڪ ۾ پين ميلن تي هلندو رهيو آهي. اتي ئي هن جي ڳڻن جي خبر پوندي آهي. همراهه سچو سچو ڏينهن فقراءَ جي خدمت ۾ هوندو آهي. سنگت جي پاٽي ڪانجهي، ماني ٽڪي، نشي پتي ۽ آرام جو انتظام سندس ذمي هوندو آهي. جيستائين پنهنجي کيسي ۾ ڏوڪڙ هوندس، اول اهي ختم ڪندو. اهڙن موقعن تي جيڪو به کيس ڏسندو ان کي پڪ پئجي ويندي ته همراهه ماڻهو نه پر ڪو ملائڪ آهي، جيڪو نه ٽڪجي ڪڏهن پاسو ڪوڙي ٿو ۽ نه وري بيزاري سندس منهن مان بکي ٿي! سنگت جي ننگر پاڻيءَ سان گڏ ٽڪلن کي زور به ڏيندو آهي. سندن مساج ڪري کين نوبنو بڻائي ڇڏيندو آهي. ڪٽل ٽُٽل فقراء کي پاڙا ڪرايا ڏيندو آهي. اهڙي خاطر تواضع جو ناجائز فائدو وٺندي ڪيترائي اٽواقف ماڻهو به اتي سيد ٿي ويندا آهن.

پائو لطف سچو ڏينهن ڪشٽ به آهي. ٻارن پرچائڻ ۾ ته ماهر آهي. هن سان ڪمپني ۾ ٻار ته ڪڏهن به بور نٿو ٿي سگهي. ماچيس ۽ سگريٽن جي پاڪيٽ مان ڪڏهن سهي جا ڪن ٺاهيندو ته ڪڏهن گل. ٻارن سان اهڙا ته گفتا ڪندو ۽ بيت ٻڌائيندو جو اهي ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي ويندا. ڳوٺ جا ڪجھ اهڙا به ماڻهو آهن جن لاءِ لطف پڙي آهي. ساڻن اهڙا ته گفتا ڪيندو آهي، جو ظرافت جون حدون اورتي رهجي وينديون آهن.

ها، لطف کي ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ به ايندي آهي، ان وقت ٻئي کي ايئن محسوس ٿيندو ته هاڻ ياعمر تعلق ختم ٿي ويندو پر ڪاوڙ ۾ جڏهن هُو پلبو آهي ته اتي ئي اتي ٺهڪ گونجي پوندا آهن پر جي لطف ڳالهائڻ ۾ نه پُلو ته اها ئي گهڙي سپ وساري ويهندو. وڏي سهپ وارو شخص آهي. اهڙن اهڙن ماڻهن سان پلئہ پيل اٿس، جن سان نباهڻ آدم جي اولاد لاءِ ته انتهائي مشڪل آهي پر لک شاباس آهي لطف کي جو سين سان هلائيندو ۽ نباهيندو ٿو اچي. ڪيڏي به ناجائزي تي پهر ۾ ڪنهن ڪيس نه پرچايو ته هي پاڻ ئي ان سان پرچي ويندو:

رٺي هوند رهان، پر سرتيون سرندم کين کي
پاڻهي ٿي پرچان، ڏس نرڄايون نينهن جون.

لطف کي ٽي پٽ ۽ ٽي ڌيئر آهن. ٻارن سان سندس تعلق دوستيءَ وارو آهي. هن پنهنجي ٻارن کان ڪجھ به نه لڪايو. سائين در محمد جي وفات کان پوءِ پنهنجي خانداني حصي واري ڪچي جي زمين به صدين کان هارپو ڪندڙن کي سستي اگهه ۾ قسطن تي وڪڻي ڏنائين. اڄ سندس ٻار جوان ٿي ويا آهن، جيڪي محنت ڪري پاڻ ڪمائن ٿا ۽ ”توري قوت قراريا“ واري رمز رکندڙ آهن. هاڻ جڏهن لطف جي فضول خرچي ۽ رلڻ تي سندس گهر واري ٽيڪا ٽپڻي ڪندي آهي ته سندس ٻار کيس روڪي چوندا آهن ”مائي پاڳن واري آهين، جو ابوءَ جهڙو ور مليو ٿي!“

پائو لطف جي سورن سان سنگت هوندن ته بنهه پراڻي آهي پر کيس گهڻ وارو گهاءُ 2014ع ۾ ان وقت لڳو جڏهن سندس ٻئي نمبر پٽ سرويچ کي جسمم سان وابستگيءَ جي ڪري ڪراچيءَ مان ڪنيي گم ڪيو ويو. لطف پٽ جي گمشدگيءَ خلاف ڪنهن ٻئي در ٻاڪارڻ بدران پٽائي سرڪار کي دانهن ڏيڻ ويو پر سندس ان عمل کي سياسي نظر سان ڏٺو ويو. سرويچ کي پهرين آگسٽ 2014ع تي ڪنيي گم ڪيو ويو هو ۽ 80 ڏينهن ڪانپوءِ سندس لاش اڇلايو ويو. ان ڏينهن ڄامشوري ۾ ميڊيا وارن جي پڇڻ تي لطف پنهنجي پٽ جي شهادت تي فخر جو اظهار ڪندي ان کي شاهه عنايت شهيد جي بي مثل قربانيءَ جو تسلسل قرار ڏنو هو. ڪوتاهه نظر دانشورن لطف جي ان ڳالهه کي سياسي ڪنن سان ٻڌو هو. پوءِ هو پنهنجي جگر جي ٽڪر جو مڙهه ڪڻائي ڳوٺ پهتو. ان وقت تڏي تي ويٺل ماڻهو بنهه خاموش هئا. لطف کي آٿت ڏيڻ لاءِ ڪنهن کي لفظ ئي نٿي سجهيا. جسمم اڳواڻ حفيظ پيرزادي کان وٺي تر جا سمورا سياسي ڪارڪن ۽ ڳوٺ واسي هڪ اکر به ڳالهائي نه پئي سگهيا. تڏهن لطف ان ماٺ کي

هيئن ٽوڙيو:” يار مان تہ لطيف سرڪار کان پستي پني رهيو هئس، هُن تہ مونکي ٻُلندي عطا ڪري ڇڏي: جيڏيون هن جهونجهار، سپ اجاري اچا ڪيا!“

صبح جو جڏهن شهيد جي مڙهہ کي غسل ڏئي رهيا هئاسين تہ ان وقت لطف هن جي پيشانيءَ ڏانهن اشارو ڪندي پٽائيءَ جو بيت پڙهيو: ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهون گل جيئن.....“ مون ڏٺو تہ لوندڙيءَ کان وهيل رت سرويچ جي ڏاڙهي ۽ ڏندن کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو ۽ جڏهن هن جي مڙهہ کي لحد ۾ لاهڻ لاءِ کڻون پيا تہ مونکي مخاطب ٿيندي چوڻ لڳو:”اقرار! هن نظاري تي پٽائي سرڪار ڇا ٿو فرمائي؟

”جهمنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون.... “

مان انهيءَ سٽ کان اڳتي نہ پڙهي سگهيس، پوءِ پائو لطف اهو بيت پاڻ مڪمل ڪيو.

# گلاب پيرزادو

## سوڀي جي سنگت ۾ رچي ريٽو ٿيل ڪميونسٽ اڳواڻ

ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ ڪجهه ڪردار اهڙا به آهن جن جي، سياست زندگي تبديل ڪري ڇڏي. اهڙن ماڻهن مان احمدبخش عرف گلاب پيرزادو به هڪ آهي. گلاب جيڪڏهن پورهيت سياست وارو رستو اختيار نه ڪري ها ته يقينن هڪ نه هڪ ڏينهن پوليس مقابلي ۾ مارجي وڃي ها. هيءُ، جوانيءَ ۾ ناهوڪو چور هو، اصل رات خالي نه هوندي هيس. ڪيترائي دفعا گرفتار ٿيو، پوليس جون مارون ڪاڏائين پر ڪڏهن نه ساڳي سليائين.

گلاب پيرزادو 1946ع ۾ ٻلهڙيجيءَ ۾ علي گوهر پيرزادي جي گهر پيدا ٿيو. فقط پرائمري پنج درجا پڙهيو ۽ پوءِ چوراڙڪي واٽ ورتائين. گهڻو وقت تر جي چورن سان مقابلو ڪندي گذريس. هن جي دوستي واري ٽوليءَ ۾ وڏيرو بالڻ پيرزادو، خان محمد سومرو ۽ ٻيا شامل هئا، جن جي به وڏي ڳالهه هئي پر گلاب هنن کان گهڻو تيز هو. سندس خيالن ۾ تبديلي تڏهن آئي، جڏهن هن جي صحبت انور ۽ مير محمد سان ٿي. انور پيرزادو 60ع واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري ڪامريڊ سوڀي جي صحبت ۾ آيو، جيڪو ان وقت پنهنجي ڳوٺ ٻنديءَ ۾ نظربند هو ۽ ڳوٺ کان ٻاهر انبن جو باغ سندس مسڪن هو. انور پيرزادو ساڻس ڪچهريءَ لاءِ رات جو سندس باغ ۾ ويندو هو. هونئن ته ڪيس ٻنديءَ تائين پهچڻ ۾ ڪو ڊپ ڊاءُ نه هو، پر هن لاءِ ديهه لانياري ۾ ويٺل ٻروچن جا ڪتا وڏو مسئلو هئا، جن کان ڪيس ڊپ ٿيندو هو ۽ انهن ڪتن جي خوف ڪري انور گلاب کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. اهڙي نموني ڪامريڊ جي صحبت ۾ اچي هيءُ به رچي ريٽو ٿي ويو.

1975ع ۾ گلاب پيرزادو ايئرپورٽ ڊولپمنٽ اٿارٽي موهن جو دڙو اسٽيشن تي ڪچي ملازم جي حيثيت سان پرتي ٿيو. ان وقت موهن جو دڙو هوائي اڏي تي ”اي ڊي اي“ پاران لينڊ اسڪيپ پروجيڪٽ شروع ڪيو ويو هو، جنهن تحت ڪين ايئرپورٽ جي پرپاسي وڻ پوکڻا هئا، جتي في ملازم روزانو ست رپيا ڏنا ويندا هئا. جڏهن ته ڪراچي ايئرپورٽ تي اهڙا ملازم 9 رپيا ڏهاڙي ڪٽِي رهيا هئا. گلاب پيرزادي روزانو 2 رپيا وڌائڻ لاءِ اي ڊي اي ۾ هڙتال ڪرائي، جنهن تي ڪيس گرفتار ڪري ڏوڪري ٿاڻي تي رکيو ويو پر پورهيتن جي هڙتال ايئرپورٽ اتنظاميا کي منجهائي ماريو ۽ نيٺ انتظاميا مجبور ٿي سندن مطالبا مڃيا ۽ پهرين ڏينهن کان وٺي ڪين ڪراچيءَ جي حساب سان پئسا ادا ڪيا ويا ۽ گلاب پيرزادي کي گلن جا هار پارائي ڏوڪري ٿاڻي کان موهن جي دڙي آندو ويو. اهڙي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ گلاب پيرزادي جي يونين لاڙڪاڻو ليبر فيڊريشن ۾ شامل ٿي وئي. هنن ڪچن ملازمن کي پڪو ڪرڻ لاءِ احتجاج شروع ڪيو، جنهن ڪري ايئرپورٽ مئنيجر سريلنڪا جي سفير کي اغوا ڪرڻ جي سازش تيار ڪرڻ واري الزام هيٺ گلاب کي گرفتار ڪرايو. هن جي گرفتاري تي لاڙڪاڻي جي پورهيتن سخت احتجاج ڪيو پر هن پيري ساڻس ڏوڪري ٿاڻي تي اهڙي حالت ٿي جيئن پتڻ تي اٺ سان ٿيندي آهي پر هاڻ ڪو ٻيو گلاب هو ۽ سندس پرجهلا سمورا پورهيت هئا جن انتظاميا کي ڳالهين ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ نيٺ ايس ڊي ايم جي سربراهيءَ هيٺ ٻنهي ڌرين جي گڏجاڻي ٿي. گڏجاڻيءَ ۾ گلاب موقف رکيو ته ”ليبر لا مطابق ڪچا ملازم پڪا ڪيا وڃن.“ ايئرپورٽ انتظاميا جو چوڻ هو ته اسان وڻ لڳائي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري اسان کي ايئرپورٽ تي ملازمن جي ضرورت ناهي. نيٺ ليبر لا مطابق 46 ملازمن کي اي ڊي ايم ۾ پڪو ڪيو ويو، جن کي بعد ۾ سول

ايوي ايشن اٿارٽي ۾ ضم ڪيو ويو. 1980ع ۾ شهدادڪوٽ ٽيڪسٽائل ملز جي تالابندي ۽ صحافي منهاج برنا جي بک هڙتال جي حمايت ۾ ڳوٺ جي هڪ شاگرد علي مردان پيرزادي ۽ پورهيتن حسن ابڙي، حاڪم علي پيرزادي، لعل بخش ماڇيءَ سان گڏ گرفتاري ڏيندڙن ۾ منهنجو ٽپ اٽپڙهيل مامو غلام سرور پيرزادو به شامل هو. جنهن گرفتاري ڏيڻ وقت پلي ڪارڊ به ابتوجهليو هو. پوليس گاڏيءَ ۾ چڙهڻ وقت ساڍا ڇهه فوٽ قد رکندڙ منهنجي مامي وڏي واڪ نعرو هنيو، ”پيچ پاڳارا، جيئي گلاب!“ اهڙي نموني گلاب پورا چار مهينا ڊسٽرڪٽ جيل خيرپور ۾ گهاريا.

گلاب پيرزادو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو تڏهن کان ميمبر آهي، جڏهن پارٽي ڳجهي نموني ڪم ڪندي هئي ۽ پارٽيءَ جا ڪيترائي اڳواڻ روپوش هوندا هئا. چئني ايڪائن جا سمورا ڪميونسٽ اڳواڻ گلاب پيرزادي جا مهمان ضرور بڻيا آهن. ڄام ساقي، مير ٿيبو، شهيد نذير عباسي، امداد چانديو، گهنشام پرڪاش، امر لال، حميده گهانگهرو، پروفيسر جمال نقوي ۽ اعزاز نذير تائين. ڪيترائي ڪميونسٽ اڳواڻ گلاب جي غريب خاني ۾ ڪجهه گهڙيون گذاري چڪا آهن.

سوويت يونين جي ٽُٽڻ ڪانپوءِ سمورا ڪميونسٽ وکري ويا پر گلاب جيئن جو تيئن ئي رهيو. سوويت يونين جي ٽُٽڻ ڪانپوءِ به هي لاڳيتو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پولٽ بيورو جو ميمبر رهندو آيو آهي. همراهه پارٽي طرفان روس، سينگاپور ۽ بنگلاديش جا دورا ڪري چڪو آهي. ڍاڪا کان واپسيءَ تي ٻڌايائين ته ”ڍاڪا ۾ اسان کي هڪ ميوزيم ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ رکيو ماڻهن جون کوپڙيون ۽ انساني عضون جا هڏا پيل هئا ۽ اسان کي ٻڌايو ويو ته 1971ع ۾ البدر ۽ الشمس سان گڏجي پاڪستاني بندوق بازن سندن ايترا ماڻهو ماريا جو دفنائي دفنائي ٿڪجي پياسين... پوءِ انهن لاشن جي باقيات کي هن ميوزيم ۾ رکيو ويو.

گلاب پيرزادي ڪميونسٽ پارٽي، ٽريڊ يونين، سنڌ هاري ڪاميٽي سان گڏ سماجي تنظيم ڳوٺ سڌار سنگت ۾ به ڪم ڪيو. ڪيترائي ورهيه ان جو صدر رهيو. ساڻس ڪم ڪندڙ ساٿي اها شڪايت ضرور ڪندا آهن ته هي سي پي جي سيڪريٽري جنرل وانگر سمورا اختيار پاڻ وٽ ئو رکي ۽ ڪين فيصلن ۾ شامل نٿو ڪري. اهڙن افعالن جي ڪري ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجيءَ جي رجسٽريشن ختم ڪئي وئي ۽ هاڻي مهراڻ ويلفئير ايسوسيئيشن ٻلهڙيجيءَ جو قائم ٿيڻ کان وٺي اڄ تائين پريزيڊنٽ آهي ۽ اتي به ڪارڪنن کي ساڻس ساڳي شڪايت آهي. ڪجهه ماڻهن لاءِ گلاب اوتار جهڙي حيثيت رکندڙ آهي، البت ڪجهه ماڻهو ساڻس اختلاف رکندا آهن پر انهن کي به ڪانئس ڪا سڌي شڪايت نه هوندي آهي. گلاب جا سڀ يار جوان ۽ پنهنجي گهر تڙ وارا آهن. توڙي جو 68 ورهيه وهائي چڪو آهي، تڏهن به جوانن کان جوان لڳندو آهي. اڄ به ڪميونسٽ پارٽي ۽ سماجي تنظيم جي ڪم کان سواءِ سڄو ڏينهن ويساند نه هوندي اٿس، تنهن هوندي به اخبار ۽ ريڊيو لاءِ ٽائيم ڪڍي وٺندو آهي.

# محب پيرزادو

محب حسين پيرزادي جي بيان ڪانسواءِ ٻلهڙيجيءَ جي تاريخ اڌوري ۽ اڻپوري آهي. ڳوٺ کي ٺاهڻ، جوڙڻ، سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ هن شخص جون وڏيون محنتون شامل آهن، جن کي ڪڏهن به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. محب حسين پيرزادو سياستدان، سماجي ورڪر، پلوڙ رانديگر ۽ بحث مباحثي جو شوقين آهي. هيءُ ئي اهو شخص آهي، جنهن جي طفيل منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ کي نئين سڃاڻپ ملي.

ڳوٺ جي ترقيءَ ۾ ته هن جو وڏو ڪردار آهي پر آسپاس جي ڳوٺن لاءِ به ڇپر ڇانوَ آهي. اسان جي يونين ڪائونسل بگيءَ جي ڪيترن ئي ڳوٺن کي ترقياتي اسڪيمون هن شخص ڏياريون آهن. همراهه جو سڄو ڏينهن اهڙن ڪمن ۾ گذرندو آهي. ڪنهن شخص سان ڪو مسئلو ٿيو ته هن جو آرام ڦٽي ويندو آهي. تيستائين ننڊ حرام هوندس، جيستائين سندس مسئلو حل نه ڪري.

ڳوٺ ۾ ڪنهن جو ڪاڄ هوندو ته هي شخص وچ ۾ هوندو آهي، جتي به ڪا انتظامي ڪوٺ محسوس ڪندو ته ان جو پاڻ مرادو نگران ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو قضيو ٿيندو آهي ته به همراهه سرگرم ٿي ويندو آهي. سامي ڪوٽڻ وارا هٿ ڪري، ڪين ڪوڏرون ۽ چنجور ڏئي ڪم سان لائيندو ۽ پاڻ سندن چانهه پاڻيءَ جي بندوبست ۾ هوندو. همراهه ڪم ۾ جنبيل هوندا ۽ هي مٿن پکو جهليندو رهندو.

محب حسين پيرزادو پنهنجي تر ۾ "پائو محب" جي نالي سان مشهور آهي. هن 1954ع ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ علي در پيرزادي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏو ميان جان محمد پيزادو ڪلاسيڪل فنڪار ۽ مذهبي عالم هو. پائو محب پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي ۽ ميٽرڪ ڏوڪري هاءِ اسڪول مان ڪئي. 1974ع ۾ ايئرپورٽ تي پرائيويٽ نوڪري ڪئي، تڏهن ايئرپورٽ جا انتظام ايجنسيءَ حوالي هوندا هئا ۽ اها ايجنسي لاڙڪاڻي جي نبي بخش شيخ وٽ هوندي هئي. جيئن ته ملڪ جو وزير اعظم لاڙڪاڻي جو هو، ان ڪري وزير وڙا، ڪامورا ڪڙا لاڙڪاڻي ڏانهن پيرو پريندا هئا ۽ ساڳئي وقت امن امان جي صورتحال ڪجهه بهتر هئڻ ڪري موهن جو دڙو گهمڻ لاءِ پرڏيهي سياحن جا هشام ايندا رهندا هئا. اهڙي ريت پائو محب جا ملڪ جي سياستدانن، وڏيرن، ڪامورن، پارليامينٽ ميمبرن سان لاڳاپا قائم ٿيا. 1976ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو. هي ليڪ ته ٻڌجي نه سگهيو البت منجهس سياسي شعور ضرور پيدا ٿيو. 1979ع ۾ لوڪل باڊيءَ جي چونڊن ۾ ڪيس ٻلهڙيجي تڪ تي ميمبر طور اميدوار بيهاريو ويو، سندس مقابلي ۾ اڳوٽي ايم پي اي موسيٰ خان ڀڳهئي جو پٽ اڪرم ڀڳهيو هو. هيءُ چڙ سير جو مڻ سان مقابلو هو. اڪرم ڀڳهيو تر جو ڊنگ وڏيرو هو، ٻهلڙيجيءَ ۾ سندس راڄ هو. تر جا چگا مڙس، چور، پاٿاريدار، سڀ وڏيرن جي ورڪ ۾ هئا. وڏيرن ماڻهن کي داٻا دڙڪا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. ان باوجود پائو محب وڏيري اڪرم کي 100 ووٽن جي فرق سان شڪست ڏني. محب جي انهيءَ ڪاميابي تر جي سياسي ڪارڪنن ۾ اتساهه پيدا ڪيو ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڏيرن جي مزاحمت ٿيڻ لڳي.

ضيائي مارشل لا واري دور ۾ پائو محب کي هڪ منٽ به ويساند نه هوندي هئي. هڪ طرف ڌاڙيل خان هئا ته ٻئي پاسي پوليس سگوري هئي، ٻنهي جو عوام سان هڪجهڙو ورتاءُ هو. ڌاڙيلن سان مقابلي بدران پوليس ماڻهن جو مال ماري ويندي هئي ۽ ڌاڙيلن جي ذات سان تعلق جي ڪري ماڻهن کي ٻڌي ڪٽي لاڪپ ۾ هٽندي هئي. ڪيترا وڏيرا وڙا ان ڪم ۾ مدل مين جو ڪردار ادا ڪندا هئا، جيڪي ماڻهن کان پوليس لاءِ پئسا گهري اتان پنهنجو به حصو ڪڍي وٺندا هئا پر اهو پائو محب هو جيڪو مفت ۾ ماڻهو ڇڏائيندو هو ۽ ٽاڻي تي پاڻي به نه پيئندو هو.

1980ع کان 90ع تائين سندس تعلق سنڌ هاري ڪاميٽي سان رهيو. ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجيءَ جو بہ صدر ۽ سيڪريٽري رهندو آيو. ايئرپورٽ تي نوڪري ڪرڻ دوران هن جون محترمہ بينظير ڀٽو سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون، محترمہ کيس نالي سان سڃاڻيندي هئي. پهرين ۽ ٻي حڪومت دوران ڀائو محب کي محترمہ گيس ۽ پي آءِ اي ۾ بطور آفيسر جا آرڊر ڏنا پر هن يار سرڪاري نوڪريءَ ۽ شادي کان قسم کڻي ڇڏيو هو. جنهن تي هڪ دفعو محترمہ ساڻس چڙي بہ پئي هئي، پر هن نوڪري نہ ڪئي.

ڀائو محب جي ڪم وٺڻ جو انداز بہ نرالو آهي. جنهن ماڻهوءَ ۾ ڀائوءَ جو ڪم پيو اهو جڻ تہ ڦاٿو. هاڻي تہ موبائل فون هن جو ڪم آسان ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ سندس ڪم هوندو، ان کي ڪال مٿان ڪال هوندي. همراهہ جيئن ئي فون ڪوليندو هي بنا بريڪ شروع ٿي ويندو.

هڪ آفيسر تہ هيئن چيس: ”محب صاحب مون کي اوهان جي ڪم جي وڏي ڳڻتي آهي، هي فقير اڳ ۾ اوهان جو ڪم ڪندو پوءِ موبائل آن ڪندو.“ ۽ ٿيو بہ ايئن، اڳ ۾ هن ڀائو محب جو ڪم ڪيو ۽ پوءِ پنهنجو موبائل نمبر کوليو.

اهڙي زوراوريءَ سان ڀائو محب ڪيترن ئي ڳوٺن کي بجلي، گيس ۽ نيڪال جون اسڪيمون ڏياريون آهن. ڪيترائي اسڪول منظور ڪرايا آهن ۽ ڪيترن ئي نوجوانن کي نوڪريون وٺي ڏنيون آهن. ڀائو محب جي اسڪيمن جون تختيون وري ڳوناڻا ڪنهن نہ ڪنهن وڏيري، ايم اين اي ۽ ايم پي اي جي نالن سان هڻائي ڪانئن افتتاح ڪرائيندا آهن پر هي يار ان تي بہ ارهو نہ ٿيندو آهي. جڏهن اهڙي نامناسب رويي جو ساڻس ذڪر ڪندا آهيون تہ چوندو آهي:

”يار هنن جي مجبوري بہ ڏسو، هي مسڪين ماڻهو ڪٿي وڏيرن جو ڏمر سهي سگهندا.“

اهڙي نموني جڏهن ڪو چور پڪڙجي پوندو آهي ۽ ان جي ماءُ هن وٽ پلو سونهارو ڪٽي پچي ويندي آهي، پوءِ تہ همراهہ جون پاڳين سان چڪريون پيون هلنديون آهن:

”توهان آسودا آهيو، الله سڀ ڪجھ ڏنو اٿوَ. هو غريب، اپاپيپ آهي، گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجھ ناهيس، معاف ڪيوس، ان ۾ توهان جي گهٽتائي نہ ٿيندي.“ ... ۽ جي پنجاهہ ورهين ۾ ان همراهہ سان ڪا اهڙي چڱائي ٿي هوندي تہ ان جو بہ ور ور ذڪر ڪندو:

”توهان سان بہ تہ ڦلاڻي ڀلائي ڪئي هئي، توهان کي بہ اهڙي پر پاڙڻ گهرجي.“

سندس اهڙين ڳالهين تي ڪوڙ سارا ماڻهو ناراض هوندا آهن. هڪ ڀيري علائقي جي هڪ ڌنگ وڏيري جي مدد سان ڳوٺ جي ڪرڪيٽ گرائونڊ تي همراهن قبضو ڪيو. ڳوٺ جا سمورا نوجوان اهڙي بي واجبيءَ تي جذباتي هئا. هوڏانهن وڏيرن پنهنجي همراهن کي چئي ڇڏيو هو تہ ”اوهان هڪ بہ مڙس ماري اچو، توهان جي مدد ضرور ڪنداسين.“ اهڙي هُشيءَ تي همراهہ هٿيار کڻي ڪرڪيٽ گرائونڊ تي پهچي ويا. نوجوان بہ جهيڙي لاءِ تيار ٿي ويا. ڀائو محب نوجوانن کي جهيڙي کان منع ڪري رهيو هو پر نوجوان بہ مڙڻ جا نہ هئا. ايتري ۾ هڪ وڏيري جي چاڙتي ڀائو محب کي بہ هٿڙيون سونٽيون وهائي ڪڍيون. مٿو ڦاٽي پيس، رت ريلا ڪري وهڻ لڳس. ڀائو محب ڪانئس ڏنڊو کسي سڌو سندس مٿي تان ورائيندي چيو:

”پيڻ جا... اهڙو هٽاءِ جو مري وڃين پر ٻچڙا تي ننڍڙا، سو ڇڏيانءِ ٿو!“ اهڙن ڳڻن جي ڪري ساڻس ڪير ليکو ئي نہ ڪندو آهي. ڀائو محب 1988ع وارين چونڊن ۾ فارم ڀرايو ۽ سنڌ قومي اتحاد جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ زور ڏنو پر اها سيد مظفر علي شاهہ کي ملي جنهن وڏيري جي دٻاءُ ۾ اچي هٿ کنيو. جڏهن تہ ڀائو محب حسين ان کان اڳ هٿ کڻي چڪو هو.

مشرف دور ۾ يونين ڪائونسل بگيءَ جو ناظم چونڊيو، هن مهراڻ اتحاد جي نالي سان فارم ڀريو هو، پيپلزپارٽي سندس مدد ڪئي هئي. نہ محب جي وڏيرن سان لڳي ۽ نہ وري وڏيرن جي محب سان پئي، جنهن ڪري

محب جي پ پ ۾ شموليت تي وڏيرا ارها هئا. توڙي جو پائو محب مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي تي تنقيد ڪندو آهي پر محترمه تي هيءُ جائز تنقيد به برداشت نه ڪري سگهندو آهي. 2004ع ۾ پ پ ۾ شموليت ڪيائين. ڪيس هڪ دفعو ٻيهر يوسي ناظم طور اميدوار بيهاريو ويو پر اليڪشن ۾ هارايائين. پائو محب بلدياتي اليڪشن ۾ ڪڏهن ڪٽيندو آهي ته ڪڏهن هارائيندو آهي پر هن ٻين وانگر مال ميڙيو ناهي. نه ته ڪيس پنهنجي اوطاق آهي، نه ئي وري موٽر سائيڪل ئي اٿس. همراهه گندي ۽ گراهه جو فڪر ئي ناهي ڪندو. ميرن ۽ قاتل ڪپڙن ۾ به نڪري پوندو آهي. هن جي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها ته اڄ ڪروڙن سان ڪيڏي ها پر هن جو اصول آهي:

گندي ۽ گراهه، جنهن سنياسيءَ سانديو
انهيءَ ڪان الله، اجا اورانهون ٿيو.

پائو محب بحث براءِ بحث جو قائل آهي. ڳوٺ جو ڪو ماڻهو کهڙي به ڳالهه ڪندو، پائو محب ان ڪي دليلن سان رد ڪري ڇڏيندو. جيڪڏهن ڪنهن نوجوان اعجاز منگيءَ جي لڪٽيءَ جي تعريف ڪئي ته هيءُ انعام شيخ جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندو. نوجوان ڪرڪيٽ ميچ ۾ ٽنڊولڪر جي ساراهه ڪندا ته هي برائن لارا جي تعريف ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪٿي لارا جي تعريف هلندي ته هي اتي ان جي ڳلا ڪري رڪي پونٽنگ جي ساراهه جا ڍڪ پريندو. جيڪڏهن ڪنهن چيو ته هي ٻڪري ڪاري آهي ته پائو چوندو "هن ٻڪريءَ جو رنگ اڇو چٽبو آهي." اهڙي نموني سڄو ڏينهن هن جو بحث مباحثو جاري رهندو آهي. اها پائو جي خوبي آهي ته هي پنهنجي سمورن ووٽرن ڪي نالي سان سڃاڻي. پائو محب والي بال جو سٺو ڪيڏاري آهي پر اسان جي ڳوٺ جي ٽيم جي هارائڻ ۾ وڏو هٿ به هن صاحب جو هوندو هو، ڇاڪاڻ جو سٽن ئي رانديگرن جا بال پاڻ ڪٽندو هو. اهڙي نموني اسان جي ڳوٺ ۾ تاس تي ٻارهي تيرهي راندي ٿيندي آهي، جنهن لاءِ ڳوٺ ۾ چوٽي عام آهي ته : "سياست، راڳ ۽ ٻارهي تيرهي راند ڏکي آهي." پائو محب ٻارهي تيرهي راند جو به سٺو ڪيڏاري آهي. پاڻ ڪيڏندو ته ٻين ڪي ڳالهائڻ ئي نه ڏيندو پر جي پاڻ نه ڪيڏندو ته چئني رانديگرن ڪي ڏسيندو، معنيٰ ته پائو چئني چڻن جي راند پاڻ ڪيڏندو آهي.

اهڙي نموني سنڌ هاري ڪاميٽي هجي، ڳوٺ سڌار سنگت هجي يا ڪو ٻيو پليٽ فارم، پائو تي اها تنقيد ٿيندي آهي ته هي پنهنجي ٽيم سان صلاح نه ڪندو آهي ۽ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو آهي.

پائو محب شروع ۾ سائي ٻوٽي واپرائيندو هو. هوئنئن ته پنهنجو ڪاڏو به ٻين ڪي ڏئي ڇڏيندو آهي پر هن معاملي ۾ بنهه ابتڙ آهي. جيڪڏهن ڪنهن گلاس اڌ جي گهر ڪيس ته جڻ ڏندو وهائي ڪيڍيائينس. سائي ٻوٽيءَ ڪيس ڪمزور ڪري ڇڏيو، پوءِ اها ڇڏي ڏنائين ۽ متارو بڻجي ويو. سڄو ڏينهن پيو سمهندو پر شام جو پيئڻ ڪانپوءِ وياج سميت قرض لاهيندو. اسان جي ڳوٺ ۾ ڪاڇن تي يادگار محفلون ٿينديون آهن پر انهن مان ڪي ٿوريون پائو محب ٻڌي سگهيو هوندو، ڇاڪاڻ جو راڳيءَ ڪان اڳ پاڻ راڳ ڪري ويهندو آهي.

# ڪامريڊ نارو ماڇي

## ٽي تند وڙهي تلوارن سان

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي صحبت سراسر سراڻ وانگر آهي. جيڪا ماڻهو جي ذهن جي تلوار تان ڪٽ لحظي ۾ لاهي ڇڏي ٿي. هونئن ته سنڌ جي ترقي پسند سياست تي ڪامريڊ سوڀي جا لکين پال ۽ پلايون آهن، پر سندس منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي تي ٿورا به ڪي ٿورا ناهن. سوڀي جي ئي صحبت انور ۽ گلاب کي نئين سڃاڻپ ڏني. اهڙي نموني نارو ماڇي به ڪامريڊ سوڀي جي اسڪول جو شاگرد آهي ۽ ان اسڪول جي ليول ملڪ جي هاڻوڪين يونيورسٽين کان مٿانهين آهي.

ڪامريڊ ناري ماڇي 1952ع ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ جي هاري عرس ماڇي جي گهر ۾ جنم ورتو. غربت ۽ حالتن جي تنگيءَ سبب فقط پنج درجا سنڌي پڙهي سگهيو ۽ پوءِ پنهنجي اباڻي ڪرت سان لڳي ويو. همراهه قد بت جو به پورو سارو، ڪمزور ۽ نبل. ڪيس ڏسي هرڪو اهو اندازو هڻندو ته هن کان هر ۽ پيو محنت وارو ڪم ته ٿي ئي نه سگهندو پر مڙس وڏو محنتي هو. ٻني، هر، گاهه، لابارا، مال متاع.... پنهنجي وس کان گهڻي محنت ڪيائين. ناري ماڇي جو خاندان سالن کان ڪامريڊ سوڀي جي خاندان جو هر هاري هو. ان تعلق جي ڪري ئي هن کي ڪامريڊ جي صحبت نصيب ٿي. ٻلهڙيجيءَ جو هيءُ خاندان صوفي ولايت شاهه هنباهه واري جو مريد آهي. سال ۾ ٻه ڀيرا اهي صوفي گهوڙن ۽ گڏهه گاڏن جي قافلي سان اچي ٻلهڙيجي ۾ پر گهٽ ٿيندا هئا ته سڄو ماحول حق موجود جي نعرن سان ڀري اٿندو هو. صوفي ولايت شاهه جي هڪ ڪافيءَ جا ٻول آهن:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پيدا | ٿيو | آ | آدم، | صورت | منجهان | الاهي |
| سمايو | آ | سين | ۾، | زياده | نواب | کهڙو |
| آيو | پرين | اندر | ۾ | باقي | حجاب | کهڙو |
| پردو | پيو | پڌر | ۾ | باقي | نقاب | کهڙو |

اهي صوفياڻا رندي ٻول ماڻهوءَ کي مذهب، رنگ ۽ نسل کان مٿانهون ڪري پيش ڪن ٿا. هتي مايا ۽ مڏيءَ ذريعي ڪو به انسان ٻئي کان مٿانهون نٿو ٿئي. جتي ماڻهو پيار ۽ پريت سان ئي ڪنهن جو مطيع ٿي سگهي ٿو. انسانن کي محبت جي هڪ لڙهه ۾ پوئڻ ۽ لٽ مار کان آجي نظام لاءِ جدوجهد به سنڌ ڌرتيءَ تي سوشلسٽن کان گهڻو اڳ صوفين هلائي. ”ونڊ کاءُ، سک پاءِ“ جو نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڌاڃا ڪپڙا ڪنڌڙ صوفين جهوڪ ۾ ميڙي خورن سان ملهالا ڪيا ۽ هزارين سرن جا نذرانا پيش ڪيا. اهڙي ئي صوفين جي تصور واري سنڌ ناري ماڇيءَ کي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي سوشلسٽ نظرئي ۾ نظر آئي، جنهن کان تر جا وڏيرا، ننڍيرا ۽ سرڪاري نوڪر ائين ٿهندا هئا، جيئن ڪانءُ ٻچي ڪمان کان. ڇاڪاڻ جو ڪين خبر هئي ته حق جي هوڪي ڏيڻ سبب هن سدائين سر تي سختيون سنيون آهن. نارو ماڇي اهي سڀ ڳالهيون ڳٽي سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ شامل ٿيو.

1983ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ ڪامريڊ ناري ماڇي جي حصي ونڊ واري اعلان گهڻن ماڻهن جون مٽيون منجهائي ڇڏيون، ڇاڪاڻ جو ڪامريڊ سوڀي جو ننڍو ڀاءُ ڪيول رام به ان ڳالهه تي ارهو هو ۽ ماڇي برادري ڪڏهن به وڏيري موسيٰ خان ٻگهئي کان ڪنڌ نه ڪڍايو هو. هنن سدائين وڏيرن جون ڇيڙون ۽ بيگرون وهيون هيون. هنن ٻئي ڪنهن کي ووٽ ڏيڻ جو سوچيو ئي نه هو پر هاڻي ته سندن پنهنجو رت وڏيرن سان مقابلو ڪري رهيو هو!! ۽

اهو بہ سمجهي رهيا هئا تہ ٺاري جي مقابلي وارو سور وڏيرا ڪڏهن بہ نہ وساري سگهندا ۽ ڪين ضرور ڪو نقصان رسائيندا. انهيءَ ڪري سڄي برادري ڪيس متيون ڏيڻ لڳي پر هن سيني کي چٿي چڏيو: ”وس پنهنجي ۾ ناهيان.“

هوڏانهن ماڻهن ۾ اها پچار هئي تہ هي گوڏ گنجيءَ وارو هيڏن وڏن وڏيرن سان ڪيئن مقابلو ڪري سگهندو جيڪو صبح جو اٿي بوچڻ ڪلهي تي ڪري گاهہ تي وڃي ٿو. ٺاري ماڇي جي پيءُ عرس ڪيس ست سريون ٻڌايون تہ هوُ هٽ ڪٽي وڃي. جڏهن پٽ کي راضي نہ ڪري سگهيو تہ وڏيرن وٽ وڃي هيٺ ويهي رهيو تہ پٽ منهنجي ڪئي ڪمائي وڃائي ڇڏي آهي ۽ منهنجي چوڻ ۾ نہ آهي. ان اليڪشن ۾ ماڻهن کي ويڙهائڻ لاءِ ڳٽپ وارو سلسلو شروع ڪيو ويو هو، جنهن ڪري ڪامريڊ جي سڄي پينل بائيڪاٽ ڪيو پر 1987ع جي بلدياتي چونڊن ۾ ڪامريڊ ٺاري ماڇي وڏي اڪثريت سان ڳوٺ مان ڪٽيو ۽ پورا ست سال ڪائونسلر رهيو. ڪائونسلر ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ڏاٽو ڪلهي تي هوندو هئس. همراهہ شڪل شبيهہ توڙي لٽي ڪپڙي ۾ سادو هوندو هو. ان ڪري نئون ڏسندڙ اعتبار ئي نہ ڪندو هو تہ ڪو هي ٺارو ماڇي آهي!

1987ع ۾ ايف سي اهلڪارن ٻلهڙيجي بچاءَ بند تي ڪئمپ قائم ڪئي. اهي مقرر تہ عوام جي حفاظت لاءِ ٿيا هئا پر عوام ڪان وڌيڪ ڪين پنهنجي سلامتيءَ جي ڳڻتي ورائي وئي. متان ڌاڙيل حملو ڪري ڪين نقصان نہ پهچائين. اها ڳالهہ ڳٽي هنن ڪئمپ جي چوڌاري مورچا ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ ڪوڏارن ۽ مزدورن لاءِ ڳوٺ جي ڪائونسلر سان ملڻ لاءِ آيا. ٺارو خان معمول جي ابتڙ ويس وڳي ۾ هو. ايف سي اهلڪارن پنهنجو مسئلو بيان ڪري ڪيس چيو تہ ”سڀاڻي ڪوڏرن ۽ ڇنجورن سميت پنج ست مزدور وٺي اچو.“ ڪامريڊ ڪين هاڪار ۾ جواب ڏنو.

صبح جو ڪامريڊ پراڻو انگوچو ٻڌي ڪوڏر ڪٽي اڪيلو ايف سي ڪئمپ تي پهتو. اتي مقرر آفيسر کي چيائين:” مان هن ڳوٺ جو ڪائونسلر آهيان. ڳوٺ جو ڪو بہ پورهيت بنا اجوري جي ڪم نہ ٿو ڪري. مان انهن کي مجبور نٿو ڪري سگهان. باقي مان حاضر آهيان. مونکي ٻڌايو تہ ڪٿي ڪڏون ڪوٽيون آهن؟“

ايف سي اهلڪارن جا ٽاڪ لڳي ويا ۽ هنن ڪامريڊ ٺاري کي سليماني چانهہ پياري سندس مهرباني مڃي ڪيس واپس ڪيو.

سوويت يونين جي ٽُٽڻ، ڪامريڊ جام ساقيءَ جي مسجد وسائڻ ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي پيچ ڊاهہ ڪامريڊ ٺاري کي ڪجهہ وقت مايوس ضرور ڪيو پر پوءِ وري مقامي سياست ۾ سرگرم ٿيو. سندس گهر واري گذريل ڪيترن ئي سالن ۾ عورتن جي سيٽ تي ڪائونسلر چونڊبي آئي آهي.

# مامو رمضان

## ڏور ڏُکندا پيچ، مِهريءَ منهن ڏيکاريو

منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي سنئين نڪ ۾ سنهيءَ لڪ وارو مامو رمضان ساريو بظاهر هڪ عام دڪاندار ۽ پاڙي جي مسجد جو پيش امام آهي پر هن جي نظر ۾ افضل عبادت خدا جي بندن جي خدمت آهي. ان ڪري ئي هي اگهن، بيمارن ۽ معذورن جي تيمارداري ڪندي اڪثر نمازون قضا ڪري ڇڏيندو آهي. ٻيٺ ڇهي جهڙو سنهڙو سيپڪڙو مامو رمضان شاهه سائين جي سٽ ”اڻ چوندن مَ چئه، چوندن چيو وسار“ جي هوبهو تصوير آهي. عمر جا 60 ورهيه وهائي چڪو آهي پر جواني ديوانيءَ کان وٺي اڄ تائين ڪنهن سان به ڪڏهن ٻاڙو نه ڳالهايئين. بدلي وٺڻ بدران معاف ۽ درگذر ڪرڻ واري رمز ۾ ريڌل، نندي وهيءَ کان ئي خير ڏي مائل ۽ شر وارن ڪمن کان ڪوهين ڏور. تڏهن ئي ته سندس جيڏا ۽ سرتا ڪيس سڏين ئي رمضان شريف!

مامي رمضان سارئي 1954ع ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ ملان وريام جي گهر ۾ اک کولي، جيڪو به رڳو نالي جو ملان هو. فقط نمازي ۽ مسجد جو خدمتگار هو ۽ مسجد جي نالي ۾ ڪنهن به قسم جي ونڊ وٺڻ بدران حال آهر ان تي پاڻ خرچ ڪندو هو. ڪيس ننڍڙو دڪان ۽ ان جي پر ۾ ننڍڙي اوطاق هئي، جتي مسافر مڙي ڪي لسي پاڻي پياري سرهو ٿيندو هو.

1965ع ۾ مامو رمضان ساريو پنج درجا پرائمري پاس ڪري ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيو. هو پهرين ئي ڏينهن پنهنجي هم جماعتي دوست صالح شاهه سان گڏ سائيڪل تي اسڪول وڃي رهيو هو ته همراهه ڦورن جي هٿ چڙهي ويو، جن هن کان سائيڪل کسي ورتي. توڙي جو اهي ڦورو ڳوٺاڻن سائيڪل سميت پڪڙي ورتا، تڏهن به وڏڙن هن کي ايڏي پنڌ تي اسڪول وڃڻ کان منع ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت مامو رمضان ساريو رڪارڊ ۾ فقط پرائمري سرٽيفڪيٽ رکندڙ آهي پر هن صحت ۽ تعليم جي حوالي سان ايترو ڪم ڪيو آهي جو سوين ڊگريون رکندڙ گڏجي به ايترو ڪم نٿا ڪري سگهن.

ماما رمضان سارئي سماجي ڪمن ۾ تڏهن کان هٿ وندائڻ شروع ڪيو، جڏهن 1988ع ۾ هو بيماريءَ جي بستري تي ڪري پيو. مڙس اڳ ۾ ئي نبل ۽ ڪمزور، ويتر بيماريءَ نهوڙي ڇڏيس. همراهه جي مالي حالت به ٺيڪ نه هئي، گهر ۾ هڪ ننڍڙو پاءُ محبوب هئس، جيڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهي رهيو هو. ان وقت لطف پيرزادي ۽ ٻين دوستن ڪيس جناح اسپتال پهچايو. اتي ئي مڙس واعدو ڪري ڇڏيو ته صحت ماڻڻ کان پوءِ هي ماٺ ڪري ويهڻ بدران اگهن کي سگهائي ڏيڻ وارو ڪم جاري رکندو. پوءِ هن اهو ڪم ڪري ڏيکاريو. هي اپري ڏيل وارو انسان علائقي جي هزارين ماڻهن کي بيڇڙين بيمارين کان بچائي آيو آهي. مامو رمضان پاڻ ته نرڌن آهي پر هن کي ڪيترائي ڏنوان سڃاڻن، جيڪي خير جي ڪم ۾ پنهنجي حال سارو سندس مدد ڪندا رهندا آهن. مامو رمضان اڳ ۾ پاڻ مريض ڳوليندو هو، انهن کي دلاسا ڏئي آپريشن لاءِ راضي ڪندو هو ۽ هاڻ ڪيس مريض ڳولي لهن ٿا ۽ هي شهيد ڪنور ڀڳت وارو ٽولو ٿاهي اڃي ڪراچيءَ جون اسپتالون پيٽيندو آهي. اهڙي ريت هڪڙا اڳها سگها تي ايندا آهن ۽ ٻي ٽولي تيار ٿي ويندي آهي. مريض جي دوا کان وٺي پاڙي پيتي ۽ ڪاڏي پيتي تائين سمورو خرچ مامو رمضان پاڻ ڪندو آهي ۽ مريض جو ٽڪو به خرچ نه ايندو آهي. مريض جي خدمت به ايئن ڪندو آهي جو سندن عزيز قريب به اهڙي خدمت نه ڪري سگهن.

مامي رمضان کي پاڙي وارا ڪوٺن ٻه جاني دڪاندار. همراهه دڪان مان ڪڏهن نه ڪمايو. ڪٿيو ته پنهنجي جاءِ تي پر مور ٻه نه موٽي سگهي. همراهه جي دڪان تي جيڪا به شيءِ هوندي ۽ ڪو گراهڪ اوڌر تي گهر ڪندس ته بنا چوڻ جي اها شيءِ سندس حوالي ڪندو ۽ اها ڳالهه ئي وساري ڇڏيندو. ڪڏهن به قرضيءَ کان قرض جي تقاضا نه ڪندو. پنهنجي مرضيءَ تي ڪنهن ڇهه ماهي يا سال تي ڏنو ته ڏنو، نه ته مڙيو ئي ٺيو خير.

ڳوٺ ۾ بجلي، نالين جي صفائي توڙي ٻي پهچ ماڻهوءَ جو هر جائز ڪم مامي رمضان ڪي ڪرڻو پوندو آهي. مامي رمضان جو وڏي ۾ وڏو هٿيار ٻانهون ٻڌڻ آهي. هن نياز ۽ نوڙت ذريعي مسڪين ماڻهن جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرايا آهن. هو جڏهن ڪنهن به مسئلي جي حل لاءِ اختيار ڌڻين ڏي ويندو آهي ۽ اهي ان ڪم لاءِ جيترا عذر ڏيندا، مامو رمضان هر عذر تي ڪين رڳو ٻانهو ٻڌندو ۽ نيٺ اهي هار مڃي مامي جو ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ويندا آهن. مامو رمضان ملڻ جلڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هوُ نياز ۽ نوڙت سان ڪيترن ئي ماڻهن ڪي جڪڙي ڇڏيندو آهي. اهي ماڻهو مامي رمضان جو مسئلو حل ڪرڻ ۾ ارهائي ٻدران سرهائي محسوس ڪندا آهن. مامو رمضان ننڍي توڙي وڏي سان ڳراٽڙي پائي ملي، هٿ تي چمي ڏئي چوندو: ”ماما، صدقو وڃانءِ نانوَ تان!“

2001ع جي بلدياتي چونڊن ۾ مامو رمضان جنرل ڪائونسل جي سيٽ تي بيٺو. سمورن اميدوارن ۾ مامو رمضان ئي اهڙو ماڻهو هو جنهن وٽ سوزوڪي پاڙي تي ڪري ورڪ ڪرڻ جيتري به سگهه نه هئي. ان جي ڀيٽ ۾ ٻيا اميدوار پاڻ پرا ۽ خوشحال هئا، جن جي حمايت لاءِ ايم اين اي ۽ ايم پي ايز ٻه پئي چڪر ڪاٽيا پر مامي رمضان سين ڪي مات ڏئي ڇڏي. ان عرصي دوران هن ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سماجي ڪم ڪرايا. ماڻهن سان ڏک سک ۾ شامل رهيو ۽ جڏهن ٻيهر اليڪشن ۾ ساڳي سيٽ تي بيٺو ته ٻيا اميدوار جتي پنهنجي حمايت لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا هئا اتي مامو رمضان ٻين ڳوٺن ۾ ماڻهن ڪي منٿون ڪري رهيو هو ته مون ٻدران ”ڦلاٽي“ ڪي ووٽ ڏيو، ڇاڪاڻ ته مونکي ڳوٺ مان ئي ايترا ووٽ ملندا جو وڌيڪ ووٽن جي ضرورت ناهي. ان جي باوجود مامي رمضان سيني اميدوارن ڪي مات ڏئي ڇڏي. هن جيترا ووٽ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ مان ڪنيا، ان کان وڌيڪ ٻين ڳوٺن مان ڪنيائين.

مامو رمضان هيتري پيچ ڊڪ ۽ هڻ وٺ باوجود جتي مسجد جي جهاڙو ٻهاريءَ واري ڊيوٽي ادا ڪندو آهي، اتي ميلن، ملاڪڙن، موسيقيءَ جي پروگرامن، صوفياڻي راڳ جي محلفن، 12 ربيع الاول جي عرس ۽ 10 محرم جي پروگرامن ۾ به شامل رهندو آهي. هي مذهبي ڀيد ڀاوَ جو قائل ناهي. هندو-مسلم ڪي ڏٽيءَ جو پرتوو سمجهي سندس سيوا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهي.

مامو رمضان ساريو توڙي جو پاڻ گهڻو پڙهيل لکيل ناهي پر هوُ علم جي اهميت کان چڱي طرح واقف آهي. هن جي ڪوشش سان ڳوٺ جي ڪيترين ئي نياڻين ڪي تعليم نصيب ٿي آهي. مامي رمضان پنهنجي گهر جو هڪ حصو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران هلندڙ گرلز اسڪول ڪي ڏئي ڇڏيو آهي، جتي سڄي ڳوٺ جون نياڻيون تعليم حاصل ڪرڻ اچن ٿيون. جيڪڏهن اهو گرلز اسڪول ڪنهن ٻئي هنڌ تي هجي ها ته يقينن ايترو ڪامياب هرگز نه ٿئي ها پر اهو مامي رمضان تي ماڻهن جو اعتماد آهي، جو اهو اسڪول ٻارن سان ڀريل آهي ۽ مامي رمضان جي گهر واري مامي غلام سڪينه ڪڏهن به ٻارن جي گوڙ تي ارهي نه ٿيندي آهي ۽ اتي مقرر ماسترياڻين سان هر طرح جي مدد ڪندي آهي. مامو رمضان ساريو ايس اِي ايف جي قائم ڪيل توڙي سرڪاري اسڪولن جا دورا ڪري ٻاررڙن ڪي همٿائيندو آهي. مختلف اسڪولن وچ ۾ تقريري، تحريري ۽ ٻيا چٽاڀيٽيءَ وارا پروگرام ڪرائيندو آهي ۽ ٻارن ڪي انعام به ڏيندو آهي. مامو رمضان ٻارڙن جي غيرنصابي سرگرمين ۾ به مددگار رهندو آهي ته ساڳئي وقت والدين ۽ استادن ڪي به هٿ جوڙي ٻارڙن ڪي پڙهائڻ جي وينتي ڪندو آهي.

مامو رمضان نہ رڳو زماني جي سڌ سماءُ لاءِ باقاعدي اخبارون پڙهندو آهي پر ايڊيٽوريل پيج جو بہ پاڻڪ آهي. مامي رمضان سوين ليکڪن جي مضمونن جون ڪٽنگس گڏ ڪري انهن جا فائيل ٺاهي رکيا آهن. شروعات ۾ مامي رڳو ڳوٺ جي ليکڪن جا اهي فائيل رکيا ۽ پوءِ سڄي سنڌ جي سٺن ليکڪن جي لکڻين کي سانڍڻ شروع ڪيو آهي. هاڻ ان ڪم ۾ بہ سندس دائرو وسيع ٿيندو وڃي ٿو. هُو سياسي پارٽين جو بہ رڪارڊ ٺاهي رهيو آهي.
مامو رمضان پُٽاڻي اولاد لاءِ سڪايل آهي پر هن پنهنجي نياڻين کي بہ پٽن جيترو پيار ڏنو آهي ۽ کين تعليم ڏياري آهي. هو هر ٻار کي پنهنجو پٽاڻو اولاد سمجهي ٿو. سندن مٿي تي هٿ رکي ڪاميابي جي دعا ڪندو آهي تہ اوهان ئي منهنجو اولاد ۽ پٽ آهيو ۽ منهنجا وارث اوهان ئي هوندا. دعا آهي تہ مامي رمضان کي رب پاڪ هر جهان ۾ صحت مند رکي تہ جيئن هو عوام جي خدمت جاري رکي سگهي.

# دريائي چورن جي دنيا

سنڌ ۾ چوريءَ جون وارداتون سدائين ٿينديون رهيون آهن. برهمڻ دور کان وٺي انگريزن ۽ هاڻوڪي پياري پاڪستان تائين ڪو به اهڙو دور نه هوندو، جنهن ۾ چوريءَ جو نالو نشان ئي نه هجي. سنڌ ۾ گهڻن ئي قسمن جي چوري ٿئي ٿي. ڪاٽ هڻي گهر جو سامان ۽ ڳهه ڳهنا به چورايا وڃن ٿا. ٻڪري نڪري ۽ ڍور ڍڳي جي چوري ته عام جام ٿئي ٿي پر سنڌوءَ ذريعي پليون پٽاريون مينهون ٻڌڻ واري چوري ٻين چورين کان ڪجهه نرالي آهي، جو اها درياهه ۽ ڪچي واري علائقي سان مخصوص آهي. ڪجهه اهڙا چور آهن جيڪي ٽنهي قسمن جي چوريءَ جي مهارت رکن ٿا پر ڪي اهڙا به هاڻو آهن، جيڪي فقط سانوڻيءَ ۾ ئي درياهه جي لهرن تي سوار ٿي پنهنجو شڪار ڪن ٿا.

اسان جي تر مهين جي دڙي جي ڀرپاسي ماضيءَ جا ڪيترائي چور هئا، جيڪي هينئر پنهنجي عمر گذاري چڪا آهن. ڪي ته وڃي پوڻ ۽ پيڙا ٿيا ۽ ڪجهه همراهه اهڙا به آهن جيڪي حال حيات آهن، جن مان ڪريم بخش ۽ محمد خان پيرزادو اهڙين ڪيترين ئي وارداتون جا قصا ايئن بيان ڪن ٿا، ڄڻ اهي انهيءَ مهارت جي نسل در نسل منتقليءَ جا خواهشمند هجن.

ساڻن ڪچهري ڪندي آئون پڇان ٿو ته "ٻنهي قسمن مان ڪهڙي قسم جي چوري اوکي آهي؟"

تڏهن همراهه ٻڌائين ٿا ته "ٻنهي قسمن جون چوريون ڏکيون آهن پر سُڪي تي پيرا ڪڍجن ٿا، جيڪي لڪائڻ لاءِ گوهيون ڏيڻيون پونديون آهن، اجهي ٻُجهي رهڻو پوندو آهي. نند ڦڻائڻي پوندي آهي. پيرين/پيراڏن ڪي منجهائڻو پوندو آهي. هوڏانهن وري درياهه بادشاهه سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. ٻئي پار ڳورا آهن. ڪيئن چئجي ته ڪهڙا چور آرام ۾ هوندا آهن!"

هو ٻڌائين ٿا ته جوانيءَ ۾ اهي فقط سيٺهه ڪجيءَ جي پڪن واري ڇٻيءَ ۾ لڪائي مهين جي دڙي ريلوي اسٽيشن تي پهچي، سکر يا ان کان به مٿي هليا ويندا هئا ۽ اتي يارن دوستن وٽ وڃي رهندا هئا. پوءِ چٽا (پڳڙا) ۽ چوهارا وٺي واردات جي ارادي سان منجهند جو درياهه جو پاسو اچي وٺندا هئا. صورتحال جو جائزو وٺي اتان ڇهه ست ڍور وڳ مان چني وٺندا هئا. اهڙي نموني 20-25 ڪلوميٽر درياهه جهاڳي سُڪي تي چڙهندا هئا. مال ڪي چاريندا به ايندا هئا ۽ ڪيڏي مهل وري مال کي سنڌوءَ ۾ لاهيندا هئا. اهڙي ريت ڪامياب واردات بعد ٽن چئن ڏينهن اندر پنهنجي جُوءِ ۾ پهچي ويندا هئا. گهڻو ڪري ته خيريت سان پهچي ويندا هئا پر ڪڏهن ڪڏهن ڪين درياهه جي درهڙ ۽ دهشت کي به منهن ڏيڻو پئجي ويندو هو.

محمد خان ٻڌائي ٿو ته "ڪيترائي پيرا چڪڻ ۾ ايندي ايندي بچياسين. درياهه ڪٿي ڪٿي چڪڻ هڻندو آهي. اتي هڪ پاسي تانگهو پاڻي هوندو آهي پر ڏاڍو تيز ۽ چوهو هوندو آهي ۽ ٻئي پاسي وري وڏا وڏا ڪڏا يا گُهور هڻندو آهي ۽ چڪڻ جي مهڙ وٽ ڪانو هڻندو آهي. ڪا به شيءِ ان ڪاني مان ٽپي ته ٺيڪ نه ته ان جو بچڻ مشڪل آهي، جو اتان درياهه شاهه ان کي زور سان هيٺ هڻندو آهي. چڪڻ جي منهن وارو ڪانو ٻن فوٽن جو مس ٿيندو آهي. ڪي شاهه تارو ئي پاسي پر پاڻ ڇڏي اتان نڪري سگهن ٿا پر جي انهن ترڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن جو بچڻ ناممڪن آهي."

هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته "سوئر، گڊ، ڦاڙهي ۽ مينهن جهڙو ٻيو ڪو جناور سنو تارو نه آهي، ان ڪري انهن کي پري کان پتو پئجي ويندو آهي ته درياهه ۾ چڪڻ آهن. اهڙي صورتحال کي تاڙيندي مينهن ان وقت اهڙي رنپ ڪندي آهي جو ماڻهوءَ جو ڏيل ڏڪي ويندو آهي. جيڪڏهن سياڻو ۽ سچيت چور هوندو ته بچي ويندو، نه ته ٽپ

مرندو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڪُن جي ڦيري ۾ به اچي ويندو آهي، پر ان ۾ بچڻ جي اميد بهرحال هوندي آهي. ڪُن هڪ قسم جو گهيريدار ڪوهه هوندو آهي، جنهن ۾ پاڻي لاٽونءَ وانگر ڦرندو رهندو آهي. اهو سِير ڪان شروع ٿي ڪپر يا ڪنڌيءَ تي اچي ختم ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن وڻ به ڪُن ۾ اچي ويندا آهن، جيڪي ماڻهوءَ ڪي مارڻ جهڙا هوندا آهن. هڪ ڀيري اڪن ۾ حسن سرگاٽي هڪ وچير سميت ڪن ۾ ڦاسي پيا. اسان ڪانئن پوئتي هئاسين. اسان مدد لاءِ ميربحرن کي سڏيو ته انهن به چيو ته الله کان دعا گهرو، باقي اسان ڪجھ نٿا ڪري سگهون. پورا 5 ڪلاڪ همراهه ڪن جي ڦيري ۾ هئا. پوءِ ڪيڏي مهل ڪُن ڪين ڪناري تي اڇلايو. حسن سرگاٽي ته هلڻ چلڻ جهڙو به نه هو. ٻئاري وچير به پاڻيءَ ۾ گهوماٽا کائيندي خوف وچان ڊِڪون پئي ڪيون.“

دريائي چورن مطابق ڪڏهن ڪڏهن درياهه جو ڪينجهو به ماڻهوءَ لاءِ ملڪ الموت بڻجي ويندو آهي. ڪينجهو اصل ۾ سچو سارو وڻ هوندو آهي، جيڪو پاڻيءَ ۾ لڳاتار لڙهندو لڙهندو ڄڻ هڪ وڏو ٻال بڻجي ويندو آهي ۽ اهو سڌو لڙهڻ بدران الٽ پلٽ ترندو ويندو آهي، جيڪو ماڻهو ءَ کي ڦاسائي ماري سگهي ٿو.

محمد خان پيرزادو ٻڌائي ٿو ته ”آئون ۽ يوسف موچي چوريءَ جي ارادي سان درياهه پئي ٽپياسين ته اسان کي هڪ ماڻهو سانداري تي ترندو ڏسڻ ۾ آيو. ويجهو وڃي ڏٺوسين ته همراهه ۾ ساهه ئي نه هو. ڪيس هڪ ڇهنباري ڪاني پيٽ مان آرپار ٿيل هئي. لاش ڪڍي پوليس کي اطلاع ڪيوسين. ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ خبر پئي ته همراهه ”هيٽ“ جو مئو (ذات) هو. ”هيٽ“ ۽ ”متي“ درياهه جا اصطلاح آهن. جيئن ته سنڌو اتر ڪان ڏکڻ ڏانهن وهندو آهي، سو، اتر متي ۽ ڏکڻ هيٽ سڏبو آهي.“

هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ”ڪيترائي ڀيرا پاڳيا به پاڻيءَ ۾ ڪڍ پوندا هئا پر اهي اسان جي سنگت مان ڪنهن کي به ڪڏهن پچي نه سگهيا. چو ته ان وقت درياهه وڏو، تيز ۽ تکو هوندو هو. اصل ريل گاڏيءَ جيتري رفتار سان وهندو هو. تڏهن جهنگ به هئا ۽ جهنگ ننگ آهي. اسان پاڻيءَ مان نڪري جهنگ جو ڪجھ وقت سفر ڪري، وري سنڌوءَ ۾ لهندا هئاسين. ڪجھ درياهه پر جا چور گهران ئي منا لولا ۽ پڳل چٽا ڪٽي نڪري پوندا هئا ۽ درياهه جي وٽ وٽي مال ٻڌندا، پنهنجي دوستن وٽ ڇڏيندا يا جهنگ ۾ تميندا متي هليا ويندا هئا ۽ اتان موٽندي ٻڌل ڍور ڪاهيندا ڪاهيندا نيٽ پنهنجي جوءِ ۾ اچي پهچندا هئا.“

هينئر سنڌوءَ جي اها موج مستي نه رهي آهي، پر جي پنجن ڏهن ورهين ڪانپوءِ سنڌو موج ۾ اچي به ٿو ته اهي ٻيلا ۽ جهنگ نه رهيا آهن. اتي ماڻهن آبادي ڪري ڇڏي آهي. ان ڪري هاڻ چورن کي سنڌو گهڻو مهانگو پئجي وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڏٻڻ به چورن لاءِ مسئلو ڪري وجهندي آهي. ڏٻڻ اها گپ آهي جتان تازو تازو پاڻي لهي چڪو هوندو آهي. اها زمين ڏسڻ ۾ سخت لڳندي آهي پر جڏهن ان تي پير رکبو آهي ته ماڻهو گوڏن تائين گپ ۾ گڇي ويندو آهي.

محمد خان ماضيءَ کي ڦلهوريندي کِلندي ٻڌائي ٿو ته ”اسان جي تر جو مشهور چور کِدر (خضر) هڪ ڀيري ڳئون ٻڌيون پئي آيو ته اوچتو ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو. ڳئون ٻئاري ته جيئن تيئن ڪري نڪري وئي پر کِدر جيئن ئي نڪرڻ لاءِ زور ڏنو تيئن ويو تي گڇندو، پوءِ ته ڪيس پاڳين اچي ڏٻڻ مان ڪڍيو.“

# اڪن پيرزادو

## جي هاٽُو هُونئي مِٽ

ويڪري پيشاني، ڳاڙهيون لال اکيون، متو ويٺل، پريل بت، چاپئين ڏاڙهي، وڏا شهپر، متي تي پٽڪو يا سنڌي ٽوپي، هٿ ۾ تسبيح: اهو هو منهنجو پيءُ اڪبرعلي عرف اڪن پيرزادو، جيڪو سرڪاري رڪارڊ ۾ چور، ڏاڙيل ۽ هاٽوءَ طور مشهور هو ۽ سندس گرفتاريءَ تي سرڪار سڳوري 35 لک رپيا انعام به رکيو هو پر تر ۾ سندس ٻي سڃاڻپ مهمان نواز، اوطاقي مڙس، ياڳيي ۽ ديندار شخص واري هئي.

ڳالهائڻ جو انتهائي نرم ۽ متو. ملڻ جلڻ جو ڍنگ به نيارو هئس. ننڍي توڙي وڏي سان جهڪي ڳراٽڙي پائيندو هو ۽ ٻئي هٿ جوڙي هميشه هي شبد اچاريندو هو: ”ماما، مان تنهنجو ٻيلي!“ ان ڪري تر ۾ پاڻ به ”مامو اڪن“ سڏبو هو.

اڪن پيرزادو 1948ع ڏاري ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ ڄائو ۽ ان ئي سال سندس پيءُ شاهه مراد پيرزادو پنهنجو نجهرو نانيءَ حوالي ڪري ٻلهڙيجيءَ کان 10 ڪلوميٽر اوپر طرف درياهه جي ڪاٻي ڪنڌيءَ تي پنهنجي زمينن ۾ تي ويٺو. ڪچي ۾ چوراٽو راڄ هو، انهن ئي ياڳين جو مال محفوظ هو، جيڪي يا ته پاڻ چور هوندا هئا يا مٽن وڏيرن جو هٿ هوندو هو.

پيرزادا پنهنجي ٻني ٻاري ۽ مال رزق هئڻ باوجود شريف، سادا هوندي به وڏيرن جي سلامي پرڻ وارا نه هئا، ان ڪري سندن مال چورن ڪي سستو پوندو هو ۽ هي سدائين سندن نشاني تي هوندا هئا. ڪي ڍور نڪرڻ تي قرآن شريف گهمائيندا هئا ته ڪي وري سور سهي، ماٺ ڪري ويهي رهندا هئا. اڪن جو نانو عمر خان پيرزادو تر جو وڏو ياڳيو هو پر ڪيس همراهه نه هئا. هن جا پٽ ۽ ڏوهٽا ننڍڙا هئا، جن ڪي پنهنجي ٽيل چورين جا تفصيل ٻڌائيندو رهندو هو. سندس اهڙا احوال ٻڌي اڪن جي ڪچڙي ذهن، تڏهن ئي چور ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو.

اڪن پيرزادي ڪي ننڍپڻ ۾ پنهنجي وڏي ياءُ محمد قاسم سان گڏ پڙهڻ لاءِ ٻلهڙيجيءَ موڪليو ويو پر هيءُ ماءُ کان سواءِ رهي نه سگهيو ۽ نه ئي سندس ماءُ ڪي هن کان سواءِ قرار تي آيو. ان ڪري هن جو پڙهڻ بند ڪرائي ٻني ٻاري ۽ مال متاع جي ڪم سان لاتو ويو.

اڪن پهرين چوري 12 ورهين جي عمر ۾ ڪئي. هن، تر جي ناهوڪي چور جمال خشڪ جي وچ چوڙي اچي اُن ڪٽ سان ٻڌي، جنهن تي سندس پيءُ سٽل هو. وڇ جي ڇڪائڻ تي همراهه جاڳي پيو، پوءِ ته ڪيس ناهوڪي سٽڪي ڪڍي وڇ ڏٽين ڪي واپس ڪري آيو... پر جڏهن ٽن ورهين ڪانپوءِ پيءُ وفات ڪئي ته هن ڏم چوري شروع ڪئي. اُن سان گڏ پنهنجي اوطاق به ناهي، جيڪا لاڙڪاٽي- خيرپور ميرس ۽ نوابشاهه (هاڻي نوشهرو فيروز) جي دنگ تي فتحپور ۽ ڪنير ٻلهڙيجي پتڻ جي وچ تي هئي. ٻنهي پتڻن کان ايندڙ مسافر اچي اتي لسي پاڻي ضرور ڪندا هئا. سندس اوطاق تر جي واحد تفريح گاهه پڻ هئي، جتي پڳت، ڳائڻا، نٽ ۽ سازيندا محفلون مچائيندا رهندا هئا. سياري جي سڄي رات مچ تي ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ ڳالهير قصا ۽ نظير بيان ڪندا هئا. تر جا يوڳائي جهنڊو ممڻاڻي، چنگل ميربحر ۽ ٻيا به محلفن ۾ موجود هوندا هئا ۽ سڄي سڄي رات پيا ٺهڪ ٻُرندا هئا. عيد نماز به سندس اوطاق تي ٿيندي هئي، جتي سڄي تر جا ماڻهو اچي مڙندا هئا ۽ اتي سيني جي مانيءَ جو بندوبست به ڪيو

ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته سندس اوطاق تي 100 ماڻهو به هوندا هئا. همراهه پٽڻ تي ويندڙ ڇڄن ڪي روڪي ڪين ماني ڪارائيندو هو.

چوريءَ ۾ سندس استاد قادر بخش ممڻاڻي هو پر اوطاقي هئڻ ڪري هن جو تر جي سمورن ڪلاسيڪل چورن خميسي بروهي، جمال خشڪ، گامڻ ماڇي، ولو پهنور، علي خان گبول، موسيٰ ڇهواڻ، سليمان گاڏهي، غلام رسول گاڏهي، يوسف موچي، گاجي شيخ ۽ ٻين سان واسطو ٿيو. جن جو اصول هو ته پليي پاڳيو بندوق هٽي ڪڍي پر ڪيس جواب ۾ بندوق هٽڻ بدران اتان ڀڄي نڪرڻو آهي، ڇو ته بندوق هٽڻ جو حق بهرحال پاڳئي ڪي آهي. قرآن پاڪ کڻڻ واري پاڳئي جي چوري به هرگز ناهي ڪرڻي ۽ اهو به ته چوري ٽين ڏوهيءَ مان ڪرڻي آهي.

اڪن پيرزادو چوراڻڪي ذات جو ماهر هو. ڪيڏو به سرڪش ڍور ڇڏائي نه سگهندو هئس. بار کڻڻ ۽ پنڌ ڪرڻ ۾ هن جهڙو سڄي جوءِ ۾ ٻيو نه هو. رات جو 40 ڪن ڪلوميٽر پنڌ ڪندو هو تڏهن به ٿڪجندو نه هو. درياهه جو به شاهه تارو هو. سانوڻيءَ جو درياهه ٻانهن تي پار ڪندو هو. علائقي جي وڪ وڪ کان واقف هو. لئي لئي جي خبر هئس. پورو ڏڻ ڪاهيندو هو ته به پاڳين کي پيرا نه ڏيندو هو. سرت وند چور سمجهي ويندا هئا ته اهڙي واردات فقط اڪن ئي ڪري سگهي ٿو. چوندو هو: ”پنڌ ڪرڻ ۽ ترڻ لاءِ جنهن ورزش جي ضرورت آهي، اها منهنجي روز جي ڪرت هوندي هئي. مان صبح جو سوير اٿي ڏڌ ولوڙيندو هئس، جنهن منهنجي ٻانهن کي ٻل ڏنو. ان ڪري پاڻيءَ ۾ هٿندي هٿ ڪڏهن نه ٿڪا آهن. صبح شام کُتر واري مشين هلائيندو هئس، جنهن منهنجي ڄنگهن کي طاقت ڏني ۽ مان پنڌ ڪندي ڪڏهن ٿڪجي نه وينس.“

سڄي حياتي هنگامي حالتن ۾ گذريس، ڪڏهن چورن سان ملهالا هئس ته ڪڏهن پاڳين سان معرڪا. سندس اڌ عمر جيلن ۽ ٿاڻن ۾ گذري. هن کي ته ڪنهن به قسم جو اونو ڪونه هو پر سندس امڙ سڄي سڄي رات ڏٽيءَ در ٻاڏائيندي رهندي هئي. دورد تاج ۽ دعائن سان جهيڙو هوندو هئس. اڪن ساماڻجندي ئي پنهنجي مِٽن مائٽن ۽ پاڙي وارن کي ڇئي ڇڏيو هو ته: ”ڍور نڪرڻ تي نه پلو سونهارو ڪٽڻو آهي ۽ نه ئي وٺاڻ جو ڳلو بند ڪرڻو آهي.“

هن به مينهون ثابت ٿيڻ تي خشڪن ۽ ٻرڙين جون پنجاهه مينهون ٻڌي تر جي چور ڪجي هُلئي جي حوالي ڪيون. خشڪن ۽ ٻرڙين جي فيصلي ۾ هن کي ٻن مينهن جي عيوض چار مينهون مليون، باقي 46 مينهون ڪيس واپس ڪرڻ لاءِ چيو ويو. هيءُ ڪجيءَ هلئي کان مينهون واپس وٺڻ ويو ته اُن مينهن کان ٽپ جواب ڏئي ڇڏيس. پوءِ اڪن جي ناني عمر خان اهي 46 مينهون ڀري ڏنيون. هاڻ هن جي ڪجي هلئي سان دشمني شروع ٿي وئي. هن جي پيٽ ۾ ڪجي هليو ٻئي قسم جو چور هو. ڪجي هليو ڪوشش ڪري ان پاڳئي جي چوري ڪندو هو، جنهن جي قرآن پاڪ گهمائڻ جي پڪ هوندي هئس. قرآن پاڪ کڻي ايندڙ پاڳين کي زالين مردين ڊنگهر هٽي سڄائي ڇڏيندا هئا. ڪجي هليو هو ته ڪي به چار درجا پڙهيل پر عدالت ۾ ڪڏهن به ڪو وڪيل نه ڪيائين ۽ پاڻ ڪيس وڙهندو هو. سڄي ڄمار هڪٻئي جي ڍورن تي هٿ صاف ڪيائون پر سندن وچ ۾ خوني دشمني پيدا نه ٿي. ٻئي پاسي هلين ۽ پيرزادن ۾ پائيپي ۽ پيار وارو رشتو برقرار رهيو. اهڙي نموني تر جي چورن هيسباڻين، چنن، ٻرڙين ۽ خشڪن سان جهيڙا جاري رهيس.

ان دور ۾ ڪِين جهڙن مامرن تي پيرزادن جي ٻن ڌرين ۾ ڦڏو ٿي پيو، جنهن ۾ هڪ ڌر جي اڳواڻي وڏيرو بالڻ پيرزادو ۽ گلاب پيرزادو ڪري رهيا هئا ۽ ٻي ڌر جي اڳواڻي اڪن ۽ محمد خان پيرزادو ڪري رهيا هئا. ٻنهي ڌرين هڪٻئي سان گهٽ نه ڪئي. ان جهيڙي ۾ هن مٿان تر جي سمورن ٿاڻن تي ڪيس داخل ٿي ويا. هڪ ٿاڻي تان آزاد ٿي گهر پهچندو هو ته ٻئي ٿاڻي جي پوليس گرفتار ڪرڻ لاءِ پهچندي هئس. هونئن به نالي چڙهيو هئڻ ڪري ڏوڪري، باقراڻي، باڍهه، سڳين، سوڀي ديري، گمبٽ، ڪنڊياري، خانواهڻ، محبت ديري ۽ راڌڻ ٿاڻن جي پوليس گرفتار ڪندي رهندي هئس. سندس شاديءَ واري ڏينهن به پوليس ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ پهتي ۽ عيوضي ۾

سندس ٻن مامن ميهر ۽ ٻچل خان کي گرفتار ڪري وٺي هئي. اهو ڪو ڀهريون موقعو نه هو، پر خوشيءَ توڙي غميءَ ۾ پوليس ڪيس ضرور ياد ڪندي رهندي هئي. پيرزادن جي چڱن مڙسن وڏيري امام بخش پيرزادي، ميان علي حيدر پيرزادي ۽ يار محمد پيرزادي (ڳيريلو ڪناسرا) قرآن پاڪ تي ٻنهي ڌرين جو ٺاهه ڪرائي دشمني ختم ڪرائي.

1974ع ۾ پاڳين سان مقابلي ۾ محمود چنا ڳوٺ ۾ هن جو گهاتو يار گل محمد جوٽيجو مارجي ويو. هيءُ ۽ سليمان گاڏهي ڏڪجي پيا. ڳوٺ ته سندس موت جو اطلاع مليو هو. همراهه بيل گاڏي ڪاهي لاش کڻڻ ويا ته ڪين خبر پئي ته اڪن ۽ سليمان ۾ ڪجهه ساهه باقي آهي پر گل محمد مارجي ويو. هنن ٻنهي کي وڏا ڌڪ لڳل هئا پر گل محمد کي فقط هڪ لونڊڙيءَ واري لٺ ئي پورو ڪري ڇڏيو هو. ان واقعي بعد اڪن کي اسپتال مان ئي جيل موڪليو ويو ۽ پورا ست مهينا ٽُرم ۾ رهيو. ان کان اڳ سندس هڪ ساٿي نصير ميربحر به پاڳين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو هو.

جيئن ته اهو وڏيرڪو دور هو ۽ وڏيرا پنهنجي مخالفن کي مات ڏيڻ لاءِ چورن جو سهارو وٺندا هئا. وڏيرن هن کي به استعمال ڪيو. عام طور چور، پاٿاريدار توڙي سفيد پوش ان وڏيري جو پاسو ڪٽندا آهن، جنهن وٽ اقتدار هوندو آهي. چاڪاڻ جو ٽاٽو وڏيري جي هٿ هيٺ هوندو آهي ۽ وڏيرن جي جياپي جو وڏو وسيلو ٽاٽو ئي هوندو آهي. اڪن پيرزادو پنهنجي مخصوص مزاج جي ڪري سدائين انهن وڏيرن جي پير وٺندو هو، جيڪي اقتدار کان ٻاهر هوندا هئا. هي ته وڏيرن جي گهٽي ڪم ايندو هو پر اهي ڪيس ڏکيءَ مهل بچائي نه سگهندا هئا ۽ اقتدار ڌٽي وڏيرا هن کي پوليس کان مارائيندا رهندا هئا.

1960ع کان 1970ع تائين هن جو اوٽپ هو. ان دور ۾ ڏوڪري تعلقي جي اچي ڪاري جو مالڪ وڏيرو موسيٰ خان ڀگهيو هو پر پٽي جي جمهوري حڪومت ۾ ايم پي اي واحد بخش خان ڀگهيو ٿيو، تڏهن اڪن، موسيٰ خان جي پٽ سڪندر جو ساٿ ڏنو، جنهن ڪري اقتداري وڏيرن ڪيس پوليس کان ڏاڍو مارايو ۽ مٿس سوين ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيا پر هن ٻين چورن وانگر وفاداريون تبديل نه ڪيون. جمهوري دور ۾ لاڙڪاڻو ضلعو ٽپ اٽيڙهئي ايس پي محمد پچل جوٽيجي جي حوالي هو. پي ايم سان قربت هئڻ ڪري ڪانئس هر طرح جو پڇاڻو معاف هو. عدالت کان مٿانهن قتلن جو بنياد هن صاحب وڌو. ان دور ۾ ايس پي پچل ڪيترن ئي سرڪار مخالف سياسي ڪارڪنن توڙي چورن کي گوليون هٽي ماري ڇڏڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا هئا. اهڙن ئي واقعن ۾ سيد ميهر شاهه ۽ سندس پاءُ کي گرفتار ڪرڻ بعد گوليون هٽي ماريو ويو هو. اڪن پيرزادي کي به گرفتار ڪري گوليون هٽڻ تي هئا جو اُن اسڪواڊ ۾ شامل سندس هڪ پاڙيسري پوليس اهلڪار غلام احمد مگرٽي وردي لاهي ڦٽي ڪندي چيو: "ٽڪ آ اهڙي نوڪريءَ تي، جنهن ۾ اسان جي سامهون اسان جي ٻچن کي گوليون هٽي ماريو وڃي!" اهڙي صورتحال بعد ڪيس مارڻ بدران جيل حوالي ڪيو ويو. اهو 1976ع وارو دور هو، جيل ۾ ڏيڍ سال ڪچي قيديءَ جي حيثيت ۾ رهيو. ان وقت جيئي پيتو نه چوندڙ ڪيترائي سياسي ڪارڪن به واڙيل هئا. لاڙڪاڻي جيل ۾ سندس هنديوال اڳوٽو قومپرست ڪارڪن حافظ رجب سولنگي هو، جيڪو هن وقت پ پ اڳواڻ آهي. حافظ رجب ان وقت جيل ۾ بند سمورن قيدين کي قرآن کڻائڻ چاهيو ته "اهي جيل مان نڪري چوري نه ڪندا." ڪيترن ئي قيدين اهڙو قسم کنيو پر اڪن پيرزادي انڪار ڪندي چيو ته "مون مات ڪئي ته وڏيرا مون کي مارائي ڇڏيندا." اها ڳالهه سمورن قيدين کي به سمجهه ۾ آئي، چاڪاڻ جو جڏهن ٽاٽي کان جيل ڀڃتو هو ته سندس ڪو به سَنڌ سلامت نه هو. باقراٽي ٽاٽي تي ڪيس ڪيترائي ڏينهن اونڌو ٽنگي پيرن جي ترين ۾ لتيون هنيون ويون. ان ڪانسواءِ مار جا سڀ طريقا استعمال ڪري آخر ۾ هن جي هٿن جي ترين تي ڪٺ جا پاوا رکي ڪٺ تي پنج پوليس اهلڪار ويهاريا ويا ۽ هن کي چون پيا ته "دانهن ڪر ته توکي ڇڏي ڏيون" پر هن دانهن نه ڪئي.

يُٽي صاحب جي گرفتاري ۽ ڦاهيءَ ڪانپوءِ هي چوري ڇڏي چڪو هو پر نالي چڙهيو هئڻ ڪري سدائين سرڪاري مهمان بڻيو رهندو هو. 81-1980ع ۾ به ڪيس ڇهن مهينن لاءِ ڏٽين ڪيو ويو. جيڪو سڄو عرصو حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ رهيو. جتي سياسي قيدين ۾ تاج جويو، ناز سنائي ۽ ٻيا به موجود هئا. اتي هن سياسي ڪارڪنن سان گڏ ڪامياب بک هڙتال ڪئي هئي. مٿس 109-110 ۽ ٻيا قلم هڻڻ سان گڏ ڊي پي آر ۽ سنڌ ڪرائم تحت داخل ڪرايل ڪيسن ۾ اڙايو ويندو هو. جيڪي سياسي ڪارڪنن کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ هوندا هئا پر وڏيرا پوليس کي ڏوڪڙ ڏئي اهڙن ڪيس ۾ به چورن کي اڙائي پنهنجي جان ڇڏائي ويندا هئا.

ضياء دور جا شروعاتي ٽي ورهيه هيءُ وڏيرن سان ساٺ ۾ هو. 1981ع وارين بلدياتي چونڊن ۾ هن ڳوٺ سڌار سنگت جي اميدوارن جي مخالفت ڪئي پر 1983ع ۾ وڏيرن جو ساٿ ڇڏي چڪو هو ۽ هن سنگت جي اميدوار جي حمايت ڪئي. ان جو سبب هي هو جو گڏ ڳوٺ جي زميندار ٻگهين جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪيءَ تان تڪرار ٿي پيو، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا هاري ٻرڙا هئا، جيڪي هڪٻئي جا ويجها عزيز هئا. جهيڙي ۾ ٻرڙا برادري هڪٻئي جا خون ڪري وڌا. اهڙي نموني پرائي ٻنيءَ تي ٻنهي ڌرين هڪٻئي جا ڪيترائي ماڻهو ماري ڇڏيا پر جڏهن وڏيرن تي عدالتي دٻ آئي ته هنن پاڻ ۾ ٺهڻ ۾ دير ئي نه ڪئي. اها ڳالهه ڳڻي هي ڳوٺ سڌار سنگت جي ويجهو ٿيو، جنهن ۾ سنڌس سمورا عزيز ۽ واسطيدار هئا پر همراهه کي اهي تحفظات هئا ته ڳوٺ سڌار سنگت وارا لادين ۽ دوزخي آهن! تڏهن ته هي ٻلهڙيجيءَ کي ڪوفو سڏيندو هو. 83-82ع ۾ هن جون سرگرميون اوطاق هلائڻ ۽ ديني اجتماعن ۾ شرڪت تائين محدود هيون. تر ۾ ٿيندڙ سمورن ميلن ملاڪڙن ۾ سهائتا ڪندو هو. قلندر جي ميلي تي هر سال فقراء کي ڇيلو ڏيندو هو. اهڙي نموني نانگي شاهه، محبڻ شاهه، سيد ملوڪ شاهه، سخي شاهه جمال ۽ ٻين درگاهن تي ميلن ۽ ٻارهن لاءِ ڏڻ مان پهرو ڏيندو هو.

اڪن پيرزادي تي1984ع ۾ ستن خونن جي تهمت هنئي وئي. ان دور ۾ ڌاڙيلن هٿان ست بي گناهه ڳوٺاڻا ماريا ويا هئا. فوتين جي وارثن ڪان وٺي سڄي تر کي خبر هئي ته قاتل ڪير هئا پر پاڪستان جو قانون اهو آهي ته جنهن کي ڦاهي پوري اچي! اصل ۾ اهي همراهه ڌاڙيلن ڪان اغوا ٿيل ٻن ڄڻن کي ڇڏائڻ لاءِ اچي رهيا هئا، وٽن فقط 40 هزار رپيا به هئا. اڪو ٻرڙي، صوفي ڏاهاٽي ۽ ٻين لالچ ۾ اچي، پنهنجي ساٿين سان غداري ڪري فقط 40 هزارن لاءِ ست مڙس ماري وڌا. ان ڳالهه جي خبر پوڻ تي ڌاڙيل قادن سرگاٽي انهن مغوين کي به مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اها خبر پوڻ شرط اڪن، قادن وٽ هلي ويو ۽ کيس چيائين ته ”هنن جا ست مڙس بي گناهه مئا آهن ۽ تون هنن کي به مارين ٿو، ڪجهه خدا جو خوف ڪر!“ جنهن بعد قادن انهن کي ڇڏي ڏنو. مغوين کي بچائڻ واري همدرديءَ کي غلط رنگ ڏيئي، ستن ماڻهن جي قتل جو الزام هن سميت گهڻن بيگناهن تي هنيو ويو. هن جي گهر تي پوليس ڇاپو هڻي سنڌس ڪراڙي امڙ کي گرفتار ڪري ورتو. انهي ورادات جتي ستن خاندانن جي جگر جا ٽڪرا جدا ڪيا، اتي پوليس سڄي تر کي گرفتار ڪري لکين رپيا ڪمايا.

جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ڪجهه مهينا اڳ جهڪي ٿي وئي هئي. وڏيرا ڪن ٻوساٽيون پي وٽيا. ترقي پسند ۽ قومپرست ڪارڪن به لڪڻ ۾ پورا هئا. سيني هن کي في الحال نڪري وڃڻ جو چيو. گرفتار ماءُ وٽان به اهڙو نياپو مليس. پوءِ همراهه دوستن جي ذريعي سعودي عرب هليو ويو ۽ پويان ويا مٿس ڪيس چڙهندا. ان وچ ۾ فوجي ڪورٽ سنڌس غيرموجودگيءَ ۾ ڪيس 14 سال سزا ڏئي ڇڏي. سعودي عرب ۾ لڳيتو به سال حج پڙهي 1986ع ۾ واپس وطن پهتو. هن جا گهڻا سنگتي ساٿي جيل ۾ بند هئا. تازو تازو سکر سينٽرل جيل ٽوڙي ٽيهارو کن همراهه نڪري ٻيلن ۾ پهتا هئا، جن مان گهڻا هن جا گهاٽا يار هئا. ان دوران پوليس ۽ فوج هن جا گهر ۽ اوطاق وارا مَنهه ساڙي ڇڏيا هئا. هن جي اوطاق جي آڳر ۾ ٻيرن جا به شاهي وڻ هئا، جن مان هڪ ٻير اهلڪار ڪٽي ڪاٽ ڪٽائي ويا ، باقي هڪ ٻير موجود هو. هن جي رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ به اهلڪار ٽرڪن ۾ وجهي ڪٽي ويا. سو،

هي همراهه ٽولو وٽي باقي بچيل ٻير وٽ ويهي رهيو. 1986ع کان 1994ع تائين سرگرم رهيو. ان عرصي ۾ مهينن جا مهينا ڪراچيءَ ۾ به اچي رهندو هو. هاڻ سندس عمر 40 ورهين کي اچي پهتي هئي. ٻين ڌاڙيلن جي ابتڙ هن جا تر جي ماڻهن سان سٺا لاڳاپا هئا. ساڳيو ئي پنڌ جو گهوڙو، بار ڪٽڻ ۾ پڙ. هن جي ڇهين حس غضب جي هئي. خطري جي بوءِ محسوس ڪندي اتان نڪرڻ جي ڪندو هو. ڪيترائي پيرا ايئن ٿيو جو هيُءَ همراهه وٽي جيئن نڪرندو هو ته مدعي پهچي ويندا هئا. هن جي ڪاٻي اک ڦرندي هئي يا گوڏي ۾ ٽڙڪٽي ٿيندي هئي ته جاءِ تبديل ڪندو هو. ڪي ماڻهو چوندا هئا ته هن ڪي ٻانهن ۾ تعويذ ٻڌل آهي، ڪي چوندا هئا ته ڪيس ماءُ جي دعا آهي. ڌاڙيل ڪيس سُڪيءَ جو ملائڪ سڏيندا هئا. ڪيترا ڀيرا پنهنجي حڪمت عملي سبب ڪين وڏن وڏن آپريشنن مان ڪڍي ويو. هن جي ياري هر طبقي جي ماڻهن سان هئي، ان ڪري تر جا ڏنار ڀهنوار، هاري ناري به سندس مدد ۾ هوندا هئا پر جيڪڏهن هن جي ڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي تڪليف ايندي هئي ۽ ان کي پوليس جو خرچ پرڻو پئجي ويندو هو ته هي نقصان ڀري ڏيندو هو. اهڙن اهڙن ماڻهن وٽ اچي رهندو هو، جن ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ئي نه وڃي. ماڻهو هن لاءِ هر قسم جي رسڪ کڻندا هئا. هڪ دوست پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿي پيس، جنهن کي 40 ڪلوميٽرن تائين ڪلهي تي کڻي نڪري آيو. هڪ ڀيري فوج وڏو آپريشن ڪيو. تر جا سمورا ڌاڙيل قادن سرگاٽي، جمعو خشڪ، وزير خشڪ، يعقوب چانديو، حضورو رند، لائق چانديو، طاهر نقاش تنيو ۽ ٻيا موجود هئا. سخت مقابلي ڪانپوءِ هي فوج جو گهيرو ٽوڙي نڪري ويا. هن سان 12 ڄڻا هئا، جن ۾ قادن سرگاٽيءَ جو پٽ پنهل به شامل هو ۽ ان جو هڪ سنگتي هو جانوري. ان وقت جانورين ۽ چانڊين ۾ جهيڙو هلي رهيو هو. يعقوب چانڊئي ان کان تعارف پڇيو. ٻڌائڻ تي چانڊئي جون رڳون تاڻجي ويون. اِن خدشي کي نظر ۾ رکندي ته متان چانڊيا مڙس ماري وجهن، ان ڪري 12 ڄڻا هنن کان ڌار ٿي ويا. ٽوڙي جو چانڊين اُن وقت اهو به چيو ته هتي اسان پاڻ ۾ وڙهڻ نه آيا آهيون، ان ڪري هي همراهه به هنن سان گڏ رهي پيو. هن کان سواءِ ڪو به تارو نه هو. ٻيلي جي ٻاهران پوليس، فوج، رينجرز ۽ حر مجاهد وينل هئا. ڪچي جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ هئا، سخت پهري ۾ اک بچائي ڳوٺاڻا ڪيس ماني پهچائي ويندا هئا. هن هڪ هڪ ڪري 15 ڏينهن اندر سمورن همراهن کي حفاظت سان درياهه پار پهچايو ۽ پوءِ پاڻ پورو مهينو ڪچي ۾ رهيو پيو هو.

اڪن پيرزادو پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ نه ايندو هو پر آسپاس جي سمورن ڳوٺن ۾ رهندو هو. ڪنڊياري جي خشڪن جا سمورا ڳوٺ هجن يا ڪلهوڙن، ڪورين، ممڻاڻين ۽ چنن، گاڏهين جا، هيءُ بنا سڏ ڪرڻ جي ڪنهن به گهر ۾ هليو ويندو هو. ننڍا وڏا سڃاڻيندا هئس ۽ سندس هر طرح جي مدد ڪندا هئا. مون ڪيس ڪڏهن به نماز ڇڏيندي نه ڏٺو. ڪٿي به هجي، ڪهڙي به حال ۾ هجي، ڪوشش ڪري نماز پڙهندو هو. پنجن وقتن کان گهٽي نماز پڙهندو هو. اشراق ۽ تهجد به پڙهندو هو. باقي نفلن جو ته شمار ئي نه هئس. ڪا ڏک جي خبر ٻڌندو هو ته ٻه رڪعتون نفل پڙهندو هو. ڪا خوشيءَ جي خبرٻڌندو هو ته ٻه ٻه رڪعتون شڪراني جا نفل ادا ڪندو هو. عام نمازيءَ کان گهڻو وقت وٺندو هو. همراهه پوليس مقابلن دوران به نماز پڙهي. اصل گهر کي به مسيت بڻائي ڇڏيو هئائين. هن جي موجودگيءَ ۾ سواءِ منهنجي، سمورا گهر ڀاتي خدائي فرض ادا ڪندا هئا. مان ڪيس چوندو هئس ته اسان جي سُجائي جو سبب به گهر کي مسيت بنائڻ وارو عمل آهي. پوءِ ته همراهه جو موچڙو ۽ منهنجو منهن هوندو هو. نماز واري معاملي ۾ صفا پناڻ هو. چوري ڪجي يا ڌاڙو هڻجي، سڄي رات گناهن ۾ گهاري صبح جو تڙ ڪري نماز ضرور پڙهڻي آهي. ساڻس گڏ سعودي عرب ۾ رهندڙ دوست ٻڌائيندا هئا ته اتي به هن جي نماز ٻين نمازين کان ڊگهي هوندي هئي ۽ مسجد جا تالا بردار بيزار ٿي چوندا هئس: ”صلي يا مصيبت“ تنهنجي نماز آ يا مصيبت! ميان هاڻ بس ڪر ته اسان مسيت کي تالو هڻون.

اها ٻي ڳالھ آهي تہ همراھ کي رڳو سورت فاتحہ ۽ نيت ڪرڻ ايندي هئي. مون ڪيس التحيات ياد ڪرائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر همراھ کي ياد نہ ٿي سگهي. اهڙي ڪوشش ڪراچيءَ ۾ مُلن بہ ڪئي پر اهي بہ ڪيس التحيات ياد نہ ڪرائي سگهيا ۽ اجازت ڏنائون تہ پلي پنهنجي مرضيءَ سان نماز پڙهہ. همراھ جهڙو نماز جو پابند هو اهڙو روزيدار بہ هو. رمضان شريف جا 30 روزا تہ رکندو هو پر شوال جا 6 روزا بہ نہ ڇڏيندو هو پر ملن سان نہ پيس. هڪ پيري ڪراچيءَ جي اورنگي ٽائون ۾ رهيل هو، جتي هن کي گهٽي نماز پڙهندي ڏسي مسجد ڪاميٽي جو ميمبر ڪيو ويو. هڪ ڏينهن رمضان شريف ۾ آيل سمورو ڪاڏو هن روزيدارن ۾ ورهائي ڇڏيو. هن جي اهڙي عمل پيش امام کي چيڙائي وڌو. ڇاڪاڻ جو اڳوڻو ميمبر ۽ پيش امام سازباز ڪري گهڻو مال هڙپ ويندا هئا. ان تي هي همراھ مولوي صاحبان سان چڙي پيو ۽ ٺٺل قٺل اڙدوءَ ۾ ڪين چيائين تہ ”پٽائي صاحب ني بلڪل سچ بولا هئي.“

تہ جي سمورن عالمن سان واسطو هئس. هڪ ئي وقت مولوي محمد قاسم مشوري صاحب، ٺنين جي سومرن فقيرن، حسين شاھ قمبر واري، ڊيري واري پير قوتل، لوڙهائي فقيرن سان بہ ڏاڍي پريت هيس تہ ديوبند عالم حافظ صديق آف ميرڪ سان بہ قرب هئس. هي فرقي پرستي کان پري هو. محرم ۾ نياز بہ ڪندو هو تہ ربيع الاول ۾ ميلاد جي محفل بہ رچائيندو هو. بادشاھ پير جي يارهين بہ ڪندو هو. جڏهن ڪانئس پڇندو هئس تہ ”بابا! توهان جا هي عالم سڳورا تہ هڪٻئي جا ڪٽر دشمن آهن، توهان انهن سڀني سان ڪيئن ٺا هلو؟“ جواب ۾ چوندو هو، ”سيئي ڳالھ تہ ساڳي ڪن ٿا: ڏاڙهي رکو، نماز پڙهو، باقي سڀ ڪو پنهنجي قبر ۾ پاڻ ويندو. اسان جو انهن اختلافن سان ڇا!“

ڪراچيءَ ۾ ساٽس گڏ رهيم. ڪڏهن تہ هوندا ئي بہ ڄڻا هئاسين. رمضان ۾ سحريءَ جي وقت اٿاري روزي رکڻ لاءِ چوندو هو. مان ساٽس سحري ڪري روزيدار جهڙو ٻوت ٿاهي هن جي سامهون ويٺو هوندو هئس پر هن جي پرپٺ ڪائيندو رهندو هئس. هڪ دفعي آنو ترينديٰ پڪڙي وڌائين.

چيومانس تہ ”بابا پل تي وئي. چوندا جو آهيو تہ پلئي کي پئہ ناهي.“

تڏهن چيائين: ”دڪان تان وجي آنو ورتئي، اهو پڇايئہ! اهو سڀ تو کان پل ۾ ٿيو؟“

ان ڪانپوءِ ڪڏهن روزي لاءِ ڪونہ اٿاريائين. البت جيڪي بہ ديندار دوست ايندا هئس، انهن کي منهنجي مسلمان ٿيڻ لاءِ دعا گهرڻ جو ضرور چوندو هو.

ڪراچيءَ ۾ هڪ دفعو پوليس جو ڇاپو لڳس. هو مونکي پنهنجي سنگت سان ملائڻ لاءِ ڪورنگي وٺي پي ويو. قائد آباد ۾ اوچتو مون کي پئسا ڏيئي موٽي وڃڻ لاءِ چيائين. مان واپس اورنگي ٽائون هليو آيس. صبح تي خبر پئي تہ رات پوليس جو ڇاپو لڳس، جنهن ۾ هن جو هڪ دوست ولي محمد ٻٽ مارجي ويو، بہ ڄڻا زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيا ۽ هي اتان نڪري آيو. اڄڻ سان ٻڌايائين تہ اورنگي جي هڪ ٽڪريءَ تي دوستن جي جاءِ تي تاش ڪيڏي رهيا هئاسين جو اڄتو اسان مٿان گوليون وسڻ شروع ٿي ويون. منهنجي ٺنهي دوستن رڙيون ڪري ٻڌايو تہ اسان کي گولي لڳي آ ۽ مون بہ ڇيو تہ مان بہ زخمي آهيان. ايتري ۾ هڪ اهلڪار اچي منهنجي سيني تي گن رکي. مان ڦڙتيءَ سان هن کي ٻنهي ٻانهن کان پڪڙي ڪٽي پٽ تي اڇلايو. هٿ مان گن ڪري پيس. ديوار ٻلاڪن بدران ڪشميري سان واٽيل هئي. اها ڇني نڪتم. پٺيان سوين گوليون وساين، جنهن ۾ 15 علائقي واسي بہ زخمي ٿيا هئا. اهو 1988ع جو درو هو.

هن يار جي ڪري مان مئٽرڪ ريگيولر نہ پڙهي سگهيم. اهڙي طرح نہ رڳو اسان گهر جي سمورن ٻاتين جيل ڏنا پر ويجهن ۽ پري جي مائٽن توڙي سنگت سات بہ گهڻو سَنو. ڪراچيءَ ۾ مارجي ويل ۽ گرفتار ٿيل ساٿي بہ پورهيت هئا، جيڪي ڏهاڙي تي ڪم ڪندا هئا پر هن سان ورهين جو واسطو هئڻ ۽ اهي پراٽي پريت پاڙيندا رهندا هئا. هن جي ڪري اسان جي برادريءَ جو چڱو مڙس ڪمال خان پيزادو بہ ٽاٽي تي ويو ۽ اتان جو بيهوش ٿيو تہ

آخري گهڙيءَ تائين هوش نہ آيس. ڪيترن عزيزن جي عورتن کي بہ ٽاٽن تي ويهاريو ويو... ان جي باوجود اسان سڀ سندس سلامتيءَ لاءِ پريشان هوندا هئاسين.

ڪاٺ پيئڻ جو بہ سڄر هو. اڪن جون ڦلڙيون، نموريون، توهہ ۽ ٻيون ٻنھ ڪڙيون ۽ اُگريون شيون ائين ڪائيندو هو جڻ انب ڪائي رهيو هجي.

ڏاڙي گيريءَ واري دور ۾ تر جا سمورا وڏيرا تہ سندس مخالف تي پيا پر ڏاڙيلن سان بہ جهيڙا تي پيس. احمد بڙدي، پنهون ڪوري ۽ ٻيا ڪيترائي مخالف هئس. هن جا ويجها ۽ جگري يار جمعو خشڪ، سانوڻ خشڪ، قادن سرگاٽي مارجي ويا هئا. اسان ڪيس ملڪ مان ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ ٻيهر منٿون ڪيون. نيٺ هي وري سعودي عرب روانو ٿي ويو. 1994ع کان 1998ع تائين سعودي عرب ۾ رهيو ۽ ان کانپوءِ 10 ورهيہ ايران جي سرحدي شهر بندرچهبار ۾ رهيو. اتي بہ جڻ تہ سندس اوطاق پئي هلندي هئي. ماڻهن جا هشام گڏ هوندا هئس. ايران جو پاڻي ڪيس پانءِ نہ پيو ۽ سندس صحت وئي خراب ٿيندي. 2007ع جي آخر ۾ سندس دوست ڪيس لانچ وسيلي ڪراچيءَ ڪٽي آيا. ايران ۾ هن وٽ سنڌ جا حڪيم ۽ سنياسي بہ ايندا هئا جن جي پُڙين، دوائن ۽ پيچن هن جي صحت تباهہ ڪري ڇڏي. ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ همراهہ کي ڪيتريون ئي بيماريون وڪوڙي ويون آهن.

زندگيءَ جا آخري ٽي ورهيہ ڪراچيءَ ۾ گذاريائين. اڳي مان ساڻس گڏ رهندو هئس تہ مون کي سختيءَ سان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندو هو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان نہ ملندو هو. اتفاق سان جي جُوءِ جو ڪو ماڻهو ڪٿي نظر ايندو هئس تہ اها جُوءِ ئي مٽي ويندو هو، پر آخري ٽن ورهين ۾ ماڻهن سان ملڻ بند نہ ڪيائين. ڪڏهن اڪ نہ ڦريس. انهن ماڻهن کي بہ گهرايائين، جن سان ٿوري گهڻي رنجش هئس. اسان سڀ ڪيس منع ڪندا هئاسين تہ ائين نہ ڪر پر اسان جي ڳالھ تي ڪن ئي نہ ڌريائين. ڪراچيءَ ۾ منهنجي سيني ويجهن دوستن شان ڏهر، معصوم سنديلي، علي حسن چانڊئي، اي ڊي رانجهاڻي، يوسف جوڪئي، زاهد راڄپر، وحيد ابڙي، نور مصطفيٰ ۽ ٻين سان بہ مليو . بابا جي ڏوپار دوستن جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن پر منهنجي سنگت ۾ ڪيس الائي ڪهڙي خوبي نظر آئي جو ساڻن ملڻ کان پوءِ بہ ٽي ڀيرا اها ڳالھ چيائين تہ ”دوستن ۾ مون کي تون ماري وئين!“

بابو راڳ ويراڳ جو بہ شوقين هو. راڻو سندس پسند جو راڳ هو. ٽاڪ منجهند جو بہ راڻي جي فرمائش ڪندو هو. راڳ ٻڌڻ يا سريلي آواز ٻڌڻ سان ئي روئي ويهندو هو. ڏوهن جي دنيا ۾ پير پائڻ جو سبب پڇبو هئس تہ اهو ئي چوندو هو تہ ”جي مان چوري نہ ڪيان ها تہ اسان کي جيئڻ ئي نہ ڏنو وڃي ها، باقي توهان چوري ڪڏهن بہ نہ ڪجو ۽ منهنجو حق حساب ڪنهن کي نہ ڇڏجو.“

هن پهرين مارچ 2010ع تي ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي وارڊ ۾ وفات ڪئي. رات جو ٻارهين وڳي سندس تدفين ڪئي وئي. ان مهل بہ هزارين ماڻهو سندس آخري ديدار لاءِ پهتا هئا، جن ۾ تر جي ڪيترن ئي ڳوٺن جون عورتون بہ شامل هيون.

# محمد خان پيرزادو

## شڪاري، هاٿُوءَ ماهر پيرادو

محمد خان پيرزادي جي پنهنجي جُوءِ ۾ سڃاڻپ شڪاري، هاٿو ۽ پيرادي واري آهي ۽ هو پنهنجي ٽنهي ڪمن ۾ مهارت رکي ٿو. 1946ع ڌاري مهين جي دڙي جي سامهون سنڌوءَ جي ڪاڇي پر واري ڪچي ۾، پيءُ جي نالي سان قائم ڪيل ڳوٺ عمر خان پيرزادو ۾ پيدا ٿيو. ٻاروتڻ ۾ کيس ٻلهڙيجيءَ جي مسلم پرائمري اسڪول ۾ سائين خليفي وٽ داخل ڪرايو ويو پر همراهه پنجن ورهين ۾ پهريون درجو پاس نه ڪري سگهيو. هن پنهنجي گليلي بردار ٽولي ٺاهي، جيڪي سڀ جا سڀ اسڪول ڪان پڇي جهنگ ۾ جهرڪيون، ڳيرا ۽ ٻيا پکي ماريندا رهندا هئا. سائين خليفي جي مار سڄي تر ۾ مشهور هئي. سائينءَ کي "ل" لکڻ جي نموني سان انگوڙي واري لٺ هوندي هئي، جيڪا ٻار کي ڪنڌ ۾ وجهي پاڻ ڏي ڇڪيندو هو  ته ٻار ڍيري ٿي اچي پٽ تي پوندو هو . ٻار جا ٻئي هٿ پنهنجي ڇنگهه ۾ هوندا هئا ۽ سندس رڙيون سڄي ڳوٺ جي ڪن پونديون هيون. سائين ٻارن کي اهڙي سٽڪي ڪيندو هو جو سندن هڏ ڳُڏ پڇي پوندا هئا. سائين خليفي جي مار گهٽن ٻارن کي سڌو ڪيو پر محمد خان جي ٽولي سان هن جي پوري نه پئي. ان ٽولي ۾ پائو حاجو گدني، محمد خان جيسر ۽ ڪجهه ٻيا همراهه شامل هئا. سائين خليفو کين وڻ سان ٻڌي ماڪوڙا ٻچائڻ ڪان وٺي ابتو ٽنگي پيرن ۾ لنيون هڻڻ تائين مار جا سڀ طريقا آزمائي، نيٺ ايئن هار مڃي ويٺو جيئن ڪو ڏنگو صوبيدار ڪنهن ڪاٽڪوءَ کي ماري ماري ٿڪجي چوندو آهي: "هي مار سان ڪجهه به نه باسيندو." پوءِ سائين خليفي محمد خان پيرزادي جي پيءُ کي گهرائي چيو ته "بابا هن جو پڙهڻ وارو ذهن ئي ڪونهي، ان ڪري کيس ڪنهن ڪم ڪار سان وجي لاءِ." نيٺ محمد خان جيئن ڳوٺ ڪان اسڪول ويو هو تيئن ئي موٽي ڳوٺ پهتو.

هاڻ ڪچي ۾ شڪار جي ڪا به جهل پل نه هئي. جسماني طور قدرت ۽ پيرن جو اهڙو ڇوهو هو جو تازي ڪتن ڪان به اڳ ڪڍي ويندو هو. ميلن جا ميل ڊوڙڻ باوجود ٿڪجندو هرگز به نه هو. شڪار به هر قسم جو ڪندو آهي. هن وٽ ڪتن جي لوڏ آهي، خفتي رڳو سوئر جي شڪاري ڪتن جو آهي. رڇ وارو ڪتو ڪڏهن نه ڏاريائين. پکين ويچارن لاءِ ته پويون ڏينهن هو. ڳيرا، تتر، وها، آڙيون، نيرڳيون، سانو، ٻاٽيئر، ڪانئر، ڪوڪڙاٽ، پيڻ، سوپ پيڻ ۽ سهن لاءِ ته سراسر اجل هو. ڪڏهن ڪڏهن ڦاڙهو به هٿ اچي ويندو هئس. مڇي به اڪثر ماريندو هو. وٽس مڇيءَ جي شڪار جو سمورو سامان ڄاريون، رڇ، ڪنديون، ڪڙهيون موجود هونديون هيون. هٿ جو ڏاڍو سڌو آهي. بندوق ته ڪڏهن به نه گسندي اٽس پر گليلي ۽ ڇاپڙ سان به پکي ڪيرائي وجهندو آهي. باقي اڏامندڙ پکيءَ جو ڪڏهن به نشانو نه وٺي سگهندو آهي. سوئر ٻچ جو ته وڏو شوقين آهي. تر جا مشهور واڍا، ڏتو ڪنير، بيگو موچي ۽ ٻيا ساڻس گڏ هوندا هئا، جيڪي پنجوڙن وسيلي سوئر ڦاسائي وڏيرن جي ڪوٽ تي ڇڏيندا هئا.

محمد خان پنهنجي وقت جو چور به ٺاهوڪو هو. ٽوليءَ سان چوريءَ تي وڃڻ ڪان لنوائيندو هو ۽ اڪثر اڪيلو ئي شڪار تي ويندو هو. ايئن به نه هو ته سدائين اڪيلو چوري ڪندو هو پر هن جي ڪوشش هوندي هئي ته گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو ساڻس واردات ۾ شامل هجن. روايتي ڪاٽڪن وانگر  لٺ باز نه هو. پاڻ نڪري ويندو هو پر سندس واردات سڄي تر کي سٽرائي ڇڏيندي هئي.  هيءُ اهو درو هو جڏهن به چار پوليس اهلڪار ڪچي ۾ لهندا هئا ته ڪيترائي ڪڪڙ، ڇيلا، ماکي مکڻ ۽ سڃي گيهه جا ٽين پرائي ٽاٽي تي ڪٽي ويندا هئا ۽ ان سان گڏ به  چار ماڻهو به

ٻڌي ويندا هئا، جن کان روڪڙ وٺي ڇڏيندا هئا پر اهي پوليس وارا ڪڏهن به محمد خان کي پڇي نه سگهيا. هيءُ سدائين کين ڇاپڙون هڻي پڇي ويندو هو. البت همراهه به ٿي پيرا سياٽي ڪانءُ وانگر به ٽنگو ڦاٿو. پوليس ۽ رينجرز هٿان مارون کاڌائين. سينٽرل جيل سکر ۽ ضلعي جيل لاڙڪاڻي پهتو پر اتي به هن جو طريقو روايتي ڪاٽڪن کان مختلف هو. مار تي سچي ڪڏهن به نه ڪيائين، باقي رڙين سان سڄو شهر مٿي تي کڻندو هو. ان لاءِ جواز اهو پيش ڪندو آهي ته:

”پنهنجي جتي هٿ ۾ کڻڻ ڪهڙي ڳهتائي آهي؟ اسان جا ڪيترائي دوست معمولي ڳالهه تي ضد ڪندا آهن، پوءِ کين ڏنڊا ٻيڙيون به لڳنديون آهن ته آڙاٻيڙا به لڳندا اٿن. اهلڪارن جون گاريون ۽ مارون به کائيٽيون پونديون آهن. اصل وڏي ويڙن ٿيندي اٿن. ان ڪري اسان ماحول جي گرمي محسوس ڪري جتي هٿ ۾ کڻي ماڙي ٽپندا آهيون ۽ اتي به ڪم ڪان بچڻ لاءِ ڪو نه ڪو عزت وارو طريقو ڳولي وٺندا آهيون.“

1990ع کان چوري ڇڏيائين پر هيرا ڦيري جاري رهيس. ڪنهن سان به ساڳي ڳالهه هرگز نه ڪبي، هڪ وقت ٽن ماڻهن سان ٽي ڳالهيون ڪبيون. ڳالهه ڳالهه تي قسم کڻبو. جملي جملي ۾ گار ڏبي. ڪوڙ به اهڙو ته پير ڪوڙي هڻندو جو مرحوم قيصر لنڊ جو روح به ڪيس داد ڏيڻ کان رهي نه سگهندو.

محمد خان پيرزادو منهنجي ماءُ ۽ پيءُ جو مامو ٿئي، جنهن ڪري اسان ڪيس نانا چوندا آهيون. ننڍپڻ ۾ اسان ساٽس سوئر جي ٻچ تي هلڻ لاءِ ضد ڪندا هئاسين. ٻه چار گاريون ڏئي وٺي هلندو هو. آئون جڏهن ستن اٺن ورهين جو ٻالڪ هئس تڏهن نانا محمد خان سوئر جا ٻه ٻلهر ڌاريا هئا، جن جي ماءُ ڪتن جو کاڄ بڻجي وئي هئي ۽ هي رحم ڪري سوئر جي ٻچڙن کي گهر کڻي آيو هو. ٻلهر هري مِري ويا ۽ هڏڪارون پيا ڪندا هئا. سگبان جو سڀ سمجهي ڪتا انهن کي نه ڏاڙهيندا هئا. بابا کي ان ڳالهه تي سخت اعتراض هو. بابا پرپٺ ڳالهائيندو رهندو هو:

”مامو به بادشاهه آهي! صبح جو نماز لاءِ مسجد وڃان ٿو ته سوئر منهن ۾ پون ٿا. عبادت جو ثواب ته گهوريو، ويتر گناهگار ٿيڻو پوي ٿو.“ اها ڳالهه بابا سندس سامهون ڪڏهن به نه ڇئي.

هڪ ڏينهن بابا جا ڪجهه مداحي ۽ مولوي دوست اسان جي اوطاق تي آيا. انهن خدا جي مخلوق کي ڏسندي ئي ڪنڌ هيٺ ڪيو ته وري مٿي نه ڪيائون. بابا لڪڙي کڻي سوئرن کي تڙيو. مولوين ان وقت ڏنڊ ۾ ٻه رڪعتون نفل ادا ڪيون. مهمانن جي وڃڻ کان پوءِ بابا هن کي چيو:

”ماما! اڄ مولوي صاحب تنهنجي مِرُن جي ڪري ماني ئي نه پيا کائين. وڏا قسم وجهي کين ماني کارائي اٿم. مهرباني ڪري انهن کي گم ڪر.“ پوءِ نانا محمد خان اهي سوئر پنهنجي هڪ خفتي دوست کي ڏئي آيو، جنهن جو مونکي ڏاڍو افسوس ۽ ارمان ٿيو هو.

محمد خان ماهر پيراڊو آهي. اسان جي تر ۾ پوليس، چورن ۽ پيراڊن جي ٽياڪڙي ٺهيل آهي. پيراڊا پير سڃاڻي ڪوشش ڪري چوري موٽرائي ڏيندا آهن پر وس پڄندي چور جو نالو نه کڻندا آهن. هي يار به ان سسٽم جو حصو آهي، ان ڪري اسان سمجهندا هئاسين ته هن کي پيرن بابت ڪا به ڄاڻ ڪانهي پر هڪ ڏينهن مونکي سندس انهيءَ صلاحيت جو معترف ٿيڻو پيو. ٿيو هيئن جو پير بخش پيرزادي جي گهر مان بندوق چوري ٿي وئي. بندوق گهر جي هڪ ڪمري اندر پٽ سان ٽنگيل هئي، جنهن تي چڙهي چور بندوق لاهي کڻي ويا. ڪمري ۾ پڪو فرش ٺيل هو، ان ڪري چور جا پير ظاهر نه ٿيا پر جڏهن چور ٽيبل تي چڙهيو ، جنهن تي تيل هاريل هو، جنهن ڪري هن جي پٻ جي گسي جو نشان ظاهر ٿي پيو. ڌٽين کي واردات جي خبر پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ پئي جو سمورا گهر ڀاتي ڪراچيءَ ۾ هئا ۽ سندن جاءِ بند پئي هئي. همراهن محمد خان کي پير ڏيکاريو. هن نه پهه هڪ نوجوان جو نالو ڪنيو. پوءِ واقعي اها بندوق ان همراهه وٽان ئي ملي. مان سمجهان ٿو ته پيراڊا سچا ٿين ته چوري ڳولڻ ڪو مسئلو ئي

ناهي پر همراهن کي اڳ پٽ ڏسٽي پوي تي ۽ اهي بہ سر بچائڻ جي سنت تي عمل ڪندا رهندا آهن. هڪ دفعي مون ڪانئس پڇيو:

”نانا، سدائين ٻين چورن کي مارايئي، ڪڏهن پاڻ بہ مار کاڌئي؟“

ٻڌايائين تہ ”مان ۽ واحدو آگرو ڪنڊياري مان ڪورٽ جي حاضري ڪائي واپس اچي رهيا هئاسين. جيئن ئي بچاءُ بند ڪان هيٺ لٿاسين تہ اسان کي هڪ گابو ڏسڻ ۾ آيو. اسان اچا گابي کي پڪڙيو ئي مس تہ هڪ همراهہ اسان سان جنبوتجي ويو. هن واحدو کي اهڙيون منهن تي لپاٽون هنيون جو سندس نڪ مان رت وهي پيو. مون پاڳئي کي ڏنڊو وهائي ڪڍيو . پوءِ کيس پڪڙي چيم تہ تون اهو گابو پڪڙي ڏيکار تہ توکي ڀڪري ڏيندس. تون اڄايو اسان سان وڙهيو آهين ۽ اسان بہ توکي ڌڪ هنيو آهي. همراهہ ٿهي پنهنجي گهر روانو ٿيو ۽ اسان بہ پنڌ ڇڪيو. ٿورو پنڌ مس ڪيوسين تہ پنيان هڪلون ٿيون ۽ اسان پيرن تي زور رکيو. واحدو منهنجي اڳيان هو. ٿورو اڳتي هلي واپس مون ڏانهن موٽ کاڌائين ۽ ٻڌايائين تہ آڏو بہ ماڻهو بيٺا آهن ۽ اسان گهيري ۾ آهيون. اسان اتي ئي هڪ لئي جي اوٽ ۾ ويهي رهياسين. اوچتو منهنجي نظر هڪ پوڙهي تي پئي، جنهن جي هڪ هٿ ۾ڪارتوسي پستول هو ۽ هو اسان جا پير ڏسندو اچي اسان جي مٿان بيٺو هو. مون ڇال ڏئي هن کي ڪيرائي وڌو ۽ سندس هٿ مان پستول ڪري پيو، جيڪو ڪٽي سامهون بيٺل همراهن کي هڪل ڪيم تہ رستو ڇڏيو نہ تہ مري ويندو.مان هوائي فائر ڪرڻ وارو هيس جو ”ايئن نہ ڪر“ چئي واحدو مونکي چنگهن کان وٺي ڪيرائي وڌو. ايتري ۾ پاڳيا بہ پهچي ويا، جن في الحال تہ ٻنهي کي ٺاهوڪي مار ڏني. پوءِ واحدوءَ کي ڇڏي مونکي ڏنڊا هٽي رتو واهہ ڪري هٿ ڪيايئون. هفتي ڪن ڪانپوءِ مان سندن جوءِ مان وڃير ٻڌي آيس. ساڳيا همراهہ پيرا ڪٽندا اچي اسان جي اوطاق تي پهتا. اڪن ساڻن حال احوال ڪندي چيو تہ اسان جو اوهان ڏانهن حساب ڪتاب آهي. اوهان بي گناهہ اسان جي مامي سان وڙهيا آهيو، جنهن تي هُنن چيو تہ: ”ٻنهي ڌرين ڪان اٽڃاٽائيءَ ۾ اهو سڀ ٿيو آهي. هن مهل تائين جيڪو اسان ڪيو اهو اسان کي ڀَيو ۽ جيڪو توهان ڪيو اهو توهان کي ڀَيو. هاڻ ناهہ ڪيون.“ اڪن جيسين جواب ڏئي، مون چيو: چڱو ادا هاٽي ناهہ آهي.“

محمد خان پنهنجي ابي امڙ جي موت تي بہ ايترو نہ رنو هوندو جيترو پنهنجي لوڌ جي ڪتن مرڻ تي روئيندو آهي. هڪ ڪتي جو تہ ڃڻ تڏو ڪيائين. آسپاس جا سمورا شوقين ساٿس ڪتي جي موت تي افسوس ڪرڻ آيا.

واقعي ڪتا وفادار ٿيندا آهن. هڪ سال ٻوڏ ڪانپوءِ ڪچي ۾ اسان جي گهرن ۾ هڪ ازدها آيو جيڪو 8 فوٽ ڊگهو ۽ هڪ فوٽ موڪرو هو. محمد خان جي ڪتن ان سان مقابلو ڪيو، ڪتا تہ ڪلاڪ جي اندر مري ويا پر ڪتن بہ بلا کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ اسان جي ويڙهي جي عورتن ان کي ڏنڊا هٽي ماريو. جيڪڏهن ڪتا ان سان مقابلو نہ ڪن ها تہ اها بلا ضرور ڪنهن نہ ڪنهن انسان کي اجل ڏئي ها. انهن ڪتن جي موت تي اسان جو پورو ويڙهو رنو هو.

محمد خان پيرزادو اچي ستر ورهين کي پهتو آهي تہ بہ ساڳي ڪار اٿس. اڄ بہ روزانو 10 ڪلوميٽر پنڌ ڪري ٿو. توڙي جو شگر جو مريض آهي، تڏهن بہ سانوٽيءَ جو درياهہ پلاسٽڪ جي دٻي تي تري پار ڪندو آهي. اڄ بہ ڪتن جي لوڌ اٿس. اوهان ساٿس ڀائپي ختم ڪرڻ چاهيو تہ هن کان رڳو ڪتي جي گُهر ڪري ڏسو.

# عبدالڪريم عدلو ممٽاڻي

## ڏاڙيلن ۽ پوليس جو دشمن

عبدالڪريم عرف عدلو ممٽاڻي 1942ع ۾ موهن جي دڙي پرسان فتي جي پاڙ ۾ پيدا ٿيو، جيڪو سندس پيءُ جي نالي تي آهي. جوانيءَ ۾ ملھ جو سٺو رانديگر هو. چور به ناهوڪو هو. درياھ جو به شاھ تارو هو. اها مهارت پاروتڻ ۾ ئي ان وقت حاصل ڪري ورتي هئائين جڏهن 1950ع ڌاري ٻلهڙيجي ڳوٺ جي مسلم اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺو پر استاد جي مار ڪان اسڪول مان ڀڄي نڪتو. سڄو اسڪول ڪڍ لڳس پر هن ڪنهن کي به پچڻ نه ڏنو ۽ درياھ ۾ ٽپو ڏئي گهڙي پيو. ان ڪان پوءِ وري اسڪول جو منهن نه ڏٺائين.

توڙي جو عبدالڪريم ممٽاڻي ٺپ اڻ پڙهيل هو پر گفتي جو گوهر هو. ان ڪري سندس دوستن جو دائرو وسيع هو، جن ۾ ڪامورا به شامل هئا ته وڏيرا به، چور به هئا ته ساڌ ۽ سگهڙ به شامل هئا.

اصل ڪچهريءَ جو مور هو. ڪيس سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين جو وڏو ذخيرو ياد هو جيڪي موقعي جي مناسبت سان ٺهڪائيندو رهندو هو. ڪچهريءَ ۾ تمثيل مطابق قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائي وٺندو هو. گهڻو پوءِ جڏهن مون مولانا روميءَ جي مثنويءَ جا ترجما پڙهيا ته خبر پئي ته انهن مان ڪجھ حڪايتون روميءَ جون به هيون. سگهڙن سان ڪچهريون به ڪندو آيو. ڏور ۽ ڳجهارتون به ڏيندو رهيو. هُو تمام سٺو بئنسري نواز به هو ته ڪڏهن ڪڏهن الغوزو به وڄائيندو هو ۽ بنا سازن جي جهونگاري به وٺندو هو. سر ڪوهياريءَ مان شاھ سائينءَ جي وائي "منهنجو مالڪ تون، تون ئي تون، ٻيو ور ڪنديس ڪين ڪي..." اڪثر جهونگاريندو رهندو هو.

وڏيرڪو راڄ هو، ڪچي جو علائقو هو، جتي ڏاڍو ئي گابو هوندو آهي. سنڌن ذات جا ڪجھ ماڻهو علائقي جي ڊنگ وڏيرن جا ڪمدار هئا، جيڪي تر جي غريبن لاءِ خدائي آزار بڻيل هئا. اهي سلام نه ڪريندڙ ماڻهوءَ کي پڪڙي، ماري ڪٽي "ڳُڏ" ڪٽي ويندا هئا، جتي ڪين وڏيرن ڪان مارائي پوءِ پوليس حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. پوليس ڪين 110-109 ۽ سنڌ ڪرائيم ڪنٽرول هيٺ چالان ڪري جيل اماڻي ڇڏيندي هئي.

عبدالڪريم کي به ڪيترائي ڀيرا پڪڙي اڌ مئو ڪري پوليس حوالي ڪيو ويو پر هُن به ساڻن گهٽ نه ڪئي. ساڻن اهڙو جهيڙو جوٽيو جو اصل ٽين ڪڙڪائي ڇڏيا. هي همراھ جيئڻ ته طاقت ۽ مال ملڪيت ۾ گهٽ هو، ان ڪري هن ويڙھ جو سائنسي طريقو "گوريلا وار فيئر" اختيار ڪيو.

عدلو ممٽائي ڏڪڻ سنڌ لڏي ويندو هو، ٽن چئن مهينن ڪان پوءِ اچي ڪچي ۾ ڪڙڪندو هو ۽ پنهنجي مدعين جا متا ڦاڙي سندن مال ڪاهي سنڌوءَ ذريعي اچي سيوهڻ ڪان نڪرندو هو. هن جيل مان گهڻو ڪجھ سکيو. ٿورو گهڻو پڙهڻ لکڻ به جيل ۾ سکيو ته قرآن شريف به جيل ۾ پڙهيو. ڪيس زندگيءَ جو وڏو تجربو هو. درياھ جو به اهڙو تارو هو، جو سڄي علائقي ۾ ڪيس ڦاڙهو سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ جو سيني جانورن ۾ ڦاڙهو شاھ تارو آهي، جيڪو نڪ سامهون درياھ ترندو آهي.

عبدالڪريم ممٽاڻي جو پنهنجي ذات وارن سان چوٽان چوٽ جهيڙو هوندو هو. هي اڪيلو مڙس هو جڏهن ته سندس مخالفن جو انگ سرس هو. هي ڪين هٿ ايندو هو ته اهي ڪيس ڏنبا هٽي ڪيرائي وڃهندا هئا ۽ هفتن جا هفتا مڙس کي ٻڌي ڇڏيندا هئا. ان ڪري هن گوريلا ويڙھ وارو طريقو اختيار ڪيو: ڌڪ هڻو ۽ جُوءِ ڇڏيو. هي هالا، نصرپور ۽ ٽيٽ شاھ وڃي مهينن جا مهينا رهي پوندو هو ۽ اتان ماڻهو وٺي مائٽن تي ڪاھ ڪندو هو ۽ سندن

پنجاھ سٺ مينھون درياھ ۾ لوڙھي ويندو ھو تہ پنج ست مڙس بہ ڏکي ويندو ھو. اھڙي قسم جون پنج ڇھ ڪامياب واداتون ڪيائين. ڪيترائي ڀيرا جيل ويو، پوليس جون مارون کاڌائين. جيل ۾ گھڻو تجربو حاصل ٿيس. ھن جي ڪچهريءَ ۾ لوڪ ادب جي وڏي معلومات ملندي ھئي. ھي ڳجھارتون بہ ڏيندو ھو تہ پڇندو بہ ھو. قصا، نظير ۽ حڪايتون بہ بيان ڪندو ھو، جيڪي ھن جيل ۾ سکيون ھيون. ڳالھائڻ جو وڏو فن ھئس. ڪچهريءَ ۾ سيني تي حاوي ٿي ويندو ھو. آواز بہ سٺو ۽ وڏو ھئس. ڪڏھن ڪڏھن جھونگاريندو بہ ھو. شاھ جون بہ چار وايون ڏادي وڻندڙ انداز ۾ ٻڌائيندو ھو، البت ڪڏھن ڪڏھن پيرن فقيرن جون ڪرامتون بيان ڪندي پنھنجون ڪرامتون بہ ٻڌائي ويندو ھو، جنھن تي سندس ذات وارا ڪجھ ماڻھو طنز ۾ ڪيس واصل با الله سڏيندا ھئا.

عدلو ممڻاڻي جھنگ ۾ وڇي تتر جي ھولي ڪندو ھو تہ تترن جا ننڍڙا ٻچا سندس پويان ڀڄندا ايندا ھئا ۽ ھو انھن کي پڪڙي وٺندو ھو. اھا خبر مونکي تڏھن پئي جڏھن مون ٻاراڻيءَ ۾ ڪيس تتر جا ٻچا وٺي ڏيڻ جو انگل ڪيو ۽ ھن اتي ئي ھولي ڪئي ۽ مون کي تتر جا پنج ٻچا پڪڙي ڏنا.

90ع واري ڏھاڪي جي شروعات ۾ اسان جي علائقي تي ڌاڙيلن جو ڄڻ تہ قبضو ھو. شروع ۾ اھي اُتان جي مقامي ماڻھن سان بھتر رويو رکندا آيا، سندن عزت ۽ مال جو بہ تحفظ ڪندا رھيا پر آھستي آھستي انھن مقامي ماڻھن کي تپائي ڏنو. ماڪي لاھيندڙ کي بہ مار تہ ڪاٺي ڪلي ڪندڙ کي بہ ڪٽڪو. اھڙين ڳالھين عدلو ممڻاڻيءَ کي ھڪ دفعو ٻيھر باغي بڻائي ڇڏيو. نہ تہ ھن ڪان اڳ ھو پاڻ ڪيترائي ڀيرا سندن ڪري جيل ڪاٽي آيو ھو ۽ پوليس ۽ فوج جون مارون سَٺيون ھئائين.

عبدالڪريم ممڻاڻي پنھنجي ذات جي نوجوانن کي ڌاڙيلن سان جھيڙو جوٽڻ جي مت ڏني ۽ ڌاڙيلن سان وڙھڻ جي پلاننگ ڪئي. ھن جي پلاننگ تحت جھيڙو ٿئي ھا تہ سڄو ٽولي جو ٽولو ناس ٿي وڃي ھا پر ھمراھن جي اُبھرائپ جي ڪري فقط بہ ڌاڙيل ماريا ويا، جن جي پلاند ۾ 1995ع ۾ ڌاڙيلن ممڻاڻين جي ڳوٺ تي ھلان ڪري 13 ماڻھو ماري وڌا، پر پوءِ علائقي ۾ ٿاپر اچي وئي. عبدالڪريم جي ئي ڪوشش سان مارجي ويل ماڻھن جي وارثن کي معاوضو مليو ۽ سندن ڪيترائي نوجوان پوليس ۾ ڪنيا ويا.

عبدالڪريم ممڻاڻيءَ بہ شاديون ڪيون جن مان ڪيس ڇھ پٽ ۽ ڇھ ڌيئر آھن. ھن پنھنجي پٽن کي پڙھائڻ لاءِ ڪوٽڙيءَ ۾ وڃي پورھيو ڪيو. ريڙھي تي سبزي کپائي، ھوڪا ڏنا. نتيجي ۾ پنھنجي پٽن کي نہ رڳو پڙھائڻ ۾ ڪامياب ٿيو پر ھو ڪين ڪچي واري ماحول مان بہ ڪڍي ويو.

عمر جي آخري حصي ۾ ھو ڳلي جي ڪئنسر ۾ ورتجي ويو، جنھن ڪري سندس آواز گھگھو ٿي ويو ھو. عبدالڪريم پنھنجي پوري حياتي غربت ۾ گذاري پر پنھنجا اصول نہ ڇڏيا. اڄ سندس پٽ مڇي مانيءَ وارا آھن پر سندن اصول پسند پيءَ اھا خوشحالي ڏسڻ ڪان اڳ پوءِ پيڙو ٿي چڪو ھو.

# ابراهيم عرف ابو ممٽاڻي

### ڪچي جي سچن ڏورن جو ڏٽي

ابو ممٽاڻي موهن دڙي جي بلڪل سامهون درياهه پار ڪچي جو وينل هو. تر جو وڏي ۾ وڏو ياڳيو هو. ڪيس مينهن ۽ ڍڳين جا سوين ڍور هئا، جيڪي ٻيلي ۾ چيڪ چرندا رهندا هئا. ان وقت اجا ڪير ڪپائڻ جو رواج نه هو پر هي هر هفتي سچي ڳيهه جا ٽين پري ڪپائڻ لاءِ لاڙڪاڻي ڪٽي ويندو هو. پئسا ڳڻڻ به نه ايندا هئس. جيئن شڪارپور جو عظيم ويدانتي شاعر ڀائي چين راءِ سامي پنهنجا سلوڪ لکندو، مٽَ ۾ وجهندو ويندو هو، تيئن هي به پنهنجا پئسا هڪ وڏي گهاگهر ۾ وجهندو رهندو هو . ڏوڪڙ ڪپائڻ سکيو ئي نه هو. ابو ممٽاڻيءَ کي سوين ڍور هئا تڏهن به جهنگ ۾ ڪو سچو ڍور هٿ ايندو هئس ته ان کي ڪاهي پنهنجو ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو هو. ڪچي جي علائقي ۾ ڪيترائي غريب ماڻهو مال ٻجهڻ تي پلو سونهارو گهمائيندا هئا، پوءِ ڪو چور شناس وارو هوندو هو ته اهو قرآن شريف تي واپس ڪري ڇڏيندو هو. ڪجهه چور ته اهڙا به هوندا هئا، جيڪي چوري ئي ان ياڳئي جي ڪندا هئا، جيڪو قرآن شريف گهمائي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ پلاند ڪرڻ يا جهيڙي ڪرڻ جي طاقت نه هوندي هئي. ابراهيم عرف ابو ممٽاڻيءَ جو به جڏهن ڍور چوري ٿيندو هو، ته پلو سونهارو ڪٽي نڪري پوندو هو. قرآن شريف مٿي تي هوندو هئس پر ڪو سچو ڍور ڏسندو هو ته وڃي رسو وجهندو هئس. جڏهن جهنگ مان واپس ورندو هو ته ماڻهو پڇندا هئس ته ڪين چوندو هو، ”يار سڳ ۾ اهو مليو آهي.“ اهڙي نموني هڪ ڍور جي عيوض چار ڍور ٻڌي وٺندو هو. اها ڪرت عمر جي آخري ڏينهن تائين جاري رکيائين.

هن گلڻ ممٽاڻيءَ جي نياٽيءَ سان شادي ڪئي. شاباس آهي سندس ونيءَ کي، جنهن اهڙي ماڻهوءَ سان زندگي گذاري. گلڻ جا پٽ ڪچو ڇڏي ڪراچيءَ لڏي ويا، جتي ڪجهه وقت اخبارن ۾ به ڪم ڪيائون. علي نواز ٻگهئي پنهنجي اخبار به جاري ڪئي. انهن جو ابراهيم سان ساٿ هوندو هو. هي ته ڪچي مان ٻاهر نه نڪرندو هو پر سندس ڪيسن جي پوئيواري سندس اهي سالا ڪندا رهندا هئا.

جڏهن اڪيلو هو ته قرآن شريف جو سهارو وٺي چوريون ڪندو هو پر جڏهن پٽ جوان ٿيس، تڏهن قرآن پاڪ مٿي تي ڪٽڻ ڪانسواءِ اوڙي پاڙي جو مال ٻڌڻ لڳا. اهڙي ئي نموني هڪ دفعي ڪلهوڙن جي ٻڪري ٻڌيون پئي ويا، جو سندس ٻئي نمبر پٽ پلوءَ کي ياڳين پڪڙي ٻڌي ڇڏيو. ان کي ڇڏائڻ لاءِ سندس وڏو پٽ عطر بندوق ڪٽي ويو، خدا جي قدرت جو ٻڌل همراهه ته بچي ويو پر ڪيس ڇڏائڻ لاءِ ايندڙ عطر مارجي ويو. پوءِ ڪلهوڙن جي پاڻ ۾ دشمني ٿي، ان دشمنيءَ جو فائدو وٺندي هنن هڪ ڪلهوڙو ماري وڌو. نيٺ ڪلهوڙن سان قرآن پاڪ تي ناهه ڪيائون. ڊاڙيلن مان جان ڇڏائڻ جي آڙ ۾ پاڪستاني فوج ٻيلا وڍڻ شروع ڪيا، جنهن جو فائدو وٺندي ٻيلا وڍي زمين ناهي ويا. سندس سڀ پٽ ڏم چوري ڪرڻ لڳا، هاڻ جيڪڏهن ڪو ياڳئو پلو سونهارو ڪٽي وٺن ويندو هو ته ابو ممٽاڻي ان ڪان قرآن شريف وٺي چُمي پوءِ ان ياڳئي کي اچي لنئين سان وٺندو هو.

پوليو ۽ ٻين بيمارين کان بچاءَ لاءِ صحت کاتي جا ڪارڪن جڏهن ٻارن کي ٽڪا هڻڻ لاءِ ويندا هئا ته انهن جي به سٺي مرمت ڪندو هو: چي، ”اوهان اسان جي ٻارن کي زهر پيارڻ آيا آهيو.“

هڪ دفعي سندس پٽن قرآن شريف جي ختم لاءِ ٽر جي حافظن کي سڏايو، جيڪي ڪجھ سيپارا تہ گھران پڙهي آيا هئا، باقي رهيل سيپارا پڙهي جڏهن ڪانئن ڇيلي جي گھر ڪيائون تہ ابراهيم مٽن مچرجي پيو ۽ لٺ کڻي ٻن ٽن حافظ سڳورن جا پنا چاڙهي ڇڏيائين. پوءِ تہ پٽن بہ ڪيس اهڙيون ئي لنيون هيون.

ابراهيم عرف ابو ممٽاڻي درياهہ ڪنڌيءَ جو ويٺل هو. سڄي عمر درياهہ سان مقابلا ڪندي گذري هئس. 2010ع واري مهاٻوڏ ۾ بہ هي درياهہ ترندو رهيو. صفائي نہ ڪرڻ ڪري هن کي خارش جي بيماري ٿي وئي هئي پر علاج صفا نہ ڪرايائين.

2011ع جي معمولي ٻوڏ ۾ درياهہ تري ٻلهڙيجي آيو ۽ پنهنجو ڪم ڪار ڇڏائي وري وڃي سنڌوءَ ۾ گھڙيو. سڄي ڄمار سنڌوءَ سان مقابلا ڪندڙ ابو ممٽاڻي 70ورهين جي ڄمار ۾ دادلي درياهہ جي سٽ نہ سهي سگھيو ۽ سنڌوءَ جو پاٽي ڪيس لوڙهي ويو. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ سندس لاش هٿ آيو. سندس پٽن پهريان تہ ملاحن کي داٻا ڏيڻ شروع ڪيا تہ اوهان اسان جي پيءُ کي ٻيڙيءَ تي نہ چاڙهيو، ان ڪري ٻڏي ويو پر پوءِ هنن کي بہ ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي.

# استاد ربنواز چنو

## ملھ پھلوان، قصاگو ۽ اوطاقي ماڻس

استاد ربنواز عرف ربن چنو آسڻ اجهائي وچي پوڻ ۾ پيڙو ٿيو. هو پهرئين جوڙ جي ملھ پهلوان هئڻ سان گڏ لوڪ ادب جو عاشق، قصا گو، سنڌ جي ريتن رسمن سان محبت ڪندڙ ۽ ماهر نشاني باز هو. استاد گفتار، لباس توڙي ڪردار ۾ سراسر سنڌي هو. هو انهن انسانن منجهان هو جيڪي پيار ۽ پاپوھ مان اوطاقن ۽ اوتارن ۾ رس رهاڻيون ۽ قرب ڪچهريون قائم ڪري محبتي ميڙي وٺندا آهن ۽ جڏهن پرانهين پار اسهندا آهن ته هر ڪنهن کي آتڻ اجهاڻل محسوس ٿيندو آهي.

اڄ نه اوطاقن ۾ سنڌي جوڳين جوڙ
ساري سنياسين کي، ڪامي ٽيس ڪوڙ
من جنين سين موڙ، سي لاهوتي لڏي ويا.

اوطاقن جي اهڙين محلفن ۾ سنڌ پنهنجي جوبن ۽ جمال سان نکري نروار ٿي بيهندي آهي. انهن ڪچهرين ۾ سنڌ جي ڪلچر جا مختلف رنگ نظر ايندا آهن. جتي ڳجهارت، ڏٺ ۽ پرولي به ملندي ته پيار ۽ پريت جا قصا ۽ ڪهاڻيون به بيان ٿينديون آهن. چنگ، بين، بوڙينڊي، بانسري ۽ مرليءَ جا مڌر سُر به ڪن پوندا آهن ته صوفين جون سرمستيءَ سان ڀريل ڪافيون ۽ ڪلام به ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. اهڙين اوطاقن ۾ استاد ربن جي عمر گذري هئي. اها انهن اوطاقي، صالح ۽ سڄاڻ انسانن جي تربيت هئي جو ٽپ اڻپڙهيل استاد ربن جڏهن ڪنهن به مسئلي ۽ موضوع تي ڳالهائيندو هو ته دانشور به دنگ رهجي ويندا هئا.

ملھ پهلوان هئڻ ڪري استاد ربنواز چني کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمڻ جو ته موقعو مليو پر هو سرائيڪي وسيب ۽ بلوچستان تان به پيرا ڪندو رهيو. هن روايتي ملھ پهلوانن وانگر چلولايون ڪندي وقت نه گذاريو پر هر هنڌ تان، ڪٿان ماسو ته ڪٿان تولو ميڙي پنهنجي سيني ۾ لوڪ ادب جو خزانو سانڍيو هو. استاد ربن چنو اهڙين محفلن ۾ مومل راڻو، سسئي پنهون، هير رانجهو، ليلان چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ، عمر مارئي ۽ دودي چنيسر سميت ڪيترائي قصا ڪٿندو هو ته رات وهامي ويندي هئي. هر قصي ۽ موقعي جي مناسبت سان شاھ سائين، سانوڻ فقير، حمل فقير، حفيظ تيوڻي ۽ ٻين سگهڙن ۽ شاعرن جا بيت به پڙهندو ويندو هو.

استاد ربنواز چنو 1946ع ڌاري خيرپور ضلعي جي ڪچي واري علائقي ۾ پنهنجي پيءُ جي نالي تي قائم ڪيل ڳوٺ "ولڻ جا پاڙ" ۾ پيدا ٿيو. اهو ڳوٺ سڳين ۽ موهن دڙي جي وچ تي سنڌوءَ جي ڪاپي ڪپ تي محمود چنا ٽاٽي جي پرسان هو، جتان هو 1980ع ۾ لڏي درياھ جي ساڄي پر تي مهين جي دڙي جي پيرانديءَ کان ڳوٺ پليڏنو بهڻ ۾ اچي ويٺو. سندس والد ولڻ چنو تر جي مشهور ياڳئي ۽ ملھ پهلوان سان گڏ مشهور شاعر ۽ راٽيپور جي بزرگ سيد ابو صالح شاھ جو خليفو به هو. استاد 14 ورهين جي عمر کان ملھ وڙهڻ شروع ڪئي. ملھ اها واحد راند آهي جيڪا سرڪاري سرپرستي نه هجڻ باوجود ترقي ڪندي رهي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته سنڌ جي عوام بک ڏک تي رهندي به هن راند کي بچايو آهي. ان دور ۾ اسان جي تر ۾ ٿيندڙ شادين جي ڪاڄن توڙي خيراتن ۾ ملاڪڙو ٿيندو هو، جنهن ۾ سڄي تر جا پهلوان حصو وٺندا هئا. استاد ربن شروعات ۾ اهڙن مقابلن ۾ حصو ورتو ۽ پوءِ سنڌ جي تمام سريلي پهلوان استاد غلام قادر لغاريءَ کان ڏاڳو ٻڌرائي ان جي شاگرديءَ ۾ آيو. جيئن ته همراھ

روايتي ملھ پھلوانن وانگر سماجي برائين جو شڪار نہ ھو. جنھن ۾ نشو، جوا وغيره شامل ھوندا آھن. تنھن ڪري ھن سچو ڏيان پنھنجي صحت ۽ فن تي ڏنو. ان ڪري ھو ٻئي جوڙ جو اھڙو پھلوان ٿي اڀريو، جنھن جو سندرو جھلڻ ئي ملھن لاءِ مسئلو ٿي پيو.

مون کي مرحوم مولابخش ڏھر ھڪ دفعي ٻڌايو ھو تہ ”اسان جڏھن سرائيڪي وسيب جي علائقن ۾ ملاڪڙن تي ويندا ھئاسين تہ ڪوشش ڪري ربن کي ضرور ساڻ ڪٽندا ھئاسين، ڇو جو ان وقت سرائيڪي پھلوان چوندا ھئا تہ ”ماني مک نال، ملھ ڏک نال“ تنھن ڪري اسان کي ڪاريگرن کان وڌيڪ اھڙن ٿلھن متارن پھلوانن جي ضرورت ھئي جيڪي پنجابين جي سندري جي ڇڪ بہ برداشت ڪري سگھن ۽ ڏک بہ پچائي وڃن.“

سچي دنيا ۾ ملھ راند ٿوري گھڻي فرق سان اڄ بہ موجود آھي پر سنڌ واري ملھ ٻين جي ڀيٽ ۾ باقاعدي آرٽ ۽ ماھراڻي وندر آھي، جنھن ۾ سندرا ٻڌي ملھن کي مضبوط ھٿ وجھرائي مقابلو ڪرايو ويندو آھي. سندري ڇڪڻ تان مون کي ياد آيو تہ جڏھن دادو ضلعي جي مشھور پھلوان علي نواز ڍڪڻ جو مرحوم غلام سرور جتوئي سندرو ڀريو تہ ڍڪڻ جھڙو پھلوان پيرن تي بيھي نہ سگھيو ۽ ھن ان ئي ڏينھن رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو. ننڍي قد جا علي نواز ۽ منير ڍڪڻ اھڙا تہ جادوگر پھلوان ھئا جيڪي ڪاريگريءَ سان اجگر جيڏن پھلوانن کي دسڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا ھئا. ملھ ۾ حرفت سان گڏ طاقتور ھجڻ بہ ضروري آھي.

استاد ربنواز چني ھونئن تہ شاھ سائين، قلندر لال شھباز، سچل سرمست، سمن شاھ ۽ ٻين ميلن ۾ ملھ جا جوھر ڏيکاريندي ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون حاصل ڪيون پر سنڌس يادگار ملاڪڙو بھاولپور ۾ ٿيو، جتي پھرئين جوڙ جي پھلوانن رستمِ سنڌ سيد شمن شاھ، غلام سرور جتوئي، بکر شيدي، جان محمد صابري ۽ قمبر حاجاڻي جھڙا پھلوان مارجي ويا. فقط استاد ربنواز چنو ئي اھڙو پھلوان ھو جيڪو چئن سرائيڪي پھلوانن کي ماري فائنل ۾ پھتو ھو. فائنل ۾ ھن جو مقابلو پھلوان بشير احمد ڏانڌي سان ٿي رھيو ھو. بشير ڏانڌو ھر لحاظ کان استاد ربنواز کان زبرو ھو ۽ ھو سيد شمن شاھ ۽ سرور جتوئيءَ جھڙن پھلوانن کي وارا ڪري ماري چڪو ھو. ان ڪري سنڌ واسي سوني ٻلي جي اميد لاھي ويٺا ھئا. بس ھٿ پوڻ جي دير ھئي. استاد ربن ٻنھي ملھن ۾ ساڳيو ئي وارو ڪري بشير ڏانڌي کي سوگھو ڪري، منڍي منڍيءَ سان ملائي اھڙي تہ ڇٽ ڏني جو نعرا لڳي ويا. ايئن سنڌ جا پھلوان بھاولپور مان سونو ٻلو ماٽي سرخرو ٿي سنڌ وريا. استاد ربن ٻڌايو تہ ”مان بشير ڏانڌي جون ملھون ڏسي، چاڻي ورتو ھو تہ ھيءُ ئي وارو ڪيس ڪيرائي وجھندو.“

اڳوڻي ملھ پھلوان ۽ تمام وڏي شوقين وڏيري نواب خان ابڙي مرحوم جڏھن ٻلھڙيجيءَ جي سيد ملوڪ شاھ جي درگاھ تي 1982ع ۾ ملاڪڙا لڳرايا، تڏھن استاد ربنواز چنو جواني گھاري چڪو ھو. ان وقت ٻئي جوڙ جا تمام سٺا پھلوان ھوندا ھئا پر پھرئين جوڙ ۾ استاد ربن، استاد سومر ميربحر، استاد سومر مرڪنڊ ۽ ڪجھ ٻيا جھونا پھلوان ھوندا ھئا، جن جو وزن وڏي چڪو ھو. تڏھن مان سيد شمن شاھ جي استاد سومر مرڪنڊ جي ڪاميابيءَ لاءِ ڏٽي در ٻاڏائيندو ھيس، ڇاڪاڻ جو ملھ مارڻ ڪانپوءِ استاد سومر مرڪنڊ جسماني شاعري يعني ملھ پھلوانن جي پنھنجي انداز واري جُھمر جا اھڙا تہ جوھر ڏيکاريندو ھو جو واھ واھ ٿي ويندي ھئي. 60 ورھين جي ڄمار ۾ بہ ھن جو انگ انگ وڄ جيان وراڪا ڏيندو ھو پر چئن ملھن مان ڪا ھڪ ملھ استاد سومر مرڪنڊ کي ھٿ ايندي ھئي. اھڙي ئي ھڪ ميلي ۾ رستم سنڌ سيد شمن شاھ ٻلھڙيجي پھچي استاد ربن کي ملھ لاءِ للڪاريو. ان وقت سيد شمن شاھ جي ملھ ۾ اھا حيثيت ھئي جيڪا ڪنھن زماني ۾ باڪسر محمد علي ڪلي کي باڪسنگ ۾ حاصل ھئي. خبر پئي تہ سوپي ديري پرسان ھڪ ميلي ۾ استاد ربنواز، سيد شمن شاھ کي ملھ ماري ھئي، جنھن ڪري سيد صاحب ٻيا سمورا ملھ نظرانداز ڪري، استاد ربن سان پلاند لاءِ ڪيترن ئي ميلن ۾ ويو ۽ استاد ربن جي نہ ملڻ تي سندس پچائون ڪندي اسان جي ڳوٺ ٻلھڙيجي پھتو ھو. ھتي ھنن ٻنھي پھلوانن ۾ سخت مقابلو ٿيو. استاد ربن

پڪو ٿي ساڻس وڙهيو. توڙي جو هُئي ملهون سيد شمن شاهه استاد ربن کي ماري ويو، تنهن هوندي بہ سيد سڳوري جي دل نہ ٺري.

استاد ربنواز چنو"سنڌ ملهہ ايسوسيئيشن" جو بنيادي ميمبر ۽ 10 سال لاڙڪاڻي ضلعي جو صدر ٿي رهيو. سندس شاگردن ۾ علي حسن شيخ، غلام سرور چني، غلام سرور ٻھڻ، غلام حيدر چني، شفيع محمد چني، محمد سِهڙي ۽ سڪندر قريشي جهڙا پهلوان شامل آهن. استاد ربنواز ڪرڪيٽ راند جو بہ وڏو شوقين هو. 1999ع واري ڪرڪيٽ جي عالمي ڪپ جون ميچون ٽي وي تي ڏسندو هو پر عالمي ڪرڪيٽ جي فائنل ۾ پاڪستاني ٽيم جي ناقص ڪارڪردگي ڏسي ڪرڪيٽ ڏسڻ تان ارواح ئي کڄي ويس پر پوءِ بہ لوڪل رانديگرن جي راند ڏسڻ لاءِ ضرور ايندو هو ۽ انهن جي همٿ افزائي ڪندو هو.

استاد ربنواز چنو جوانيءَ ۾ پڪين جو بہ وڏو شڪاري ۽ ماهر توبچي هو. کيس دونالي بندوق هوندي هئي. جڏهن تہ ميلن ملاکڙن ۾ هاڪي هٿ ۾ ڪٽندو هو. عمر جا آخري بہ ورهيہ معذوريءَ ۾ گذاريائين. شگر جي مرض سبب سندس هڪ پير ڪٽيو ويو، جنهن ڪري سندس گهڻو وقت گهر ۾ رهڻ ٿيندو هو پر ميلن ملاکڙن ۾ مهمانن جي اچڻ ڪري ويل چيئر تي ٻاهر ايندو هو. اهو ئي منو سريلو آواز، ساڳيون قرب ڪچهريون، قصا ۽ ڪهاڻيون هونديون هيس. افسوس اهو آهي جو سندس قصا رڪارڊ ٿي نہ سگهيا ۽ ساڻس گڏ دفن ٿي ويا.

هن ڏک سک ۽ بيماري بڙيءَ ۾ دوستن مهربانن ۽ قدردانن جي پرگهور لهڻ ۾ ڪڏهن بہ وسان نہ گهٽايو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ناچاڪيءَ واري وقت ۾ کيس وساريو ويو.

استاد ربنواز چني 10 مئي 2013ع تي شام جو پساهہ پورا ڪيا ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو (11 مئي تي) جنهن وقت سندس مڙهہ کي لحد ۾ لاٿو پئي ويو تہ ان وقت قوم انهن ماڻهن کي چونڊڻ ۾ مصروف هئي جن پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي هيرن جهڙن ماڻهن لاءِ ڪجهہ بہ ناهي ڪيو. افسوس جو اخبارن هن گولڊ ميڊلسٽ جي لاڏاڻي جي سنگل ڪالم خبر بہ هلائڻ گوارا نہ ڪئي. ربنواز کي هڪ پٽ آهي، جنهن وٽ سندس سونو ٻلو محفوظ آهي، باقي شيلڊون ۽ ٽرافيون زنگجي ويون آهن. استاد ربن جي لاڏاڻي بعد اسان جي تر ۾ اوطاقي ڪچهرين جو باب هميشہ لاءِ بند ٿي ويو آهي.

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو

وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئرن جو.

(شاهہ)

# نواب خان ابڙو

## پاڻٺون ڏاڍن کي للڪاريندڙ پهلوان

نواب خان ابڙو ٻلهڙيجيءَ جي دلچسپ شخصيت هو. هن جي زندگيءَ جا کيترائي رنگ ۽ روپ هئا. هن کي سچي ڳوٺ نوابي رنگ ۾ به ڏٺو ته فقيري رنگ ۾ به ڏٺو. ڪڏهن ڪميتن تي سواري ڪندي ڏٺو ته ڪڏهن پيرين پنڌ هلندي به ڏٺو. ڪڏهن فقيرن سان مجلسون ڪندي ڏٺو ته ڪڏهن ڏاڍن مڙسن وانگر جهيڙا ڪندي به ڏٺو ته وري ڪڏهن رئلن ڪي پرچائيندي به ڏٺو. بلڪل سچل سائينءَ وانگر "آهي يار ته منهنجو هيئن، ڪنهن مهل ڪيئن ته ڪنهن مهل ڪيئن!" هيءَ اسان جي تر ۾ ملهه جو سٺو رانديگر هو پر هن پنهنجي اڌ وهيءَ ۾ ملهه پهلوانن جي سرپرستي به ڪرڻ شروع ڪئي. اسان جي تر ۾ ملهه راند جي ترقيءَ ۾ وڏيري نواب ابڙي جي خدمتن کي ڪڏهن به فراموش نٿو ڪري سگهجي.

نواب خان ابڙي ٻلهڙيجي ڳوٺ ۾ 1940ع ڌاري جنم ورتو. سندس والد وڏيرو خاڪو ابڙو ۽ چاچو عثمان ابڙو سڪيا ستابا هئا. هنن وٽ پنهنجو ڪير مکڻ به جام هو ته ٻني ٻارو به جهجهو هو. جيئن ته وڏيري عثمان ابڙي کي پٽاٽو اولاد نه هو، ان ڪري نواب ابڙو پنهنجي والد خاڪي کان وڌيڪ پنهنجي چاچي عثمان جو لاڏلو هو.

نواب ابڙو جوانيءَ ۾ ملهه پهلوان ٿيو. جيئن ته هيءُ قد جو پورو پنو هو ۽ جسم ۾ به سبر نه هو، تنهن هوندي به سندس ملهون اهڙيون ٽينديون هيون جو ٻانهينءَ ۾ هوڪرا پئجي ويندا هئا. هي اڪثر پاڻ کان ڏاڍي ملهه سان، للڪاري وڙهندو هو، جنهن ڪري ڪيس ڏڪ به ڪاڻا پئجي ويندا هئا. اهاڳالهه ساڻس عام زندگيءَ ۾ به لاڳو هئي، جو وچٽري واٽ وٺڻ جو قائل نه هو ۽ ٻن ڄڻن جي معاملي ۾ به ڌر بڻجي ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن جي حمايت ڪندو هو ته وڏي واڪ ڪندو هو ۽ جي ڪنهن جي مخالفت ڪندو هو ته به وڏي واڪ ڪندو هو، جنهن ڪري ڪيس ڪافي نقصان به ڪٽڻو پئجي ويندو هو.

وڏيرو نواب خان ابڙو ڪچهريءَ جو به مور ماڻهو هو. جيتوڻيڪ هيءُ ڳالهائڻ ۾ هبڪندو هو، تنهن هوندي به سندس اها هبڪ ڳالهه کي وڌيڪ حسناڪ بڻائي ڇڏيندي هئي. هيءُ اسان سان اڪثر پنهنجي ماضيءَ جا قصا بيان ڪندو هو. جڏهن هيءُ جوانيءَ ۾ ملهه وڙهندو هو، تڏهن هڪ دفعو خير محمد آريجا ۾ ملاکڙو وڙهڻ ويو ، جتي هڪ پهلوان سان سندس مقابلو ٿي رهيو هو ته تر جي بهترين پهلوان چنيسر ماڇيءَ کيس هڪ داءُ ڪرڻ جو ڏس ڏنو. هن ان ئي مهل چنيسر کي چيو: توکي ملهه جي کهڙي خبر، تون وڃي مڇي ڪپاءِ!" ان تي چنيسر کيس ملهه وڙهڻ جي لاءِ للڪاريو، جنهن ڪري هن کي ساڻس ملهه وڙهڻي پئجي وئي.چنيسر هن لف جهڙي پهلوان کي سندري ۾ ئي سُڪ ڪري، جانٺا هٽي ڪٽي مٽي پر دسيو. ڏک ڏيڻ کانپوءِ چنيسر چيس: "هاڻي مڇي ڪير ڪپائي؟" هيءُ کيس جهٽڪو ڏئي اٿيو ۽ ڪپڙا پائي نانگي آريجي جي اوطاق تي پهتو. نانگو آريجو چرچائي مڙس هو. هن وڏيري نواب ابڙي کي ڏسندي چيو: "چوندا آهن ته مهمان پنهنجو رزق پاڻ سان کنيو ايندو آهي ۽ هي ته .... لوڏيندو پهتو آهي." نواب خان ابڙو جيڪو ملاکڙي کان وٺي دئونس ۾ هو، سو نانگي جو اهو چرچو سهي نه سگهيو ۽ کاوڙ ۾ خيرمحمد آريجي کان پنڌ هلي ٻلهڙيجي اچي پهتو، جيڪو ڳهٽ ۾ ڳهٽ سورهن ڪلوميٽرن جو فاصلو آهي.

پنهنجي والدين جو دادلو ٻار هئڻ سبب جوانيءَ ۾ هن ڳهٽو ڪجهه وڃايو به، جنهن جو سبب هن جو هوڏ ۽ ضد هو. 1980ع ۾ وڏيري نواب خان پنهنجي ڳوٺ ۾ هر اتين ڏينهن ملاکڙو ڪرائڻ شروع ڪرايو، جنهن ۾ اول ته ڳوٺ جا ڇوڪرا ملهه وڙهندا هئا. پوءِ آهستي آهستي ان ملاکڙي ۾ وڏا پهلوان به شريڪ ٿيڻ لڳا. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي

اهو ملاکڙو سچي تر جي هفتيوار تفريح بڻجي ويو. اهڙي نموني پوءِ هن سيد ملوڪ شاهه جو ميلو به لڳرائڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ مزو رڳو ملهه جي ڪري ئي هوندو هو. ڇاڪاڻ جو هيءُ پاڻ به ملهه هو ۽ ان دور ۾ ”سنڌ ملهه ايسوسيئيشن“ اهو طئي ڪيو هو ته ”ملهه ۾ سرسي رڳو ان پهلوان جي ٿيندي جنهن کي گهڻا پئسا پوندا“ تنهن ڪري ظاهر آهي ته هتي ٿيندڙ ملاکڙي ۾ تر جي پهلوانن کي ئي وڏيڪ پئسا پوندا هئا ۽ جنهن پهلوان جي ڳوٺ پرسان ميلو ملاکڙو ٿيندو هو اهو فائنل تائين ڪرندو ئي ڪونه هو. جڏهن ته ڪيس ملندڙ ڏوڪڙ سيني پهلوانن ۾ حصي موجب ورهايا ويندا هئا. وڏيري نواب ابڙي اهڙي عمل جي ڀرپور مزاحمت ڪئي ۽ پري پري جي ملهه پهلوانن کي پنهنجي ڪيسي مان ڀاڙا ڏئي انهن کي ميلي تي گهرايو، جنهن سبب ملوڪ شاهه جي ميلي تي يادگار ملاکڙو ٿيڻ لڳو، جنهن سان پنهنجي تر ۾ ڪڏهن به نه ڪرندڙ پهلوان بلڪل ئي وائڪا ٿي ويا. وڏيرو نواب ابڙو سائين ولايت شاهه هنباهه واري جو طالب به ٿيو هو، جتان ڪيس گيڙُو ويس به عنايت ٿيو هو. هيءُ راڳي فقيرن جي سنگ سان به شامل ٿيندو هو ۽ چير وارو ڏنڊو وڄائيندو هو پر ڪجهه سالن اندر ڪيس ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته ”هي اوکو ڪم آهي ۽ اسان نفسا نفسيءَ وارا ماڻهو رڳو نقل ڪري رهيا آهيون.“ پوءِ هن اهو ويس لاهي ڇڏيو.

وڏيري نواب خان ابڙي کي به ڀائر، قادر بخش ۽ انور علي هئا. جن مان قادن ڪجهه سال اڳ سکر جي سينٽرل جيل ۾ قيد دوران گذاري ويو، جڏهن ته انور علي حال حيات آهي. نواب ابڙي کي پنج پٽ اعجاز، پرويز، زاهد، امتياز ۽ خالق آهن، جن مان اعجاز ۽ پرويز پنهنجي والد وانگر ملهه ٿيا پرويز جهڙو ملهه ته شايد ئي ڪو ٿي سگهي پر بعد ۾ اهي ٻئي ڄڻا چرس جا موالي ٿي پيا ۽ ملهه وڙهڻ ڇڏي ڏنائون. ان ڳالهه جو ڏک نواب ابڙي کي مرڻ گهڙي تائين رهيو، باقي سندس ننڍو پٽ خالق ڏنو عرف ڪراڙو ٻئي جوڙ جو پهلوان آهي.

هن جو ڀاءُ قادر بخش عرف قادن ابڙو ڏوهارين جي صحبت ۾ اچي ڏاڙيل ٿيو، جنهن ڪانپوءِ وڏيري نواب ابڙي تي ڏکيا ڏينهن آيا. ڪيس ڪيترائي ڀيرا گرفتار ڪيو ويو، مٿس تشدد ڪيو ويو ۽ جيل ۾ به بند ڪيو ويو. بعد ۾ قادن پوليس کي هٿ اچي ويو، ان بعد به نواب لاءِ ساڳيو ئي آزار برقرار رهيو. هاڻي وٽس پئسو به نه رهيو هو، جنهن ڪري هن پنهنجي ڀاءُ کي ڇڏائڻ لاءِ ڪچي واري زمين جو ڪجهه حصو وڪرو ڪيو پر اهو ارمان دل ۾ ئي رهجي ويس، ڇاڪاڻ جو قادن سکر سينٽرل جيل ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

وڏيرو نواب خان ابڙو ڪچهريءَ جو مور ۽ ڳالهين جو ڳهير هو. هيءُ آخري وقت تائين وڏن سان گڏ نوجوانن سان به ساڳئي جذبي سان ڪچهريون ڪندو هو. والي بال راند هجي يا ڪا ٻي سرگرمي، وڏيرو نواب ابڙو سيني جي وچ ۾ هوندو هو. جيئن ته هو رانديگر به هو ۽ رانديگر ڪيس پسند هئا، ان ڪري سندس دوستي به رانديگرن سان ئي رهندي هئي.

عام چونڊن واري موقعي تي وڏيرو نواب تمام گهڻو سرگرم هوندو هو. اڳ به لکي چڪو آهيان ته هيءُ جنهن به ڌر جي حمايت ڪندو هو ته اها وڏي واڪ ڪندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي مخالفت ڪندو هو ته اها به وڏي واڪ ڪندو هو. پوءِ سندس آڏو وارو ڪٽي ڪيڏو به ڏاڍو مڙس يا وڏيرو ڇو نه هجي. هيءُ ائين ان ڪري ڪري سگهندو هو جو هيءُ بهادر به ڏاڍو هو.

وڏيري نواب خان ابڙي 2006ع ۾ دل جي دوري سبب وفات ڪئي. سندس زندگيءَ جا آخري لفظ هيءُ هئا ته :”شل! مان ملوڪ شاهه جو هيءُ ميلو لڳرائڻ ڪانپوءِ مران!“ ان سلسلي ۾ هن پنهنجي اولاد کي به وصيت ڪئي هئي ته ”اهي به ملوڪ شاهه جي ميلي ۾ ضرور حصو وٺن.“ اهو ئي سبب آهي جو اڄ به ملوڪ شاهه تي ميلو لڳندو آهي ته ملاکڙي جو انتظام سندس پونئير ئي سنڀاليندا آهن.

# استاد محمد عيسيٰ ٻهڻ

## خوبرو، ياررويس ۽ هردلعزيز ملھ پهلوان

هو جڏهن ملھ وڙهڻ کان پوءِ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ نلڪي تي ايندو هو تہ پندرهن ويھ ماڻهو پنهنجي هٿن ۾ صابڻ ۽ ٽوال کنيو بيٺا هوندا هئا. هر ڪنهن جي خواهش هوندي هئي تہ اهو سهڻو جوان سندس صابڻ ۽ ٽوال استعمال ڪري. پوءِ جنهن جو بہ صابڻ ۽ ٽوال هن استعمال ڪيو، ان جا ڄڻ تہ نصيب ئي کلي پيا ۽ اهو ماڻهو پاڻ کي دنيا جو خوش نصيب انسان تصور ڪندو هو. اُن هردلعزيز شخص جو نالو استاد محمد عيسيٰ ٻهڻ هو. مولاٰ جهڙي سهڻي صورت ڏني هيس، اهڙو ئي نياز نوڙت ۽ اخلاق هئس، جنهن ڪري ڄڻ تہ سڄو تر سندس مطيع هو.

استاد محمد عيسيٰ ٻهڻ 1950ع ڌاري ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد پليڏنو خان ٻهڻ علائقي جو چڱو مڙس ۽ اوطاقي ماڻهو هو. سندس اوطاق هر وقت ماڻهن سان ڀريل نظر ايندي هئي، جن جي خدمت ڪندي سرهائي محسوس ڪندو هو. ٻهڻ پنهنجي ٻنيءَ ٻاري ۽ مال متاع وارا هئا. ڪير مڪڻ ججهو هئڻ. سندن اوطاق تي سدائين ٿهڪ ٻُرندا رهندا هئا. توڙي جو ٻهڻن جو ويڙهو وڏو هو پر ايئن لڳندو هو ڄڻ هڪ گهر هجي.

محمد عيسيٰ ٻهڻ پرائمري تعليم مسلم اسڪول ٻلهڙيجي ۽ مئٽرڪ ڏوڪري هاءِ اسڪول مان ڪئي.

خوبرو ۽ سهڻي سياءُ جي ڪري استادن توڙي شاگردن جي اکين جو تارو هو ۽ سڀئي ڪيس ڏسيو پيا ڏسندا هئا. سندس وڏو ڀاءُ محمد موسيٰ ٻهڻ ملھ پهلوان ۽ وڏي اُٺي وينيءَ وارو ماڻهو هو، اُن ڪي ملھ وڙهندي ڏسي هِن کي بہ ملھ وڙهڻ جو شوق ٿيو. ايئن هيءُ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي نواب ابڙي کان ڏاڳو ٻڌرائي سندس شاگرديءَ ۾ آيو. جيئن تہ وڏيرو نواب ابڙو قد بت ۾ پهلوان لڳندو ئي نہ هو پر همراھ ۾ هئا وِڄ جا پاڻي، پاڻ کان ڏاڍن پهلوانن سان پڙها ڏيئي وڙهندو هو ۽ اهي ان سنهڙي سيپڪڙي پهلوان مان اچي ڦاسندا هئا. عيسيٰ ٻهڻ جو قد بت ۽ ويڙھ هوبهو سندس استاد جهڙي هئي. هٿ پوڻ کان پوءِ مقابلي ۾ ڪيترو بہ ڏاڍو پهلوان هجي پر پهريون وارو محمد عيسيٰ جو ٿيندو هئس. اسان جي تر جا ڪيترائي ماڻهو فقط محمد عيسيٰ ٻهڻ جي ڪري ملھ ڏسندا هئا، نہ تہ ڪين ملاڪڙي جو ڪو بہ شوق نہ هوندو هو. ملھ کان پوءِ هن تر ۾ ڪوڏي ڪوڏي راند کيڏڻ شروع ڪئي. هن جو شمار تر جي بهترين رانديگرن ۾ ٿيڻ لڳو. همراھ ڳرن پهلوانن جا ڏڪ ڪائي ڪين قابو ڪري ڇڏيندو هو ۽ جنهن راند ۾ عيسيٰ ٻهڻ شريڪ هوندو هو، ان ۾ ڏسندڙ شوقينن جو انگ وڌي ويندو هو.

استاد عيسيٰ ٻهڻ پنهنجي برادريءَ جو پهريون شخص هو جنهن مئٽرڪ تائين تعليم ۽ سرڪاري نوڪري حاصل ڪئي. ان کان اڳ ٻهڻ برادريءَ مان فقط هڪ ڄڻي فائنل جو امتحان پاس ڪيو هو. محمد عيسيٰ جن جو خاندان 1975ع ۾ ٻلهڙيجي مان لڏو ڪڻي سامهون ڪچي ۾ پنهنجي ٻنين تي اچي ويٺو. اهو ڳوٺ سندس والد پليڏني ٻهڻ جي نالي سان سڏبو هو. ڏهن سالن کان پوءِ ڌاڙيلن جي ڪاروائين سبب هي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ٻلهڙيجيءَ جي اتر ۾ اچي ويٺا. اهو ڳوٺ هاڻي پليڏنو ٻهڻ جي نالي سان سڏجي ٿو.

استاد محمد عيسيٰ ٻهڻ سٺي رانديگر سان گڏ ڪڪڙن جو خفتي بہ هو. ڇئن ضلعن جا خفتي ڪڪڙ جي ٻچي ۽ آني وٺڻ لاءِ سندس ڪڍ هوندا هئا. همراھ ٻين خفتين وانگر اک جو پڪو نہ هو. سواليءَ جو عرض اگهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو هو، جنهن تي سندس خفتي دوست ارها هوندا هئا پر سڀ ڪنهن جو پنهنجو ظرف ٿئي ٿو.

هن ساري حياتي قرب ڪمايو هو، ان ڪري پنهنجي دوستن ڪي جواب نہ ڏيئي سگهندو هو. لاڙڪاڻي، نوشهروفيروز ۽ خيرپور ضلعن ۾ سندس گهڻا دوست هئا، جن سان هر حال ۾ نڀائيندو رهيو. سندس دوستيءَ جي دائري ۾ هر قسم جا ماڻهو شامل هئا. سنڌ اطلاعات کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر قربان پيرزادي صاحب جهڙو نفيس ماڻهو بہ سندس چاهيندڙ دوستن ۾ شامل هو، جنهنجي ميلن ملاڪڙن سان هرگز نہ پوندي هئي پر محمد عيسيٰ ڪيس اهو چئي ملاڪڙي تي هلڻ لاءِ سنبرائي وجهندو هو تہ ”ملاڪڙي ۾ هلي منهنجي لئي ڏس!“ پر اتفاق اهڙو ٿيندو هو جو جڏهن بہ قربان صاحب ساڻس گڏ ملاڪڙي تي ويو تہ محمد عيسيٰ ڪي سرسي حاصل نہ ٿي، بلڪ اُن ڏينهن هن ڪي سنڌائيتا ڏک ڪائڻا پيا.

موڪل واري ڏينهن موٽر سائيڪل ڪٽي نڪرندو هو ۽ سڄو ڏينهن سنگت سان ڪچهريون ڪري، چڪر ڏيئي رات جو دير سان گهر ورندو هو. ان دوران ڪنهن وٽ بہ ماني نہ کائيندو هو. سڄو ڏينهن نشا پتا بہ ڪندو رهندو هو. اهڙي هاڃيڪار معمول سندس صحت کي تباهہ ڪري ڇڏيو. ها، ايترو ضرور هو تہ پلهڙيجيءَ ۾ اسان کي بنا صلاح جي بہ ماني آڻي لاچوندو هو، چاڪاڻ جو اسان سان سندس واسطا وڏن کان وٺي هئا ۽ هن ننڍي کان وٺي کان وٺي ڪڏهن حجا ب نہ ڪيو. محمد عيسيٰ گهڻو دير سان ان وقت شادي ڪئي، جڏهن سندس عمر چاليهہ ورهي ٽپي چڪي هئي. هن جي شاديءَ جو ڪاڄ بہ يادگار هو، جنهن ۾ سندس سڄي سنگت شريڪ ٿي هئي. محمد عيسيٰ بهڻ 2002ع ۾ ڪئنسر جي بيماريءَ ۾ وٺجي ويو، جنهن سندس صحت کي صفا ختم ڪري ڇڏيو. ماڻهو هن کي ڏسي اکين مان لڙڪ لاڙي ويهندا هئا پر همراهہ جي حوصلي کي سلام آهي جنهن هيڏي درد کي برداشت ڪيو. استاد کي ٽن پٽن جو اولاد آهي ۽ ٽيئي سعيد احمد، مسعود احمد ۽ اياز احمد منهن مهاندن ۾ پيءُ جون سڪون لاهين ٿا. استاد محمد عيسيٰ بهڻ 2003ع ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات کان پوءِ بهڻن کان ڇڻ ياڳ موڪلائي ويو. اڳي منجهن ڪو بہ فرق ۽ ويڇو نہ هوندو هو. اڄ گهر گهر کان جدا آهي. اڳي سندن اوطاق تي ماڻهن جا انبوهہ هوندا هئا پر اڄ اتي سڄ واڪا ڪري رهي آهي. ننڍن ننڍن اختلافن ماڻهن کي هڪ ٻئي کا پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ وٽن محمد عيسيٰ جهڙو ڪو بہ ڳنڍيندڙ نہ رهيو آهي، جيڪو مدايون ڪندڙن سان بہ سڄايون ڪري!

# پهلوان سرور چنو

## پڙ تي پرزا ٿيڻ لاءِ هر وقت تيار

جنگ توڙي ملاکڙي ۾ سورهيه اهو سڏائيندو آهي جيڪو سسيءَ ۽ ساهه جو سانگو لاهي پڙ متي پرزا ٿيڻ لاءِ تيار هجي. پهلوان غلام سرور چنو به اهڙو ئي سورهيه هو، جيڪو سر سهائي پڙ جي سلامي ڪندو هو. همراهه قد جو هلڪو هو پر هٿيهه دليون هيس. پنهنجي جوڙ جي ڪنهن به پهلوان کان نه ڪيٻائيندو هو ۽ پاڻ کان ڏاڍي سان ملهه چاهه ۽ چاڳ سان وڙهندو هو. هن جي هر ملهه ڏک واري ٿيندي هئي. هي ميدان ۾ هوندو هو ته ملاکڙو ڀوڙان ڀوڙ ٿوڙان ٿوڙ ٿي ويندو هو. ملاکڙي جي ڪمينٽري ڪندڙ ڪيس ڪنڌار پهلوان سڏيندا هئا ۽ اها هئي به حقيقت، چاڪاڻ جو هن ۾ ڪجهه اهڙا مڙساڻا اکر هئا، جيڪي گهڻن ملهه پهلوانن ۾ نه ٿيندا آهن. سرور چنو دوستيون ناتا ميدان کان ٻاهر نڀائيندو هو ۽ پڙ ۾ فقط پهلوان هوندو هو. ملاکڙي ۾ پنهنجي ويجهن دوستن جا متا چٽي ڇڏيندو هو پر ملاکڙي کان ٻاهر هن جو اٿڻ ويهڻ انهن سان ئي هوندو هو.

سرور چني کي پهريون ڀيرو ”ڪنڌار“ جو لقب سرائيڪي وسيب ۾ ان وقت مليو جڏهن سنڌ جي اٺن پهلوانن مان هڪ کي لاهيءَ لاءِ طلب ڪيو ويو. جيئن ميل ۾ خفتي ڪڪڙ لاهي ڏيندا آهن ته پلي اوهان ان کي ڏسي وائسي ساڻس مقابلي ۾ کو پڪي لاهيو. سنڌ جي پهلوانن لاءِ ملاکڙي جي حوالي سان اها نئين ڳالهه هئي. ڪير به لاهيءَ ۾ اچڻ لاءِ تيار نه هو پر جڏهن سرور ڪڏندي ميدان ۾ پهتو ته ڪمپيئر کان بي خود ”واهه ڪنڌار“ جا لفظ نڪري ويا ۽ جيڪي پوءِ سندس نالي جو حصو ٿي ويا.

سرور چنو 1962ع ڌاري لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ضلعن جي دنگئي ڳوٺ محمود چنا پرسان پيدا ٿيو، جيڪو سڳين ۽ ٻلهڙيجيءَ جي وچ تي ڪچي ۾ درياهه جي ڪاپي پر تي آهي. سندس والد ارباب چنو تر جو مشهور ياڳيو ۽ ملهه جو شوقين هو. پنهنجي لسي ماني، ڪير مکڻ ۽ گيهه هٿڻ ڪري هن تر جا چنا پيڙهين کان ملهه پهلوان ٿيندا آيا آهن. سندن گذر معاش جو ذريعو چوپايو مال آهي. ڪچي ۾ اسڪول نه هجڻ ڪري تعليم وٺڻ بدران ٻارڙا مال سان جهنگ ۾ موڪليا ويندا هئا جتي مال چارڻ سان گڏ ملهه جي سکيا به جاري رهندي آهي. اهڙي نموني سرور چنو به مال چاريندي چاريندي، ملهه پهلوان بڻجي ويو. 1980ع ۾ 18 ورهين جي ڄمار کان هن تر جي ميلن ۾ وڙهڻ شروع ڪيو. سندس استاد ربنواز عرف ربن چنو هو. ان وقت اسان جي تر ۾ بخشل اعواڻ، مجيد اعواڻ، سرور چنو، الهچايو شيخ، ابراهيم بهڻ ٽئين جوڙ ۾ وڙهي رهيا هئا جن جِي وڏي جهيڙي واري ملهه ٿيندي هئي. ماٺهن کي پهرئين جوڙ بدران ٽئين جوڙ جي پهلوانن جي ملهه مان لطف ايندو هو. سمورن پهلوانن کان مجيد اعواڻ قداور ۽ زور وارو هو. ٻيا پهلوان ساڻس مقابلو ڪرڻ کان ڪيٻائيندا هئا پر سرور سدائين ساڻس اڏو اڏ پوندو هو.

ان دور ۾ اسان جي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ پراڻو پهلوان ۽ شوقين وڏيرو نواب خان ابڙو درگاهه ملوڪ شاهه تي هر اٺين ڏينهن ملاکڙو ڪرائيندو هو جنهن ۾ يادگار ملهون ٿينديون هيون ۽ اتر سنڌ ۾ ان وقت شاهنواز مهاڻو، ارباب پٽي، جبار ڦل، محرم مجيداڻو، ڳوڏو ڦل، مجيد اعواڻ، سرور چنو، الهچايو شيخ، اڪبر لاڪير، دادن ملاح ٽئين جوڙ جا تمام سنا پهلوان بڻجي چڪا هئا، جن مان ٽئين جوڙ جا پهلوان تنگ ٿي چڪا هئا. ٻي جوڙ ۾ علي نواز ڍڪڻ، منير ڍڪڻ، خدا بخش هالو، واصل پناڻ، سڪندر قريشي، ماستر عبدالقادر ميتلو، امام بخش لانگاهه ، مولا بخش ڏهر، حاڪم سپريو، انور سپريو، عارف راهو جهڙا پهلوان موجود هئا، جيڪي نون ايندڙ پهلوانن کي

مهميزون ڏئي رهيا هئا. ان ڪري نوان پهلوان ڪانئن ڪجھ لهرائيندا هئا پر سرور ڪنهن به پهلوان کي ليکي ۾ نه آندو. هڪ ڏينهن ٻلهڙيجيءَ جي ميلي ۾ پهلوان منير ڍڪڻ، مجيد اعواڻ سان ملھ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر مجيد ساڻس وڙهڻ لاءِ تيار نه ٿيو. ان وقت مجيد تئين مان تازو ٻئي جوڙ ۾ آيو هو ۽ منير ڍڪڻ ٻئي دور جو بهترين پهلوان هو. نوان پهلوان اهڙي موقعي لاءِ سڪندا آهن پر مجيد الائي ڪهڙي مصلحت کان ڪم ورتو. ان وقت سرور چني ڪمينٽري ڪرڻ واري کان ڪان مائيڪ کسي منير ڍڪڻ کي ملھ جو چيلنج ڏنو. سرور جي اهڙي للڪار تي منير ڍڪڻ چيو ته ”اسان جا قد ننڍا آهن، ان ڪري اسان سان هر ملھ مقابلي لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو پر جن پهلوانن سان اسان مقابلو ڪيون ٿا، انهن کي به للڪاريو وڃي. جيڪڏهن سرور خدا بخش هالي سان ملھ وڙهي ته مان به ساڻس مقابلو ڪندس.“ منير جي اهڙي اعلان تي سرور چنو هالي سان مقابلي لاءِ نچندو پهچي ويو. هي چڻ ڊگهي ۽ هاٿي جي وچ ۾ مقابلو هو پر سرور چنو هالي کي ڏاڍو ڏکيو پيو ۽ ان کان هڪ ملھ به وني ويو. اهڙي نموني هڪ ميلي تي سرور چني پهلوانن جي گذارش باوجود هڪ ملھ کي سوگهو ڪري پنهنجي استاد ربن چني جي پيرن کان اچلايو، جنهن تي سندس استاد به ساڻس ناراض ٿي ويو. پوءِ علي حسن شيخ کي سرور سان مقابلي لاءِ تيار ڪيائين. اها ملھ جنهن به ڏٺي هوندي اهو اها راند ڪڏهن به وساري نه سگهندو. علي حسن شيخ جهڙو قداور مڙس، ايترو ئي ملھ جو ڪاريگر ۽ سرور چنو ننڍڙي قد جو! هٿ پوڻ سان ئي علي حسن ڪيس متي ڪنيو ۽ ڪٽڻ سان ئي ڪتري هٽي سندس چپ چيري وڌا. سرور چنو متي ئي هو جو سندس رت وهندي سمورن ماڻهن ڏٺو. پوءِ علي حسن ڪيس گهمائي گهمائي متو متي سان ملائي پٽ تي هنيو. همراهه کي چڻ ته ماڙي سانَ جو ٽڪر لڳو هجي. ڪلاڪ ڪن ته بيهوش هو. ٻانهينءَ ۾ وينٽل سمورن ماڻهن سوچيو ته سرور چنو هاٽي پوئين ملھ نه ڪندو پر هن، هوش ۾ ايندي ئي پوئين ملھ ڪرڻ جي تقاضا ڪئي. پوئين ملھ به اهڙي ئي ٿيس. ٻئي ڪنهن پهلوان کي اهڙا ڏڪ اچن ها ته مهينو ڪن ته گهران ئي نه نڪري ها پر سرور چنو ڇوٽ ئي نه ويو ۽ علي حسن سان ٻه ملهون ڪرڻ لاءِ ٻئي ميلي تي وڃي پهتو. اهڙي نموني سان سرائيڪي ديس جي پهلوان واصل پناڻ به نواڙي جي پرسان دادلي پير تي هن کي ڏڪ ڏئي ٻئي ملهون ماريون. ٻنهي ملهن ۾ ٻه ڪلاڪ ڪن بيهوش هو ۽ سَنڌ سَنڌ ڏکي رهيو هئس پر همراهه کي قرار تڏهن آيو جڏهن واصل پناڻ کي مارپائين. اهڙي نموني هن جو به ڪنهن کي ڏڪ ايندو هو ته اهو سک سان نه سمهي سگهندو هو ۽ نه ئي ماني کائي سگهندو هو. هفتو کن ته ڪيس پٽڙو پٽ ڪائٽو پوندو هو.

منير ڍڪڻ جادوگر پهلوان هو، قد جو هلڪو هو پر ڪيس ملھ جو وڌو ڏانءُ هو. همراهه پنهنجي ڪاريگري ۽ ڏانءُ سان وڏن وڏن پهلوانن کي وارا ڪري ماريندو هو. جنهن کي ڪنهن به ملھ ۾ ڏينهن لاڳيتو نه ماريو پر اهو سرور چنو هو، جنهن منير کي لاڳيتو ٽي ڏينهن ٻئي ٻئي ملهون ماري اهڙو اعزاز حاصل ڪيو.

محرم مجيداڻو ۽ سرور هم عمر هئا. ٻئي هڪ ٽائيم تي ٻئي جوڙ ۾ پهتا. محرم مجيداڻو ڪانئس قديلو مڙس هو. ٻنهي هڪٻئي کي چئلينج ڏنو ته جنهن ٻلهڻ ڪري ماريو، اهو ئي استاد آهي ... پوءِ پاڻ کان ٻيٽي قد واري مجيد کي سرور ٻئي ملهون ماريون، جنهن ڪيس استاد تسليم ڪيو ۽ ڪيس استادن واري تعظيم ڏيندو هو.

سرور چني کي جيترو انعام مليو، جي اهو بچائي ها ته لکا پتي هجي ها، پر ان معاملي ۾ هو پنهنجي برادري جي ٻين پهلوانن کان مختلف هو. هن رڳو سنگت ناهي هئي. ميلي کان ڳوٺ پهچندو هو ته ڪيسا خالي ٿي ويندا هئس. استاد ربن، غلام حيدر چني، ارشاد ٻهڻ ۽ ٻين جي ابتڙ همراهه مڌ ڇُڪو به چاڙهيندو هو. سرور چني جي مهماني ماڻهوءَ کي مهانگي پئجي ويندي هئي جو سدائين ويھ پنجويھ همراهه ساڻ هوندا هئس. پاڻ به اوطاقي مڙس هو.

هن پهلوان سنڌ گيمز ۾ چانديءَ جو ٻلو ۽ 1996ع ۾ بدين جي ڪل سنڌ ملاکڙي ۾ سونو ٻلو حاصل ڪيو. هن سڄي سنڌ جي ميلن ۾ جيڪي ملهون ڪيون اهي شوقينن کان ڪڏهن به وسري نه سگهنديون. همراهه ترت ٻئي جوڙ

مان پهرئين جوڙ جو پهلوان ٿي ويو پر شگر جي مرض ساٿو ڪري ڇڏيس. ان جي باوجود همراهه وڏن وڏن پهلوانن سان مقابلا ڪندو هو. 2000ع ۾ پٽ شاهه جي ميلي تي هن خدابخش هالي سان ملهه ڪئي، جنهن تي ملاڪڙي جي امين پهلوان غلام سرور جتوئي ٻنهي کي چيو ته هيءُ صلاح واري ملهه آهي، جنهن کي اڄ ڪلهه ميچ فڪسنگ چيو ويندو آهي. سرور چنو ميدان مان ٻاهر نڪري ويو ۽ قرآن کڻي واپس ملاڪڙي ۾ پهتو ۽ جتوئي کي چيائين ته ”هي ملهه ٺاهه واري نه هئي.“

قرآن تي غلام سرور جتوئي مات ڪئي پر هن جي دل نه پئي مڃي. ملاڪڙي ڪانپوءِ مون پڇيس ته ” قرآن کي وچ ۾ ڇو آندئي؟“ جواب ۾ چيائين ته ”پٽائيءَ جي ميلي ۾ صلاح سان وڙهڻ گار آهي، جتوئي کي شڪ پيو ۽ توهان سميت سمورا ماڻهو اها ٺاهه جي ملهه سمجهي رهيا هئا. ان ڪري پلو سونهارو آندم. هن تي ته اعتبار اٿوَ!“ هن مون کي چيو ته هڪ ڏينهن پٽائيءَ جي ميلي تي وري اهڙي ملهه ڪري ڏيکاريندو پر موت ڪيس مهلت نه ڏني ۽ هو سيپٽمبر 2002ع ۾ وفات ڪري ويو. سرور چني جي وفات ڪانپوءِ ابراهيم ٻِهڻ ملهه ڏسڻ ئي ڇڏي ڏني آهي، جنهن جي ٽئين جوڙ ۾ نانگي شاهه جي ميلي تي ڄاڙي پچي پئي هئي. هو چوي ٿو ته ”ماما سرور جي مرڻ ڪانپوءِ تر جي ميلن تي پهلوان ملهه نه پر بازيگر ڪرتب ڏيکاري ماڻهن کان پئسا ڪڍي رهيا آهن.

سرور چني کي ٻه پٽ نواب ۽ عبدالقادر آهن. عبدالقادر پيءُ جيان پهلوان آهي ۽ هاڻ پهرئين جوڙ ۾ وڙهندو آهي.